ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار

سنڌيڪار: عطا محمد پنيرو



سنڌي ادبي بورڊ

نٽي جا قديم اسلامي يادگار

مصنف:

ڊاڪٽر احمد حسن داني

سنڌيڪار:

عطا محمد پنيرو

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو سنڌ

2004ع

چاپو پهريون　　آڪٽوبر 2004ع　　تعداد 1000

[هن ڪتاب جا جملي حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: پ سؤ سٺ روپيا
[Price: Rs. 260-00]
US $: 20

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 0221-633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com

Title Cover by: Mr. Abdul Hafeez Uqailee Qurshi

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چپائيندڙ پاران

هونئن ته سنڌ جي هر ڪُنڊ ۾ ڪُڙڇ لازوال يادگارن، داستانن، آثارن ۽ اُهجاٽن سان پريل آهي، پر نٽي ۽ خاص ڪري مڪليءَ کي سڀني ۾ هڪ امتيازي حيثيت حاصل آهي. چوڏنهن چورس ميلن تي پکڙيل هيءُ عظيم تاريخي ماڳ بظاهر ته مقبرن ۽ مدفن جو مجموعو نظر اچي ٿو، پر اصل ۾ اهو مقام آزاد سنڌ جي اقتدارِ اعليٰ، فن و هنر، شاندار مهمن ۽ عظيم حاصلات جو هڪ اهڙو اُهجاڻ آهي، جيڪو ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، اڪابرن، محققن ۽ جاکوڙين کي حيرتن جا جزيرا آڇيندي نظر اچي ٿو. مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي موجود هر سِر، هر پٿر، هر نقش ۽ هر محراب ڏسندڙ کي پاڻ ڏي متوجه ڪري، ماضيءَ جي شاندار سنڌ جي فرياد سُڀائيندي، ڪيس دعوت ڏئي ٿو ته موجوده سنڌ جي پلاڻيءَ لاءِ ڪهڙي "عهدِوفا" جي تجديد جي ضرورت آهي ۽ مستقبل جي سنڌ بابت ڪهڙي قسم جا خواب اُڻي سگهجن ٿا.

مُلڪ جي مشهور دانشور ۽ محقق ڊاڪٽر احمد حسين داني صاحب جو اصل انگريزيءَ ۾ لکيل هيءُ ڪتاب Islamic Architecture of Thatta انهيءَ ڏس ۾ هڪ اهڙي علامت آهي، جنهن کي پڙهندي مڪليءَ تي موجود فن ۽ حقيقتن جي حُسن کي نهايت تفصيل ۽ آسانيءَ سان پسي سگهجي ٿو. لائق مصنف قديم آثارن جي سائنس ۾ وضع ڪيل اصولن مطابق تقريبن هر مقبري ۽ جاءِ جي تاريخي، سياسي، فني ۽ سماجي حوالن سان اهميت واضح ڪندي، اُن جي ذري ذري جي پيمائش ڪري پڙهندڙن لاءِ هڪ ڪتاب ۾ ڄاڻ جو ايترو ته وسيع ۽ شاندار خزانو ڪنو ڪيو آهي، جو مڪليءَ جي ماڳ کان هزارين ميل پري هوندي به وڏي حد تائين اُن جي اهميت جو اندازو ٿي وڃي ٿو.

داني صاحب پنهنجي هن محنت طلب شاهڪار ۾ مڪليءَ جي آثارن جو تذڪرو ڪندي هڪ طرف ڪئين صدين تي ڦهليل ننڍي ڪنڊ جي قديم آثارن جو مختصر جائزو ورتو آهي، ته ٻئي پاسي انهيءَ ڪنڊ ۾ موجود مختلف قومن جي ورثن، ثقافتن ۽ فني عظمتن جو ضمني ذڪر ڪندي، مڪليءَ جي آثارن کي مڙني ۾ ممتاز ڪَٽائي، ان کي دنيا جي مڙني قومن لاءِ "فخر جوڳي ورثي" جو درجو ڏياري ڇڏيو آهي. ڪتاب پڙهندي محسوس ٿيڻ لڳي ٿو ته عزتمآب مصنف جي اندر ۾ هڪ داستان گو، دانشور، جاکوڙي، نقاد ۽ ذميوار سماجي سائنسدان سميت ڪئين آتمائون وجود رکن ٿيون. انهيءَ ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته هيءَ ڪشت ڪندي ڊاڪٽر داني صاحب سنڌ سان محبت ۽ اُڪير جو هڪ قدر جوڳو ثبوت فراهم ڪري ڇڏيو آهي.

مهربان مصنف جي انهيءَ عرق ريزيءَ جو انتهائي عقيدت سان قدر ڪندي، سائين عطا محمد پنيري صاحب پڙ پنهنجي پتيءَ جو پورهيو ڪرڻ ۾ پير پوئتي ناهي وڌو. هُن صاحب هڪ سمجهدار سنڌيڪار طور نه رڳو ليکڪ جي بنيادي خيال، مشاهدي ۽ تجزيي کي چگي طرح پروڙيندي ترجمي جو اصل روح بگاڙڻ کان پرهيز ڪئي آهي، پر ڪتاب منجهه موجود لفظن، اصطلاحن، جملن ۽ حوالن کي سنڌي ٻوليءَ جي سانچي ۾ نهايت ئي سلوٽائپ سان سمائي هڪ قسم جي ڪرشماتي ڪشش کي جنم ڏنو آهي. پڙهندڙ پنيري صاحب جي سولي سهنجي پر سحر پري ٻوليءَ جي سونهن ۾ گرفتار ٿي، تحقيق جي خشڪيءَ کي آسانيءَ سان لسانياتي لطافتن ۾ تَر ڪري سگهي ٿو. بيشڪ اهو سنڌيڪار جي فن جو اعجاز آهي، جو هُن صاحب متروڪ لفظن، تُڙ سنڌي محاورن ۽ قديم سنڌ جي ڪاريگرن/هُنرمندن جي استعمال هيٺ رهندڙ خاص ٻوليءَ جو پرپور ادراڪ ڪندي، احساس ڏياريو آهي ته هڪ معياري ترجمو پنهنجي جوهر ۾ ڪنهن شاندار تخليقي عمل کان هرگز ٻه گهٽ ناهي. هونئن به سنڌ واسين کي پليءَ پت

پروڙ هوندي، ته عطا محمد پنيري صاحب ڪجھ عرصي کان ترجمہ نگاريءَ جي فن کي محض "دلچسپي" يا "ڪرت" ڪري نہ ورتو آهي، پر هُن ته انهيءَ پورهيي کي زندگيءَ جو اٽوٽ حصو بڻائي ڇڏيو آهي. لائق سنڌيڪار سان لاڳاپيل حلقي کي سُڌ آهي، ته هڪ عوام دوست آرٽسٽ وانگر، سندس هر ابتدا ۽ انتها هُن جو وطن آهي.... ۽ اُنهيءَ وطن جي محبت ۾ پاڻ نهايت سرمستيءَ ۽ سرفروشيءَ واري جذبي سان پنهنجو وقت، آرام ۽ آئيندو اربي ڇڏيو اٿائين. اهوئي سبب آهي جو مڪليءَ جي دَرو ديوار جو ذڪر ڪندي، هو صاحب خواب نگر جي مسافري ڪندي نظر اچي ٿو.

پنيري صاحب جي طرفان انتهائي خلوص سان ٿيل انهيءَ محنت ۾ پنهنجو حصو ڳڻين وارن ۾ سندس دل گهريو دوست ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب به آهي، جنهن ڪتاب تي نظرثاني ڪندي پنهنجو قيمتي وقت سيڙايو ۽ مسودي کي سُڌاري سنواري بورڊ جي حوالي ڪيو. "شوق" صاحب جي ڪم کي اڳتي وڌائيندي بورڊ جي انچارج پبليڪيشن جناب عبدالحفيظ قريشيءَ ۽ پروف پڙهندڙ دين محمد ڪلهوڙي صاحب نهايت ئي احتياط ۽ سنيال سان ست ست تي بار بار نظر وڌي، جڏهن ته انجنيئر محمد هاشم جوڪيي صاحب آخر ۾ ماهراڻي نظر وجهندي گهربل سُڌارا ڪيا. ان کان علاوه هن ڪتاب کي شايع ڪندڙ اداري پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن اسلام آباد جي تڏهوڪي ڊائريڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي به مُبارڪون ڏيڻ ڪپن، جنهن صاحب سنڌ جي هڪ جاڻي واڻي نظرانداز ڪيل ماڳ کي تمام سهڻي نموني سان مُلڪي ثقافت جي هڪ اهم ورثي طور تسليمي ڏياري.

راقم الحروف هڪ منتظم جي حيثيت ۾ هر مرحلي تي مٿين صاحبن سان مسلسل واسطي ۾ رهيو ۽ ڪتاب کي جلد از جلد مارڪيٽ ۾ آڻڻ لاءِ هر قسم جي انتظامي سهولت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هتي هيءَ ڳالهہ ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو ته هن ڪتاب سان منهنجي دلچسپيءَ جا ڪجھ ٻيا ڪارڻ به هئا. مثال طور: سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ "نٽي جا اسلامي يادگار" اهو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو منهنجي نگرانيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي. ان کان علاوه هن ڪتاب کي وقت سر شايع ڪرڻ جو واعدو مون "هيريٽيج سوسائٽي نٽہ" طرفان "نٽہ سيمينار" منعقد ڪرائڻ جو عزم رکندڙ اڳوڻي ڊي. سي. او نٽہ جناب محمد اسحاق لاشاريءَ سان ئي نہ ڪيو هو، پر پنهنجن مهربان دوستن/محسنن جناب عبدالغفار سومري صاحب، جناب ڪليم الله لاشاري صاحب ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ سان پڻ اهڙوئي انجام ٿيل هئم. مون کي خوشي ٿي آهي جو الله سائينءَ اهڙي واعده وفائيءَ لاءِ نہ رڳو مهلت ڏني، پر مڙني مشڪلاتن کي به آسان بڻايو.

اُميد آهي ته هيءُ ڪتاب بورڊ جي رڪابنديءَ جي حوالي سان مندائتي مينهن جي اها ابتدائي ڪٽي ثابت ٿيندو، جنهن جي پالوٽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي ماحول کي خوشگوار بڻائڻ ۾ بيحد مدد ڏيندي. آس اها به اٿئون ته پڙهندڙن جي علمي اُجهائڻ لاءِ پڻ هيءُ ڪتاب چانوري ۾ رکيل مَٹَ مان اندر ۾ اوتيل آب وارو اثر ڏيکاريندو، جيڪو رڳو جسم کي نہ پر روح کي ٺارڻ جو به سبب بڻبو آهي.

"سؤ ڪوهہ ڪري سَيَڪا، تُون ڪُهي ڪٽج وِک،
تاڻج منجهان تـکِ، تـہ پنڌ پاسي پَر نبري."

جام شورو، سنڌ

7 رمضان المبارڪ 1425هجري

بمطابق

22-آڪٽوبر 2004ع

انعام الله شيخ

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

مهاڳ

اسلامي تاريخ ۽ ثقافت جي حدود اندر ، انهن عنوانن سان لاڳاپيل پنج ڪتاب هيٺ ڏنل موضوعن تي لکڻ لاءِ هن اداري جي رٿا ۾ شامل آهن:

(i) پاڪستان ۾ عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: هڪ تعارف
(ii) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: لاهور جا يادگار
(iii) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: ملتان جا يادگار
(iv) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: اُچ جا يادگار
(v) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: ٺٽي جا يادگار

هن خاص موضوع تي لاڳاپيل ڪتابن جو هيءُ سلسلو ، هن موضوع تي مَنَ هڪ ابتدائي تصوير پيش ڪري ۽ ڏکڻ ايشيا جي مطالعي واسطي هڪ نئون باب کولي وڃي.

انهن پنجن ڪتابن مان چوٿون نمبر ڪتاب (1400ھ/1980ع) ، "اُچ: تاريخ ۽ عمارت سازي" جي عنوان سان اڳ ۾ ئي چاپجي چڪو آهي. ڪتاب نمبر پنجون جنهن جو عنوان ٺٽو ۽ اسلامي عمارت سازيءَ جو فن آهي ، هاڻي شايع ٿي رهيو آهي.

موجوده ڪتاب ، منهنجي دعوت تي ، پروفيسر احمد حسن داني‌ءَ لکڻ جو واعدو ڪيو هو . مان سندس ٿورائتو آهيان جو هن صاحب منهنجي نيٺ تي تکڙي وراثي ڏني ۽ پين ادبي سرگرمين مان وقت ڪيي ، ڏاڍي ڏانوَ سان ، هن ڳوڙهي اپيا سي ڪتاب کي ڏنل وقت کان اڳي پورو ڪيو . پروفيسر داني‌ءَ هن موضوع تي گهرو مطالعو ڪيو آهي ۽ آثار قديمه جي ماهر جي حيثيت سان يا هڪ لائق تاريخدان ۽ هند-مسلم فن عمارت سازيءَ جي شاگرد هجڻ جي حوالي سان ، هن موضوع تي گهڻ- پا سائين نظر وڌي آهي. سندس ٺٽي جي آثارن جي مطالعي ، مقامي جاگرافي ۽ تاريخ جي ترتيب جي حوالي سان ، مڪليءَ جي يادگارن ۽ بنهي جي اڏاوتي فن جي خوبين کي اهميت ڏئي ڏاڍو چٽو ڪري بيهاريو آهي. هيءُ هڪ اهڙي صورتحال آهي ، جنهن ڊاڪٽر داني‌ءَ کي ، روايتي خام خيالن ۽ غلط نظرين کي صحيح ڪرڻ ۽ سڌ جي عمارت سازيءَ جي فن جي بي مثال تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ڏنو آهي ، جيڪو پاڪستان جي تعميراتي فن جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب جي حيثيت رکي ٿو.

پروفيسر داني‌ءَ جي ماهر ۽ عالم هئڻ واري حيثيت ، اصلي لکيل ذريعن تائين سندس اهميت جوڳي پهچ ۽ اصلي ماڳن تي وڃي مطالعا تي جاکوڙ ڪرڻ ، انهن سڀني ڳالهين يقيني طور ، هن ڪتاب کي مذڪوره موضوع تي حوالن سان پريل هڪ اهم ڪتاب بڻائي وڏو آهي ، اهڙيءَ ريت هيءُ ڪتاب هڪ وڏي دور تائين بي مثال رهندو.

اسلام آباد
12 , 07 , 1982

ڊاڪٽر اين-اي-بلوچ
ڊائريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري
ڪلچر ائنڈ سولائيزيشن
اسلام آباد

سنڌيڪار جا ٻ اکر

"نئي جا قديم اسلامي يادگار" ڪتاب سنڌ جي اڏاوتي فن جي تاريخ کي يڪجا ڪندڙ سنڌي ادبي بوردِ ياران هڪ اهڙي سوکڙي آهي. جنهن جو قدر ۽ ملهه جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن وڌ کان وڌ ٽيندو ويندو.

پنج هزار سال قديم شهر موئن جو دڙو، سنڌ جي سپورنج ۽ سڃيت لوڪن جي هڪ اهڙي وسندي آهي جن پڪ - سري اڏاوتي فن کي عروج تي پهچايو. پڪسراوان گهر، پڪسريون گهٽيون، آڙماڙ ڪوهه، وهنجڻ جو تلاءُ، ڊڪيل نيڪاسيءَ وارو نظام، چٽيل نڪر جا ٽانوَ، سرجان مارشل چواڻي: لنڊن جي بانڊ اسٽريٽ جهڙا گهڙيل سونا ڳهه، ۽ مختلف جانورن جي شڪلين واريون اُڪيريل مهرون، اڏاوت ۽ چٽساليءَ واري فن ۽ ڪلاڪارن جي مهانتا جي شاهدي ڏين ٿيون. ساڳيءَ ريت مڪليءَ جي ٽڪريءَ واري مدرسن، مسجدن، يادگارن، مقبرن ۾ پڪسري ۽ پٿر جي تعمير، پنهنجي فني اوج تي پهتل نظر اچي ٿي. خاص طرح سان چهه - تنبي، اَنَ - تنبي ۽ بين آڙماڙ ۽ گهڻ - ڪنڊائن مقبرن جي اڏاوت هن تعميرات جا چٽساليءَ سان اُڪيريل نُڪ، محرابي ونگون، نڪرون، چوڪاڻن وارا در، انهن مٿان رکيل سردر، ڏيڏيون، قُبن جون ڏيڏيون، جارا، جاريون، هُريون، محرابي خانا، چَڄا ۽ وڏاوڙا، عاليشان اُڪير واري فن جا شاهڪار جهروڪا، در، دريون، وانگاڙا، وهڪڙا ۽ لائيرا قبا، انهن منجهه اُڪير واري سنجٽ، ڪاشيءَ جا نت نوان نمونا ۽ طرزن جي نت نون ورن واري چٽسالي گلڪاريءَ سان پريل چوننا، بهترين ڪتابت وارا ڪتبا، آڙ ماڙ چٽيل پٽراوان لوڙهڻ جيڪي ڪوڪي طرز، اوپڙ طرز جي نقش نگاريءَ ۽ بهترين عربي، فارسي خطاطيءَ وارن نمونن سان جهنجهيل آهن. نت نوان ونگن جا نمونا، ڇڇي دار ونگ، وڏاوڙي ونگ، حقيقي ونگ، چارَنوڪي ونگ، ورن واري ونگ، جهالر واري ونگ، سينڌ ونگ ۽ سنڌ جي قديم ترين ونگ يعني آڪڙي يا بيضوي ونگ (جيڪا اسپين جي حاڪمن عبدالرحمان I ۽ II جي جوڙايل قرطبه جي جامع مسجد، الحمرا محل، ويندي اوپر يورپ جي ڪليسائن جي عظيم اڏاوتن ۾ نظر اچي ٿي سا اصل ۾ سنڌي ونگ آهي ۽ سڄي دنيا جي اڏاوتي تاريخ ۾ پهريون پيرو رڳو سنڌ ۾ پنج هزار سال اڳ واري سنڌ جي شهر موئن جي دڙي ۾ نظر اچي ٿي) ۽ اڏاوتي تاريخ ۾ محراب ۽ محرابي ونگن کان ويندي مينار کي اصل سنڌ جي ايجاد هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿي. جيتوڻيڪ اڏاوتي تاريخ ۾ مينار، قُبا، محراب ۽ محرابي ونگون اسلامي اڏاوتي فن جو حصو ڪونجن ٿيون، پر سنڌ ۾ اهو تعميراتي فن پنهنجي اصل روح ساڻ هتي جي زمين سان گهَرو ناتو رکندڙ ۽ ان مان قوتندي نظر اچي ٿو. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي سنڌ تي اثر رکندڙ قديم مذهبن هتي جي تعميراتي حسن کي وڌايو، (جهڙوڪ: جين مذهب جي اڏاوتي فن جي اثر جو مثال پوڌيسر ۾ گجرات جي حاڪم محمود شاهه بيگڙي جي جوڙايل مسجد ۽ اتي جي جين عبادتگاهن ۾ فني ۽ اڏاوتي هڪجهڙاين ۾ پسي سگهجي ٿو) چو ته لاهوت لامڪان واري جڳهه تي جين مذهب جي سمورن فرقن جوگين، سامين، سنياسين، ڪنوٽين، ڪاپڙين (جن کي لطيف سائين سرامڪلي ۾ خوب ڳايو آهي) جي سڃي ننڍي ڪنڊ ۾ وڏي ۾ وڏي تيرٿ ياترا سنڌ ۾ ئي هئي. ان ريت ٻئي ڏنڊيل ڏرم يعني ٻڌ مت کي سنڌ ۾ نه رڳو پناهه ملي پر اهو هت وڏيو ۽ ويجهيو ۽ ٻڌ مت جا وڏا قديم آثار سنڌو ماٿريءَ ۾ ئي موجود رهيا آهن. ساڳيءَ ريت چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي اڏاوتي فن ۾ اسلامي دور جي شروعات کي واڌارا ۽ سُڌارا آندا، جن جو بلاشڪ بنياد وچ ايشيا جي شهرن بدخشان، هرات ۽ ايران سان پڻ رهيو. پر سنڌ جي اڏاوتي فن ۾ چٽسالي ۽ پٿر تي اڪير وارو ڪم سڌو سنئون هتي سنڌ مان ئي اُسريو ۽ اُپريو آهي ۽ جين مذهب جي اڏاوتن جي ڪلا ۽ ڪلاونت واري نفيس چٽساليءَ تي هن جو ۽ هن تي ان جو اثر چٽو نظر اچي ٿو. خاص طرح لڳي ٿو ته ان دور ۾ گجرات کان ڪي انهيءَ پٿر تي ورن واري گلڪاري چٽڻ وارا ڪاريگر سنڌ ڏانهن آيا يا سنڌ جا ڪاريگر اوڏانهين ويا ۽ اهي هڪ ٻئي کان فني طرح سان متاثر ٿيل ڏسجن ٿا. ڪلي ٽڪريءَ تي، سنڌ تي اٽڪل اڌ صديءَ تائين انصاف واري حڪومت ڪندڙ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو مقبرو انهيءَ پٿرانهين اڏاوت ۽ انهن تي

ٽيل املیڪي ۽ اليڪي چٽسالي ۽ گلڪاريءَ جو هڪ اهڙو شاهڪار آهي، جيڪو سنڌ جي خودمختيار دور جي شاهوڪار ۽ عاليشان ثقافت جي عروج جو داستان بڌائي ٿو. سنڌ جي ماڻهن کي وَر وَر ڏئي انهيءَ عظيم، باوقار، محبت جي لازوال مثال کي ڏسڻ گهرجي، جنهن کي سنڌ جي هنر مندن، اڏاوتي ڪاريگرن پنهنجي چيٽيءَ ۽ هٿوڙي وسيلي چٽسالي ۽ گلڪاريءَ وارين نت نين طرزن سان اُڪيري پنهنجي انصاف پسند ۽ الله لوڪ سلطان سان پيار، پاڻهه ۽ گهري سنٻند جو جيڪو اظهار ڪيو آهي اهو لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

هن اڏاوتي فني تاريخ تي اجا ب ڏيان ڏرڻ گهرجي. سنڌي ادبي بورڊ جي باعمل سيڪريٽري انعام شيخ ۽ هن جي ساٿي انچارج پبليڪيشن عبدالحفيظ قريشي جيڪا دلچسپي هن ڪتاب کي پڌرو ڪرڻ ۾ ورتي سا نهايت ساراهه جوڳي آهي. اها ڳالهه هن ادبي اداري جي زندهه ۽ امر هئڻ جو ثبوت فراهم ڪري ٿي. آئون اها ڳالهه چئي سگهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان ته س.ا.ب سيڪريٽري انعام شيخ ۽ عبدالحفيظ قريشي ڪيترائي ڀيرا روبرو ۽ فون وسيلي رابطو ڪيو ۽ گرميءَ ۾ ب در ڪڙڪائي مون کي هڪ پراڻي ۽ وساريل مسودي جي ياد ڏياري نه رڳو حيرت زده ڪيو پر هڪ هڪ اصطلاح ۽ فني لفظ بابت پڇا (نه پر جهڙوڪ آڏي پڇا) ڪئي. سا ڳالهه علم ۽ ادب جي واڌاري بابت سندن انتهائي دلچسپيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. مون کي ائين ب لڳو ته هڪ اهو ڪتاب سندن لکيل آهي جنهن کي ڇپائڻ لاءِ هو پريشان آهن.

آئون سيڪريٽري س. ا. ب انعام شيخ، انچارج پبليڪيشن عبدالحفيظ قريشي، ڊاڪٽر علي نواز شوق، اسسٽنٽ پروفيسر ڊپارٽمنٽ آف آرڪيٽيڪچر، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄامشورو محمد هاشم جوڪيو، پريس مئنيجر سڪندر علي شاهه، ڪمپوزنگ ۽ سيٽنگ ڪندڙ فرحان علي پٽي، اسڪيننگ ڪندڙ سليم احمد پٽو ۽ دين محمد ڪلهوڙي جو ٽورائتو آهيان، جن جي اهڙي دلچسپيءَ کان سواءِ ان ڪتاب جو درست ٿي ڇپجڻ ممڪن نه هو.

لطيف سائين جي ٻولي ٽورا مجيندي ائين چوندس ته:

هڏ نه پڑان هيڪڙي، ٽوري ٽر ڇاين،
مون کي ماروئڙن، ميري ڪري نه مئيو.

(پٽائي رح)

عطا محمد پنيرو

حيدر آباد، سنڌ

تاريخ: 13، آڪٽوبر 2004

مهرباني‌ءَ جا ٻ لفظ

پنجاهه جي ابتدائي ڏهاڪي ۾ جڏهن مون پنهنجو ڪتاب "بنگال جا قديم اسلامي يادگار" (Muslim Architecture of Bangal) لکي پورو ڪيو. تہ مون مرحوم ممتاز حسن سان واعدو ڪو هُئو تہ آئون ساڳي نوعيت جو ڪم ٻئي جي يادگارن بابت سرانجام ڏيندس. افسوس جو منهنجي ساٿس ڪيل انهيء واعدي جي تڪميل ڏسڻ لاء مرحوم اڄ هن دنيا ۾ موجود ناهي! بهرحال مُنهنجي انهيء واعدي جي پورائي ۾ ڊاڪٽر اين.اي بلوچ جو وڏو هٿ آهي. جنهن صاحب نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڈڪلچرل ريسرچ اسلام آباد جو ڊائريڪٽر ٿيڻ شرط اڳيرائي ڪنڊي. مون کي هر قسم جو مادي ۽ مالي تعاون آڇيندي. ڪتاب جي تياريء لاءِ اُتساهيو. مون کي جڏهن ب ضرورت پئي تہ هن هر موڙ تي نہ رڳو سندن بابت پنهنجي اڻاھ ڄاڻ سان مون کي نوازيو. بلڪ هڪ ضميمي جي شڪل ۾ ٻئي بابت هڪ شاندار ليک هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو. ان کان علاوه مان پاڪستان جي ثقافت ۽ سياحت واري وزارت ۽ سندس ماتحت آرڪيالاجي کاتي جي شڪر ادائي ضرور ڪندس. جن جي تعاون کان سواء هيءُ ڪتاب حقيقت جو روپ ڌاري نہ سگهي ها. ذاتي طور تي آئون اڳوڻي وفاقي وزير مئجر جنرل (رٽائرڊ) شاهد حامد جو ب ٿورائتو آهيان. جنهن جهلم سان لاڳاپيل پروفيشنل فوٽوگرافر ايم. آر. اويسي کان ڪي اهم فوٽوگراف خريدڻ ۾ مالي مدد ڪئي. مهربانيون تہ آرڪيالاجي کاتي جي ڊاڪٽي سرڪل حيدرآباد جي سپرنٽينڈنٽ جناب علي محمد خان لُنڊ خور جون ب آهن. جنهن نہ رڳو کاتي ۾ موجود تصويرن منجهان چونڊ ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏني. پر مسٽر شڪور محمد نالي هڪ قابل فوٽوگرافر ۽ کاتي جي ڪنزرويشن آفيسرن مسٽر ماجد ۽ مسٽر شرافت جو سهڪار فراهم ڪيو. پر خاص طور تي آئون پير حسام الدين راشديءَ جو بيحد شڪر گذار آهيان. جنهن جي مڪلي نامي جي ڇاپي ۽ ٻئي تي لکيل سندس بين تحقيقي مضمونن مون کي ٻئي جي تاريخ پروڙڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. هن ڪتاب ۾ مون هينري ڪُزنس جي ڪتاب (Antiquities fo Sindh) منجهان ڪي خاڪا ۽ هڪ نقشو ب شامل ڪيو آهي. مون کي اُميد آهي تہ هن ڪتاب جي ڇپجڻ سان هڪ عرصي کان پڙهندڙن لاء پاڪستان جي قديم آثارن بابت ناپيد ٿيل معلومات حاصل ٿيندي.

پروفيسر احمد حسن داني

اسلام آباد

15 اپريل 1981ع

ڪُجهه گذارشون

مسلمان جي اچڻ کان پهريان ننڍي کنڊ ۾ فن تعمير عروج تي پهتل هو. هندي تعمير سازيءَ کي دنيا ۾ پنهنجو الڳ مقام حاصل رهيو آهي. موئن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيب کان وٺي ٻارهين صديءَ جي آخر تائين ننڍي کنڊ جي اڏاوتي فن جي اٽڪل پنج هزار سال جي شاندار تاريخ آهي.

هندي فن تعمير وسط ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي فن تعمير کي متاثر ڪيو آهي. مسلم فن تعمير تي هندستان ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي هندي فن تعمير. سڌو يا اڻسڌو اثر وڌو هو. آرين جي اچڻ بعد هندستاني تعمير جمود جو شڪار رهي، جو آريا مڪاني ماڻهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ويڑهاڪ ۽ مسلح هئا ۽ انهن هتي وڌو عام ڪوس ڪيو ۽ هتان جي لوڪن کي فرار ٿيڻ تي مجبور ڪيو ۽ ڪيترن کي غلام بنايائون. مؤرخن جو خيال آهي. ته آرين هتان جي ٻين هُنرن سان گڏ مڪاني تعمير ۽ شهرن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ طويل عرصي تائين ويدڪ دور ۽ مهاتما ٻڌ کان اڳ ساندهه تيرنهن سؤ کان پنج سؤ سال ق م تائين ماڻهو ڪچين سرن. گاري. بانس. ڪاٺ. چيرن ۽ ٽوهن جي ٺهيل جڳهن ۾ رهندا هئا. بعد ۾ جيئن رامائڻ ۽ مهاپارت مان پتو ٿو پوء. ته شهرن ۽ مندرن جي اڏاوتن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو جيئن ته انهن عمارتن جا ڪي ٻه آثار نه ملڻ آهن پر تنهن هوندي تاريخي لڪتن موجب ٻه اُهي عمارتون فن تعمير جو سڻو مثال هوندڻون.

موريا دور ۾ پٿر ۽ ڪاٺ جون عمارتون ٺهڻ لڳيون موريا دور ۾ ڪاٺ جو اڏاوتن ۾ استعمال تمام گهٽو ٿيڻ لڳو جنهن جو مثال پٽنه شهر آهي. موريا دور جو ٿئين بادشاهه اشوڪ جي زماني ۾ فن تعمير کي هڪ نئون رخ مليو. هن دور جي عمارتن ۾ پٿر جو استعمال ۽ سنگ تراشي وارو طريقو شامل ٿئي ٿو ۽ اهي ٻئي فن ايران مان ننڍي کنڊ ۾ آيا. پٽنه ۾ ملندڙ ستونن. ٿنڻين جي گهٽي مشابهت ايراني عمارتن جي ستونن سان آهي. اشوڪ جي عهد ۾ پهاڙن کي گهڙي ان ۾ مندر. خانقاهون ۽ گهر ٺاهيا ويندا هئا. پهرين اهي مندر ۽ خانقاهون سادين هيون پر بعد ۾ انهن تي ڏاڍي محنت سان باريڪ ۽ نفيس چٽسالي۽ جو ڪم ٿيڻ لڳو.

اشوڪي دور جا ڪيترائي ڪتبا موجود آهن جن تي بادشاهي حڪم. علمي ڳالهيون ۽ تاريخ اُڪيريل آهي. ان دور ۾ ٻڌ مت جي پيروڪارن ڪيترائي استوپا ٺاهيا. استوپا جي چوڌاري ڪاٺ جا ۽ پٿر جا تمام سڻ ڪٺهڙا ٺاهيا ويا. ٻوڌي خانقاهون ۽ تعمير ۾ هڪ منزلا ۽ ٻ منزلا ٺاهيل آهن. جن ۾ محراب ۽ ٺاهيل آهن پر اهي اصلي محراب نه پر گهڙيل محراب آهن. ان دور ۾ ڪجهه شهرن ۾ سرن جا ٺاهيل محراب ۽ موجود آهن. اڙيسه ۽ ڪٽڪ مان لڌل خانقاهن ۾ حقيقي ونگون (True Arches) موجود آهن.

پهاڙ کوٽي محلَ ٺاهڻ جو سلسلو اٽڪل هڪ هزار سال جاري رهيو. انهن ۾ ستين صدي عيسويءَ تائين ٻڌمت جا عبادت گهر ۽ بعد ۾ جين مت جون عمارتون ٺهڻ لڳيون. اهي عمارتون پٿر ڪاٺ ۽ سرن جون ٺهيل هيون. هندي فن تعمير ۽ خاص طور مندرن جي تعمير سنگتراشيءَ جو اعليٰ مثال آهن. جن جي آرائش ۽ تزئين اينري حد تائين آهي. جو شايد ئي ڪو پٽ ۽ ڇت جو حصو ٻچيل هجي. جتي سنگتراش جي ڇيڻي نه لڳي هجي. انين صدي عيسويء تائين آرائشي ۽ سنجٽي ڪم تمام گهڻي ترقي ڪئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو تعميراتي فن رڳو سنگتراشي. واري سجاوٽ ئي رهيو. دراصل هندستاني معمار هڪ ئي وقت تعمير. سنگتراشي ۽ نقاشيءَ واري فن جو ماهر هو. تنهن ڪري هر عمارت ۾ انهن تنهي فني اسلوبن جو ڀرپور استعمال ڪندو هو. ان عمل ڪري ڪجهه عمارتون خوبصورت ۽ وري ڪي عجيب ٿي پونديون هيون.

عبادت جي جڳهن جي ان تعمير کي ٽن وڏن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

ٻُڌ تعميراتي طرز

جين تعميراتي طرز

برهمڻ تعميراتي طرز

سنڌ. هندستان جو اهو حصو رهي. جتي انساني تهذيب سڀ کان اڳ ۾ اڪ ڪولي ۽ واڌ ويجهه ڪئي. اسلام به هتان ئي ننڍي کنڊ ۾ داخل ٿيو. جيئن سنڌ ۾ ٻڌ مت. جين مت. ۽ برهمڻ جا اثر موجود هئا. ته انهن سين جي اثر اسلامي اڏاوتي فن تي به پيو. اسلامي اڏاوتي فن. هند ۾ اچڻ کان اڳ ۾ هندستاني تعميراتي اثر وٺي چڪو هو. اسلام جي ڪا خاص تعمير متعلق تلقين ته موجود ناهي پر جتي به اسلام ويو اتي جي سماجن جا بهتر. سود مند ۽ خوش آئنده اثر ضرور ڪنيا آهن. ان ئي سبب ڪري رڳو

مسجدن جي اڏاوت کي ڏسبو. ته ترکي، ايران، مصر ۽ هند جو الڳ الڳ تعميراتي اثر منجهن نظر ايندو ۽ صرف ان هڪجهڙائيءَ سان جو اهي سڀ قبلي رخ آهن. اهوئي ساڳيو حال قلعن، قبن، قصرن، محرابن ۽ مقبرن جو آهي.

ننڍي کنڊ جي سنگتراشيءَ سڄي هندستان ۾ خاص طرح سنڌ ۾ قرآني آيتن کي پٿر تي اُڪير واري فن کي ڪمال درجي تي پهچايو آهي. هنر ورن پٿر جي سختي ۾ اهائي پڻي تي ڪيل خطاطيءَ وارو خدوخال گهڙي اُڪير ۽ چٽسالييءَ واري فن جا لازوال مثال يادگار طور ڇڏيا آهن. جيڪي پوريءَ سنڌ ۽ خاص طرح ننڍي ۽ چوکنديءَ جي قبرن ۾ ته پنهنجو مثال پاڻ آهن. اسلام ۾ بت پرستيءَ ۽ مظاهر پرستيءَ کان روڪيو ويو آهي، تنهن ڪري ان دور جي ڪاريگرن بہ بت تراشيءَ ۽ مظاهر ڪاريءَ کي ڇڏي تعمير جي آرائش ۾ جديد ۽ نوان تجربا ڪيا، جيڪي نقش گري واري فن ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکن ٿا.

مسلم دور جي آرائشي ۽ سجاوٽ جي ڪم کي سرن جي ذريعي قدرتي پٽرن جي رنگ ۽ سطح جي استعمال ذريعي استڪو يا مسالي سان نقشڪاري، گل ڪاري ۽ ڪتبا نگاري، خطاطي، جاميٽري جي تجريدي شڪلن جا نهيل نمونا پچيڪاري، ڪاشيگري ۽ رنگن جي استعمال ذريعي ڪمال تي پڄايو ويو آهي.

اڄ جي سائنسي دور ۾ تاريخ رڳو بادشاهن جي مدح گوئي واري دائري کان نڪري هڪ سائنسي علم جو درجو ونيي چڪي آهي. تاريخ قديم آثارن واري علم (Archeology)، اڏاوتي فن (Architecture)، ثقافت سان گڏوگڏ ٻولي بہ آهي. ان ريت تاريخ جي اپياس ۾ ان دور جي ڇڏيل اهجاڻن مان ان دور جي ڪمال ۽ زوال جا سبب ڳولهجن ۽ آئيندي جو رستو بہ سنوارجي. اهڙي تاريخ جوڙڻ ۾ مغرب وارا تمام گهڻو اڳتي آهن ۽ اسان تمام پنتي آهيون.

اڄ واري سنڌ جي پيٽ ۾ آڳاٽي سنڌ جي تهذيب جي عالمگير حيثيت سڄيءَ دنيا جي عالمن آڏو ڇڻي ۽ پڌري آهي. جنهن جو ثقافتي اثر پر وارين تهذيبن جي اپياس مان بہ ظاهر ٿيو آهي. هينري ڪزنس جي ڪتاب (The Antiquitlies of Sindh) وانگر اڄا ڪيترائي نوان پهلو رکندڙ قديم آثارن جي اپياس وارا ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڌرا ٿيڻ گهرجن. انهيءَ تمام وسيع جاگرافيائي سرحدون رکندڙ سنڌو سڀيتا جي اسلامي دور جي اڏاوتن بابت انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن، اسلام آباد، پاڪستان، پاران خاص طرح سان ملتان ۽ اڄ شريف جي قديم اسلامي يادگارن جا ڪتاب پڻ سنڌيءَ ۾ پڌرا ٿيڻ گهرجن. اهي علائقا بہ سنڌو تهذيب جا اڻ ٽٽ حصا رهيا آهن ۽ تاريخ جي هڪ دور ۾ سنڌ جو تخت گاهه ملتان پڻ رهيو آهي. انهن ڪتابن جي اڇڻ سان نہ رڳو تاريخ جي شاگردن جي رهنمائي ٿيندي پر اهو پڻ ثابت ٿيندو، ته سنڌي ادبي بوردِ پنهنجي جوهر ۾ سجاڳ ۽ سڃاڻ اداري جي حيثيت ۾ نہ رڳو ماضيءَ جي ورثي جو امين ۽ رکوال آهي پر ان کي سهيڙيندڙ ۽ يڪجا ڪندڙ پڻ آهي. اهو ياد رهي ته قومون پنهنجي شاندار ۽ عظيم ماضيءَ جي روايتن مان اتساهه ونيي تاريخ جو اڻانگو سفر طيءَ ڪنديون آهن.

سنڌي ادبي بوردِ جس لهٽي، جنهن جي سيڪريٽري محترم انعام الله شيخ "ننڍي جا قديم اسلامي يادگار" جهڙي اهم فني ڪتاب جي پڌرائي ۾ گهري دلچسپي ورتي ۽ نيٺ ڪامياب ٿيو ۽ صد آفرين هجي انچارج پبليڪيشن س. ا. ب عبدالحفيظ قريشي کي جنهن هن ڪتاب تي نظرثاني ڪرڻ، فني اصطلاحن جي گليسري جوڙڻ ۽ ڏسٽي ناهڻ ۾ مون ساڻ لاڳيتو رابطي ۾ رهيو ۽ صلاحون ونڊندو رهيو.

ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ جو هي ڪتاب ننڍي جي آثارن متعلق هڪ سٽي اڳيرائي آهي پر اهو بہ انگريزي ۾ هو. محترم عطا محمد پنيري صاحب ان ڪتاب کي سنڌيءَ جو ويس پارائي سنڌ جي تاريخ جي شاگردن ۽ استادن لاءِ هڪ نئون در کوليو آهي. ڪتاب جي ٻولي تمام سادي ۽ سلوٽي آهي. ڪتاب ۾ آيل ڪجهه فني اصطلاحن جي معنيٰ اڳواٽ متعين ڪري ترجمو ڪجي ها، ته جيڪر ڪتاب اڄا بہ وڌيڪ جاندار ٿئي ها. بهرحال هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ پنهنجو هڪ مقام رکندو، هن ۽ ايندڙ پيڑهيءَ لاءِ پڻ اتساهه جو سبب ٿيندو.

محمد هاشم جوڪيو
اسسٽنٽ پروفيسر
ڊپارٽمينٽ آف آرڪيٽيڪچر
(مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي)
ڄام شورو، سنڌ

فهرست مضامين

عنوان — صفحو

باب پهريون: 3
• ٽٽي جو جاگرافيائي ۽ تاريخي تعارف 3
• جاگرافيائي ٻيهڪ 4
• سمن سلطانن جو شجرو 21
• ترخانن جو شجرو 22
باب ٻيو: 29
• سما دور جا يادگار (1335ع کان 1520ع تائين) 29
• ڪلان ڪوٽ قلعو، ص 34 • شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مدرسو، ص 38 • مدرسہ نما قبايون ڇٽيون، ص 40 • شيخ حماد جمالي ۽ جي مدرسي جي ڇتي، ص 41 • ٻٽايارو (هالي درويش جو مقبرو، ص 43) • قاضي عبدالله پٽ تاجي جو ڇهه ڪنبو ڇٽايون مقبرو، ص 45 • شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري پرسان اٺ ڪنبيون ڇٽيون، ص 46 • ڄام تماچي ۽ نوريءَ جو مقبرو، ص 46 • لکت واريون ڇٽيون، ص 47 • ڄام تغلق جي دور جي اٺ ڪنبي ڇتي، ص 47 • مبارڪ خان جي مقبري وارو ڪوٽ، ص 50 • قبرن جي ڇوڏاري پکين سرن جو ڪوٽ، ص 53 • مڪليءَ جي پراڻي مسجد، ص 55 • سرن جا نهيل همچورس مقبرا، ص 58 • ملڪ راڄپال جو مقبرو، ص 59 • سما خاندان جي ڪنهن گمنام شهزادي جو مقبرو، ص 59 • فتح خان جي پيٽ جو مقبرو، ص 60 • قائوس سلطانيءَ جو مقبرو، ص 61 • سرن جو تباهه ٿيل مقبرو، ص 64.
باب ٽيون: 71
• سما دؤر جا پراڻا يادگار 71
• ڄام نظام الدين جو مقبرو 71
• تاريخي پس منظر، ص 71 • نمونو، ص 71 • ٽاڪ (Location) ، ص 72 • ڄام نظام الدين جي قبر جي اڏاوت جي رت، ص 73 • نمونو، ص 74 • اولاهين پت جي ٻاهرين مهاڙي، ص 77 • اترين اڌ، ص 77 • ڏاکڻو اڌ حصو، ص 78 • آرائشي پشتي/پشتو، ص 81 • اُترين مُهاڙي، ص 84 • اوپارين مُهاڙي، ص 85 • ڏاکڻي مُهاڙي، ص 86 • اندرين صفو، ص 87 • محراب، ص 89 • نتيجو، ص 95.
باب چوٿون: 115
• ارغون ۽ تَرخان دور جا يادگار (پٽر جا نهيل يادگار) 115
• هڪ قبائون همچورس گمنام مقبرو، ص 118 • مرزا عيسيٰ خان ترخان I جو مقبرو، ص 118 • مير سلطان محمد جو مقبرو، ص 120 • مرزا سليمان جو مقبرو، ص 121 • مرزا صالح جو مقبرو، ص 122 • مرزا باقي بيگ جي مقبري جو ڪوٽ، ص 123 • هبشاد (اهنسا) ٻائيءَ جو مقبرو، ص 125 • اناس اڏاوتون، ص 126 • بديع الزمان جي ڇتيءَ پرسان هڪ گمنام مقبرو، ص 126 • بديع الزمان جو مقبرو، ص 127 • مرزا عيسيٰ خان ترخان I واري ڪوٽ ۾ هڪ گمنام ڇتيءَ وارو مقبرو، ص 129 • اناس ڇتيءَ وارو گمنام مقبرو، ص 129 • ڇتيءَ وارو گمنام مقبرو، ص 130 • مسجد واريءَ پت سان ڇتيءَ وارو مقبرو، ص 132 • ڇتيءَ وارو گمنام مقبرو، ص 132 • مرزا طغرل بيگ جو مقبرو، ص 132 • پٽرانهين لوڙهٽ مٽان سرُو وڻ جي اُڪير، ص 134 • ڇوڪنڊي طرز جون قبرون، ص 136 • مرزا جان بابا جو مقبرو، ص 138 • مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو، ص 145 • نتيجو ص 153.
باب پنجون: 165
• ارغون ۽ تَرخان دور جا يادگار (سرن سان جوڙيل اڏاوتون) 165
• شيخ جيئي جو مقبرو، ص 165 • گمنام مقبرو، ص 167 • ست چڙهٽي، ص 168 • باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري، ص 171 • سلطان ابراهيم خان جو مقبرو، ص 175 • مرزا جاني بيگ جو مقبرو، ص 177 • ديوان شرفا خان جو مقبرو، ص 179 • دبگير مسجد، ص 180 • نتيجو ص 182.
باب ڇهون: 189
• مغل دور جا تاريخي يادگار 189
• تعارف، ص 189 • مغل دور جون عمارتون، ص 190 • خضري مسجد، ص 190 • پير پٹي جي پرسان محمد بن قاسم مسجد، ص 191 • امير محمد خان جي مسجد، ص 194 • ٽٽي جي جامع مسجد، ص 195 • نتيجو ص 201.
ضميمو: 203
• ٽٽي جي اصليت: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 203
حاشيہ 208
گلوسري 213
ڏسٽي 217

[ح]

خاڪن، تصويرن ۽ رنگين پليٽن جي فهرست

خاڪو 1. شيخ عيسيٰ لنگوٽي جي مدرسي جو نقشو. جنهن جو ڇت وارو تعمير ٽيل حصو هڪ ٻئي مٿان گول بار ڏئي جوڙيو ويو آهي، جنهن مٿان ڏيئي ٻارڻ جي مقصد سان ننڍڙي قبي ٺاهي وئي آهي. **ص 39**

خاڪو 2. مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوديواري جو نقشو. جنهن جي وچ تي مرداڻين قبرن جي چوڌاري پٽ ڏني وئي آهي، جنهن اندر پهرئين ترخان حڪمران جي پٺ قبر آهي. ان جي ڏکڻ اولهه طرف اٺ ٽنيي چٽي واري قبر آهي. جڏهن ته اتر اوپر پاسي زنانين قبرن جي چوديواري ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو تعلق 1572ع سان آهي. **ص 119**

خاڪو 3. مرزا سليمان پٽ مرزا عيسيٰ ترخان I جي قبر جي چوديواري جو نقشو، جنهن جي وچ تي مٽيءَ جو پراڻ وجهي ٽلهو ٺاهيو ويو آهي. ان ٽلهي تي ڪيترين ئي قبرون ڏسجن ٿيون. مرزا سليمان جي قبر جي سيراندي ڪان هڪ اوچو پٽر نصب ٽيل آهي. امڪان آهي، ته اهو ڏيانيءَ جو به ڪم ڏيندو هوندو. سندس وفات جو سال 1557ع آهي. **ص 121**

خاڪو 4. مرزا محمد صالح جي قبر جي چوديواري جو خاڪو، جنهن ۾ مٽيءَ جو پراڻ وجهي ٽلهو ٺاهيو ويو آهي. هن چوديواري اندر ٽي مُکيه قبرون آهن. جيڪي پٽر سان جڙيل آهن. مرزا محمد صالح جي قبر تي به ڏگها پٽر لڳل آهن، جن مان هڪ سيراندي ۽ ٻيو پاسي کان آهي. هن 1563ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 122**

خاڪو 5. مرزا باقي بيگ جي پٽر سان ٺهيل مقبري جي چوديواري جو خاڪو، جنهن ۾ اندر ننڍڙيون چوديواريون آهن. مرزا باقي بيگ جي قبر هم چورس آهي، جنهن جي چوڌاري پٽ ڏني وئي آهي ۽ اها قبر چوديواريءَ جي وچ تي ڏسجي ٿي. هن جي اتر پاسي سندس خاندان جي ٻين ماڻهن جي قبرن جي چوديواري آهي. اتر ڏانهن مرزا باقي بيگ جي قبر جي اوپر پاسي مرزا بديع الزمان جي قبر آهي، جيڪا اٺ ٽنيي چٽي هيٺيان آهي. هن 1562ع ۾ وفات ڪئي هئي. هن چوديواري جي اولاهين پٽ پرسان هڪ گمنام قبر آهي، جنهن مٿان اٺ ٽنيي چٽي ٺهيل ڏسجي ٿي. **ص 124**

خاڪو 6. ست چڙهٽي تعمير جو نقشو آهي. جنهن ۾ پنج قبائين طرز جي نئين قسم جي عمارت ڏسجي ٿي. هن جڳهه جي اڏاوت جو تعلق سورهين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان آهي. **ص 170**

خاڪو 7. سلطان ابراهيم خان جي پڪ سرائين مقبري جي چوديواري جو نقشو، جنهن جي اوپر پاسي ونگ سان لنگهه آهي. چوديواري اندر اولهه واري پٽ ۾ مسجد جو محراب آهي، جيڪو مٽيءَ جو پراڻ وجهي ٿورو مٿي جوڙيو ويو آهي. وچ تي اٺ ٽنيي چٽيءَ هيٺان سلطان ابراهيم جي قبر آهي. ان جي پرسان هڪ ٻي ننڍڙي چوديواري آهي، جنهن ۾ امير محمد سلطان جي قبر ٺهيل آهي. هن 1585ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 175**

خاڪو 8. ديوان شرفا خان جي قبر جي سامهون پُٺ ۽ پاسي جو نقشو، جيڪو باقي پاسن کان وڌيڪ اوچو آهي. قبر جي سيراندي ڪان اوچو پٽر لڳل آهي. قبر جي اوساري پٽر جي آهي، جنهن تي ترخاني قسم جي نقش و نگاري ٽيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1048 هـ - 1638ع سان آهي. **ص 178**

خاڪو 9. ڏيگير مسجد جو نقشو، جنهن جو سامهون وارو پاسو ٽن وڻن پارين ۾ ورهايل آهي. مسجدن جي اها پاهرين سونهن ۽ سنجٹ وارو نمونو ترخاني مسجدن سان لاڳاپو رکي ٿو. اوپر پاسي ڪان ڪليل آڪنڊ اٽس. وچئين محراب جي ٻنهي پاسن کان دريون ٺهيل آهن، جن وسيلي مسجد اندر ٺڏي هوا ايندي هئي. مسجد جي اوپر پاسي ڪان ٻنهي طرفن تي، ڏاڪڻيون ٺهيل آهن، پر نقشي ۾ فقط هڪ ڏيکاري وئي آهي. هن مسجد جي تعمير ۾ اها بي نئين شيء آهي. انهيءَ اڏاوت جو لاڳاپو 1588ع سان ڏسجي ٿو. **ص 180**

خاڪو 10. شاهجهاني مسجد جو نقشو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ واسطي چوڏسائن ۾ قبا ٺهيل آهن. وضو سارڻ لاءِ پاڻيءَ

جو تلاءِ اوپر پاسي موجود آهي. هن مسجد جي تعمير جو تعلق 1640ع ۽ 1647ع جي وچ واري عرصي سان آهي. **ص 196**

خاڪو 11. شاهجهاني مسجد وڇئين پاڳي (Cross-Sections) جو نقشو. جنهن ۾ رکيل ڇوڪنڊين بارين ۾ ڪاشيءَ جون چمڪندڙ سرون ڪتب آندل آهن. ان کان سواءِ گڏيل قسم جي ونگن جي تعمير ۽ قبن جي اندرئين پاسي ستارن جهڙي خوبصورت چٽسالي آهي. **ص 196**

باب پهريون

سنڌ جو نقشو. **ص 1**

پليٽ 2 - مڪلي جي قبرستان جو وسيع پس منظر. ساڃي پاسي مرزا جان بابا جو مقبرو آهي. ٻين قُبائن مقبرن جون اڏاوتون به ڏسجي رهيون آهن، جن جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ٽورو پري پنڌ تي ابراهيم سلطان جو مقبرو نظر اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ عبدالله شاهه اصحابي جي مزار پرسان قبرن جو هڪ جهڱڻو به ڏسجي رهيو آهي. **ص 2**

پليٽ 3 - سنڌ جي آخري آزاد حڪمران مرزا جاني بيگ جو پڪسرائون مقبرو، جنهن 1593ع ۾ اڪبر اعظم جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. **ص 2**

پليٽ 4 - ديوان شرفا خان جو پڪ سرائون مقبرو، جيڪو مرزا طغرل بيگ جي ڇٽي نما مقبري جي ڪاپي پاسي آهي. جڏهن ته ان جي ساڃي پاسي ۽ وچ تي مرزا عيسيٰ ترخان ٻئين جو سفيد رنگ جو مقبرو ڏسجي ٿو. **ص 23**

پليٽ 5 - شيخ حماد جماليءَ جي مزار جي پرسان چوڌاري نظر ايندڙ سما خاندان جي قبرن جو مُڇلو آهي، بزرگ جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان هو. هن درويش جي مقبري جي ڪاپي پاسي پڪسرائون مقبرو، ساڃي پاسي ڇٽي نما مقبرو ۽ ٽوري پنڌ جي وٽيءَ تي جام نظام الدين جو مقبرو ڏسجي رهيو آهي. **ص 23**

تصوير 1 - محمد بن قاسم نالي مسجد جو گول منارو، جيڪو پهريداريءَ جي مقصد سان جوڙيو ويو هو. جنهن تي جڙهي سنڌي فوجي، پهريداريءَ جو ڪم ڪندا هئا. ڇيو ويندو آهي. ته پرسان ئي هڪ عرب نسل جي ماڻهن جي وسندي قائم هئي. هيءَ اڏاوت پير پٺي جي مقبري جي سامهون آهي، جيڪا سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ جي هڪ اوچي ڪناري جي وٽ سان جوڙيل آهي. هنن اڏاوتن جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 3**

تصوير 2 - ڪلان ڪوٽ نالي قلعي جي اوپارين پٽ، جنهن ۾ گول چبوترن جا نشان ڏسجي رهيا آهن. هي درياءَ جي ساڃي پاسي سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو سما دور ۾ تيرهين ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 5**

تصوير 3 - پوئين مغل دور سان لاڳاپيل عيد گاهه. جنهن جي ٻنهي پاسن کان گول منارا تعمير ٿيل آهن. وچ تي محراب اوجو آهي. هن تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 7**

تصوير 4 - قومي شاهراهه مڪليءَ منجهان گذري ٿي، جنهن جي ڪاپي پاسي مڪليءَ جي چاڙهيءَ وٽ هڪ مندر آهي. هن اڏاوت جو تعلق قديم دور سان آهي. پرسان ئي ساڃي پاسي اسلام پور نالي هڪ مسجد آهي. **ص 10**

تصوير 5 - درياءَ جي پراڻي پيٽ مان بيهي ڏسبو، ته ڪاپي پاسي طغرل بيگ جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. جڏهن ته ساڃي پاسي کان مرزا جان بابا جي مزار آهي. وچ تي مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو سفيد مقبرو نمايان نظر اچي ٿو. **ص 10**

تصوير 6 - درياءَ جي پراڻي پيٽ مان بيهي ڏسبو، ته مڪليءَ تي سامهون واري پس منظر ۾ وچ تي سلطان ابراهيم خان مرزا عيسيٰ ترخان I جو مقبرو نهايت چٽو نظر ايندو. **ص 13**

تصوير 7 - دريا جي پراڻي پيٽ وٽان بيهي ڏسبو، ته سلطان ابراهيم خان جو مقبرو، مرزا عيسي ترخان I جي مقبري جي چوديواري جي ڪاپي طرف آهي ۽ عبدالله شاهه اصحابي جي مزار وچ تي ڏسجي ٿي. **ص 17**

تصوير 8 - قومي شاهراهه تان بيهي ڏسبو. ته ٺٽي جو نئون شهر، هڪ پراڻي دڙي تي تعمير ٿيل نظر ايندو. جنهن

جي ڪابي پاسي پاڻيءَ جي اوچي ٽانڪي ڏسجي رهي آهي. **ص 18**

تصوير 9 - نئين شهر جي جڳهن هينان پراڻي نٽي جا ڏڙا، جيڪي هلندا وڃي آباد زمين تائين پهچن ٿا ۽ جن مٿان گهاٽا وڻ ڏسجي رهيا آهن. **ص 19**

تصوير 9 - الف - ريسٽ هائوس کان نظر ايندڙ مکليءَ جو منظر. **ص 20**

باب ٻيو

پليٽ 6 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چٽيءَ جهڙو هڪ مدرسو - پرسان ئي ڏيڏيءَ جي تعمير وارا نلها ڏسجي رهيا آهن. ساڃي پاسي هيٺ تي دري آهي، جنهن ۾ سوراخدار پٽر هنيل ڏسجن ٿا. **ص 24**

پليٽ 7 - ساڃي پاسي شيخ حماد جماليءَ جو تباهه حال مدرسو ۽ ڪابي پاسي عبدالله پٽ تاجي جو چٽي نما مقبرو - ٻنهي اڏاوتن جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان آهي. **ص 24**

پليٽ 8 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي لنگهه تي پٽر جي اُڪير جو ڪم ٽيل ڏسجي ٿو. جنهن جي سر در ۽ پٽر جي چوڪاٽي جي ٻنهي پاسن تي قرآني آيتون اکيريل نظر اچن ٿيون. هينئين پاسي ونگ سان هڪ جارو آهي. محسوس ائين ٿي رهيو آهي، ته در جي چانڻ وٽ نرم سفيد پٽر (Moon stone) جو "دونون" (Sill) لڳل هوندو. **ص 25**

پليٽ 9 - سمن جا پٽرانهين اڏاوت سان لاڳاپيل ٻن قسمن جا مقبرا آهن. انهن مان هڪ پٽر جون همچورس يا چوڪنڊيون اڏاوتون آهن. جڏهن ته ٻئي قسم جو تعلق چٽيءَ جهڙن مقبرن جو آهي، جيڪي پٽرن جي ٽنبين جي آڏار تي جوڙيون ويون آهن. مقبرن تي ٻ ٻن قسمن جي اُڪير ڏسجي ٿي. هي مقبرا پڪ سراوان ٻ آهن. چٽي نما تعمير مٿان ٽانوَ جهڙي نيل (Finial) ٻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. **ص 26**

پليٽ 10 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي سان گڏ لنگهه ٻ نظر اچي رهيو آهي، جنهن ۾ نلهن ۽ سردرن جي هڪ ترتيب موجود آهي. ان ترتيب مطابق هر سردر ڪنڊ وٽ ٻئي سردر سان ملي رهيو آهي، جن کي هينان نلهه ڏنل آهن. **ص 26**

پليٽ 11 - دريا خان عرف مبارڪ خان جي مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو. هيءُ ٻام نظام الدين جو نپايل پٽ، وزير ۽ فوجي سپهه سالار هو. هن تعمير جو بنياد جو پٽرسن 1490ع ۾ رکيو ويو هو. هن اڏاوت جي مهاڙيءَ ۾ ڪنگرا ۽ پلويڙو (Parapet) ڏنل آهي. خوبصورتيءَ واسطي مٿي ٻنهي پاسي هڪ هڪ جارو رکيو ويو آهي. **ص 27**

پليٽ 12 - دولهه دريا خان جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن جي اولهه پاسي واريءَ پٽ ۾ محراب جي تعمير آهي. ان جي هر هڪ پاسي تي پٽر جا پاوا آهن، جنهن تي نهايت نازڪ ۽ نفيس چٽسالليءَ جو ڪم ٽيل آهي. وچ صحن تي قبرون آهن، جن مٿان رکيل پٽرن تي خوبصورت اُڪير جو ڪم ٽيل ڏسجي ٿو. دريا خان جي قبر جي پاسي سان ڪُتل پٽر تي تاج جو نشان اُڪيريل آهي. هن اڏاوت جو تعلق پندرهين صدي عيسويءَ سان ڏسجي ٿو. **ص 27**

پليٽ 13 - چٽيءَ نما مقبري جي چت، جنهن کي پٽر جا هڪ ٻئي مٿان گول بار ڏئي ناهيو ويو آهي. وچ تي لٽڪڻو (Pendent) ڏسجي ٿو. مٿي چٽيءَ جي گول دائري جي هر پٽر تي ونگ جهڙو چٽ اُڪيريل ڏسجي ٿو. هيءَ تعمير، 15 صدي عيسويءَ جي اوائلي دور سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 28**

تصوير 10 - سما دور جي قلعي ڪلان ڪوٽ جي گهٽائي پيرا مرمت ٿي هئي. اولهه پاسي کان قلعي جي پٽ ۾ مارن جا ڪڙڪا ڏسجن ٿا. ٿوري فاصلي تي مسجد نظر اچي رهي آهي. **ص 31**

تصوير 11 - ڪلان ڪوٽ جي مسجد جو اندريون پاسو. جنهن ۾ محراب ۽ منبر تي اُڪير واري چٽسالليءَ جي بهترين طرز نظر اچي ٿي. محراب جي ٻنئين پاسي رکيل چوڪنڊي پاريءَ جا پاوا مٿي وچ پٽ جي حاشيي (Dado) وٽ بيهاريل آهن. هيءَ تعمير سورهين صدي عيسويءَ کان اڳ جي ڪانه آهي. **ص 32**

تصوير 12 - ڪلان ڪوٽ جي زبون حال پڪسرائين مسجد، جنهن جو فقط وچ وارو حصو بچيل آهي. ان جو اوپر وارو ٻاهريون پاسو گهٽو ڊنل ۽ ناس ٿيل ڪوٺ آهي، پر اڏاوت جو اتريون ۽ ڏاکڻون حصو ڏهي ختم ٿي ويو آهي. **ص 35**

تصوير 13 - هن تصوير ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي سان گڏ سينڊ ونگ (Lancet Shaped arch) سان لنگهه ڏسجي ٿو، جيڪو هڪ پڪ سرائين مقبري ڏانهن کُلي ٿو. ان لنگهه وارو مقبرو، هاٿي ڏهي ناس ٿي ويو آهي، جيڪو شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي واري جڳهه ۽ سندس سفيد مقبري جي وچ تي آهي. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسويءَ جي مُنڊ واري دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 40**

تصوير 14 - مدرسي جي جڳهه سان مشابهت رکندڙ هڪ ڇتيءَ نما مقبرو، جنهن ۾ هڪ ٿنڀ ۽ سردر تي ٻڌل هڪ لنگهه ڏسجي رهيو آهي. اندر داخل ٿبو، ته هڪ ٽلهي تي ٻه سادين قبرون ڏسڻ ۾ ايندين. هن تعمير ۾ سنهي پردي سان دريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن جي ڀٽين پاسي کان هڪ قديم مسجد جو اوپر وارو پاسو طرف ڏسجي رهيو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 41**

تصوير 15 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جو هڪ مجموعي منظر، جنهن ۾ مختلف سردرن جو هڪ دائرو نظر اچي ٿو، جيڪي ٽلهن جي آڏار تي بيٺل آهن. هن اڏاوت جو واسطو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 42**

تصوير 16 - هڪ تعمير جي ڪُنڊ وارو اُڪيريل سردر، جيڪو پٿر جي خوبصورت اُڪيريل ڇٽيل ٿنڀن جي آڏار تي بيٺو آهي. هن اڏاوت جي ڪاريگري مان پتو پئجي وجي ٿو، ته شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي گول ڪمري کي اناس جي شڪل ۾ ڪيئن بنايو ويو آهي. **ص 42**

تصوير 17 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جو اُڪير ٿيل خوبصورت ٿنڀ، جنهن جي مٿئين پاسي ڇوٽُمُکو تاج لڳل آهي. ان ٿنڀ جو هيٺيون پاسو ڪاڇي ڇڪي ويو آهي. باقي مٿئين پاسي واري حصي تي، سڏيءَ سنوت ۾ ڇٽسالياءَ جي هڪ خوبصورت طرز ڇٽيل ڏسجي ٿي. ان ٿنڀ جو فقط اندريون پاسو اُڪير سان سينگاريل ڏسجي ٿو. باقي ٻاهريان پاسا لسا آهن. ڀٽين پاسي کان پردي‌ءَ واري دري آهي، جنهن تي سورج مکيءَ جي نموني واري ڇٽسالياءَ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. **ص 44**

تصوير 18 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ جي تعمير ۾ هڪ ٿنڀ تي اعليٰ معيار جي اُڪير ٿيل آهي، هيءَ اڏاوت شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ آهي. هن دور جي مقبرن جي اڏاوت ۾ ٿنڀ جي هيءَ اُڪير جو ڪم پنهنجي فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن جو تعلق 15 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 44**

تصوير 19 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف ڇهن ٿنڀن وارو ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي، جنهن کي پِـٽا يارو (Bhitta yaro) جي مزار ڪري سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ دوريش هالو دفن ٿيل آهي. هن ڇٽيءَ جا ڇهه ئي ٿنڀا هڪ جهڙا آهن. ڇڇو، ڇٽسالياءَ وارو پلويڙو، ڪنگرا ۽ ٽانوءَ جهڙي نيل اٽس. قبي وينوڙي طرز جي آهي، جنهن جو تعلق 14 صدي عيسويءَ جي پوئين دور سان آهي. **ص 45**

تصوير 20 - قديم مسجد جي اتر اولهه پاسي قاضي عبدالله پٽ تاجي جو ڇهه قبائين ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مٿان تعمير ٿيل پلويڙو Parapet ، ٽانءَ جهڙي نيل (Fineal) ۽ مينهن جي پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارو ڏسجي ٿو، جيڪو پلويڙي کان ٻاهر نڪتل آهي. ٽوري پنڊ تي سفيد رنگ جي سيد علي شيرازيءَ جي مزار آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 45**

تصوير 21 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي اٺ ٿنڀائي ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مقبري جي تعمير ۾ قاضي عبدالله جي مقبري جهڙي آهي، پر سندس ٽانءَ جهڙي نيل پڇي پئي آهي. ڇڇو ۽ پلويڙو ۾ هاٿي سلامت ڪوٺ رهيو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 15 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي. **ص 46**

تصوير 22 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ وارو مقبرو شايد اهو ڇام تماچيءَ جو آهي، جيڪو ڇام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ طرف آهي. هي قديم يادگار چڱيءَ ريت ۾ محفوظ آهي. اڪريل، ٿنڀا، ڇڇا، پلويڙو، ڪنگرا ۽ ٽانءَ جي شڪل جهڙي مٿان

واري نيل سپ صحيح سلامت آهن. هن چٽيءَ هيڻان ٽي قبرون آهن. هن تعمير جو تعلق 14 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 47**

تصوير 23 - ڪٽني واري اُڪيريل پٿر واري قبر، گهٽو ڪري ڇام تماچيءَ سان تعلق رکي ٿي. سيراندييءَ واري پٿر تي تاج جهڙو ڪوبہ نشان ڪونہ آهي. پرسان بہ ڪٽني واري بنا چٽسالييءَ جي لسي قبر آهي. ٽين قبر ڪنهن ٻار جي ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي آخر سان آهي. **ص 47**

تصوير 24 - اٺ ٽنيي چٽيءَ وارو مقبرو. امڪان آهي، تہ هي جڳهہ ڇام تغلق پٽ ڇام سڪندر جي دور جي هجي. هن تعمير جا سيڀئي ٽنيا چٽسالييءَ وارا آهن. هن جا ڪجهہ ڇڇا، ڪنگرا ۽ پلويڙو محفوظ آهي جيڪو ڪابي پاسي آهي. هن تعمير جو تعلق 15 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 48**

تصوير 25 - خوبصورت چٽسالييءَ سان هڪ چت جو حصو ۽ سردر جي اندرئين پاسي هڪ تحرير، جنهن جي ابتدا بسم الله سان ٿئي ٿي ۽ ڪلمو بن ستن ۾ لکيل ڏسجي ٿو. جيڪو سما دور جي هڪ اٺ - ٽنيي مقبري تي موجود آهي. **ص 49**

تصوير 26 - خوبصورت چٽسالي واري چت جو هڪ حصو فارسيءَ جي هڪ لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (ملڪ) راهوءَ جو نالو بہ آهي، جيڪو ڇام تغلق پٽ ڇام سڪندر جي دور ۾ نهيل هڪ اٺ ٽنيي مقبري سردر جي اندرئين پاسي اُڪيريل آهي. **ص 49**

تصوير 27 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ هڪ اٺ - ٽنيي مقبري جي خوبصورت چٽسالي واري چت، جنهن جا هڪ ٻئي جي مٿان گول بار ڏنا ويا آهن. منجهس ونگ جهڙو چٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن قسم جي سونهن ۽ سنجٽ واري چت ٻين مقبرن ۾ بہ موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 50**

تصوير 28 - دولهہ دريا خان جي پٿر سان اوساريل مقبري جو لنگهہ، جيڪو هن تعمير جي ڏکڻ ڏس کان نظر اچي رهيو آهي. هن جڳهہ جي ديوار ۽ چوڪنڊي چڇن تي بہ ڪنگرا نظر اچي رهيا آهن. لنگهہ جو پٿر وارو چوڪاڻو لسو آهي. هيٺئين پاسي چانئٽ وٽ سفيد نرم پٿر (Moon Stone) جو "دونون" (Sill) لڳل ڏسجي ٿو. سردر تي عربي تحرير موجود آهي. لنگهہ ٻنهي پاسن کان پانت پانت جي خوبصورت اليڪي (Geometrical) چٽسالي آهي. چٽني پاسن کان خوبصورت درين ورا جارا آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي. **ص 51**

تصوير 29 - دولهہ دريا خان جي مقبري جو اوپاريون لنگهہ. جنهن تي ڏکڻ واري لنگهہ کان مختلف قسم چٽسالييءَ جي طرز نظر اچي ٿي. اُڪير ڪجهہ مٽاچري ڏسجي ٿي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو. تہ اها ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. هتي هڪ خوبصورت جاري بدران سادو جارو رکيو ويو آهي. اُڪير جون طرزون بہ ٽوريون چٽيل آهن. **ص 51**

تصوير 30 - دولهہ دريا خان جي مقبري اندر ونگ سان محراب، جنهن تي خوبصورت اُڪير جي ڪم سا چٽسالي جي ٽيل آهي. ان جي سامهون واري پاسي کان ٻنهي پاسن کان ننڍڙا خوبصورت پاوا آهن. چٽسالييءَ جي ساڳي طرز محراب جي ٻنهي پاسن کان سڏي سنوت وارين پٽين ۾ ڏسجي ٿو. **ص 53**

تصوير 31 - دولهہ دريا خان جي قبر تي رکيل پٿرن تي خوبصورت چٽسالي نظر اچي رهي آهي. سيراندييءَ واري پٿر تي تاج ڏسجي ٿو. قبر جي تعمير جا بہ ماڙ آهن. هيٺئين طبقي ۾ ونگ جهڙا خانا آهن. جن اندر گلاب جي گل جهڙو چٽ آهي. عربي تحرير بن قطارن ۾ ڏسجي ٿي، جيڪي سڏي سنوت ۾ آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ جي ابتدائي حصي سان آهي. **ص 54**

تصوير 32 - دولهہ دريا خان جي مقبري جي اندرئين پاسي نهيل محراب جي ٻنهي پاسن کان وڌاوڙي ونگ (Corbelled arch) آهي، جنهن تي هڪ تارازي ۽ مختلف قسم جا ٽي وَٽَ چٽيل آهن. هن قسم جي اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي. **ص 54**

تصوير 33 - سلطان ڇام نظام الدين عرف ڇام نندي جي مقبري جي ڏکڻ ڏس تي موجود هڪ قبر. جيڪا چيرولييءَ جي نهيل آهي. جنهن جي گول چٽ اندر ڪجهہ جو وڻ ڏسجي ٿو. ان چٽ سان واري وَٽيءَ تي چٽ جي ٻي طرز بہ ڏسجي ٿي. اهڙا چٽ وچ تي سنان ڏئي الڳ الڳ ڪري ٻيهاريا ويا آهن. هڪ پکسري چوديواري بہ آهي، جنهن ۾ اندرئين پاسي سادي قسم

جون ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندل آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 5 هين صدي عيسويءَ جي آخر سان آهي. **ص 55**

تصوير 34 - سما دور جي قديم جامع مسجد جو ڊاڪٽيون ڊيڪاري ٽي، جنهن جي ساڃي پاسي ٽي ناهيل ڊاڪن ڍهي فنا ٿي وئي آهي. اڏاوت جي وچ تي ونگ سان لنگهه نظر اچي رهيو آهي. ٻه ٻيون ونگون به ڏسجن ٿيون. جيڪي نماز پڙهڻ واري جڳهه کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏين ٿيون. معلوم ائين ٿئي ٿو، ته هي مسجد ته قبائين آهي، وچ واري قبي کان ساڃي ۽ کاٻي واري قبي کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ وچ تي ٻه ونگاوان لنگهه آهن. هن تعمير جو تعلق 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 56**

تصوير 35 - هن مسجد جو اوپاريون ٻاهريون پاسو، جنهن جي وچ تي خاني واريءَ ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. ساڃي پاسي ٻه خانا آهن. هن اندر پڻ ونگون جوڙيون ويون آهن. سامهون واري پاسي ۾ ڪيترائي هم چورس جارا آهن. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 56**

تصوير 36 - جامع مسجد جو اندريون پاسو، جنهن ۾ محراب جي تعمير نظر اچي رهي آهي. (اوجهڙ ۾) - ڪارنس (Cornice) مٿان رکيل خانن ۾ ماکيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي. اهڙي چٽسالي وڇين محراب جي ٻنهي پاسن کان ٻه آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 57**

تصوير 37 - سما دور سان تعلق رکندڙ ٻه پڪ سراوان مقبرا جن جي ونگ واري لنگهه جي ٻنهي پاسن کان اٻا خانا نظر اچي رهيا آهن. قبن جي اڏاوت اٺ - ڪندي ڊيڊي (Drum) مٿان ٽيل ڏسجي ٿي. سامهون وارو مقبرو مَلڪ راڃپال جو آهي، جڏهن ته ٻيو مقبرو فتح خان جي پيٽ جو آهي. ٻنهي مقبرن جا قبا ڊٽل آهن. هنن ٻنهي اڏاوتن جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 58**

تصوير 38 - مَلڪ راڃپال جو هم چورس پڪ سرائون مقبرو، جنهن ۾ سينڊ ونگ (Lancet Shaped arch) سان لنگهه ڏسجي ٿو. جنهن جي ٻنهي پاسن کان پٽر جي ننڍڙن پاون سان، ايءِ طرز جا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪارنس (Cornice) ۾ ڏندڙي لاءِ پڪيءَ سر جو ڪنڊائون بار هنيو ويو آهي. هيءَ تعمير 15 صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 58**

تصوير 39 - مَلڪ راڃپال جي مقبري جي اندرئين پاسي نظر ايندڙ عربي تحرير آهي، جيڪا هن ريت آهي: هذا المقام الر جي رحمت الله تعلي ملك راجبال بن ملك انر بن ملك راهو بن ملك رائدن بن ملك راهو بن فيروز شاه سلطان الاهر برد مضجعه ونور قبره والنس حشش. **ص 59**

تصوير 40 - ڄام فتح خان جي پيٽ جي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو، جنهن کي ورن وڪڙن واري چٽسالي جون قطارون ڏسجن ٿيون رهيون آهن. ڪنڊن کي ننڍي قسم جون محرابيون آهن، جنهن سان گڏ وڏيڪ ننڍڙيون محرابيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. **ص 60**

تصوير 41 - فتح خان ولد ڄام نظام الدين جي پيٽ جو هم چورس پڪ سِرو مقبرو، جنهن جي اوپر پاسي واريءَ تعمير ۾ کي اضافي محرابيون جوڙيل آهن. ان کان سواءِ مختلف خانا ۽ پٽر جي ڇوڪاڻن وارو لنگهه ڏسجي ٿو، جيڪو ونگ سان آهي. هن تعمير جو واسطو 898 هـ ۽ 1492 عيسويءَ سان آهي. **ص 60**

تصوير 42 - سادو محراب ڏسجي ٿو، جنهن جي ساڃي پاسي هيءَ عربي تحرير آهي:

هذا المقام للرجي الي رحمت الله تعالي تمهيد العمارت بالمر تاج الدنيا والدين. ميان تاج الدين همشيره ميان فتح خان بن سلطان نظام الدين شاه خلد ملكه و السطلنت في سن تهمن و سب ان و تهمن مي اهوا در ماه ربيع الاول روز پنج شنبه. **ص 61**

تصوير 43 - قائوس سلطان (Qaus - as - sultani) جي مقبري جو محراب، جنهن جي ٻنهي پاسي خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب کان ڇوڪنڊن خاني ۾ هم چورس چٽ جي قطار آهي. **ص 62**

تصوير 44 - قائوس سلطاني جي مقبري جو ڊاڪٽيون ٻاهريون پاسو، جنهن جي وچ تي ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. منجهس پٽر جي ڇوڪاڻو آهي. پاسن کان ونگن سان هڪ ٻئي مٿان ٻه ٻه خانا آهن، جيڪي ديوار کان ٻاهر لڪل درين کان مٿان آهي. مٿين خانن اندر مخروطي قسم جي چٽسالي موجود آهي. جڏهن ته پلويڙي کي سرن جي ڏندي هٽي خوبصورت

بڌايو ويو آهي. هن اڏاوت جو دور 919 هـ ۽ 1513ع آهي. **ص 63**

تصوير 45 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اوپاريون پاهريون پاسو. جنهن ۾ وچ تي نظر ايندڙ لنگهه ۾ پٽر جو ٽنيو ڪُتل آهي. هن لنگهه جي ڪاپي ۽ ساڃي ونگ سان پاريون آهن. هن تعمير جي صفا ساڃي پاسي ۾ هڪ لنگهه آهي. جتان گذري ڏاڪڻين ڏانهن وڃي سگهي ٿو. **ص 63**

تصوير 46 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن جي سامهون واري پاسي جو وچ پاهر تي نڪتل گگهيءَ نموني جو آهي. جنهن جي درين ۽ پٽ ۾ پٽر جو وڏو پائو لڳل آهي. سنجٹ واري لوڙهٹ، جهالر واريون ونگون هيٹ بنياد ۾ گلن جي اُڪير آهي ۽ ڪرنگهائين لوڙهٹ لڪت سان آهي. جن جي مٿينءَ ڪنڊ ۾ تعمير ٽيل محرابيءَ هيٺان آهن. **ص 64**

باب ٽيون

پليٹ 14 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جو اولاهيون پاسو. جنهن جي وچ تي محراب نظر اچي رهيو آهي. مقبري جو پشتي جهڙو هيءُ حصو ڏاڍو خوبصورت آهي. هن پُشتي (Butress) ۾ ڪم آندل پٽر تي نهايت نازڪ ۽ هنج ٹُڪ ٽيل چٹسالي ڏسجي ٿي. هن مقبري جي ڏکڻ ۾ ڄام تماچيءَ جو مقبرو آهي (؟). لکت پٹاندر ڄام نظام الدين جي مقبري جي تعمير جو لاڳاپو 1509 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 67**

پليٹ 15 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي محراب واري پاهرئين پاسي جو پُشتو (Butress) ٽن پاڳن ۾ ورهايل آهي. پهرئين هيٺئين حصي ۾ ڪارنس جهڙي وَٹ (Moulding) آهي. ان کان سواءِ ونگن سان خانا (Arched panels) آهن. وچ واري حصي ۾ ڪنڊن وٹ نفيس چٹسالي وارا سخارا (Sikhara) اُڪيريل خوبصورت پاوا، چَڄي نموني جهلون (Brackets) آهن. جيڪي پُشتي تعمير سان اڳتي پوئتي قُرترا هلن ٿا. جڏهن ته مٿئين حصي ۾ جهروڪو ڏسجي ٿو. هي ڄام نظام الدين مشهور سمي سلطان جو مقبرو آهي. جنهن 1460ع کان 1508ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي. **ص 65**

پليٹ 16 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين مهاڙيءَ جو ڏاڪٹيون اڌ. جنهن ۾ در جي چوڌاري خوبصورت اُڪير ڏسجي ٿي. جڏهن ته محراب جي مٿئين حصي کي ٽي دريون نظر اچي رهيون آهن. جيڪي ڏاڪڻ جي روشنيءَ جي مقصد لاءِ رکيون ويون آهن. **ص 66**

پليٹ 17 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي مقبري جي اولهه پاسي محراب پٹ جو اتريون پاسو. جنهن تي هڪ خوبصورت اُڪير واري چٹساليءَ جي پٹي آهي. جيڪا نازڪ ۽ نفيس عربي ڪتابت جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. مٹان بدڪن جي قطار آهي. **ص 67**

پليٹ 18 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن ۾ هر ڪنڊ ۾ محرابي ۽ جهَلنُ وارن لٹڪڻ (Brackets Pendentive) جي تعمير ٽيل آهي. مٿي ونگن واري لٹڪڻ ۽ خوبصورت اُڪير جي قطار آهي. هيٹ تري ۾ به اُڪير جي ساڳي قطار ڏسجي ٿي، جيڪا اڻ پوري آهي. **ص 68**

پليٹ 19 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي مقبري جي اندرئين پاسي وارو محراب. جنهن جي ٻنهي پاسن کان سنڌي طرز جا نهايت خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب ۾ هڪ ٻئي مٹان تي ونگون آهن. جيڪي نهايت خوبصورت آهن. **ص 69**

پليٹ 20 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري اندر رکيل محراب واري پٹ، جنهن ۾ محراب واضح نموني سان نظر اچي رهيو آهي. مٹئين پاسي پاهر نڪتل جارو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان پاوا لڳل آهن. **ص 69**

پليٹ 21 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جو اولاهيون سامهون وارو پاسو. جنهن جي مٹئين پاسي واري چٹساليءَ جي قطار مڪمل ڪانه آهي. ان جي ڏکڻ پاسي چوديواري اندر سمن جون قبرون آهن، جيڪي پٽر جون آهن. قبر

جي سيراندي‌ءَ کان لڳل پٿر تي تاج اُکيريل آهي ۽ پاسن تي کجي‌ءَ جي وڻ جي اُکير واري چِٽ ٽيل آهي. **ص 70**

تصوير 47 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو مقبرو اندرئين اترئين پاسي محراب جي پُشتي تي کجھ مٽيرو قبي‌ءَ جھڙي نندڙي اڏاوت آهي. جنهن جي چت ۽ پاسراٽين جھڙي چٽسالي نظر اچي ٿي. کنڊن تي ننڍيون محرابيون آهن. ونگن سان پارين جي ٻي قطار ۽ سڌي سنوت ۽ اُکير جون کجھ سهيڙون آهن. تعمير جو دور 1509 صدي عيسوي‌ءَ آهي. **ص 72**

تصوير 48 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جو ٻاهريون اترين ۽ ڏاکڻيون پاسو. جن کي اُکير جون هڪ جھڙيون پٽيون نظر اچن ٿيون. اُتي اتر ۽ اولھ پاسي کان لنگھ آهن. جن ۽ پٿر جا چوکاٹا لڳل آهن. جيکي هاڻي بند آهن. **ص 73**

تصوير 49 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اترين الھنديءَ پت جو ٻاهريون پاسو جنهن جي ساڄي طرف هڪ در، ٽي دريون. وچ تي ٽن طبقن وارو محراب جو پُشتو ۽ اولاهين‌ءَ پت تي اُکير جون چوڏنهن قطارون. **ص 73**

تصوير 50 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اولاهين پت جي ٻاهرئين پاسي تي ۽ محراب کان اتر طرف وچ تي عربي تحرير آهي. اُکير جي هڪ پٽي‌ءَ ۽ بدڪن جي قطار آهي. جنهن جي ڇهنبن ۽ ڪنول گل جھليل آهي. ان کان سواءِ محراب جي پشتي تي ڪنڊ تي نفيس اُکير وارا سخارا ٻہ ڏسجي رهيا آهن. **ص 74**

تصوير 50 - الف - تصوير 49 ۽ نظر ايندڙ درين جو سلسلو موجود ڏسجي ٿو. **ص 75**

تصوير 51 - محراب جي پُشتي جي ڏکڻ ڏس کان وچون حصو. جنهن تي ڪنڊ ۽ ورن وڪڙن (Curvilinear) تي سخارا (Sikhara) ڏسڻ ۽ اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ ونگن واريون ٻاريون آهن. جيکي اُکيريل خوبصورت ننڍڙن ٿلهن جي وچ تي ڏسجن ٿيون. صفا کاپي پاسي مٿي ڇڇي نموني جھلون آهن. جيکي ور وڪڙ ڪندا هلندا وڃن ٿا. **ص 75**

تصوير 52 - محراب جي پشتي جو مٿيون اولاهيون پاسو. جنهن ۽ ونگن سان ٻاريون ڏسڻ ۽ اچن ٿيون. انهن جي ٻنهي پاسن کان هيٺان ننڍا سخارا آهن. مٿئين پاسي ونگ سان جھروکو آهي. جيکو ڇڇن جھڙين جھلن جي آڏار تي بيٺل آهي. **ص 75**

تصوير 52 - الف - ڇڇي جھڙي جھل ڏسجي ٿي. جيڪا ور وڪڙ ڪندي اڳتي هلندي وڃي ٿي. **ص 75**

تصوير 53 - محراب جي پُشتي جي وچ تي خوبصورت ونگائي ٻاري آهي. ان کان سواءِ پٿر جا پاوا آهن جيکي نهايت نفاست ۽ نزاڪت سان اُکيريا ويا آهن. هن کان ڇڇي ٻھڑا واڌڪ ۽ امليکي گلن واري چٽ سان اُکير ٽيل آهي. جيڪا اندرئين پاسي ڏسجي رهي آهي. **ص 76**

تصوير 53 - الف - صفا مٿئين پاسي رکيل دريون. **ص 76**

تصوير 54 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اولاهين‌ءَ پت جي وچ تي لنگھ وارو در، جنهن تي نئين قسم جي اُکير واري چٽسالي ڏسڻ ۽ اچي ٿي، جيڪا اسلامي روح جي نمائندگي ڪري ٿي. هي در اسلام کان اڳ واري سنڌي زماني سان پڻ لاڳاپو رکي ٿو. پر ان ۽ ڪي واڌارا آڻي هڪ وٽندڙ تبديلي ڪئي وئي آهي ۽ هڪ مسلمان حڪمران جي جڳھ ۽ ڪتب آندو ويو آهي. **ص 79**

تصوير 55 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اولاهين پت جي هيٺئين اڌ ۽ رکيل دروازو، جنهن جي چانڻ وٽ "دونون" (Sill) ڏسجي ٿو. پاسن کان سورج مکي جا اُکير ٽيل جٽ آهن. چانڻ وٽ هنيل دونو نرم سفيد پٿر (Moon Stone) جو آهي. جنهن جي مٿئين پاسي گل ۽ پاسن کان انگڙ ونگڙ تي اُکير ۽ گول دائرا آهن. چانڻ وٽ "دونو" هٽڻ جي روايت اسلام کان اڳ واري سنڌي اڏاوتي دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 79**

تصوير 56 - اترين پت جو ٻاهريون پاسو، جتي هڪ در ڏهيل ڏسجي ٿو پر اهو پوءِ بند ڪيو ويو آهي، جنهن جي سامهون قبر نظر اچي رهي آهي. اولھ واري‌ءَ پت کان اُکير جون پٽيون آهن. جيکي هلنديون اچن ٿيون. سردر تي هڪ تاريخي لکت موجود آهي. **ص 79**

تصوير 57 - اوپر واري پت جو ٻاهريون پاسو، جنهن ۽ مٿي ونگ سان هڪ دري آهي ۽ هيٺ جافري سان دري ڏسجي

ٿي. اتر واريءَ پت کان اُکير واري چٽساليءَ سان خوبصورت پٽيون آهن جيکي هلندين آيون آهن. **ص 80**

تصوير 58 - اترينءَ پت تي نظر ايندڙ سنجٽ ۽ سونهن هتي بدکن جي اُکيريل قطار بدران پٿر جي ٽڪ جو ٻيون طرزون پڻ آهن، جيکي هتان جي قديم سنڌي روايتن تان ورتيون ويون آهن. **ص 80**

تصوير 59 - اتر واريءَ پت جي هيٺئين پاسي جي اُکير ۽ سنجٽ، جنهن ۾ هم چورس اُکير واري ڏاکڻ وانگر رکيل آهي، جيکا هڪ گل جي قطار جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان کان پوءِ وري ٻه گل جهڙي اُکير جي قطار آهي. جنهن جي چوڌاري هم چورس اُکير واري چٽن جي طرز ڦري اچي ٿي. در جي چوڪاڻي جي چوڌاري ٻه گول دائري جي پٽي آهي. **ص 84**

تصوير 60 - سلطان جام نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري جي اوپارين مهاڙيءَ جي اُکير جي چٽسالي ۽ واري خوبصورتي، جنهن ۾ عربي تحرير جي فن خطاطيءَ جو ڪمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جو سلسلو اتر پاسي کان هلندو ايندو ڏسجي ٿو، جيکو مٿي نظر ايندڙ ونگاڻي دريءَ جي ٻنهي پاسن کان ٻه ڏسڻ ۾ اچي ٿو. **ص 84**

تصوير 61 - سلطان جام نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري جي اوپارينءَ پت ۾ جافري لڳل دري ڏسجي ٿي. جنهن ۾ چٽسالي ۽ جا انڪُنبا آهن، جيکي دريءَ جي ونگاڻينءَ جاريءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. صفا مٿئين پاسي هڪ گل جي چٽسالي ۽ واري طرز آهي. هن چوڪنڊي خاني ۾ ونگاڻي جافري ڪري اهڙا ٽڪنبا (Spandrels) نهي پيا آهن. جن جو ڪنڊون هڪ ٻئي کان گهٽ وڌ آهن. جن ۾ چٽسالي ۽ جا نمونا ٻه مختلف آهن. جيکي امليکي ۽ ڪٽي گڏوڇڙ امليکي ۽ اليکي چٽ آهن. **ص 85**

تصوير 62 - سلطان جام نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري جي اوپارين مهاڙي جي مٿئين پاسي جي اُکيريل چٽسالي، جنهن ۾ خوبصورت طرزن جون ٽي قطارون آهن. جن ۾ عربي تحرير ٻه شامل ڪري سگهجي ٿي جيکا دري وٽ پهچڻ کان اڳ پوري ٿي وڃي ٿي. **ص 86**

تصوير 63 - سلطان جام نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري جي ڏاکڻين پت جي مهاڙيءَ جي مٿئين پاسي وارو حصو، جتي مٿئين حصي جي اُکير جي طرز جي فقط هڪ قطار ڏسجي ٿي. جيکا هلندي وڃي چيڙي تائين پهچي ٿي. باقي ٻيون قطارون پوئتي کُٽي وڃن ٿيون. چوڌاري ڦري ايندڙ پٽيءَ (Freeze) وارن چٽن جون ٽي طرزون آهن، جيکي اتر ۽ اوپر واري پاسي کان ڦري اچن ٿيون. اصل ۾ اهي طرزون بدکن جي جاءِ تي رکيون ويون آهن. پر پوءِ ٻه اڻ پوريون آهن. جام نظام الدين جي مقبري جي اوپارينءَ مهاڙي ۾ نظر ايندڙ لنگهه ۾ رکيل پٿر جو چوڪاڻو، جنهن کي پٿر جي اوساري ڪري اڏ بند ڪيو ويو آهي. چوڪاڻي جي پاسن تي گول چٽ مٿئين پاسي عربي تحرير ۾ چانئڻ وٽ نرم سفيد پٿر (Moon Stone) جو دونون (Sill) لڳل آهي. چَوڪاڻي پرسان جارو ٻه رکيو ويو آهي. **ص 86**

تصوير 64 - ڏاکڻين لنگهه ۾ لڳل پٿر جو چوڪاڻو، جنهن کي پٿر جي اوساريءَ سان اڏ بند ڪيو ويو آهي. جنهن جي وٽ سان امليکي ڏوريءَ جهڙي اُکير ۽ سردر تي عربي تحرير ڏسجي ٿي. جڏهن ته چانئڻ وٽ اچي نرم پٿر جو "دونون" (Sill) لڳل آهي. چوڪاڻي جي تري ۾ جارو ناهيو ويو آهي. جنهن ۾ هيري ڪَٽِ (Diamond) طرز جي اُکير ٽيل ڏسجي ٿي. **ص 87**

تصوير 64 - الف - محراب جي اندرئين پاسي چٽساليءَ جو سلسلو. **ص 87**

تصوير 65 - سلطان جام نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري ۾ اولاهين پت ۾ رکيل محراب اندر ڪنڊ واري محرابيءَ (Squinch) ۾ ڇڇي وانگي پٿر رکيل آهن. جنهن جي آڌار تي محرابيءَ جي ونگ ٻيهاري وئي آهي ۽ محرابيءَ اندر ڇڇي جهڙو هڪ پٿر لڳل آهي جنهن هيٺان لٽڪڻو (Pendentive) هنيو ويو آهي. **ص 88**

تصوير 66 - سلطان جام نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري اندر تعمير ٽيل مکيه محراب جي مٿان جهلن جهڙي ڇڇي جي آڌار تي ٻيهاريل جارو آهي. جنهن جي اندرئين پاسي ٻه چٽسالي آهي. مٿئين پاسي وَرَ وڪڙ وارن جهلن مٿان ڇڇن جي اڌاوت ٽيل آهي. ڇاڻايل جاري جي ٻنهي پاسن کان سڌيءَ سنوت ۾ ونگن سان خانا آهن. **ص 89**

تصوير 67 - اولهه وارو محراب، جنهن مٿان هڪ ٻئي هيٺان ٽي ونگون آهن. محراب جي بنهي پاسن کان پٿر جا خوبصورت پاوا ڏسجن ٿا. ٽئين ونگ هيٺان ٻڌاپاوا آهن. وچئين ونگ جي بنيادن ڪان هڪ اهڙي شيءِ اپرندي نظر اچي ٿي، جيڪا سجاٽي ڪاڻ ٿي سگهجي. هيءَ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ ديوار ۾ ڇڇي وانگي بنوڙو (Corbelled) رکي ونگ ناهي ويندي آهي. **ص 90**

تصوير 68 - سلطان جلال نظام الدين عرف جام نندي جي مقبري ۾ ٺاهيل محراب جي باهرين پاون جا خوبصورت، نازڪ ۽ نفيس اڪيريل وارا ڇت ۽ هم چورس بنياد تي بيٺل ونگن وارا خانا نظر اچي رهيا آهن. پاون جا مٿيان پاسا مٿي رکيل ٻن ٽانون جهڙي چٽن واري طرز وٽ پهچي ختم ٿين ٿا. پاون جي هيٺئين پاسي تاج جهڙي طرز جو ڇت آهي، جيڪو گلن جهڙي طرز جي اڪير جو هڪ تسلسل آهي. **ص 90**

تصوير 68 - الف - محراب جي اندرئين پاسي جٽسالي جو تسلسل. **ص 90**

تصوير 69 - محراب جي ڏاکڻين **مهاڙيءَ** جو بي ۽ ٽئين ونگ جي وچ واري حصو، جنهن ۾ مٿين ٻن پٽين ۾ عربي تحرير ڏسجي ٿي. هيٺئين پاسي ٻه اڪير جون مختلف طرزون آهن. وٽ واري مٿئين جٽسالي ۽ هم چورس طرز جي اڪير جي وچ تي وٽ - ڇت آهي. ان کان سواءِ هم چورس ڇت جي وچ ۾ گل جي طرز واري جٽساليءَ ڏسجي ٿي. **ص 91**

تصوير 70 - محراب جي اندرئين بي ۽ ٽئين ونگ جي وچ واري حصي جي خوبصورت جٽسالي، جنهن ۾ طرز جون اهي ساڳيون قطارون ڏسجن ٿيون، جيڪي ڏاکڻين پاسي آهن. ٻر هن پاسي وڻ جي اڪير جا وڏيڪ نمونا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڪنهن حد تائين گجراتي اڪير نموني سان ويجهڙائي رکن ٿا **ص 92**

تصوير 71 - محراب جو صفا اندريون پاسو، جنهن جي هر پاسي تي ٻنا پاوا رکيل آهن. هڪ پاسي اهي ٻڌاپاوا هڪ ونگ کي ٽيڪ ڏيون جهليو بيٺا آهن ته ٻئي پاسي ونگ جي مٿان نظر ايندڙ خانو ٻه انهن جي آڏار تي بيٺل ڏسجي ٿو. سامهون وارو پاسو ونگن وارن ٽن خانن ۾ ورهايل آهي. جيڪي اُپيءَ طرز جا آهن. ليٽيل سنوٽ ۾ اُڪير جي طرز جون قطارون ڏسجن ٿيون، جن کي سنهڙا ٻنوڙا يا وٽيون ڏئي الڳ ڪيو ويو آهي. **ص 94**

تصوير 71 - الف - محراب جي مٿئين پاسي عربي تحرير. **ص 94**

تصوير 71 - ب - مسجد اندر محراب. **ص 96**

باب چوٽون

پليٽ 22 - چوڏيواري اندر نهيل مرزا باقي بيگ ترخان جي مقبري جو محراب جي اندريون پاسو. جنهن جي صفا مٿئين حصي ۾ ڪنگرا اڏيل آهن. هيٺئين پاسي اُڪير جي سادي طرز آهي. محراب سادو آهي. پر ان واري خاني جي ڪنڊن ۾ هڪ هڪ گل جي اُڪير ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ محراب جي هر هڪ پاسي تي هڪ پائو موجود آهي. سامهون نظر اندر قبر تي رکيل پٿر ترخاني طرز تي اُڪيريل آهن. جنهن مطابق قبر جا پٿراوان لوڙهٽ مختلف پاڳن ۾ ورهائجي ويا آهن (1584ع-1572ع). **ص 97**

پليٽ 23 - زنانين قبرن جي وانگاڙي جي لنگهه وارو در. هي زنانيون قبرون مرزا باقي بيگ ترخان جي گهراڻي جي عورتن جون آهن. هيءَ زناني چوديواري مرزا باقي بيگ جي مقبري سان بعد ۾ شامل ڪئي وئي آهي. لنگهه جي پٽريلي چوڪاني تي ڏاڍي خوبصورت اُڪير ڪئي وئي آهي، جنهن جي مٿان ڪنگرن جي تعمير ۽ ان جي هيٺان اُڪير جون ٽن طرزن جون ٽي قطارون آهن. **ص 98**

پليٽ 24 - مرزا باقي بيگ جي وڏي چوديواريءَ اندر مردن جي قبرن جي نندي چوديواري جي لنگهه جي در جو چوڪانو. جيڪو سادو نظر اچي رهيو آهي. تعمير جي مٿان ڪنگرا ۽ انهن جي هيٺان اُڪير جون ليٽيل سنوٽ ۾ ٽن نموني جي چٽن جون قطارون آهن. **ص 99**

پليٽ 25 - بديع الزمان جي آٿ - ٽنيي ڇٽيءَ جهڙي مقبري جو اندريون مٿيون پاسو. جنهن تي هڪ مور جي تصوير آهي. جيڪو نانگ تي چڙهيو بينو آهي ۽ ڪاوڙ مان ڪيس ڏهنگا هٽي رهيو آهي. تعمير جو تعلق 1602 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 100**

پليٽ 26 - مرزا بديع الزمان جي مقبري جي ٻئي ٽنيي جو اندريون پاسو. جنهن تي مٿي ٻه بدڪون نظر اچن ٿيون. جيڪي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيون بينيون آهن. ان کان سواءِ بين پٽرن تي ٻه ڪجهه چٽسالين جون طرزون اُڪيريل آهن. جيڪي گهٽي عرصي گذرڻ کان پوءِ ڳري چٽي ويون آهن. ڪنهن طرز جو صحيح پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. **ص 100**

پليٽ 27 - سلطان ابراهيم خان جي اولهه پاسي اٿ - ٽنيي ڇٽيءَ وارو مقبرو آهي. جنهن جي ٽنين تي ڪنهن ٻه قسم جي چٽسالي نه آهي. پر ان اندر موجود قبرن تي ترخاني طرز جي چٽسالي ٽيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 101**

پليٽ 28 - ٽلهي تي طغرل بيگ جو ڇٽي نما مقبرو. جنهن جي اولهه پاسي تي اُڪيريل مسجد آهي. ان جي ٻنهي پاسن کان ننڍڙا مينارا تعمير ٿيل آهن. ڇٽيءَ جهڙو هي مقبرو ٻارهن ٽنين تي بينل ڏسجي ٿو. جنهن ۾ اُڪيريل طرز موجود آهي. **ص 101**

پليٽ 29 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جا هر چورس ماپ جا ٽنپ، جن تي چٽسالين جو خوبصورت نمونو نظر اچي ٿو ۽ سردر ٽنين تي رکيل آهن. جڏهن ته ڪنڊن وارن ٽنين تي ٽي سردر رکيل ڏسجن ٿا. هن مقبري ۾ اُڪير جي هڪ نئين طرز نظر اچي ٿي. **ص 102**

پليٽ 30 - مرزا جان بابا جي مقبري جي چوديواري جي ڏاکڻي ۽ اوپارين مهاڙي. ڏکڻ واري پت ۾ ٽنين جي مدد سان ڏيڍي تيار ڪئي وئي آهي. لنگهه واري در جو مٿيون پاسو اوچو آهي. ان جي ٻنئين پاسي هڪ مقبرو ڏسجي ٿو. جيڪو ڍهڻ کان بچي ويو آهي. **ص 103**

پليٽ 31 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ڏاکڻين اندرئين پاسي تي نظر ايندڙ اُڪير. لنگهه جي در جي چوڌاري نظر ايندڙ خاني ۾ هڪ بنا اُڪير جي پٽر جو چوڪانو آهي. جنهن جي چوڌاري نهايت اعليٰ معيار جي اُڪير ڏسجي ٿي. **ص 104**

پليٽ 32 - مرزا جان بابا جي مقبري ۾ تعمير ٿيل محراب جو ٻنيون پاسو جنهن تي اعليٰ طرز جي اُڪير واري چٽسالي نظر اچي ٿي. محراب جي اتر - اولهه واري ڪنڊ کي ڪيترن ئي ونگاين بارين ۾ وندبيو ورهايو ويو آهي. جن اندر آکڙي طرز جي اُپريل اُڪير سان گڏ بيون ٻه چٽسالين جون گلن جهڙيون طرزون آهن. جيڪي پاڻ ۾ گڏيل وڇڙيل آهن. **ص 105**

پليٽ 33 - مرزا جان بابا جي مقبري جي محراب جي ٻئين پاسي اولاهين پاسي وارو مٿيون حصو. جتي ونگن سان تي خانا ڏسجن ٿا ۽ هو هڪ خاني اندر آکڙي طرز سان پويٽ ۽ گلن جهڙيون مختلف طرزون گڏيل وڇڙيل صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. **ص 106**

پليٽ 34 - مرزا جان بابا جي مقبري جي اندرئين پاسي واري ڪنڊ. جتي نظر ايندڙ ونگائن خانن اندر آکڙي طرز واري چٽسالي موجود ڏسجي ٿي. تقسيم ڪرڻ وارن پيٽن ۾ ٻه هلڪي اپريل آکڙي قسم جي ساڳي طرز رکيل ڏسجي ٿي. **ص 106**

پليٽ 35 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ٻاهرين ديوار ۾ نظر ايندڙ آکڙي طرز جي اُڪير وارا خانا - اهڙي آکڙي اُڪير مٿان پويٽ رکيو ويو آهي. طرز اڳئين جهڙي آهي. **ص 103**

پليٽ 36 - مرزا جان بابا جي مقبري جي محراب جو خوبصورت اندريون پاسو. جنهن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت پاوا رکيل آهن. بتي ٻارڻ لاءِ ڇڄي جهڙي ڏياکي تعمير ڪئي وئي آهي. ونگ جي اندرئين پاسي پٽر جي ڏندڙي ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ اليکي (Geometrical)، املیکي، (Foral) ونگائون (Arched) ۽ آکڙي (Oval) طرزون ٻه آهن. **ص 107**

پليٽ 37 - مرزا جان بابا جي قبي جهڙي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو. جنهن تي گول نموني جا خانا آهن صفا

وچ تي مٿي گل جي چٽسالي ڏسجي ٿي. جنهن جي چوڌاري ڏندڙيءَ جهڙو چٽ موجود آهي. **ص 108**

پليٽ 38 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ ونگ سان لنگهه وارو در، جنهن ۾ پٿر جو چوڪاڻو ڪتب آندو ويو آهي. جنهن جي چوڌاري هڪ چوڪنڊي باري آهي. ٻنهي پاسن کان ديوار کان ٻاهر تي نڪتل جارا ڏسجن ٿا. هر هڪ جارو چوڪنڊي باريءَ سان ونگ جي وچ تي آهي. پٿر تي ڪيل ٽڪ يا اُڪير مٿاڇري آهي. اهو سنہ 1054ھ / 1744ع. **ص 108**

پليٽ 39 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري واري چوديواري جي اتر واري پٽ جو اندريون پاسو، جنهن ۾ وچ تي وڏيءِ ونگ سان لنگهه آهي. در جي ٻنهي ٻانهين جي پاسي سان هڪ هڪ جارو آهي، جيڪو پٽ کان ٻاهر نڪتل آهي. ان کان سواءِ پٽ ۾ گهرا اُڪيريل چٽساليءَ وارا جارا بہ نظر اچن ٿا. پٽ تي ٽيل اُڪير بہ مٿاڇري آهي. **ص 109**

پليٽ 40 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ الهندي پاسي ڏهيل محراب جي اندرئين پاسي هڪ چوڪنڊي اڏيل آهي، جنهن ۾ پڻ مٿاڇري اُڪير ڏسجي ٿي. محراب جي وچ تي پٿر مان گهڙيل ڇارين واري دري آهي. سامهون واري هر پاسي تي هڪ پائو لڳل ڏسجي ٿو. **ص 109**

پليٽ 41 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو سامهون وارو ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ ٽنهين سان وراندو آهي، جيڪو چوڌاري ڦري اچي ٿو. ساڳئي قسم جو وراندو مٽينءِ ماڙ تي بہ آهي. وچ تي اوچي چوڪنڊي باري جڙيل آهي، جنهن تي عربيءَ تحرير جون ٽي قطارون آهن. مٿان قبو آهي جنهن جا پاسا ٿورو ٻاهر تي نڪتل آهن. جنهن جي چوڌاري ننڍڙيون قبرون تعمير ٽيل آهن ۽ هر هڪ قبو ٻن ٽنهين جي وچ واري وراندي جي حصي تي ڏهيل آهي. جڏهن ته وڏو سفيد قبو اَٺ ڪنڊي مٿان تعمير ٽيل ڊيڊي (Drum) تي جوڙيل ڏسجي ٿو. هن تعمير جو تعلق 1054 ھ : 1644ع سان آهي. **ص 110**

پليٽ 42 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڏاکڻي پٽ ۾ تعمير ڪيل ٽن ونگاڻن جي پهرين اڏاوت آهي. هر در جي اوڃائي ٻن ٽنهين جيتري آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ٽنهي هڪ ٻئي مٿان رکيا ويا آهن. ونگن جي اندرئين پاسي پٿر جي ڪنگري يا ڏندڙي لڳل آهي. هن پاسي ڇڄي وارو پلويڙو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. تنهنڪري اٽن ڪنڊن وارو مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو ڊيڊيءَ سوڌو چٽيءَ ريت نظر اچي رهيو آهي. **ص 111**

پليٽ 43 - هينئين وراندي جي چت ٽنهين جي آڏار تي بيٺل سودرن تي تعمير ٽيل آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو ته چٽ هر چورس خانن ۾ ورهايل آهي ۽ هر خاني ۾ گل جي چٽساليءَ ڏسجي ٿي. هن قسم جي تعمير اسلام کان اڳ واري سنڌي دور سان لاڳاپو رکي ٿي. ان زماني ۾ هال يا منڊپ تعمير ڪرڻ جو اهو طريقو هوندو هو. **ص 112**

پليٽ 44 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي وراندي جو ٻاهريون منظر. جنهن ۾ صفا آخر ۾ ٻئي وراندي جي ٽنهين جي هار قطار پڻ نظر اچي رهي آهي. هي ٻن وراندن تي ٻڌل اهم اڏاوت آهي. جنهن جا ٻئي وراندا مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوڌاري ڦري اچن ٿا. **ص 113**

پليٽ 45 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري ۾ هڪ نرالي طرز جو ٽنپ جنهن تي مٿي تاج (Capital) وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٽيل ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هر چورس ٽنپ واري حصي تي املڪي چٽسالي بہ نظر اچي رهي آهي، جنهن جي اُڪير هيٺ گهري نہ پر مٿاڇري آهي. **ص 114**

تصوير 72 - ارغون دور جو هڪ مقبرو، جنهن بابت ڪا ڄاڻ نہ آهي ته اهو ڪنهن تعمير ڪرايو ۽ منجهس ڪير دفن آهي؟ هن تعمير ۾ ونگ سان لنگهه آهي، جيڪو پٿر جي ڪاڙ جي مدد سان جوڙيو ويو آهي. هن لنگهه جي ٻنهي پاسن کان پٽ ۾ گهرو اُڪيريل هڪ هڪ جارو آهي. هن مقبري جي تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 117**

تصوير 73 - هڪ قديم دور جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ڪنڊن تي محرابون جوڙي تعمير ڪي اَٺ ڪنڊي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن مقبري ۾ اندرئين پاسي اُڪير جو فقط هڪ نمونو آهي، جنهن ڪارنس (Cornice) کي وڏيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي. **ص 117**

تصوير 74 - ساڳي تعمير جي باهرئين پاسي اڌ جيترو مٿي اوڇائي تي اُڪيريل پٽرن جي هڪ قطار آهي، جنهن ۾ ڪجهه وٿي تي اُڪيريل چٽسالي‌ءَ وارو پٽر ڪتب آندو ويو آهي. اهڙي اُڪير نه ابتدائي سما دور نه وري پوئين ترخان دور ۾ نظر اچي ٿي. **ص 117**

تصوير 75 - امير سلطان محمد جي مقبري جي چوديواري، جنهن جي محراب ۾ جاري واريون دريون ۽ ٻنهي پاسن کان سامهون پاوا رکيل آهن. هن تعمير جو دور 963 هـ : 1556 عيسويءَ آهي. **ص 120**

تصوير 76 - سلطان سليمان پٽ مرزا عيسيٰ I ترخان جي مقبري جي وانگاڙي اندر قبرن جا پٽر سلطان سليمان جي قبر جي سيراندي‌ءَ هڪ اوچو پٽر نصب ٿيل ڏسجي ٿو. جنهن ۾ ونگائون جارو آهي. شايد اهو چراغ باري رکڻ لاءِ ڏيائي‌ءَ طور تعمير ڪيو ويو هوندو. ان جي مٿئين پاسي تاج (Crown) جي اُڪير ڏسجي ٿي. سلطان سليمان 1557ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 123**

تصوير 77 - مرزا صالح پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوديواري‌ءَ اندر پٽر جون قبرون، معلوم ائين ٿئي ٿو، ته جنهن قبر لاءِ پاسي سان ٻه ڊگها پٽر کُتل آهن، سا مرزا صالح جي آهي. قبر کي چئن ڪنڊن تي پاوا لڳل آهن. هن 970 هـ /1563ع ۾ وفات ڪئي هئي. هتي هڪ بي ٻ قبر آهي، جنهن کي چئن ئي ڪنڊن تي پاوا لڳل آهن. شايد اها مير زاهد محمد ترخان جي آهي، جنهن 966 هـ /1559ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 123**

تصوير 78 - مرزا باقي بيگ جي مقبري جي چوديواري جو لنگهه، جيڪو چوڪُنڊو ۽ اوچو آهي، مٿان ڪنگرا تعمير ٿيل اٿس. هيٺان پٽر جو چوڪاڻو لڳل آهي. پاسي وارين پٽين ۾ جافري‌ءَ سان دريون آهن، هن تعمير ۾ خاص فرق واري ڳالهه هي‌ءَ آهي، ته اُڪير جي طرز بلڪل نئين آهي، جيڪا ترخان دور سان تعلق رکي ٿي. هن 1586ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 124**

تصوير 79 - هبشاد ٻائي اهنسا ٻائي (Ahinsa Bai) جو پٽر سان جوڙايل مقبرو چوديواري‌ءَ ۾ ناهيل محراب جي اوچي‌ءَ اڌاوت تي اُڪير واري چٽسالي ٿيل ڏسجي ٿي. ونگائين محراب جي چوڪُنڊي خاني جي ڪنڊن تي ٻه گل چٽيل آهن. محراب جي هر هڪ پاسي تي خاني سان ونگ آهي، جنهن جي مٿئين پاسي وچ تي هڪ گل اُڪيريل آهي. ان کان پوءِ ٻنهي پاسن کان پٽ ۾ جافري‌ءَ تي ٻه دريون ڏسجن ٿيون. هن تعمير جو تعلق 1000 هـ /1591ع جي دور سان آهي. **ص 126**

تصوير 80 - ترخان دور جو هڪ گمنام اٺ - ٿنيي چٽي جهڙو مقبرو، جيڪو مرزا باقي بيگ ترخان جي وسيع چوديواري‌ءَ اندر آهي، جنهن جي ٿنين جو ڪنڊون سادیون آهن. هن اڌاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدائي دور سان آهي. **ص 126**

تصوير 81 - مرزا بديع الزمان جو اٺ - ڪنڊائون چٽي جهڙو مقبرو، جنهن جي اندر سڏي‌ءَ سنوت واري هڪ قبر آهي. مٿان مخروطي قسم جا قبا اڏيل آهن، جنهن کي گول بار ڏئي جوڙيو ويو آهي، جيڪو قبائين تعمير جو پراڻو طريقو آهي. هن اڌاوت جو لاڳاپو 1602ع سان آهي. **ص 127**

تصوير 82 - مرزا بديع الزمان جو اَٺ ڪنڊائون چٽي‌ءَ جهڙو مقبرو، جنهن جي اٺ ڪنڊائين ٿنين تي اُڪير جي هڪ نئين طرز واري چٽسالي نظر اچي ٿي. قبر واري پٽر تي اُڪير جي زنجيري رکي وئي آهي، جنهن سان قبر جي ان پٽر جي مهاڙين کي مختلف خانن ۾ وندي چڙيو آهي. **ص 127**

تصوير 83 - مرزا مرزا عيسيٰ ترخان I جي مقبري واري چوديواري اندر خوبصورت اُڪير سان اٺ ڪنڊائون مقبرو، جنهن جي ٿنين تي ترخان دور سان لاڳاپو رکندڙ نئين طرز جي اُڪير ڏسجي ٿي. هي‌ءَ 17 هين صدي عيسويءَ جي اڌاوت آهي. **ص 127**

تصوير 84 - ساڳئي مقبري سان واسطو رکندڙ چت واري اُڪيريل چٽسالي، جيڪا سما دور جي چٽ ڪان بلڪل الڳ آهي. **ص 128**

تصوير 85 - عبدالله شاهه اصحابي جي مزار کان اولهه پاسي اٺ - ٿنيي چٽي جهڙو مقبري جي اڌاوت، جنهن جي

اندرئين ۾ باهرئين پاسي ڪيترين ئي قبرون آهن. سڀئي ترخان اڏاوتي طرز جون آهن. هن مقبري جا ٽنپ بہ اٺ ڪنڊا ۽ لسا آهن. تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي. **ص 130**

تصوير 86 - هر چورس ماپ جو اٺ - ٽنيي ڇتي جهڙو هڪ مقبرو، جنهن جي ٽنهن تي ڪنهن بہ قسم جي اُڪير نظر ڪانہ ٿي اچي. هر هڪ ٽنيو پاسن جي وچ تي آهي ۽ اڏاوت ڇڻن ڪندن واري ڏسجي ٿي. هتي قبي جي تعمير جي نئين طرز ڏسجي ٿي، جنهن ۾ ونگ سان خانا رکيا ويا آهن ۽ قبي جو بنياد بہ ان ترتيب سان رکيو ويو آهي. تعمير 17 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 131**

تصوير 87 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ڏکڻ ڏسا تي هڪ گمنام مقبرو، جيڪو ڇتي جهڙو آهي، جنهن جي هر چورس لسن ٽنهن جي تاجن (Capitals) وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي اُڪيريل ڏسجي ٿي. هن تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان آهي. **ص 133**

تصوير 88 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي هڪ گمنام مقبري جي ڇت، جتي جافريءَ سان ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هيءَ تعمير 17 صدي عيسويءَ جي وچ واري زماني سان تعلق رکي ٿي. **ص 133**

تصوير 89 - مرزا طغرل بيگ جو مقبرو ۽ اولهہ پاسي تعمير ٿيل مسجد، جيڪا اوپر - اتر پاسي کان نظر اچي رهي آهي. مقبرو يارهن ٽنهن تي بينل ڇتيءَ جهڙي تعمير آهي. هن جڳهہ جو لاڳاپو 1059 هـ /1649ع سان آهي. **ص 134**

تصوير 90 - مرزا طغرل بيگ جو مقبرو، جنهن ۾ خانا ۽ گڏيل وڇڙيل قسم واريون ونگون آهن. قبي جي تعمير ۾ نواڻ نظر اچي ٿي. هن تعمير جو دور 1059 هـ /1649ع وارو آهي. **ص 134**

تصوير 91 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جي اولاهين پت ۾ ناهيل خوبصورت مسجد، جنهن جي اُڪيريل ٽنهن تي ٽيل ڪم ٽُڪَ جيان گهرو آهي. **ص 135**

تصوير 92 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جي هر چورس ٽنهن جي تاجن (Capitals) وٽ ماکيءَ جي مانارن جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ آڪڙي طرز تي هينان ۽ مٿن پوپٽ جهڙا ڇٽ ڏسجن ٿا. هيءَ اڏاوتي طرز ترخان دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 136**

تصوير 93 - هڪ پٽرائين لوڙهٽ (Cenotaph) جنهن جي وچ تي بيد مشڪ جو وڻ اُڪيريل آهي ۽ هيٺ هڪ چوپائي جانور (Quadrupeds) جي تصوير ڏسجي ٿي. صفا مٿئين پاسي بدڪون آهن، سيراندي کان لڳل پٽر تي هر چورس اُڪير جي وچ تي هڪ گل موجود آهي. تعمير جو تعلق 948 هـ /1542ع سان آهي. **ص 136**

تصوير 94 - هڪ ٽلهي تي چوڪنڊي نموني جهڙيون قبرون، جن جي پٽرن کي هر ڪنڊ تي پاوا لڳل آهن. عورتن جي قبرن جي پٽرن تي بن چوڑين جي اُڪير ڏسجي ٿي. تعمير جو واسطو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 137**

تصوير 95 - چوڪنڊي طرز جي قبرن جي پليٽ فارم تي اُڪير جا نمونا، هينئين لوڙهٽ تي ور وڪڙ ليکون، پنين سان چٽسالي ۽ ڪونج ڇٽ (Sigmas) جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. مٿئين بن تختين تي ڏاڪڻ جي ترتيب تي هر چورس ٽڪ کي قطار ۾ رکيو ويو آهي. اها طرز پڻ پراڻي آهي جنهن کي نئينءَ ترتيب سان اُڪيريو ويو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 137**

تصوير 96 - بن مان هڪ قبر جي تصوير، جيڪا ڪنهن عورت سان لاڳاپو رکي ٿي، جنهن تي سنڌ جي نون (None) طرز جي ڳهڻ اُڪير ٽيل آهي. وچ تي چندن هار (Torque) ۽ پاسن تي ڪنگڻ (Armlet) ان کان هيٺ منڊيون (Finger Rings) مٽان پنڙا (Ear rings) ۽ قبر جي پاسي تي پٽيون يا ڪڙيون (Anklets) اُڪيريل آهن. **ص 137**

تصوير 97 - بن مان هڪ مرداڻي قبر، جنهن تي هٿيار بند گهوڙيسوار جي تصوير اُڪيريل آهي. گهوڙو مڪمل طور سنجيل ڏسجي ٿو ۽ مٿي ايرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سوار جي مٿي تي پٽڪو بڌل آهي. هن جي ساڄي هٿ ۾ گهوڙي جي واڳ جهليل آهي. جڏهن تہ سندس کاپو هٿ تلوار جي مُٺي تي رکيل ڏسجي ٿو. **ص 138**

تصوير 98 - مرزا جان بابا جي مقبري جو باهريون ڏاڪٽو - اولاهيون پاسو، جنهن ۾ اولهه واري پت جي خوبصورت اُڪير نظر اچي رهي آهي. ڏاڪڻين پت ٽنهين جي مدد سان ٺهيل ڏيڏيءَ تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ لنگهه واري در سان اوچي اڏاوت نظر اچي ٿي. هن تعمير جو 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان لاڳاپو آهي. **ص 139**

تصوير 99 - مرزا جان بابا جي مقبري جو ڏاڪڻيون سامهون وارو پاسو، جنهن ۾ ٽنهين جي مدد سان ڏيڏيءَ جي اڏاوت ڏسجي ٿي. چوديواري جي باهرئين پاسي ونگن سان خانا آهن. خوبصورت اُڪير وارو اهو پاسو ايترو اوچو آهي جو پٺيان وارا ٽي چٽيءَ جهڙا مزار نظر نٿا اچن. **ص 139**

تصوير 100 - مرزا جان بابا جي مقبري جو نقشو ۽ تعميز جي رٿا بندي، جنهن ۾ مقبري جي پٽرن سان جوڙايل وانگاڙو ڪاري رنگ ۾ ليکيل آهي، جنهن تي هڪ نديڙي زناني چوديواري جو به نشان آهي. ڏکڻ پاسي ٽنهين جي مدد سان ڏيڏي پڻ ظاهر ڪئي وئي آهي ۽ اولهه پاسي کان محراب جي اوچي اڏاوت پڻ ڏيکاري وئي آهي. **ص 139**

تصوير 101 - مرزا جان بابا جي مقبري اندر تعمير ٿيل محراب وارو حصو به ان جي اوچائي، مکيه محراب جي مهاڙي ۾ ونگائين اڏاوت ڏسجي ٿي. ان ونگ جي شڪل ذري گهٽ گول آهي. پاسي سان به چوڪنڊا خانا آهن، جن ۾ گول قسم جي اُڪير موجود آهي. محراب واري خاني جي نُڪرن ۾ هڪ هڪ اُڪيريل گل چٽ ڏسجي ٿو. اندرئين پاسي اُڪير جون ليٽيل سنوت ۾ پٽيون ڏسجن ٿيون. هن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت سنڌي اڏاوتي طرز جا پاوا آهن. **ص 140**

تصوير 102 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ديوار ۾ نظر ايندڙ خانا، جن ۾ آڪڙي طرز وارن چٽن سان پويٽ نظر اچن ٿا ۽ مٿان گل جهڙي اُڪير آهي. خانن کي الڳ ڪرڻ وارن پٽين تي به ساڳئي قسم جي اُڪيريل چٽسالي آهي. مٿي ڪارنس تي اُڪير جون ٽي پٽيون آهن. **ص 140**

تصوير 103 - محراب جي پنڌئين طرف وارو اولاهيون ۽ ڏکڻ - اولهه وارو پاسو، جن تي خوبصورت خانن واري طرز موجود آهي. جنهن ۾ آڪڙي اُڪير واري طرز سان گڏ رکيل پويٽ آهن، جيڪي گڏوڇڙ گلڪاريءَ سان گڏ نظر اچي رهيا آهن. **ص 142**

تصوير 104 - مرزا جان بابا جي مقبري جي چوديواري اندر پتين وسيلي ٺهيل ٽي مقبرا جن جا ٽنيا هم چورس ۽ لسا آهن پر سندن مٿئين پاسي تاجن وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٽيل ڏسجي ٿي. هنن ٽنهي مان فقط وڃون مقبرو صحيح سلامت آهي. **ص 142**

تصوير 105 - مرزا جان بابا جي مقبري جي چوديواري اندر موجود صحيح سلامت مقبري جي چت، جنهن ۾ ونگ وارن حانن جون گهٽيون قطارون ۽ مٿي هڪ ورن وکڙن جي طرز جي سهيڙ آهي. **ص 144**

تصوير 106 - جان بابا جي مقبري اندر گول دائرن جي هڪ ٻئي کي پائيندڙ ۽ ورن وکڙن واري اُڪير جي طرز جيڪا قبي جي وچ تي مٿي نظر اچي رهي آهي. **ص 145**

تصوير 107 - مرزا جان بابا جي مقبري اندر ونگ سان خانو، اهڙا خانا ڪنڊ واري محرابيءَ جو ڪم به ڏيندا آهن. انهن محرابن جي تعمير کان پوءِ هم چورس منڊپ، اٺ ڪنڊي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ان اٺ ڪنڊي کي وري آسانيءَ سان سورنهن ڪنڊو به بڻائي سگهجي ٿو. **ص 145**

تصوير 108 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي رٿابندي ۽ زمين تي نقشو. هن مقبري جي باهران وانگاڙو ڏنل آهي، جنهن ۾ خوبصورت خانا ٺاهيل آهن. مکيه لنگهه اوپر پاسي کان آهي. اتر ۽ ڏکڻ طرف کان به به لنگهه آهن، جيڪي بند آهن ۽ محراب اولهه پاسي تعمير ڪيو ويو آهي. مکيه مقبرو ٽنهين جي آڌار تي بينل آهي، جنهن کي پاسي واريون ديواريون ڏئي تيار ڪيو ويو ٿو ڏسجي. ان کان سواءِ ٽنهين جي آڌار اڏايل به ورانڊا آهن. اڏاوت جو هي فن، گجرات جي اڏاوتي فن سان لاڳاپو رکي ٿو. **ص 146**

تصوير 109 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو هڪ اوچو حصو، جنهن ۾ ٻن پاسن کان اوچو پلويڙو ڏنل

آهي. ٽنهن واري ورانڊي ۾ ننڍڙيون قبيون تعمير ڪيون ويون آهن. اتاهون قبو گڏيل ونگن تي بيهاريو ويو آهي. **ص 147**

تصوير 110 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي محراب کان ٻئي پاسي جيڪڏهن ترجو ڏسبو. ته الهنديءَ پٽ ۾ هڪ وڏو ۽ گهرو جارو نظر ايندو. ان کان سواءِ پٽ ۾ ونگن سان خانا ٻه ڏسڻ ۾ ايندا. **ص 147**

تصوير 111 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مکيه مقبري جي اوپر پاسي واري پٽ جي سامهون کان بيهي جيڪڏهن اولهه ڏانهن نهاربو. ته ٽنهن جي آڏار تي بيهل ورانڊا، وچ تي پٽ ۾ ونگن وارن درن جو لنگهه. مٿي ڇت تي ننڍڙيون قبيون ۽ سفيد قبو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ چوڏاري نهيل قبيون ڦول - پتين وانگي ڏسجن ٿيون. **ص 148**

تصوير 112 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي وانگاڙي جي ڏاکڻئين پاسي موجود ڪوڙي لنگهه (False entrance) کان بيهي جيڪڏهن اولهه ۽ اوپر پاسي نظر ڪبي ته مکيه لنگهه جي اوچيءَ تعمير جي هيٺين ٻن حصن ۾ ونگن وارا خانا ۽ مختلف طبقا آهن، جيڪي اصلي ماپ کان ڪجهه گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا. **ص 149**

تصوير 113 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي چوديواري جي اُترئين ۽ ڏاکڻئين پٽ ۾ تعمير ڪيل ڪوڙن لنگهن کان بيهي نظر ڪبي ته اولهنديءَ پٽ ۾ محراب جو وڏو، گهرو جارو ۽ پٽين ۾ ونگن وارا خانا ڏسڻ ۾ ايندا. **ص 149**

تصوير 114 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جو ڏکڻ - اولهه کان بيهي ڏسڻ ۾ ايندڙ منظر، جنهن ۾ ڏکڻ واري لنگهه سان گڏ ٻيون، ٻه ڪيترين مٿيون موجود آهن. ان کان سواءِ مقبري جو قبو ۽ ٽنهن جي آڏار تي بيهل ورانڊا ٻه واضح نموني سان نظر اچي رهيا آهن. سن 1054هـ/1644ع **ص 150**

تصوير 115 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي اتر - اولهه پاسي نظر ايندڙ ٽنهن جي آڏار تي بيهل هيٺيون ۽ مٿيون ورانڊو ڏسجي ٿو. ان کان سواءِ مقبري جي اڇي قبي سان گڏ ڇت تي مٿي ننڍڙيون قبيون ٻه ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، مٿئين پاسي وارن ٽنهن جي قطار ۽ اُڪيريل همچورس ٽنهن تي مٿي تاجن وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. **ص 151**

تصوير 116 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي اٺ ڪنڊي ڊيڊيءَ (Drum) جي ٻاهرئين پاسي تي نظر ايندڙ خوبصورت اُڪير، جنهن ۾ ترخاني قسم جي هڪ مخصوص طرز ڏسڻ ۾ اچي ٿي. **ص 151**

تصوير 117 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي مٿينءَ ماڙي تي ڪتب آندل هم چورس ٽنهن ۽ سردرن تي ڏسڻ ۾ ايندڙ خوبصورت اُڪير آهي جنهن ۾ مخصوص ترخاني طرز جا املڪي (Floral) گڏوڇڙ نمونا ڏسجن ٿا. **ص 152**

تصوير 118 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي ٻاهرئين پاسي نظر ايندڙ ونگ سان هڪ خانو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ ننڍو ٽنپ آهي هنن ٻنهي ٽنهن تي پيچيده اُڪير ڏسجي ٿي. جڏهن ته چوڪنڊي جي ٻنهي ٻانهين کان مٿاڇري اُڪير آهي. پر ونگائين خاني اندر اڪڙي طرز جي ٻنهي پاسن کان رکيل هڪ هڪ پوپٽ، ان طرز جي اُڪير ڇئن ٿي پاسن کان مٿي ۽ هيٺ گل جهڙي گهري اُڪير آهي. **ص 152**

تصوير 119 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي ڇت جو هيٺيون پاسو، جتي اُڪير جي پانت جي طرز جي جنسالي‌ءَ جا ڏگها سلسلا موجود آهن. **ص 154**

باب پنجون

پليٽ 46 - پکسرائين ست چڙهٽي جي تعمير. ست چڙهيٽون معنيٰ "ست ڏاکڻيون" آهي. پر ڏسجي ٿو. ته هن اڏاوت ۾ ستن بجاءِ اٺ ڏاکڻيون آهن. سڀ چڙهٽيون ڏهي ڪنا ڪيڙا ٿي ويون آهن پر هن اٺ ڪنڊيءَ جڳهه جو مکيه نقشو اڃا ٻه محفوظ آهي. ان سان گڏ ڇئن لنگهن جي مٿئين اسي ۽ اڏاوت جي ڇئن ڪنڊن ۾ چار چار هُريون (alcoves) اڃا ٻه محفوظ آهن. هيءَ تعمير 16 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 155**

پليٽ 47 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جاري جي پکسرائين مقبري جو اندريون حصو، جنهن جي آڳنڌ ۾ ڪجهه قبرون

ڏسجي رهيون آهن ۽ ونگن وارن خانن سان اولاهين پٽ ۾ قبائين مسجد ۽ تعمير ڪئي وئي آهي. مقبرو، مسجد جي اوچي پيش طاق جي اوٽ ۾ اچي ويو آهي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل آهن. هن تعمير جو تعلق 1050 هـ ۽ 1640ع سان آهي. **ص 155**

پليٽ 48 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري واري اڏ قبائين مسجد ۾ ڪاشيءَ جي سرن جي سونهن ۽ سنجٽ ڪندن وارين محرابين مٿان پاڻ ۾ گڏيل وڇڙيل پيچيده ونگن جي ترتيب سان آهي. جڏهن ته چت ۾ ڪُنڊڙي (Zig Zag) جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي. **ص 156**

پليٽ 49 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري جو منظر. جنهن جي اوپرپاسي واري پٽ ۾ تعمير ٿيل لنگهه ڏسجي رهيو آهي. مکيه مقبرو وچ تي آهي، جڏهن ته ڪاپي مندپ ڏانهن امير محمد سلطان جو مقبرو ۽ زبون ٿيل مسجد نظر اچي رهي آهي. هن تعمير جو تعلق 966 هـ : 1550ع سان آهي. **ص 157**

پليٽ 50 - سلطان ابراهيم جو اٺ ڪنڊو مقبرو جنهن جي اٽن ئي پاسن کان هريون (Alcoves) تعمير ٿيل آهن. وچ تي اوچو ۽ ويڪرن پاسن سان مخروطي قسم جو قبو ڏسجي ٿو. هن جڳهه کي نهٽ وقت ڪاشيءَ جي نيريءَ سرن سان سينگاريو ويو ٿو ڏسجي. **ص 157**

پليٽ 51 - سلطان ابراهيم جي مقبري ۾ ڪُنڊ واري هڪ هريءَ جو ويجهو منظر جنهن ۾ در جي چوڪاٽي ۾ ڳڙڪين وارو پٽر هنيو ويو آهي. مٿئين پاسي ونگائين دري ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هڪ عربي لکت آهي، جيڪا نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن تي اڇي رنگ سان خطاطي ٿيل آهي ۽ تباهيءَ کان بچي ويل سونهن ۽ سنجٽ ۾ آهي، جيڪا وڏي ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڏسجي ٿي. **ص 158**

پليٽ 52 - مرزا جاني بيگ جو پڪ سرائون اٺ ڪنڊو مقبرو. جنهن جي پٽر جي چوديواري جي اندرئين اولاهين پاسي پٽ سان مسجد جوڙي وئي آهي. هن تعمير جو تعلق 1009هـ : 1601ع سان ڏسجي ٿو. **ص 159**

پليٽ 53 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ٻاهرئين پاسي هڪ هريءَ جو ويجهو منظر. جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سرن جا خانا آهن. ڳڙڪين سان هڪ پٽرانهين دري ۽ نيري رنگ جي تر تي اڇي عربي لکت ڏسجي ٿي. **ص 160**

پليٽ 54 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن ۾ ونگن سان خانا، هڪ ٻئي سان گڏيل وڇڙيل ونگن جو هي سلسلو. جن سيني ۾ ڪاشيءَ جي سر جي سونهن واري سنجٽ رکي وئي آهي. **ص 161**

پليٽ 55 - ديوان شرفا خان جو پڪسرائون مقبرو. جنهن ۾ هُرين بدران ڪنڊن تي گول قسم جا منارا تعمير ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ ويڪرن پاسن وارو قبو ۽ ڏسجي ٿو. جنهن کي هلڪي نيري رنگ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. اولهه پاسي کان پٽ ۾ مسجد جي اڏاوت ٿيل آهي. هن اڏاوت جو تعلق 1048هـ : 1638ع سان آهي. **ص 159**

پليٽ 56 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي قبي جو اندريون مٿيون پاسو. جنهن ۾ ونگائن خانن کان مٿان ڏنگڙي (Zig Zag) چٽسالي آهي. **ص 161**

پليٽ 57 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي وانگاڙي جي اولاهينءَ پٽ لڳ تعمير ٿيل مسجد جو محراب ڏاڏو چمڪيلو آهي. جنهن جي ٻنهي پاسن کان ونگاوان خانا آهن. جن اندر ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي. **ص 162**

پليٽ 58 - پڪ سرائين ڏبگير مسجد. جنهن ۾ اوپر طرف ٽي ونگاوان لنگهه ڏسجن ٿا. سامهون واري پاسي ٻنهي ڏسائن کان مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. مسجد جو اگهڙ پٽرن سان جڙيل آهي. چت تي قبا ٽي ڏسجن ٿا. تعمير جو سال 1588ع آهي. **ص 162**

پليٽ 59 - ڏبگير مسجد جي وچين لنگهه جو ويجهو ڏيک. جنهن جي هر هڪ پاسي ونگاوان خانا آهن. جن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي. **ص 163**

پليٽ 60 - محراب واري وچين قبي جي فرش تي بيهي اتر پاسي نظر ڪبي ته ونگن جي ۽ ونگائين خانن جي وٽيءَ

ڪنگرين يا ڏندڙي جي قطار آهي. هن تعمير جو تعلق 1050ھ / 1640ع آهي. **ص 174**

تصوير 131 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري جو مجموعي منظر، جنهن ۾ اوپر پاسي واريءَ پٽ ۾ لنگهه تعمير ڪيو ويو آهي. اولهه پاسي کان ديوار ۾ خانا آهن. ديوار سڄي ڪري پيڄي پُري وئي آهي. **ص 174**

تصوير 132 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي چوديواريءَ جو نقشو، جنهن ۾ اولهه پاسي کان مسجد جي تعمير ڏيکاري وئي آهي. هن مقبري جي هرڪنڊ تي هُـري رکڻ بدران گول قسم جا منارا جوڙيا ويا آهن. هن اڏاوت جو دور 1048ھ / 1638ع آهي. **ص 178**

تصوير 132 - الف - دبگير مسجد جي چوڏاري موجوده دور جي تعمير ڪيل پٽ. **ص 182**

باب ڇهون

پليٽ 62 - امير محمد خان جي هڪ قبي تي مشتمل هر چورس ۽ پڪسرائين مسجد. لنگهه اوپر پاسي کان اٺس جنهن ۾ اُڪيريل پٽر جو چوڪانو لڱل ڏسجي ٿو. هن اڏاوت جي اندرئين ۽ باهرئين پاسي کان ڪاشيءَ جي چمڪدار سر ڪتب آندي وئي هي. هن اڏاوت جو تعلق 1039 ھ / 1629ع سان آهي. **ص 164**

پليٽ 63 - نٽي جي جامع مسجد، جيڪا دهلي جي شهنشاهه شاهه جهان جي حڪم سان تيار ڪئي وئي هئي. مسجد جي سامهون باغيچو آهي، جنهن لاءِ ٽي لنگهه آهن. هي ٻئي موجوده دور جو واڌارو آهن. سامهون ڦوهارو، پاڻيءَ جي ڪسي ۽ راهدارين سان بيد مشڪ جا وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1054ھ/1644ع-1057ھ/1647ع سان آهي. **ص 183**

پليٽ 64 - مسجد جو اوپاريون ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ ٽي ونگاوان لنگهه آهن، جن مان وچيون وڏو آهي. اتان گذري قبي واري مندپ ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. پر اهو پاسو هاڻي ڪاڻ جا در هٽي بند ڪيو ويو آهي. سامهون پوئين دور جي هڪ قبر آهي. هر هڪ لنگهه جي پاسي ۾ دريون آهن جن ۾ گـرل (gril) لڱل آهي. هنن سيني ۾ موجوده دور جون چمڪدار ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندیون ويون آهن. **ص 183**

پليٽ 65 - جامع مسجد جي مکيه دروازي جو اندريون پاسو. جنهن ۾ ڪاڻ جا در لڱل آهن. بنيادن کان وٺي وچ واري حصي تائين پٽين تي مينا ڪاري جو ڪم ڏسڻ جهڙو آهي. هن نندي قسم جي قبي اندر ۽ هينئين پاسي گڏيل وچڑيل ونگن ۽ محرابيءَ جي چٽسالياءَ ۾ موجوده دور جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندیون ويون آهن. **ص 184**

پليٽ 66 - جامع مسجد جي مکيه لنگهه جي پنئين پاسي قبائين اڏاوت هينان ڪمري واري چت ۾ ڪاشيءَ جي سرن کي ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ گڏيل وچڑيل پيچيده قسم جون ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. صفا مٿي وچ ٽي سورج مُـکي گل جو چٽ آهي. منظر مان ائين لڳي رهيو آهي جڙ آڪاس ۾ تارا ٽم ٽم ڪري رهيا هجن. **ص 185**

پليٽ 67 - جامع مسجد جي ٻئي قبي جي ڪمري جي چت، جنهن ۾ موجوده دور جي ڪاشي ڪتب آندي وئي آهي. هتي معلوم ٿيندو، ته پراڻي دور جي چٽسالياءَ کي ورجايو ويو آهي.ان کان سواءِ وچ واري حصي کي اڇين ليکن سان سجايو ويو آهي. **ص 185**

پليٽ 68 - جامع مسجد اندر واري آڱڻ جنهن ۾ اولهه اتر ۽ ڏکڻ پاسي وارين ايوانن جي مهاڙين جي چٽسالي ڏسجي رهي آهي. هتان کان اولهه ۾ اوجو مقصوره ڏسجي رهيو آهي. تنهنکري مسجد جي محراب وارو مکيه مرڪزي قبو اوٽ ۾ اچي ويو آهي ۽ نظر ڪونه ٿو اچي. **ص 186**

پليٽ 69 - جامع مسجد جي اندرئين اترئين ايوان جي مهاڙي، جتي ونگايون اڏاوتون ۽ اتر وارو قبائون مرڪزي لنگهه نظر اچي ٿو. جنهن ۾ سونهن ۽ سنجٽ لاءِ ڪاشيءَ جون سرون ۽ ونگن جي هينئين ۽ اندرئين پاسي پٽر جا ڏڳها ٽڪر ڪتب آندا ويا آهن. وچ تي گچ سان نهيل اڇي قبر نندي ماپ جي پلويڙي کان مٿي چٽي نظر اچي ٿي، جنهن جي

۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي. **ص 163**

پليٽ 61 - دبگير مسجد جو وڇيون محراب، جنهن جي سامهون واري پاسي تي پٽر تي ٽيل اُڪير وڇي اڏوگابري بڇي آهي. هوا لاءِ پاسي کان ونگن سان دريون رکيون ويون آهن. مٿئين پاسي تي ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال ڏسجي ٿو. **ص 164**

تصوير 120 - شيخ جيئي جي پڪ سرائين ۽ گچ جو ليپو ڏنل مقبري جو ڏاکيڻون ٻاهريون پاسو، جنهن جي ڪاڇي ويل ڇت ۾ ايپيءَ طرز جا خانا ۽ هم چورس جارا آهن. در ۾ پٽر جو چوڪاڻو لڳل ڏسجي ٿو. ان سان گڏ هڪ ننڍو ونگائون لنگهه به آهي، جتان گذري ڏاکڻ تائين پهچي سگهجي ٿو. صفا مٿي محرابيءَ جهڙو اڌ - قبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. **ص 166**

تصوير 121 - ارغون دور جو هڪ گمنام مقبرو، جنهن جي ٻاهرئين پاسي هڪ ٻئي اندر چوڪنڊا خانا جوڙيا ويا آهن. ان کان سواءِ بنيادن کان ونڍي وڃئين حصي تائين پٽر جي اوساري ڏسجي ٿي. ڇت جي پنئين پاسي محراب جي اوچي اڏاوت موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي. **ص 166**

تصوير 122 - ارغون دور جي هڪ گمنام مقبري جو اوپاريون ٻاهريون پاسو، جنهن وچ تي لنگهه ڏسڻ اچي ٿو. هن جي هر هڪ پاسي تي هڪ ٻئي مٿان ونگن سان خانا آهن. ونگائين لنگهه مٿان دري آهي، جيڪا ڇڳل آهي. هتي وڏيءَ ونگ جي نئين طرز ڏسجي ٿي. هي 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 167**

تصوير 123 - ارغون دور جي گمنام مقبري اندر پٽرانهين لوڙهه آهي، جنهن جا ٻه طبقا آهن. هن قبر تي اُڪير جي ٻن نموني چٽسالي‌ءَ جي وچ تي عربي تحرير آهي. **ص 168**

تصوير 124 - ست چڙهٽي جو ڏکڻ - اولهه پاسو، جنهن جي مکيه لنگهه واري ڏاکڻ کي ست ڏاڪا آهن. جيڪي وچ تي نظر اچي رهيا آهن. بنيادن وٽ پٽرن جي اوساري ڏسجي ٿي. ڪندن وٽ ٽي محرابي لنگهه آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 صدي عيسويءَ جي آخري حصي سان آهي. **ص 169**

تصوير 125 - ست چڙهٽيءَ جي اٺ ڪندي منڊپ (Hall) جنهن جي فرش تي گچ سان لنبيل قبرون آهن، هر ڪنڊ تي هڪ وڏو محراب موجود آهي. هنن محرابن کي ڪاشيءَ جون سرون هٽي خوبصورت ٻڌايو ويو آهي. هتي ونگ سان هڪ لنگهه آهي. جتان گذري پر واري ڪمري ۾ وڃي سگهجي ٿو. مکيه لنگهه واري ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل ڏسجي ٿيون. **ص 171**

تصوير 126 - دبگير مسجد جي مکيه ونگائين لنگهه جي ٻاهرئين پاسي واري ونگائين خاني ۾ سونهن سنڍت لاءِ ڪاشيءَ جون چمڪٽيون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. جيڪي ڏنڊائين ونگ (Multicusped Arch) ۾ موجود ڏسجن ٿيون. هن چٽسالي‌ءَ طرز جي مرڪزي تصوير ائين آهي جڙ ڪا ڪوراڙ بلا وکڙ هٽندي وڃي رهي آهي. هن اڏاوت جو دور 1588ع آهي. **ص 171**

تصوير 127 - مرزا جاني بيگ جي مقبري واري چوڏيواري ۾ در جهڙو لنگهه. جنهن تي عربي لکت آهي، جيڪا در جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان سان گڏ خانن جو هڪ سلسلو آهي. اهڙيءَ ريت هڪ ڇهنبدار ونگ اندر گلن جي طرز واري چٽسالي رکيل ڏسجي ٿي. **ص 172**

تصوير 128 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو نقشو، جنهن ۾ اٺ ڪندي مقبري کي پٽر جي چوڏيواري وانگاڙو آهي، جنهن کي اوپر کان لنگهه ۽ اولهه پاسي کان پت ۾ محراب جوڙيو ويو آهي. هن مقبري کي چار لنگهه آهن. ٽن ڪُنڊن ۾ ٽي هر ٻئين ۽ چوٽينءَ ڪنڊ ۾ ڏاکڻ جوڙيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو زمانو 1601ع آهي. **ص 172**

تصوير 129 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اڌ حصو، جنهن ۾ سونهن ۽ سنڍت لاءِ خانن ۾ ڪاشيءَ جي سر کي ڪتب آندو ويو آهي. ڇت ۾ گڏيل وڃڙيل ونگون ۽ ڪنڊڙو (Zig Zag) ڇت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. **ص 173**

تصوير 130 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري ۾ اولهه پاسي تعمير ڪيل قبائين مسجد جي محراب جو پنيون پاسو، جنهن ۾ اٺ ڪندي ڊيڊيءَ (Drum) جي مٿان نبات جهڙو جو قبو تعمير ڪيو ويو آهي ۽ ڪارنس وٽ

هيڻان ٻين جي مقابلي ۾ وڏي ونگ ڏسجي ٿي. **ص 186**

پليٽ 70 - مسجد جي اترئين حصي، ٽنهن وسيلي جدا ڪيل پاسي کان ٻيهي جيڪڏهن نهاربو، ته ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هڪ منظر ڏسڻ لاءِ پڪل ڳاڙهين سرن جي ونگن جو سلسلو نظر ايندو. **ص 187**

پليٽ 71 - محراب جي اولهه پاسي واري مهاڙي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سر جي استعمال جو ڏاڻءُ ۽ ڏات جو سدا بهار نظارو موجود آهي، اڌ قبي جهڙي محراب اندر سفيد رنگ جي ليپي جي تر تي Talac tite چٽ آهي. پنڻين پاسي ڳڙڪين واري دري ڏسجي ٿي. **ص 187**

پليٽ 72 - محراب جي ڪنڊ ۾ هڪ محرابيءَ اندر ڪاشي جي سرن جا خانا ٺاهيا ويا آهن، جيڪي بنيادن کان ونڊي محرابيءَ جي وچ تائين آهن. اندرئين مٿي پاسي به ونگون ٺاهيون ويون آهن. **ص 188**

تصوير 133 - مسجد محمد بن قاسم، جنهن ۾ ٽن قبن واريون به جڳهون شامل آهن. ڏاکڻ ٻنهي مسجدن جي وچ واري حصي ۾ تعمير ڪئي وئي آهي. قبن جي چوڌاري پٽي ڏسجي ٿي. لنگهه ونگ سان آهي، جتان گذري ڪري چوديواري اندر پهچي سگهي ٿو. اها اڌاوت 17 هين صدي عيسويءَ جي آخري دور جي آهي. **ص 192**

تصوير 134 - مسجد محمد بن قاسم جو پٺيون پاسو، جنهن ۾ محراب واري ٻاهر ڏانهن نڪتل اڌاوت ۽ ونگن سان دريون آهن. **ص 192**

تصوير 135 - مسجد محمد بن قاسم جي چوديواريءَ جي اتر - اوپر پاسي تعمير ڪيل منارو، جيڪو گول ۽ ٻن منزلن تي ٻڌل آهي. صفا مٿان قبي جهڙي شڪل اتس. هيءَ اڌاوت 17 هين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان لاڳاپيل آهي. **ص 193**

تصوير 136 - مسجد محمد بن قاسم جي مناري ۾ ڪاٺ جون ٻاهر نڪتل جهلون، جنهن جي آڌار تي جهروڪو ٻيهاريو ويو آهي. قوي امڪان آهي، ته ڇاڻايل جهروڪو آڏان ڏيڻ لاءِ ڪتب ايندو هجي. **ص 193**

تصوير 137 - شاهجهان مسجد جي هڪ قبي جي چت، جنهن ۾ وچ تي هڪ گول نشان آهي، جنهن جي چوڌاري ستارا چمڪندي ڏيکاريا ويا آهن. هن منظر مان معلوم ائين ٿئي ٿو، ته اهو گول نشان سج جو آهي. **ص 198**

تصوير 138 - شاهجهان مسجد، جنهن ۾ بنيادن کان ونڊي وچ حصي تائين هڪ خانو ڏسجي ٿو. جنهن ۾ سفيد ليکن جي وچ تي گل جو چٽ رکيل آهن، اهي گل به مختلف اليکي شڪلين ۾ ڏسجن ٿا. **ص 202**

ارپنا

لطيف سائينءَ جي پياري دوست

مخدوم نياز

جي

نانءِ

جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ثقافت جو وڏو رکوال هو.

سندس تقرير جي دل ۾ لهي ويندڙ اکرن ۽ جملن جي

جادوءَ ۾ موهجي لطيف سائين چيو تہ:

"لکين ڪيا لِسان سين، لاهوتين لوڙا"،

(هُو پنهنجي زبان سان دلين تي ڏاڙا هٽي ٿو.)

سنڌيڪار


Old native Map of Sind from the Ashkalu-l-Bilad as reproduced in Sir H.M. Elliot's History of India as told by its own historians.' It is very similar to that of Istakhri
Map of SIND representing Major Raverty's first and third maps in his article on the Mehran of Sind (Journ. Beng. As. Soc. Vol. LXI, 1892), combined to show the probable coast line in the time of the Arab invasion compared with the present coast-line.
SIND
SCALE OF MILES
10 0 10 20 30 40 50
ELLIOT'S POSITION FOR DEBAL.
CUNNINGHAM'S "
HAIG'S "
RAVERTY'S "
Drawn by Henry Cotton.
KARACHI
HYDERABAD
MIRPUR KHAS
UMARKOT
SHIKARPUR
SUKKHAR
KHAIRPUR
LARKANA
THE RAN
SAND HILLS

پليٽ 2 - مڪلي جي قبرستان جو وسيع پس منظر. ساڄي پاسي مرزا جان بابا جو مقبرو آهي. ٻين قُبائن مقبرن جون اڏاوتون ٻه ڏسجي رهيون آهن جن جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ٽورو پري پنڌ تي ابراهيم سلطان جو مقبرو نظر اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ عبدالله شاهه اصحابي جي مزار پرسان قبرن جو هڪ جهڳٽو ٻه ڏسجي رهيو آهي.

پليٽ 3 - سنڌ جي آخري آزاد حڪمران مرزا جاني بيگ جو پڪسرائون مقبرو جنهن 1593ع ۾ اڪبر اعظم جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا هئا.

باب پهريون

ٺٽي جو جاگرافيائي ۽ تاريخي تعارف

ٺٽو يا ٺٽ.* سنڌي اکر ٽ، ٽي يا ٽَ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي درياهه جي ڪنڌيءَ تي آباد ڪيل هڪ وستي. سنسڪرت ۾ 'ٽاٽا اسٽا' جي معنيٰ به "درياهه جي ڪنڌيءَ تي وسندي" ٿئي ٿي[1]. مڪاني طور تي هن شهر کي ننگر ٺٽو به ڪوٺيو ويندو هو[2]. وچئين دور ۾ هيءُ تمام اهم شهر هو. هينئر پاڪستان ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علاقو آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ سنڌ جو، سونهري روايتن وارو شهر هو ۽ ادب، فن، علم، عمارت سازيءَ ۽ ثقافت جي هين شعبن ۾ اعليٰ حيثيت جو مالڪ هو. ٺٽو، چوڏهين صدي عيسويءَ کان ونجي ارڙهين صديءَ تائين، پورا چار سؤ سال سنڌ جي آزاد ملڪ واري حيثيت ۾ ملڪ جو تخت گاهه رهيو. سما سلطانن، ڪائنئ پوءِ ارغونن، تن کان پوءِ ترخانن جا آزاد حڪمرانن جي حيثيت ۾ فرمان هتان جاري ٿيا. ان کان پوءِ هتي مغل راڄ شروع ٿيو. سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ٺٽي ۾ رهندڙ حڪمران فن ۽ هنر جا قدردان هئا. جن واپار ۽ تجارت کي به زور وڌايو ۽ آزاد ماحول ڪري شاعرن، مذهبي عالمن، فاضلن ۽ صوفين جي دلين ۾ ٺٽي ڏانهن ڇڪ پيدا ٿي. سندن دلين ۾ مذهب لاءِ عقيدت ۽ اسلامي ثقافت لاءِ اڻ مَٽي پيار جي ڪري مسلمان عالمن، صوفي سنتن، مخدومن ۽ درويشن جي وڏي تعداد مڪليءَ کي پنهنجو علمي آستان بڻايو. جن پنهنجون خانقاهون ۽ مڪتب قائم ڪري مڪليءَ جي نالي ۽ مطلب کي بدلائي 'مڪ لي'[3] بنائي ڇڏيو. (جنهن جي معنيٰ آهي، هي منهنجي لاءِ مڪو آهي). ڏاري ثقافت ۽ شهري وايو مندل جي هوندي به، ٺٽي ۾ پنهنجون اصلي وصفون موجود رهيون ۽ هيءُ شهر پنهنجي سنڌي انفراديت برقرار رکندو آيو. جيڪڏهن ڪو اهڙو هنڌ، جتي اسلام، مڪاني روايتن سان گڏجي سڏجي هڪ قسم جو مخلوط نظريو پيدا ڪيو هجي، تہ اهو هنڌ فقط ٺٽو ئي ٿي سگهي ٿو. مڪليءَ جون زيارتون اڄ به وياڪل ۽ ڏکويل دلين کي اطمينان ۽ سڪون بخشين ٿيون ۽ قديم يادگارن جي لحاظ کان به اهميت جي لائق آهن، جو جو اُهي ڏسندڙ کي، اڏاوتي فن جو ڪمال، چٽسالييءَ واري طرزن ۽ نمونن جي جهجهائي واري سونهن ڏسندڙن کي هرهر ڏسڻ جي دعوت ڏين تا ۽ انهن بادشاهن، شهزادن ۽ شهزادين جي وڏائي ۽ شان جو به احساس ڏيارين تا، جن جي وڏي تمنا هئي،



تصوير 1 - محمد بن قاسم ثاني مسجد جو گول منارو جيڪو پهريداري جي مقصد سان جوڙيو ويو هو. جنهن تي چڙهي سنڌي فوجي پهريداري جو ڪم ڪندا هئا. چيو ويندو آهي، تہ پرسان ئي هڪ عرب نسل جي ماڻهن جي وسندي ٿائر هئي. هيءُ اڏاوت پير پٺي جي مقبري جي سامهون آهي جيڪا سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ جي هڪ اوچي ڪنارې جي وٽ سان جوڙيل آهي.هتن اڏاوتن جو تعلق 17 هين صديءَ سان آهي.

---

* ٺٽي شهر تي اهو ناڪو ٺٽي يا ٽَڏ منجهان پوڻ بابت تفصيل ضميمي ۾ شامل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مضمون تان ڏسو. (سنڌيڪار)

ته کين سهڻين قبرن، بارونق مقبرن ۽ من موهيندڙ قبن جي تعمير ذريعي امر سمجهيو وڃي. اڄ جو ٺٽو پراڻن اعليٰ شاهي يادگارن جي ڪري زنده آهي، جيڪو سنڌ جي اسلامي اڏاوتي فن جي ڪمال جي نمائندگي ڪري ٿو.

ڪئپٽن اليگزينڊر هئملٽن 1699ع ۾ هن شهر لاءِ چوي ٿو ته "هيءُ شهر صوبي جي تجارت جو مکيه مرڪز ۽ هڪ وڏو شاهوڪار شهر آهي، جيڪو اٺکل ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ڪن موڪرو ٽيندو. لاهري بندر کان سندس فاصلو 40 ميل آهي. ان جي اولهه طرف کان وسيع قلعو آهي، جنهن ۾ 50،000 پنجاهه هزار ماڻهو ۽ گهوڙي سوار رهي سگهن ٿا. فوجن جي رهڻ لاءِ بئرڪون ۽ گهوڙن لاءِ ڪُڙهيون جوڙيل آهن ۽ ان ئي قلعي ۾ گورنر جو محلات به تعمير ٿيل آهي. ٺٽو سنڌو درياءَ کان به ميل پري هڪ وسيع ميدان ۾ واقع آهي. ماڻهن، شهر ۾ باغن کي پاڻي ڏيڻ واسطي درياءَ مان واهه کوٽيا آهن. 1699ع ۾ شاهي باغ ڏاڍي سنيءَ حالت ۾ هئا ۽ مزيدار ميون ۽ سهڻن گلن سان ڏٺيا پيا هوندا هئا، خاص طور تي منن ڏاڙهن جي ڇا ڳالهه ڪجي، جن جهڙا منا ۽ سوادي ڏاڙهون مون ڪاٿي به چکيا ڪونه هئا." اڳتي هلي لکي ٿو ته "ٺٽي جو شهر دين، فلسفي ۽ سياست جي تعليم ڏيڻ ۾ مشهور آهي ۽ تعليم جي انهن شعبن ۾ شاگردن کي تعليم ڏيڻ لاءِ 400 ڪاليج آهن."

ان کان پوءِ جلد ئي ٺٽو تباهيءَ جو شڪار ٿيو. ان لاءِ هيئن بيان ڪيو ٿو وڃي ته "اڳيان ٽي سال ڏاڍي خشڪ سالي رهي. ان ڪري سخت قسم جي وبائي بيماريءَ منهن ڪڍيو. جنهن شهر ۾ پسگردائيءَ وارن علاقن کي ايترو، ته متاثر ڪيو جو، شهر مان 000، 80 ته اهي ڪوري مري ويا، جيڪي پَٽَ ۽ ڪپهه جي ڏاڪي کي ملائي بهترين ڪپڙي ٺاهڻ جا ماهر هئا، جڏهن ته موت جي ڊپ کان ٺٽي جي اڌ آبادي ٻين علاقن ڏانهن لڏي وئي، ان ريت شهر خالي ٿي ويو." هينري پاٽنجر، جيڪو 1809ع ۾ هن شهر مان گذريو هو، سو لکي ٿو ته "اسان گهٽو سفر ڪري اول ته ڪنڊرن مان گذرياسين ۽ پوءِ آباد شهر ۾پهتاسين." 1831ع ۾ اليگزينڊر برنس هن شهر متعلق چوي ٿو، "هن شهر جي آبادي 15000 کان مٿي ڪانه ٿيندي ۽ گهر اُن جي ڪنڊرن ۾ هتي هُتي پکڙيا پيا آهن. ان آباديءَ مان اڌ جيترن ماڻهن کي رهڻ لاءِ پنهنجا گهر به ڪونه آهن. لُنگين اُٽڻ وارا ڪوري، جن جي ڪري هيءُ شهر گهٽو مشهور هو، تن مان رڳو 125 خاندان باقي رهيا آهن. سڄي شهر ۾ چاليهه واپاري به ڪونه ٿيندا."

ٺٽي جي هن تباهيءَ کان پوءِ جلد ئي ڪلهوڙا ۽ ڪانئن پوءِ ٽالپر سردار طاقت ۾ آيا، جن سنڌ جو تخت گاهه ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي جوڙايو. قديم ٺٽو هينئر من موهيندڙ قديم آثارن جي شڪل ۾ موجود آهي. پراڻا باغ بُٽَ ٽي چڪا آهن. قلعو ويران ٿي ويو آهي. نوابن جا محلات ۽ جايون الائي ڪاڏي ويون. ٺٽي جو نئون ڪين جهڙو ۽ ننڍڙو شهر، پراڻي شهر جي ڏڙي تي تعمير ٿيل آهي، جنهن جون گهٽيون، جامع مسجد واري رستي سان جوڙيل امير خاني مسجد جي فرش کان اتاهيون آهن، شاهي بازار، نون نظارن ۽ پراڻي طرز واري ورن ۽ وڪڻن سان پريل آهي. بي ڊولا روايتي گهر، جن ۾ اندران ڪاٺ ۽ باهران گارو ٽڪيل ۽ مٽان هوا لاءِ منگهه جوڙيل آهن. مغل دور کان اڳ جي تعمير ٿيل ڊبگير مسجد اڄ انساني آبادي کان گهٽو ڏور آهي، مغل دور واري جامع مسجد، شهر جي اوپر طرف ۽ حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ نيشنل هاءِ وي جي ويجهو آهي، جنهن جي هاٿي تازو مرمت ڪرائي ويئي آهي. پر اهي ڪنڊر، جيڪي نيشنل هاءِ وي ۽ مکليءَ کان ونڊي سنڌو درياهه تائين ميلن جي حساب ۾ پکڙيا پيا آهن، سي هر ايندڙ ويندڙ جي اکين ۾ اکيون وجهي نماٽائيءَ سان گهوريندا رهن ٿا.

جاگرافيائي ٻيهڪ:

ٺٽي جو ڪمال ۽ زوال، سنڌو درياهه جي وهڪرن جي تبديلين سان لاڳاپيل رهيو آهي، جيڪو اڄ موجوده شهر کان پنج ميل اوپر طرف کان وهي ٿو. هيءُ تاريخي شهر 24 ڊگريون ۽ 46 فوٽ ويڪرائي ڦاڪ اتر، 67 ڊگريون ۽ 59 فوٽ ڊگهائي ڦاڪ اوپر ۾ واقع آهي. ڪراچيءَ کان 60 ميل اوپر، حيدرآباد کان 50 ميل ڏکڻ اولهه ۾ سنڌو درياهه جي ڇوڙ وارو



تصوير (2) - ڪلان ڪوٽ نالي قلعي جي اوپارين پٽ جنهن ۾ گول چبوترن جا نشان ڏسجي رهيا آهن. هي درياهه جي ساڃي پاسي سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع آهي هن اڏاوت جو لاڳاپو سما دور ۾ تيرهين ۽ چوڏهين صدي عيسوي سان آهي.

آخري علائقو آهي. اهو تصور ڪيو ويندو هو، ته جنهن دور کان وٽي مڪليءَ جي ٽڪري، درياڻي ڇوڙ واري آخري علائقي ۾ رهي، ته هيءُ شهر به ان دور کان وٽي آباد رهيو ۽ ڪيترين صدين کان وٽي قائم رهندو آيو آهي. فقط هڪ سؤ چاليهه سال اڳ صورتحال ڦيرو کاڌو. سنڌو درياهه جو ڦاٽ، اڄ جنهن کي اسان ڪلري واهه سڏيون ٿا، تنهنجي پيٽ ۾ لٽ پرجي ويو ۽ درياهه پنهنجو وهڪرو مٽائي ويو، نه ته حالتون هن تجارتي شهر لاءِ ايتريون مناسب هيون، جو هيءُ گهٽي وقت لاءِ غير آباد رهي ڪونه ٽي سگهيو. شهر جا نالا ۽ ماڳ مڪان ڪيترا پيرا تبديل ٿيندا رهيا آهن ۽ انهن جي تبديلين جي صحيح نموني سان اڄ نشاندهي نه ٽي ڪري سگهجي. ان جو سبب اهو آهي، ته نئين شهر يڪدم پراڻي شهر جي جاءِ ڪانه ورتي[4]. سنڌو درياءَ ۾ پائڻ واري خاصيت هجڻ جي باوجود به مڪليءَ جي مضبوط هٿ ڪري اهو علائقو درياهي ڪاڌ ٿيڻ کان آجو هو. جنهن جي ٻوروا اتر طرف ۽ درياهه جي ڪناري سان گڏيل نئي جو شهر آباد هو. جيڪو عظيم سنڌوءَ جي لاءِ جڙ هڪ لنگهه هو. مڪلي ٽڪريءَ هن شهر لاءِ پٿر جو پڪو بنياد فراهم ڪيو. سنڌو درياهه اڄ وچ ۽ رابطي جو هڪ تاريخي سلسلو پيدا ڪري وڏو هو، جنهن تي هن شاهي شهر (نئي) جي خوشحاليءَ جو وڏو دارومدار هو. حقيقت هيءُ آهي ته ننگر نئو، درياءَ جي پرسان ٽي تي آباد هو، ان ڪري مڪلي ٽڪريءَ کي اهميت ملي. پر هاڻي صورتحال بدليل آهي. اڄ مڪلي ٽڪريءَ تي موجود تاريخي يادگارن ڪري نئي شهر کي عظيم ۽ مقدس سمجهيو وڃي ٿو.

مهان سنڌو درياهه، آب سنڌ يا سنڌ جي مهراڻ، سنڌ جي ڌرتيءَ کي زندگيءَ جي جوت بخشي آهي. سنڌو درياءَ جو گڏيل پاڻي پنجاب جي پڌن تان وهي، سکر جي سوڙهي جاءِ وٽان گذري، هڪ سهڻي عورت جي ڏگهن ۽ بي ترتيب وارن جيان پکڙجندو ۽ لٽ واري ميداني علائقي ۾ اجا وڌيڪ موڪرو ٽي اڳتي هلندو ٿو وڃي. هي نڙيءَ جهڙي جڳهه هڪ سوڙهي ماڙي آهي، جنهن جي اولهه پاسي سليماني ٽڪرين ۽ اوپر طرف ڏر جو وارياسو رڻ آهي. انهيءَ منظر ۽ تصوير کي اجا به هن طرح واضح ڪري سگهجي ٿو، ته هن سوڙهي جاءِ وٽان پاڻي زور سان وهڻ کان پوءِ ڏکڻ - اولهه ڏس تي پهچي درياهه رفتار ۾ ماڻو ٽي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان مان ايرندو نارو ۽ الهندو نارو ٽڪري پاڻيءَ جو ڇڳو حصو کڻي وڃن ٿا. درياهه جي ڇاڙهه وقت ساڃي طرف اڙل واهڙ هڪ چنڊ جو ڪم ڏئي ٿو ۽ واڌو پاڻي ڇڪي وڃي منجر ڏنڊ ۾ ڪنو ڪري ٿو. درياهه جي ڪاپي ڪناري تي ڪيترائي واهڙ ۽ ڦاٽ جيئن پراڻ، ڊوروا نارو، گونگڙو، ڪليلي ۽ پجاري آهن، جن ۾

آبڪلاڻي جي موسم ۾ پاڻي ڏوڪي وڃي پوي ٿو. سنڌو درياءَ جي وهڪري جي هينئين پاسي واري تصوير ائين وڃي مڪمل ٿئي ٿي. ان کان پوءِ سنڌو درياءَ جو وهڪرو موڙ کائي اوپر ڏکڻ آهل ڪري ڪوٽڙي تائين وڃي پهچي ٿو. ٻي ٻه هڪ گولائي کائي ڪوهستان واري لڪ مان لنگهي ٿو ۽ ڏکڻ طرف واري پيٽ مان وهڻ شروع ڪري ٿو. اڳتي هلي جبلن مان نڪرندڙ نئين باران جو پاڻي ٻه اچي ساٽس پاڪرئين پئي ملي وڃي ٿو. نٽي کان گهٽو هيٺ درياهه ننڍن واهڙن ۽ وڏن ڦاٽن ۾ ورهائجي دوآبو جوڙي ٿو.[5]

تاريخ جي شعور جي اک پٽجڻ کان اڳ واري دور ۾ سکر کان هينئين طرف روهڙي وارن پوئن تي ويهي انسان روهڙيءَ جي ٽاکرائين پٽر مان اوزارن جوڙڻ جو ڪم پئي ڪيو. ڪنجهي جي پوئين دور تائين، ٽر جي اولاهين پاسي کان هڪ ٻيو درياهه ٻه وهندو هو. جنهن کي هاڪڙي جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ان جي ڏونگهي تري جا اهجاڻ اڄا ٻه موجود آهن. جنهن کي اسان ايرندي ناري جي نالي سان اڃ ٻه سڃاڻون ٿا. جنهن جي جاگرافي هن طرح بيان ڪيل آهي: ايرندو نارو، ڪنارا ڪائيندڙ درياهه جو پراڻو پيٽ آهي، جيڪو سکي ويو آهي. اهو گهٽو ڪري سنڌو درياهه سان پور وڃوٽ تي وهندو هو ۽ پنهنجي پاسي واري زمين جو لاهه مکيه درياهي وهڪري کان گهٽو پري ڏيکاريندو هو. جيتوڻيڪ ان کي ناري جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، پر هيءُ تمام گهٽو موڪرو هو. سندس ترو 8 يا 10 فوٽ هيٺ هوندو هو. روهڙي[*] ۽ نئين ڪوٽ شهرن جي وچ تي نارو يا جيئن سنڌ ۾ ڪيس هاڪڙو سڏيو ويندو آهي، ٽر جي رڻ جي وٽ ڏئي وهندو هو. نئين ڪوٽ کان پوءِ ٻه شاخون ٿي وهندو هو. ٻنهي مان وڏو وهڪرو ڏکڻ طرف اوپر آهل ونگي جي ڳوٺ کان ٽٻيندو هو ۽ پراڻ سان اچي ملندو هو ۽ ٻيو وهڪرو 30 ميل ڪن ٽر جي وٽ ڏيو وري اچي ونگا بازار هينان پراڻ سان ملندو هو. هتان کان اهو پاڻي هڪ واهڙ جي ذريعي لکپت ڏانهن وڃي وري پراڻ ۾ پوندو هو. جتي ٿي سؤ ميل جي وهڪري کان پوءِ ڪوري ڦاٽ ذريعي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.[6] ساڳيءَ ريت الهندو نارو آهي، جيڪو لاڙڪاڻي ضلعي مان وهندو، قديم شهر موهن جي دڙي طرفان ٽيندو، منچر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ان ناري متعلق ڇيو ويندو آهي، ته پاڻي جي هن وهڪري ۾ ور وڪڙ تمام گهٽا آهن ۽ پاسي سان واريءَ جون پٽون ٻه ڏسڻ ۾ ڪونه ٽيون اچن. ان ڪري سمجهه ۾ اچي ٿو، ته هيءُ وهڪرو سنڌو جي هڪ ننڍي پراڻي شاخ آهي. هيءُ واهڙ ٿوري فاصلي لاءِ سنڌوءَ جي وڏي وهڪري سان پوروچوٽ فاصلي تي هلي ٿو. پر بعد ۾ هن واهڙ کي سنڌ جي آبپاشي کاتي جي سربراهه ڪرنل جي. جي فائيف (Col. J.G Fife) سڏاري هڪ گهاڙ واهه جي صورت ڏني. هيءُ واهڙ نيٺ وڃي منچر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. جيڪا هن واهڙ جي پنهنجي واڌ هئي.[7] اهي ٻئي صوبي جو انتها اوپر ۽ انتها اولهه واريون درياهي شاخون آهن: هڪ ٽر جو ڪنارو ڏئي اوپر کان ۽ ٻي ڪيرٽر جبل جي ٽڪرين جي ڪچ ڏئي اولهه طرف کان وهندي هئي.

اُتر پاسي کان سکر، روهڙي واريون ٽڪريون، اولهه طرف کان ڪير ٽر جبل جي قطارن سنڌ ڪي بلوچستان کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌو درياءَ جي لاءِ ڇڻ هڪ پٽ ٻڌجي پئي آهي. آبي واهڙ سان سنڌ جي وچولي دور واري تاريخ ۽ خاص طور تي نٽي جي تاريخ وڏيڪ لاڳاپيل آهي. راورٽي هن[8] وچ واري وهڪري جي اروڙ کان وٺي سمنڊ تائين نشاندهي ڪئي آهي، جيڪو عربن جي حملي وقت هتان وهندو هو. هن درياهه جو هڪ واهڙ، جيڪو مڪلي جو اولاهون پاسو ڏئي گهاري ڦاٽ مان وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪنهن زماني ۾ هن ڦاٽ جي ڪناري تي پنيور واقع هو. هن قديم شهر لاءِ امڪاني طور اهو سمجهيو ويندو آهي، ته ديبل بندر جو شهر هو. جنهن کي عرب فاتح محمد بن قاسم فتح ڪيو هو. ان کان پوءِ عربن منصوره ۽ محفوظ نالي ٻه شهر هن مکيه وهڪري کان ڪجهه ڏور اوپر پاسي آباد ڪرايا هئا. اها حقيقت آهي، ته ان زماني ۾ درياهي وهڪرو بلڪل مختلف هو. اهو وهڪرو انهن عربن جي اڏايل شهرن جي پاسي کان ضرور

---

[*] Originally "Ghuda wah" which is obviously incorect.

تصوير 3 - پوئين مغل دور سان لاڳاپيل عيد گاھ جنھن جي ٻنھي پاسن کان گول منارا تعمير ڪيل آھن. وچ تي محراب اوچو آھي. ھن تعمير جو تعلق 17 ھين صدي عيسويءَ سان آھي.

مڃيندو ھوندو. پر تيرھين صدي عيسويءَ جي ڪھڙي بہ ڏھاڪي ۾ ھيءَ وڃون وھڪرو الھندي پاسي سرڪي ويو. سومرا دور جي سنڌي ٻيٽن ۾ ان جو واضح ذڪر آھي.[9] جن ۾ ماٹھن کي ٺٽي ۾ آباد ٿيڻ کان روڪيو ويو آھي، جيڪو سنڌ جي اندروني بندر جي حيثيت وٺي وڏي اھميت حاصل ڪري رھيو ھو. اھو بہ امڪان آھي، تہ ان وقت ديبل بندر لڏجي بند ٿي ڇڪو ھجي ۽ ٺٽي کي اھميت ڏيڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ متبادل وستي نظر ۾ ڪانہ ھئي. سنڌ جو وڃون درياھ جيڪو سڪر جي سوڙھي گھٽ مان نڪري پھرين روھڙي جي ٽڪرين جي سلسلي جي ڏکڻ - اولھ واري ڪنڊ سان ٽڪرائيو ھو، جنھن تي ڪوٽ ڏجي جي ڪنجھي کان اڳ واري دور جي سنڌي سيپتا واري وستي آباد آھي. امڪان اھو آھي، تہ ان وقت سنڌو درياھ جو وھڪرو انھيءَ ساڳي گھٽ مان گذرندو ھجي. ھن جاءِ تان ھن وڃين درياھ جي رخ جو لاڙو الھندي آھل لڪيءَ جي ٽڪرين ڏانھن ٿئي ٿو. ھن ساڳي وھڪري جي اولاھين ھنڌ تي ڪنجھي جي دور سان لاڳاپيل ھڪ اڳاڻي وستي آمري جو ڏاڙو موجود آھي. ان کان پوءِ ڪيرٿر سلسلي جون ٻاھر تي نڪتل اوپاريون ٽڪريون درياھ کي ورو اوپر طرف ڏکي وڃن ٿيون. موجوده دور ۾ درياءَ ڄامشوري ۽ گنجي ٽڪر تي اڏيل حيدرآباد شھر جي وڃان لنگھي ٿو. ڄامشوري ۽ حيدرآباد جي وچ تان درياھ گذرڻ وارو اھو واقعو 57-1756ع ۾ ٿيو. جڏھن درياھ نوابشاھ ضلعي جي شھر سڪرنڊ کان ڪجھ اولھ پاسي موڙو ڪاڌو. جيڪڏھن اھا تبديلي اڳ ۾ آئي آھي، تہ بہ ڪجھ ڇڻي ڪونہ ٿو سگھجي. پر جڏھن درياھ ھڪ دفعو منصوره ۽ محفوظ ڏانھن موڙو ڪاڌو تہ ان جو ٻيو موڙو ٺٽي جي پرسان مڪلي واري وٽ ٿي ھجڻ ڪپي. ان ڪري وڃولي دور واري تاريخ جي حوالي سان نگر ٺٽو فطري طور تي حيدرآباد کان قديم ھجڻ گھرجي.

جاگرافي جي ماھرن جو رايو وري ھن طرح آھي، تہ ھن درياھي ميدان جي صفا اترئين حصي ۾ (واھڙ جي وچ تي) ٽڪرين جو ھڪ سلسلو شروع ٿئي ٿو. جيڪو اتر کان ھلندو ڏکڻ ڏانھن وڃي ٿو. ان ٽاکرو علائقي جي متاڇري جي سنوت سمنڊ کان 413 فوٽ مٿي آھي. حيدرآباد پرسان وچ تي 25 ڊگريون ۽ 21 فوٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ تي، 14 ميلن جي ايراضيءَ ۾ ٿئين درجي جو ٽاکرو ۽ ھموار علائقو آھي، جنھن جي اوچائي 252 فوٽ مس ٿيندي. اھي ٽڪريون اچائيءَ جي لحاظ کان آھستي آھستي ھيٺ پرو ٿيندين اوپر آھل لڙندين وڃن ٿيون ۽ درياھ وٽ پھچي سڌيون ٿي ختم ٿي وڃن

ٽيون. ايڄا ٻه ٽورو اڳتي ڏکڻ ڏانهن ٺٽي جي پرسان، مڪليءَ جي ٽڪرين جو جدا ٻ الڳ سلسلو آهي. ڏرتيءَ جي علم جي لحاظ کان سندن عمر بلڪل ساڳي آهي. مڪليءَ واريون اهي ٽڪريون اولهه ٻ ڏکڻ آهل هيٺ هلنديون ٽيون وڃن. انهن ٽڪرين مان ڪي سخت قسم جي پٽرن واريون ٽڪريون ٻه آهن، جيڪي درياهي علائقي ۾ موجود آهن، جتي نيمولايتي (Nummulitic) چن جي پٽر جهڙو ٻ ڪيرٽر جابلو سلسلي جي جبل سان هڪجهڙائي رکندڙ پٽر موجود آهي، ٻ ان جي پرپاسي واري زمين ۾ سائي رنگ جي چيڪي مٽي ٻ سفيد چاڪ واري مٽي موجود آهي.[10] اولهه واري ٽڪرائتي علائقي کي ڪوهستان سڏيندا آهن ٻ اهو هن پاسي تي ٿي محدود ٿي وڃي ٿو. دوآبي وارو علائقو، ساموندي ڪناري واري بنيادي حد، جيڪا اتر - اوپر طرف مونزي راس (ڪيپ مونزي Cape Monze) کان شروع ٿئي ٿي، ٺٽو ان جي آخري حد سمجهڻ گهرجي، جتي ساموندي لهرون پهچي سگهن ٽيون ٻ درياهه کي سڌ 60 ميلن تائين اتر چاڙهه ڈياري سگهنديون آهن. ڏکڻ - اوپر طرف ڪڇ جي رڻ تائين دوآبو پکڙيل هو. دوآبي جي تاريخ هن ريت لکي ويئي آهي: "سنڌ جي وڏي حصي کي قديم دوآبو ڪري سمجهي سگهجي ٿو. سنڌ جي پراڻن نقشن جي مطالعي مان اسان کي معلوم ٿيندو، ته تاريخ جي مختلف دورن تائين سنڌ جي دوآبي جي بناوت ٻ جوڙجڪ ٽيندي رهي آهي ٻ سنڌو درياءَ ٻنهي طرفن ڏانهن ڪيترن ميلن تائين پئي ڦريو گهريو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي، ته ڪيترن هنڌن تي سندس وهڪرو ساڳيو ٻ هڪ جائتو رهيو آهي، ڪنهن وقت بلڪل ڏکڻ طرف ڪنيات نار (Gulf of Cambay) وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪڏهن ان جو وهڪرو اوپر ناري کان وهندو هو. سندس ڇوڙ جو تعداد وڌندو ڪُٽندو رهندو هو ٻ وهڪرن ۾ ٻه ڦير گهير ايندي رهندي هئي. ٽالمي (Ptolemy) جي قديم نقشي ۾ ست اهڙا واهڙ ڈيڪاريا ويا آهن، جي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا جيڪي پوئين دور جي نقشي ۾ ڈيڪاريل ڦاٽن کان بلڪل نيارا آهن. پراڻي دور جي دوآبي جو سرو حيدرآباد وٽ سمجهڻ گهرجي. ان پوئين دور ۾ ٺٽو دوآبي جو مرڪز رهيو. هاڻي ته گهٽو اڳتي وڌي، ڪيترائي ميل ڏکڻ طرف[11] نڪري ويو آهي.

سنڌو درياءَ جي وڃئين وهڪري جي ناتي سان ٺٽي جي حيثيت ٻ ترقي تيستائين قائم رهي، جيستائين درياهه سندس پرسان گهندي ڏئي مٽيندو هو. اهڙي صورتحال دهليءَ جي حڪمران فيروز شاهه تغلق جي زماني (1351ع-1388ع) تائين قائم رهي. پير حسام الدين راشدي[12] ان دور جي همعصر شاعر مطاهر شاهه ڪڙه جو شعر بيان ڪيو آهي:

تهتـــه کـــ آن جزيـــره بلاديســـت پـــر کهـــف

درياش يـک طـرف شـد و پنـج آب يـک طـرف

مطلب: ٺٽو جيڪو هڪ ٻيٽ آهي، اهو علائقو غارن سان پريل آهي. ڪيس هڪ پاسي کان درياءَ آهي، ٻئي پاسي کان پنج آب[13] يعني سنڌو درياهه آهي.

همعصر شاعر جي اها شاهدي ڈيڪاري ٿي ته سنڌو درياهه جي هڪڙي شاخ ٺٽي کي ٻيٽ بنائي مڪليءَ کان الڳ ڪري رهي هئي[14] ٻ ان پراڻي واهڙ جو گڻ اڄ ٻ ڇٽيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن اهو واهڙ، ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ سکي ويو ته مڪليءَ کي پاڻي ڏيڻ واسطي واهڙ جي پراڻي ڳڻ سان هڪ واهه کوٽايو ويو هو.[15] سنڌو درياهه جو مکيه وهڪرو ان وقت بگهاڙ ۾ وهي رهيو هو. جيڪو سڌو مڪليءَ جي ڈاکڻي ڪُنڊ کي ٿي لڳو ٻ پير ٻڌي کي سامهون وارين ٽڪرين کان الڳ ڪري ٿي ڇڏيائين، جن جي هينان تري ۾ عرب آبادڪاريءَ جا نشان موجود آهن. هيءُ بگهاڙ ڦاٽ ٻه ساڳي ڈينهن ۾ سکي ويل ٿو پاڻجي ٻ مکيه وهڪرو ايڄا ٻه اوپر پاسي ڈانهن سرڪي ويو هو. مڪاني روايتن مطابق اهو سپ ڪجهه صوفي بزرگ حماد جماليءَ جي ڪرامت جي ڪري ٽيو ٻ اها سڄي ساري درياهي تبديلي مڪلي ٽڪريءَ جي اتر ڈس کان ٿي ٻ ان کان پوءِ پير ٻڌي تي ڪوٻ لاش دفن ڪرڻ ٿي سگهيو.[16] اها ڦير گهير حماد جمالي جي خانقاه ٻ ڄام نظام الدين جي مقبري وٽان شروع ٿي هئي. پر اها روايت غلط آهي. ماٺهو پير ٻڌي جي زيارت لاءِ ويندا رهيا ٻ ويندي ڪلهوڙا دور يعني ارڙهين صديءَ تائين مقبرا ٻ مزارون تعمير ٽيندیون رهيون. مغلن جي پوئين دور ۾ ٻه هڪ مسجد جي اڏاوت ڪئي ويئي هئي ٻ

منارو ۽ جوڙيو ويو هو. جنهن کي عرب فاتح جي پنيان محمد بن قاسم جي مسجد جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

ٺٽي، مڪلي ۽ سنڌو درياهه جو رشتو اٽٽ رهيو آهي. ٺٽي شهر جو پراڻو شان ۽ مان ته قائم نه رهيو آهي. پر اڳئين شهر جا اهجاڻ ڳولي لهڻ ۾ ڏاڍو مشڪل آهي. جيڪو ماضيءَ جي مختلف دورن ۾ پئي ايريو ۽ اُسريو. ڪيترن تاريخدانن[17] جو خيال آهي، ته ٺٽي شهر جو بنياد، سما دور جي جام سلطان نظام الدين (1508ع-1460ع) جي ڏينهن ۾ پيو. هن نئين شهر جي اڏاوت جي ضرورت تڏهن محسوس ٿي هوندي، جڏهن اولاهون واهڙ سڪي ويو هوندو. جنهن جي نتيجي ۾ جام جي هڪ خاص وزير دريا خان، ڪلري نالي هڪ واهه کوٽائي مڪليءَ ڏانهن آندو هو. ان حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو، ته سمن جو اصلوڪو پراڻو ٺٽو نئين شهر جي اتر - اولهه پاسي هو، جيڪو هينئر زرعي زمين لڳو پيو آهي يا ڪي کنڊر (نمبر 8 ۽ 9) جيڪي موجود اڏاوتن هينان اچي ويا آهن. گهٽو ڪري پاٽيءَ جو وڏو تلاءُ وچ تي هو ۽ ٻيون اڏاوتون ان جي چوڌطرف هيون. درياهي وهڪري جي ڦيرگهير ڪري شهر ۾ ڏکڻ - اوپر ڏانهن سُرڪي ويو آهي، دبگير مسجد ترخانن جي دور ۾ شهر جي وچ واري ايراضيءَ ۾ جوڙي ويئي هوندي. ان کان پوءِ اتر پاسي واري کوٽيل واهه کي خيال ۾ رکندي محسوس ائين ٿئي ٿو، ته شهر وري اتر پاسي وڏيو هوندو ۽ بادشاهي مسجد ۽ پڪ سان ان وقت جي شهر جي وچ تي جوڙي وئي هوندي. مڪيه شاهي بازار ان جي اولهه ۽ مغلن جا باغ سندس اوپر طرف تي هوندا. پير حسام الدين راشدي هن شهر جي، قلعي، بازار، جاين، باغن سوڌو هڪ خوبصورت لفظي تصوير ڪشي ڪئي آهي،[18] جنهن جو بنياد علمي شاهدين تي رکيو آهي. قلعي جي ديوار، جيڪا شهر جي چوڌاري هئي، جنهن کي عالم پناهه ۽ سڏيو ويندو هو، سا فيروز شاهه تغلق جي حملي تائين سلامت رهي. تاريخي شاهدين پٽاندڙ ان کي ڪيترائي ڀيرا مرمت ڪري سڌاريو ويو هو. محلاتَ ۽ ٻيون جايون حاڪم نشين قلعي ۾ تعمير ٿيل هيون. مڪيه شهر کي ڪيترن ئي محلن ۾ ورڇيو ويو هو. جهڙوڪ: شوراني محلو، مير احمد بيگ محلو، غلا بازار محلو، ملا محمد علي محلو، پائي خان محلو، خواجه شڪر الله محلو، مرزائي بازار محلو، آگر محلو، سرهين جو محلو، نرشش محلو، ڪشميان محلو، مسواڪشان محلو، سنگتراش محلو، نقارچين جو محلو، مغل واڙو، گدا بازار محلو، مصفار محلو، سهتيه محلو، تند سر محلو، مولو محلو، ٺٽي محلو، قاضي محلو، محلو رضوي سادات، محلو ميرڪي سيد، محلو اميرخاني، شڪر الاهي سادات محلو، محلو انجوي سادات ۽ محلو جمنا سرزمين. انهن محلن ۾ ڪيترين ئي مسجدون تعمير ٿيل هيون، جهڙوڪ: مسجد ولي نعمت، جامع فرخ، مرڪين مسجد، مسجد بزار امير بيگ - مسجد آگريا محلو، دبگير مسجد، مسجد خضري، اميرخاني مسجد، شاهجهاني مسجد، حفظ الله خاني مسجد، تندسر محلو مسجد، ملوڪ شاهه واري مسجد، مير عبدالله واري مسجد، مسگر محلي واري مسجد، مسجد لڪي، مسجد اسلام پور، قمري مسجد، ميان ٺاري واري مسجد، حاجي محمد هاشم مسجد، مخدوم عدو مسجد، مخدوم ابراهيم مسجد، مخدوم محمد قاسم مسجد، مخدوم ابو القاسم نقشبندي مسجد، مخدوم محمد معين مسجد. انهن مان ڪي ٽوريون مسجدون اڄا ۾ موجود آهن. رهائشي جڳهن مان خسرو خان جي حويلي، عرب ڪوڪي جي حويلي، خشتي حويلي، قاضي ابراهيم حويلي، مرزا فتح علي بيگ جو محل ۽ مير عظيم الدين جو بنگلو باقي بچيل آهن. اڄا انهن کان ۾ وڌيڪ باغن جا نالا آهن. جهڙوڪ: خواجه مير ابوتراب جو باغ، مير سيد علي شيرازي ٻئي جو باغ، خورشيد باغ ۽ مسڪين باغ وغيره. ڇوٽڪن مان فقط ٽن ڇوٽڪن جو ذڪر ملي ٿو. ڇوٽڪ ملڪ مان، ڇوٽڪ عبدالغني ۽ ڇوٽڪ ميدان جملا پير ۽ بازارن مان، مرزا بازار، گودڙي بازار، پٽي هٽ بازار، گدا بازار، غلا بازار، امير بيگ بازار ۽ قصابا بازار يا ڪاساين جي بازار جو ذڪر ملي ٿو. بن ڪوهن جا نالا ملن ٿا - ڪوه عالي جان ۽ ڪوه نارقي.* گهاٽ جي نالن مان لونگ پير گهاٽ جو نالو ملي ٿو. ٺٽي جي مسافرخانن ۽ ضرب خاني جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي مرزا عيسيٰ خان ترخان قائم ڪيا هئا. ۽ ان سان گڏ قبرن ۽ مقبرن جو وڇور پڻ ڏجي ٿو. جيڪو ڪجهه دستياب ٿي سگهيو آهي.

---

*سيد حسام الدين راشدي، اهي ٻئي واهه ڄاڻايا آهن. ڏسو سندن ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" ص 121 ۽ 122 (سنڌيڪار)



تصوير 4 - قومي شاهراھ مڪليءَ منجھان گذري ٿي جنھن جي ڪابي پاسي مڪليءَ جي چاڙھيءَ وٽ ھڪ مندر آھي. ھن اڏاوت جو تعلق قديم دور سان آھي. پرسان ئي ساڄي پاسي اسلام پور نالي ھڪ مسجد آھي.

تصوير 5 - درياھ جي پراڻي پيٽ مان بيھي ڏسبو تہ ڪابي پاسي طغرل بيگ جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. جڏھن تہ ساڄي پاسي ڪان مرزا جان بابا جي مزار آھي. وچ تي مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو سفيد مقبرو نمايان نظر اچي ٿو.

اڇڪلھ مڪليءَ جي ايراضي وڏي ڪشش واري جڳھ آھي. اتي صوفي بزرگن جي زيارتن ڪري ماڻھو سَوَن بلڪ ھزارن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا آھن. انھن سان گڏ بادشاھن جا مقبرا ڏسندا آھن ۽ روحاني اطمينان ۽ سڪون حاصل ڪندا آھن. گڏوگڏ ھن شھر خموشان جي خوبصورت ماحول مان بہ لطف اندوز ٿيندا آھن. ان ماحول جي "ملال خاران" ڏاڍي خوبصورت تصوير ڪڍي آھي.

بھار کوہ مکلي طرف سير است، تماشاي بدانند خرم آباد
بھر گوشہ خرامان سروقدي، اگرچہ نيست در وي سرو آزاد
ھواي روح افزائش ھمہ وقت، ھواي جنت الماوي دھد ياد
بلي آنجا مزار سيدي است، کہ اکثر نامرادان را کند شاد

معنيٰ: بھار جي موسم ۾ مڪلي ٽڪري ھڪ بھترين تفريح گاھ بنجي پوندي آھي. جن کي اھڙو تجربو آھي (تن کي خبر ھوندي) اھا ھڪ خوشيون ڏيندڙ جاءِ آھي. ھرکو محسوس ائين ڪندو. تہ سروقد محبوب جوڻطرف گھمي رھيا آھن.

جيتوڻيڪ اتي سرو وڻن جو کو وجود ئي ڪونھي. ھر وقت روح افزا ھوا گُھلندي رھي ٿي، جيڪا جنت جي ٽڏي ھير جي ياد ڏيارينديِ آھي. اتي ھڪ سيد جي مزار آھي. جيڪا ڏکويل دلين کي آٿت ۽ سکون ڏئي ٿي.

قدرتي بناوٽ جي نقط نگاھ کان ۽ ارضياتي حساب سان مڪلي ھڪ عجيب و غريب ٽڪري آھي، جنھن جو مٿاڇرو ھموار، لٽاسو ۽ پاڻت جي لحاظ کان پٽريلو آھي. جيڪو رني ڪوٽ واري پٽر سان ھڪجھڙائي رکي ٿو ۽ منجھس نيمولائٽي چن موجود آھي. اھا ٽڪري پير پٹي کان شروع ٿئي ٿي ۽ 11 ميل اتر اھل ٺٽي کان بلڪل اولھ طرف ھڪ ميل جي فاصلي تي ختم ٿي وڃي ٿي. جيڪڏھن ان کي اولھ طرف کان ڏسبو تہ ھيءَ ٽڪري محسوس ئي ڪانہ ٿيندي، پر جيڪڏھن ان کي ٺٽي جي طرف کان ڏسبو تہ اھا ٿورو ڪجھ اپڪيري ڏسبي آھي، ان جي سمند جي سنوٽ کان اوچائي 80 کان 150 فوٽ مٿي آھي. سندس مٿاڇرو ھموار آھي. ڪٿي ڪٿي سنڊي ٿوھر جا ٻوٽا (Euphorbia nereifolia) بينا آھن. روڙي بہ چوڏس پکڙيل نظر ايندي. ڪٿي ڪٿي،چن جي پٽر جا وڏا گول ڇڪا بہ ڏسڻ ۾ ايندا، جنھن ۾ نيمولائٽي[19] (Nummulities) پکو پٽر بہ آھي. اھو ضروري آھي تہ تاريخي طور تي مڪلي ٽڪريءَ جي ھر پاڳي جو ۽ گھڻ پاسائتو مطالعو ڪيو وڃي.

اُتر پاسي کان ھي ٽڪري اپڪپري آھي، پر اتر - اولھ واري ڏس کان ھوريان ھوريان ٿي زرعي زمين جي مٿاڇري جي برابر سنوٽ سنئين ٿي وڃي ٿي، جنھن ۾ ڪٿي ڪٿي جھاتر وارا وڻ آھن ۽ زيارتن کان گھڻو دور ملان عبدالرحمٰن لٽر جي قبر کان بہ پري ڪنھن پراڻي شھر جا کنڊر موجود آھن، جنھن جي مٿان سما خاندان جي پونيرن جا بہ چار گھر نھيل آھن. جنھن کي غلام حسين جو ڳوٺ سڏين ٿا، پر ڳوٺ کي پراڻي نالي سان ساموئي بہ سڏيندا آھن، مڪيہ گھر ڏڙي جي چوٽيءَ تي ۽ قُلھياري پوري پٽر مان نھيل آھي. پٽر بہ ھن پراڻي شھر جي ڏڙي مان ڪيڊي استعمال ڪيا ويا آھن، ڳوٺ جي اولھ پاسي کان ڪنھن مسجد جي پراڻيءَ پيڙھ جا نشان ملن ٿا. جنھن جي نماز پڙھڻ واري جاءِ جي شڪل چوڪُنڊي آھي ۽ اوپر ڏسا کان وراندو اٽس. جيڪو اصل ۾ ڪڈھن ڊڪيل ھوندو. اولھ واري پت مان ڇٽڪ ونگ جيان بٽيل ھڪ محراب باھر تي نڪتل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مسجد جو ھينيون پاڳو ائين نظر اچي ٿو،جڻ پٽرن سان جوڙيو ويو ھجي ۽ مٿانھون حصو پکين سرن سان اوساريل ٿو پاڻجي. انھن ماڳن جي اوسي پاسي کنھن بہ اُکيريل پٽر يا لسيءَ چمڪدار سر جو کو نشان ڪونہ ٿو ملي. ڳوٺ کان اتر ۾ ھڪ قبو آھي. جنھن لاءِ چيو ويندو آھي تہ اھو سومرا خاندان جي ستن پينرن جو آھي[20]. مقبرو

لمبوتري چوڪنديشڪل تي آهي. جيڪو اندران توڙي باهران گچ سان لنبيل آهي. اوپر پاسي ڏانهن ويڪرو اڳڻ اٽس. جيڪو هاٿي ٽڙ پڪڙ پٽرن سان پريو پيو آهي. ان جي چت ڪجھ هموار آهي. جيڪا سردرن تي بينل آهي. اوپارين مُهاڙي ونگ جي شڪل جي انهن خانن سان سينگاريل آهي. جيڪي آرپار نہ آهن. لنگھ فقط هڪڙو آهي. جيڪو اندر اونداهيءَ ۾ چوڪنديجڳھ ۾ وڃي ٿو. جتي ستن پينرن جون سادين سوديون قبرون موجود آهن. ان کان ٿورو اوپر طرف جهندي شاھ جو مقبرو آهي. جنهن جي اڏاوت مٽيري ءَ اوچي آهي. پيڙھ ۾ چورس ءَ ڪارنس جي مٿان اناس جي تعمير شروع ٿئي ٿي. ان کان پوءِ مقبري جي گول ڊيڊي کنئي ويئي آهي. جنهن جي مٿان گچ سان لنبيل سفيد اوچو قبو جوڙيل آهي. اتر طرف مسجد ۽ اٽس.

ساموئيءِ جو هيءَ شهر. سمن جي نالي پٽيان آباد آهي. تحفة الڪرام جو بيان آهي. تہ درڪ پرڳٽي ۾ سومرن جي راڄ ڏاڻي تباھ ٿيڻ کان پوءِ هن شهر جو بنياد رکيو ويو. پر مؤلف اهو يقين نہ ٿو ڏياري سگھي تہ ان شهر جو پايو وجهندڙ جام بانيپٽو پٽ جام تماچي آهي يا جام بانيپٽو پٽ جام انڙ آهي.[21]

صفا ڏکڻ پاسي. هن ٽکريءَ جي ختم ٿيڻ واريءَ جاءِ ڪي پير پٽي جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. جنهن جو اصلي نالو شيخ حسين ديبلي[22] آهي.پير پٽي جي اصلي درگاھ ٽٹي کان 14 ميلن جي پنڌ تي آهي. هن خانقاه ڏانهن ۽ پڪا رودِ وڃن ٿا. هڪ رودِ مڪليءَ کان ٽکري اسٽيل مل ڪمپليڪس ءَ غلام الله کان ٽيندو پير پٽي پهچي ٿو. پيو رستو ٹٹي کان ٽکري بدين - سجاول رودِ کان ٽيندو. دبگير مسجد جو پاسو ڏيون. پير پٽي ڏانهن وڃي ٿو. اتي جميل شاھ گرناريءِ جي درگاھ پڻ آهي[23]. جنهن کي پير ڏاتار جي نالي سان ۽ سڃاتو وڃي ٿو. پير پٽي ءَ پير ڏاتار جي وچ وارو علاقو قبرن سان پريو پيو آهي. انهن قبرن ۾ هڪ قبائين بناوت جا چار مقبرا ڪلهوڙن جي دور سان واسطو رکن ٿا. جيڪي سرن سان ٺهيل آهن. پيا ۽ ويجهڙ واري دور سان تعلق رکندڙ قباوان مقبرا آهن. پير پٽي جي درگاھ واري هنڌ تي. اَڻن ٽلهن تي تعمير ٿيل پراڻي دور سان واسطو رکندڙ هڪ اَٺ ٽلهائين چٽي آهي. پٿر جا سيئي ٽلهہ اڪيريل آهن. اها ٽلهن تي بينل ۽ پٽرن جي سردرن وسيلي ٿيل هڪ اڏاوت آهي. جيئن تہ اها سڄي ساري گچ سان لِٽل آهي. ان ڪري سندس قدامت جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو هو.

جيئن اسان پير پٽي کان هلي. مڪليءِ تي قائم ڪيل ٽٹي ضلعي جي صدر مقام ڏانهن ايندا سون. نہ اسان کي ساڄي طرف کان درياھ جو پراڻو پيٽ نظر ايندو. جيڪو آرڪيالاجي ريسٽ هائوس کان پنج ميل پري اڄا ۽ پاڻيءِ سان پريو پيو آهي. درياھ جو هيءَ پراڻو پيٽ. مڪلي ٽکريءِ جي ٽونڊ جهڙي نوڪ جي چوڏاري چڪر هٽي ڦري اچي ٿو. ٽکريءِ جي هن ٽونڊ تي قلعو (نمبر 2) تعمير ٿيل آهي. جنهن کي ڪلان ڪوٽ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پر ڪجھ وقت کان پوءِ. سمي سلطان جام تغلق جي پويان تغلق آباد يا طغرل اباد سڏجن ۾ آيو. ان قلعي جي جاءِ وقوع جنگي حڪمت عمليءِ جي نقطہ نگاھ کان وڏي اهميت واري آهي. درياءِ طرف ان جون قدرتي طور محفوظ ديوارون. دشمن کي گهٽي وقت لاءِ روڪي ٿي سگھيون. ان قلعي کي ٽن طرفن: اولهہ. اتر ءَ اوپر کان درياھ ڦري اچي ٿو. ڏکڻ پاسي کان خشڪي اٽس. اهو ٿي پاسو ڪليل آهي. ان پاسي کان ۽ لنگھ اٽس. هن قلعي کان ٿوري وٿيءِ تي. شهر جي پسگردائي سان واسطو رکندڙ ڪن وسندين جا اهجاڻ ڏسي سگھجن ٿا. پر انهن ماڳن تي ڪنهن خاص نالي سان ڪا وسندي ترقي ڪري اُپري ءَ اُسري ڪري ڪنهن الڳ شهر جي حيثيت ڏاري ڪانہ سگھي. ٿي سگھي تہ تہ ڏکين موقعن تي فوجن جي تحفظ واسطي اهي پسگردائي واربون وسندیون ڪنهن وڏي ڪم ايندیون هجن. بهرحال هن قلعي جي پٽيان هڪ ڏگهي تاريخ آهي ءَ سما دور جي شروعاتي ڏينهن کان وٺي مغل حڪمران اورنگزيب تائين ڪجھ ماڻهو منجهس رهندا هئا.[24]

جيڪڏهن اسان ضلعي جي صدر مقام ڏانهن ويندا سون تہ هڪ ننڍي گهٽي جلوه گاه امامين[25] کان مٽيندي سڌو وڃي درياھ تي پهچندي. هن جاءِ کي مقدس ءَ متبرڪ سمجهڻ لاءِ ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌايون ويندیون آهن. جيڪي وصفن ءَ

عقيدت جي لحاظ کان شيعن سان تعلق رکن ٿيون. مغل گورنر نواب سيف الله (1137هـ-1142هـ) جي نوابيءَ وارن ڏينهن ۾ هن جلوه گاه کي 1140هـ ۾ چوڌاري سرن جي پٽ ڏياري ويئي هئي. نواب جي پٽرائين قبر ان جي اندرئين پاسي آهي. هن جاءِ جي پاڪائي حضرت علي کرم الله وجهه جي قدم مبارڪ سبب آهي. نواب صادق علي خان(1149هـ-1150هـ) جي ڏينهن ۾. جيڪو مغلن پاران ڏکڻ سنڌ جو آخري گورنر هو ۽ جنهن کان پوءِ ميان نور محمد کلهوڙي سنڌ کي مڪمل آزاد کرائي ورتو هو، اتر واريءَ پٽ جي طرف کان ميان نور محمد 1140هـ ۾ هڪ همچورس هڪ قبائين لـتل جاءِ تعمير کرائي هئي. اهو قبو ڪجهه مٽيرو آهي. هڪ اوچيءَ اڏاوت سان تعلق رکي ٿو ۽ اٺ ڪنڊي اڏاوت مٿان ٽهيل آهي. همچورس عمارت کي خوبصورت بنائڻ لاءِ چوڌاري پٽ تي ڪنگرن جون ٻه قطارون رکيون ويون آهن. قبي جي اناس ڏيڏي کي وڌيڪ سهڻي بڻائڻ لاءِ ڪنگرن جي ٽئين قطار مٿي رکي ويئي آهي. هن عمارت جي سڄي جوڙجڪ اها آهي، جنهن سان جلوه گاهه امامين جي تقدس لاڳاپيل آهي. هن جي پرسان ئي ٽ قبائين شڪستہ حال مسجد آهي، جنهن جي اوپر پاسي واري اڪيلي لنگهه تي ونگ ٻڌل آهي. اهميت واري هڪ بي اڏاوت هڪ چٽي آهي، جنهن جي هر هڪ ڪنڊ تي چار ٿُلهه ۽ پاسن جي وچ تي هڪ هڪ ٿلهه آهي. ٿُلهه اڪيريل آهن. اها اڪير ترخان دور سان واسطو رکي ٿي. پر هنر ۽ ڪاريگريءَ جي لحاظ کان گهٽ معياري آهي ۽ چٽي هلڪي ڪوڪيءَ (Low relief) طرز وارن چٽن واري آهي. جهڙي ريت ترخان دور ۾ نظر اچن ٿيون. چٽي جي هيٺئين همچورس اڏاوت کي ڪارنس مٿان اٺ ڪنڊائين شڪل ڏني ويئي آهي. چئن ڪنڊن وٽ پٿر جا سر در هڪ ٻئي سان مانڊاڻيءَ وانگي ملن ٿا. ٿلهن مٿان رکيل تاجن کي مانڊاڻيءَ جيان چار بانهون آهن ۽ انهن تي چوڪنڊي طرز واري اڪير ٽيل آهي. جيڪا گل ٻوٽي تي وڃي پوري ٿئي ٿي. قبو مٿي اتانهون آهي، جيڪو محرابي ترتيب (Arcuate System) سان جوڙيو ويو آهي. ان جي پرپاسي ۾ ڪيترين ئي قبرون آهن. ٽورو اڳتي هڪ جڳهه آهي، جيڪا هڪ ڊگهي عرصي تائين عيدگاهه (نمبر 3) جي حيثيت ۾ استعمال هيٺ رهي. موجوده عيدگاه فقط هڪ پٽ واري مسجد آهي. جنهن کي وچ تي محراب آهي. محراب جي ٻنهي پاسن کان تاج وارا ٿُلهه اڏايل آهن ۽ سندس هر هڪ پاسي ونگن سان 18 ننڍا جارا پٽ ٽهيل آهن. عيد گاهه جي اتر طرف ڪنهن حويليءَ جا ڪنڊر آهن. روايتن جي نشاندهيءَ مطابق اها جام نظام الدين جي وزير دريا خان جي حويلي آهي.



تصوير 6 - درياهه جي پرائي پيٽ مان بيهي ڏسبو ته مڪليءَ تي سامهون واري پس منظر ۾ وچ تي سلطان ابراهيم خان مرزا عيسيٰ ترخان I جو مقبرو نهايت چٽو نظر ايندو.

جڏهن اسان نيشنل هاءِ وي تي پهچنداسون تہ مسافرخاني جي پرسان مکليءَ جي قبرن وٽ روڊ بن حصن ۾ ورهائجي ٿو. هڪ روڊ جنگشاهي ڏانهن هليو وڃي ٿو. ٻيو مکلي ٽڪريءَ تان ٽپندو ور وڪڙ کائيندو. ٺٽي شهر پهچي ٿو تہ ان وڪڙ ۾ هڪ مندر آهي. ان جي اوپر طرف ڏرمر شالا ۽ کاٻي هٿ تي اسلام پور واري مسجد آهي. (نمبر 4)

سنڌو درياهہ جي سکي ويل واهڙ جي تري مان اوپر طرف کان مکليءَ جو نظارو ڏاڍو خوبصورت لڳندو آهي. درياهہ جي پراڻي ڳڻَ مان مکلي ٽڪري اُيڪپري تي مٿي ايري ٽي ۽ ساموئي تائين اتر ڏانهن ائين هلندي وڃي ٽي. کيترن هنڌن تان درياهہ موڙ کائي کپر کوري چاڪ وارين ٽکرين کي کائي پنهنجو رستو جوڙيندو ويو آهي. گهٽو اتر طرف هڪ هنڌ تي قبرن جي مُڇلي ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چورس ۽ گنبڊ سان لتل قبو آهي. موجوده دور ۾ اتي به ڇٽيون آهن. هڪ قبي جي اوپر ۽ ٻي ڏکڻ ۾ آهي. ان جي اولهہ ۾، قبيءَ سان هڪ همچورس اڏاوت آهي. ماڻهو ان کي شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مدرسو کوڻين ٿا. اهي تمام قديم يادگار مکلي ٽڪريءَ جي درياهہ ڏانهن وڌيل نُونڊ تي موجود آهن. اهو وڏاءُ ڏکڻ پاسي سيد علي شيرازي جي درگاهہ تائين آهي، جتي مٿي اتانهون قبو، پاسي تي اپو منارو پس منظر ۾ مسجد، ڏاڍو دل لپائيندڙ نظارو بنجي ٿو پوي. درياهہ واري پاسي کان جديد دور سان لاڳاپيل عام رواجي اڏاوتون آهن ۽ کاٻي پاسي کان سرن جو تباهہ ٿيل کو مقبرو آهي.

اُن کان پوءِ درياهہ مکليءَ ڏانهن کاهي پوي ٿو ۽ ٽکري اندرئين پاسي گولائيءَ ۾ پوئتي هٽي ٽي وڃي ۽ وري اڳتي وڌي وڃي ٽي، جتي قبرن جي مڇلي ۾ جام نظام الدين جو مقبرو آهي. اتي هم چورس تعمير جي مٿان گنبڊ سان لنبيل هڪ قبو آهي. ۽ ان جي کاٻي طرف تي ڇهہ ڪُنڊي ڇٽي آهي. ان جي بلڪل سامهون جام نظام الدين جو مقبرو آهي، ان جي ساڄي طرف هڪ ڇٽي ۽ هڪ قديم مسجد آهي. ان جي ڏکڻ - اولهہ ۾ ٻيون به ڇٽيون ۽ پڪين سرن مان اڏيل مقبرا آهن. مقبرن جو هيءُ مڇلو ٽکري جي ٻي نُونڊ والاري ٿو. درياهہ ٽکريءَ کي وري به اڳتي کائي وڌي وڃي ٿو ۽ ٽکري جهول ڪري ٻيهي رهي ٽي. سندس ڏاکڻي اُپار تي پٽر جو بنايل هڪ ڪوٽ آهي، جيڪو سلطان سليمان ولد مرزا عيسيٰ ترخان I جوڙايو هو. جوڀطرف گنبڊ سان لتل ڪيترين ئي قبرون پکڙيون پيون آهن ۽ کي وري پٽرن ۽ سرن جا جوڙيل مقبرا آهن، جي ارغون دور جا نهيل ٿا پائنجن. ان کان پوءِ مکليءَ جي مضبوط ۽ پختي ٽکري آهي، جيڪا درياهہ کان کاڄڻ واري کانهي. اهو کنارو ڏئي اسان شيخ جيئي جي مزار تي اچي پهچنداسون. هن مقبري کان اتر-اوپر طرف تي اسان کي ميران شاهہ جو اڇو قبو ۽ مسجد ڏسڻ ۾ ايندي. مسجد چوڪُنڊي شڪل جي آهي. اندر وڃڻ لاءِ اوپر کان ونگ ٻڌل ٽي لنگهہ آهن. ڪنگرن جي اولي سان سينگاريل وڃئين لنگهہ جو ونگ پاسي وارن لنگهن کان اوچائيءَ ۾ مٿيرو آهي. سندن ڇت اهرامي (Pyramidal) آهي. مٿس به پڳل ڪلس اڃا موجود آهن. مکلي ٽکريءَ تي پنهنجي طرز جي اها اڪيلي عمارت آهي. شيخ جيئي جي مقبري جي ڏکڻ "ست چڑهٽي" واري مشهور جڳهہ آهي، ان کان پوءِ مکليءَ جي ٽکري انگريزي "S" اکر جهڙو موڙو کائي ڏکڻ ڏانهن وري اچي ٽي ۽ اسان عبدالله شاهہ اصحابي جي چوگرد وارين بيشمار قبرن وٽ پهچي وڃون ٿا. ساڄي طرف تي ترخان گهراڻي جي اڳين حڪمرانن جي نهرايل پٽر جي چوديواري آهي، جنهن جي پنڌيان پوئين دور سان تعلق رکندڙ هڪ ڊگهو جارو لڳل آهي. ان کان پوءِ عبدالله شاهہ اصحابيءَ جي مزار اچي وڃي ٽي. آخر ۾ سلطان ابراهيم جو اٺ کنڊو ۽ قبائون مقبرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو (نمبر 7). ويجهي ڏسڻ سان (نمبر 6) نقشو ڪجهہ هن ريت ڏسڻ ۾ ايندو. ويجهڙ واري دور جي عمارت جي پنڌين پاسي ساڄي طرف هبشاد ٻائيءَ جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو، وڃ تي سلطان ابراهيم جي پڪ سري مزار ۽ کاٻي پاسي هڪ زيون حال مزار آهي. اتي مرزا عيسيٰ خان II جو عاليشان مقبرو پڻ آهي. روڊ کان ٻيهي ڏسبو تہ ڏاڍو دل لپائيندڙ منظر ڏسڻ ۾ ايندو. (نمبر 5) ساڄي طرف کان جان بابا جو مقبرو ۽ ديوان شرفا خان جي قبائين مزار، مرزا عيسيٰ خان II جو سفيد رنگ جو عاليشان مقبرو، ڪوٽ اندر باقي بيگ ازبڪ جو مقبرو ۽ کاٻي طرف کان طغرل بيگ جي قبائين ڇٽي واري قبر آهي. مکليءَ جو هيءُ خوبصورت منظر اتي ختم ٽي وڃي ٿو. جتي روڊ مکليءَ کي کپي ٿو ۽ اتان ٽکري شهر ڏانهن هلندي وڃي ٽي ۽ سندس اها نُونڊ عيدگاهہ طرف وڌي ٽي. جڏهن هن ٽکريءَ هيٺان درياهہ چوليون هٽندو وهندو هوندو

تہ انهن قديم يادگارن جو نظارو ڪيڏو نہ دلفريب هوندو.

ٺٽي جي تاريخ سومرا خاندان جي پوئين دور جي بادشاهن سان لاڳاپيل آهي. سما سلطانن جي آزاد دور ۾ جڏهن سنڌ پنهنجي ثقافتي عروج تي پهتي. انهن کان پوءِ ارغونن جو مختصر ۽ والار وارو وڳوڙي دور آيو. جن قندار کان اچي سنڌ ۾ ديرو دمايو. ارغونن کان پوءِ ترخان خاندان اچي ٿو. جن جي پويان مغل آيا. جن سنڌ کي پنهنجي ننديِ ڪنڊ جي شهنشاهت ۾ ضم ڪري ڇڏيو. جاگرافيائي طور سنڌ هن ننديِ ڪنڊ جي اولاهين ڪناري سان آباد آهي. جنهن تي افغانستان ۽ وچ ايشيا جي تاريخي واقعن جا اثر پون ٿا ۽ جيڪي بہ انهن ملڪن ۾ سياسي تبديليون آيون ٿي. سنڌ انهن تبديلين کان آجي ۽ الڳ رهي کانہ ٿي سگهي. ان وقت جي ويجهي بين الاقوامي قوت جي ڪمزور ٿي پوڻ ڪري. سما دور جي ڏينهنن ۾ سنڌ جي اڪيلي ۽ خودمختيار رهڻ جي ڪري. سنڌ وڏي ويجهي ۽ ترقي ڪئي. هڪ طرف سنڌ پنهنجا دوستاٽا ناتا گجرات سان مضبوط ڪيا تہ ٻئي طرف ان هرات جي تيموري خاندان ۽ مغلن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو. ايران جي علمي ۽ فني خزاني سنڌ جي وڏندڙ ۽ ويجهندڙ ثقافت ڏانهن رُخ رکيو. سنڌ ان زماني ۾ هنرمندن، عالمن، فاضلن، صوفين، ڪاريگرن، شاعرن، درويشن جي واسطي جڻ دارالامان بنجي ويئي هئي. جيڪي وچ ايشيا، ايران ۽ برهانپور (هندستان) کان هلي اچي هتي آباد ٿيا هئا. سنڌ جي حڪمرانن ان قسم جي ثقافتي قوتن کان ڪم ورتو. شاعرن، ڪاريگرن ۽ موسيقارن جي وڏي همت افزائي ڪئي. منجهن سنڌ جي مڪاني ۽ غير مڪاني عنصر کي گڏي، هڪ ڪري گڏيل ثقافتي تصوير کي جنڻ لاءِ کين اتساهہ ڏياريو. ان ثقافت کي جيڪا سگهہ ڏني ويئي سا برقرار رهي. پر ان ثقافت ۾ اسلامي روح بہ سمايل هو. سنڌ پنهنجي تاريخي سجاٽپ ڳولي ورتي هئي. جيڪا سنڌي زبان سان لاڳاپيل هئي. زبان جيڪا انسان جي عظيم ڪاميابين کي محفوظ ڪري ڇڏيندي آهي.

ٺٽي جي ترقي جي شروعات سنڌي سومرا حڪمرانن جي دور ۾ ٿي. جن عربن جي ڪمزور ٿيڻ شرط برتري حاصل ڪئي. پر سلطان محمود غزنوي 11 صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ سنڌ تي حملا ڪري کين جهڪائي ڇڏيو. ٻارهين ۽ تيرهين صدي عيسويءَ جي سياسي هلچل ۾ سومرن ضرور سلطان محمد بن سام غوريءَ[26] سان پنهنجا سياسي ناتا قائم ڪري ڇڏيا هوندا. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن سنڌ ۾ گهٽو اندر تائين وڃي حملا ڪيا هئا. هن جي وفات کان پوءِ ناصر الدين قباچہ اُچ ۽ ملتان جو طاقتور حڪمران ٿي گذريو آهي. جنهن سنڌ تي بہ ضابطو رکيو تہ سائگئي وقت دهليءَ جي سلطان سان بہ دوستاٽو رستو قائم ڪيو. تيرهين صديءَ ۾ سومرن ۽ دهلي جي سلطانن جي معاملن جي کابہ خبر نہ ٿي پوي. ان وقت ٺٽي جي ڪهڙي حيثيت هئي. ان لاءِ ڊاڪٽر ايم.ايڇ صديقي[27] لکي ٿو: "ان معاملي ۾ ٻيو ذڪر ابن بطوطہ جو آهي. جنهن 34-1333ع ۾ سنڌ ڏني هئي ۽ سيوهڻ مان درياهي سفر ڪري لاهري بندر پهتو هو. ان وقت نہ تہ هو ٺٽي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ نہ وري ڪنهن اهڙي واهڙ جي ڳالهہ ڪري ٿو. جيڪو ان وقت ٺٽي جي پرسان درياهہ مان قاڻ ڪائي نڪرندو هجي." سندس ان ڳالهہ مان اهو پتو پوي ٿو تہ جڏهن ابن بطوط سنڌ ۾ آيو تہ ٺٽي جو وجودئي نہ هو. ٺٽي متعلق ابن بطوط واري هڪ ناڪاري معلومات آهي. جنهن کي تغلق جي نسبت سان ڇام انڙ جي حيثيت جي بہ خبر آهي. تہ هن بغاوت ڪري تغلق حڪومت جي مقرر ڪيل سيوهڻ جي حڪمران ملڪ رتن کي قتل ڪري سما گهراٽي جي حڪومت جو بنياد وڌو هو. جنهن کي ابن بطوط سنو ڪونہ ٿو سمجهي.[28] پير حسام الدين راشدي[29] امير خسرو جي ديوان تحفة الصغر مان 671 هـ جو هڪ پراٽو حوالو ڏنو آهي:

سرو چو تو، در اُچ و در تتہ نباشد
گل مثل رخ خوب تو، البتہ نباشد

ترجمو: "تنهنجي قد جهڙا سروَ نہ اُچ ۾ آهن ۽ نہ ٺٽي ۾ تنهنجي سهڻي منهن جهڙا خوبصورت گل اتي ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيا آهن."

هن حقيقت کان ته انڪار نٽو ڪري سگهجي ته امير خسرو، دهليءَ جي سلطان غياث الدين بلبن جي وڏي پٽ سلطان خان شهيد سان گڏ ملتان ۾ پنج سال (678هـ-683هـ) گذاريا هئا. جڏهن امير خسرو نٽي جو ذڪر پنهنجي شاعري ۾ تشبيهه طور ڪري ٿو، ته ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته تيرهينءَ صديءَ ۾ هيءُ شهر تمام مشهور هو. ان ڪري ان شهر جي بنياد پوڻ جا نشان ابن بطوط جي سنڌ اچڻ کان گهڻو اڳ هجڻ گهرجن. درحقيقت تاريخي شاهديون اهو ٻڌائين ٿيون ته جڏهن علاؤ الدين خلجيءَ (1296ع-1316ع) سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سومرن جي تخت گاهه محمد طور کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو ته سومرن نٽي ۾ وڃي پنهنجو ديرو ڄمايو هو.[30] ان کان پوءِ جڏهن غازي ملڪ تغلق ملتان ۽ سنڌ جو گورنر ٿيو ته نٽي جي اهم حيثيت تاريخ ۾ موجود آهي. ان کي تغلق شاهي جي شروعاتي ڏينهن ۾ سلطنت سان ملايو ويو هو. پر چوڏهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ جڏهن محمد بن تغلق جي حڪومت[31] بدنظميءَ جو شڪار هئي ته جام فيروزالدين انڙ پٽ جام بانيٽو، جنهن جو تعلق سما خاندان سان هو، تنهن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. اهو 1335ع وارو نازڪ سال هو. جڏهن شهنشاهه جي آڏو ڏاڍا مشڪل مسئلا هئا. 1335ع وارو سال سنڌ جي آزادي ۽ سما خاندان جي آزاد حڪومت جو سال آهي. سمن جي پٺيان جام جو لقب هوندو آهي. اهو سيني سما سلطانن جي نالن سان شامل رهندو آيو آهي. اهو ايران جي شاهنامي جي رزميه ڪهاڻيءَ جي هيرو جمشيد تان ورتو ويو آهي. دهليءَ جي بنهي سلطانن - سلطان محمد بن تغلق ۽ فيروز شاهه تغلق سنڌ جي مٿان پنهنجي شاهي بالادستي قائم ڪرڻ جون ڏاڍيون ڪوششون ڪيون. پر سما سلطانن 1335ع ۾ سنڌ جي آزاديءَ جو جهنڊو هڪ وار ڦڙڪايو ته پورو هڪ سو اسي سال تائين پنهنجي پاڙيسري حڪمرانن سان مٽي مائٽيءَ جا رشتا ڳنڍي پنهنجي طاقت جي اثر جي دائري کي وڌائي اقتدار کي هٿي ڏني. ۽ پنهنجي شان ۽ شوڪت ۾ واڌارو آندو. سنڌ جي آزاد حيثيت جي ڪري واپار ۽ تجارت ڏينهون ڏينهن ترقي ڪئي ۽ سنڌ علم، ادب ۽ ثقافت جي بلندين تي وڃي پهتي.

بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي، ته سما دور جي ڪا همعصر لکت ملي ڪانه ٿي سگهي آهي. جنهن وسيلي اسان اهو معلوم ڪري سگهون، ته سما خاندان جي حڪمراني ڪهڙن اصولن تي قائم رهي. پوئين دور سان لاڳاپيل تاريخي ڪتابن ڪن روايتن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي يا وري يادگاري ڪتبا آهن، جن عالمن[32] کي ڪجهه معلومات ڏني آهي. جن مان ان خاندان جي بادشاهن جا شجرا ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. پر خاندائي دشمنين شجرن کي داخوادول ڪري ڇڏيو آهي ۽ مسلماني وراثت جي عمل کي جڙ روکي وڏو آهي. وراثت جي ان طريقي هميشه ٻاڻ کي ٻاڻ هٿان کهرايو آهي. ٻائٽن هميشه چاچن جو قتل ڪيو آهي. سما خاندان جي سنڌ اندو ڏکهي عرصي جي حڪومت ۾ به اهڙا ڪيترائي مثال ملندا. ان قسم جي جهوڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٽئي بادشاهي[33] جي اصول کي سمجهائڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي. جيڪا سنڌ ۾ ڪا نئين ڳالهه نه رهي آهي. غوري پائرن، شهاب الدين ۽ غياث الدين محمد جو ته[34] مشهور مثال آهي. پر موجوده حالتن ۾ هيءَ ڳالهه بلڪل مختلف آهي.

سما خاندان جي ڏاڏي جو نالو بانيٽو هو. جنهن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ بلڪل صحيح ٻڌايو آهي ۽ سنسڪرت جي اکر برهمڻ تان ورتل آهي، جنهن جي پوئين صورت بانيڻ آهي. هن لفظ جي اصليت برهمن مان برهمانيه آهي. جنهن جو مطلب آهي[35] 'برهما بچايو' ڪيس ۾ پٽ هئا. هڪ انڙ ۽ ٻيو جوٽو. پهرئين سن 1335ع ۾ محمد بن تغلق جي خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو يا ان کان ٿورو اڳ ۾. جنهن وقت ابن بطوط سنڌ ۾ آيو هو. جام انڙ کان وٽي جام نصير الدين ابو الفتح سلطان فيروز شاهه تائين هڪ شجرو جام نظام الدين[36] عرف جام نندي جي مقبري ۾ خطاطي ۾ اڪيريل آهي جيڪو پوئين حڪمران جو پيءُ هو. پر جانشينيءَ وارو معاملو ڏاڍو ڏکيو آهي. دهلي جي تغلق سلطان، شروعاتي دور ۾، مڪاني دشمنين مان فائدو ورتو ۽ جام انڙ جي ٻاڻ جام جوٽي کي پنهنجي بن پائيٽن صدر الدين جام بانيٽو II ۽ رڪن الدين شاهه جام تماچيءَ خلاف استعمال ڪيو. جام جوٽو ڪٽي ٿوري وقت لاءِ ته ڪامياب ٿيو. پر سندس بنهي پائيٽن پنهنجي حيثيت ٿوري وقت اندر بحال ڪري ورتي. بنهي پائرن جي طاقت جي بحالي هڪ صوفي شيخ درويش حماد جمالي[37] ولد

شيخ رشيد الدين جي ڪرامت جي ڪري ٿي هئي، جنهن جي خدمت انهن ٻنهي جي ماءُ ٻجا آڻيندي هئي. پر حقيقت اها آهي، ته 1388ع ۾ فيروز شاهه تغلق جي وفات ٿي. جيڪو ٻنهي کي يرغمال ڪري دهليءَ وٺي ويو هو ۽ ان جي موت جي ڪري ئي کين آزادي نصيب ٿي هئي. تن مان هڪ پائٽي صدر الدين وفات ڪئي ۽ ٻيو ڄام تماچي واپس موٽي آيو ۽ پنهنجي چاچي ڄام جوٹي کان تخت کسي ورتائين. اقتدار ڄام تماچي کان پوءِ سندس پٽ صلاح الدين ۽ بعد ۾ سندس پوٽي ڄام نظام الدين I وٽ آيو. پر ان کان پوءِ ڄام نظام الدين جي چاچي ڄام علي شير اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. امڪان اهو آهي ته چاچي ۽ پائٽي جي تخت لاءِ ڇڪتاڻ ڪمزوريءَ جو سبب بڻي هوندي ۽ تخت وري ڄام جوٹي جي بن پوٽن ڏانهن هليو وڃي ٿو. جيئن اسان ڏسون ٿا ته ڄام ڪرن ۽ صدرالدين ڄام سڪندر، خيرالدين ڄام توغاچيءَ جا پٽ هئا. اقتدار جي واڳ بن نسلن تائين پوئين خاندان ۾ رهي. ڄام سڪندر جا ٻه پٽ ڄام فتح خان ۽ ڄام تغلق هڪ ٻئي پٺيان تخت نشين ٿيندا رهيا. سندن اقتدار جو دور ڇاليهه سال کن هليو. پر سڪندر ٻئي جي زماني ۾ وري ساڳيو اقتدار وارو مسئلو جاڳي پيو. ڇاڪاڻ ته ٽوري عرصي لاءِ تخت تي ڄام مبارڪ زوري قبضو ڪري ورتو هو. اقتدار لاءِ سوٽاٽي ڇڪتاڻ ٻئي گهراٽي جي سمي خاندان صدرالدين ڄام سنجر عرف راءِ ڏني کي تخت تي قبضي ڪرڻ جو وجهه ڏنو. اها هڪ خوشقسمتيءَ جي ڳالهه آهي جو پوئين حڪمران جي پٽ ڄام نظام الدين عرف نندي گهٽي وقت تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندس اقتدار اٽڪل روءِ ساندهه پنجاهه سالن تائين هليو. هن حڪمران جي ڏينهن ۾ سنڌ گهڻ پاسائين ترقي ڪئي. سڀ تاريخ لکندڙ هن حڪمران جي تمام گهٽي ساراهه ڪن ٿا. سندس هڪ عقلمند ۽ مدبر وزير دريا خان[38] حڪومت جو سارو ڪاروهنوار اڪلائيندو هو، جنهن کي سندس ڪوڙاٽي نانءَ سان "قبوليو" ڪري به سڏيندا هئا. هن رياستي معاملن کي وڏي تدبر ۽ ڏاهپ سان هلايو. آخري حڪمران سلطان فيروز شاهه، جو سندس سوٽ صلاح الدين ٻئي سان اقتدار جي معاملي تي ڍڪو ٽڪرار شروع ٿي ويو. ان قسم جي دشمنيءَ ۽ دريا خان جي وفات، قنڌار جي ارغونن کي سولو وجهه مهيا ڪيو. سما خاندان سان لاڳاپيل حڪمرانن جو شجرو ايندڙ صفحن تي ڏسي سگهجي ٿو.

سما دور جي پوين حڪمرانن کي وچ ايشيا، افغانستان ۽ ايران جي سياسي قيرگهير جي نتيجن کي منهن ڏيڻو پيو هو. تيمور جي وارثن تيموري شهنشاهت کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو ۽ هر هڪ بادشاهه پنهنجي شاهي سرحدون وڌائڻ ويجهائڻ ۾ لڳو پيو هو. انهن سيني مان شاه رخ وڏيءَ طاقت وارو حڪمران ٿيو. جنهن پنهنجي طاقت کي هرات کان اولهه ايران



تصوير 7 - درياه جي پراڻي پيٽ وٽان ٻيهي ڏسبو ته سلطان ابراهيم خان جو مقبرو موزا عيسي ترخان I جي مقبري جي چوديواري جي ڪابي طرف آهي ۽ عبدالله شاهه اصحابي جي مزار وچ تي ڏسجي ٿي.

ڏانهن وڌائڻ شروع ڪيو ۽ پئي پاسي ڏکڻ ڏانهن قندار تائين پنهنجي اقتدار کي پکيڙيو. شاهه اسماعيل صفويءَ شاه رخ جي پوين کي هرات مان هڪالي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪري ورتو. ٻئي طرف، شيباني اتر کان ڏکڻ ڏانهن وڌيا. بابر، جيڪو دهليءَ ۾ مغل طاقت جو بنياد وجهندڙ شهنشاهه هو، تنهن سمرقند ڇڏي افغانستان ڏانهن قسمت آزمائي شروع ڪئي ۽ ڪابل ۾ پير پختا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان زماني ۾ تيموري خاندان جو سلطان حسين بايقراه، جيڪو هرات جو حڪمران هو، تنهن ذوالنون، ارغونن جي وڏي کي سمرقند جو گورنر مقرر ڪيو. امير ذوالنون، سلطان حسين بايقراه جي پٽ بديع الزمان کي وڏيڪ ويجهو هو. چو ته هن پنهنجي ڏيءَ جو سگ بديع الزمان کي ڏنو هيو. جيڪو پنهنجي پيءُ جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪري چڪو هو. پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ اقتدار لاءِ ويڙهه واري زماني ۾ امير ذوالنون 1507ع/913هـ ۾ شيبانين هٿان شهادت ماڻي. سندس پٽ شاه بيگ پنهنجو بخت آزمائڻ لاءِ اڳتي پيش قدمي شروع ڪئي. پر بابر جون لالچي نظرون سندس مستقبل لاءِ وڏي رندڪ بڻيل هيون، تنهنڪري هن ڏکڻ طرف سنڌ ڏانهن نظر ڊوڙائي. هن جي پهرين هلان ۽ پيش قدمي دريا خان روڪي ورتي. جيڪو ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو وزير ۽ فوج جو سپهه سالار پڻ هو. ان ئي زماني ۾ سنڌ جي سما خاندان گجرات جي حڪمرانن سان ملهه مائٽيءَ جا رشتا ناتا جوڙي ورتا هئا. ڄام نظام الدين پنهنجي هڪ ڏيءَ بيبي معلي گجرات جي سلطان محمد (1441ع-1451ع) کي پرڻائي ڏني هئي، جنهن جي پيٽان محمود بيگڙي (1511ع-1458ع) جهڙو جڳ مشهور ۽ نالياورو سلطان ڄائو. گجرات جا سلطان سنڌ جي سمن سلطانن جي هميشه مدد ڪندا رهندا هئا. جڏهن ارغونن سنڌ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو، تہ گجرات جي سلطان سنڌ جي سمي، حڪمران صلاح الدين II کي پاڻ وٽ پناهه ڏني ۽ لشڪر موڪلائي وڙڻ لاءِ سندس فوجي مدد پڻ ڪئي. پر سندس سوٽ ڄام فيروز شاهه (II) ان وقت ارغونن جو طرفدار هو. ڪيس اها خوشفهمي هئي تہ اهي ڪيس صلاح الدين کان اقتدار وڃائي ڏيندا. پر جيڪڏهن هو ٽورو بہ دور انديشيءَ کان ڪم وٺي ها تہ ڪيس محسوس ٿي وڃي ها تہ ارغون پاڻ کهڙي مصيبت ۾ قائل هئا. انهن وٽ ڄام فيروز II کي ڏکي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ کان سواءِ ڪو ٻيو ڄارو ڪونہ هو ۽ آخرڪار 1520ع ۾ ارغونن سنڌ فتح ڪري ان کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو. سمن جو آخري حڪمران وٺي گجرات ڏانهن پڳو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌ جي آزادي ختم ٿي ويئي. سنڌ ان راند جو حصو بڻجي ويئي، جنهن جون پاڙون وچ ايشيا جي خوني اقتداري سياست ۾ کتل هيون ۽ صورتحال اجا بہ وڌيڪ خراب ٿي جڏهن بابر جي اولاد سنڌ کي فتح ڪيو. سنڌ ۾ ثقافتي سرگرمين ۾ واڌ جاري رهي. جڏهن تہ سياسي غير يقيني صورتحال نين طاقتن کي وجود ۾ آندو. ان ريت تبديليءَ واري هن دور ۾ ملڪ ۾ بربادي ۽ مصيبت وڏي وئي.

تصوير 8 - قومي شاهراهه تان بيهي ڏسيو تہ ننڍي جو نڙون شهر هڪ پراڻي دڙي تي تعمير ٿيل نظر ايندو. جنهن جي ڪابي پاسي پاڻيءَ جي اوجي ٽانڪي ڏسجي رهي آهي.

شاھ بيگ ارغون جي پٽ شاھ حسن ارغون پاڻ کي سنڌ ۾ ڪجھ اھل حڪمران ڪري ثابت ڪيو. جنھن ٺٽي ۾ پنھنجا پير پختا ڪيا. بڪر جو سلطان محمود ڪوکلتاش سندس اقتدار ۾ بانھن ٻيلي ھو. ھيءُ اھو زمانو آھي، جڏھن شھنشاھ ھمايون شير شاھ کان شڪست کائي سنڌ ۾ بخت آزمائڻ ۽ پير ڦھائڻ جا جتن ڪري رھيو ھو ۽ ھن سنڌ کي پنھنجي جدوجھد جو مرڪز بڻائڻ ٿي گھريو. پر شاھ حسن ارغون کانئس وڌيڪ چالاڪ ثابت ٿيو ۽ ڳالھين ھولھين ذريعي کيس ايران ڏانھن وڃڻ لاءِ راضي ڪيائين ۽ کيس سفر جي لاءِ ضروري خرچ پکو پڻ ڏنائين.

شاھ حسن ارغون جيتوڻيڪ گھڻين خوبين جو مالڪ ھو ۽ پوئين تيمور خاني روايتن تي ڪاربند ھو، پر تنھن ھوندي بہ ارغونن ۽ ترخانن جي مختلف قبيلن کي گڏ رکڻ ۾ بلڪل ناڪام ويو. جڏھن انھن ۾ ڳڻپيرقسم جا اختلاف پيدا ٿيا تہ امير نوابن ھڪ ھنڌ گڏ ٿي 1554ع:962ھ ۾ مرزا عيسيٰ سان وفاداريءَ جو اعلان ڪيو. شاھ حسن ساڻن اختلاف پيدا ڪيو، ۽ لشڪر وٺي وڃي ھنن سان جنگيون ڪيائين، نيٺ فيبروري 1555ع ۾ شاھ حسن وفات ڪري ويو. ترخانن ٺٽي ۾ پنھنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ اتر سنڌ سلطان محمود جي حوالي رھي. منجھن اھائي دشمني ھئي، جنھن جي نتيجي ۾ 1556ع:963ھ ۾ پورجوگيزن کي دعوت ڏئي گھرايو ويو. جن ٺٽي جي دولت ۽ سونھن ڦري لٽي باھيون ڏئي ناس ڪري ڇڏي. مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي پٽن ۾ اختلاف شروع ٿيا ۽ مرزا محمد صالح ۽ مرزا باقي بيگ جي وچ ۾ خوني اقتداري راند جي شروعات ٿي. مرزا باقيءَ جا پاڳ پلا ھٿا جو مرزا صالح 1562ع:970ھ ۾ مارجي ويو. مرزا عيسيٰ ترخان جي وفات 1565ع:973ھ کان پوءِ اقتدار تان سندس بن پٽن مرزا باقي بيگ ۽ جان بابا جي وچ ۾ اختلاف جي شروعات ٿي. نيٺ مرزا باقي بيگ ڪامياب ٿيو. مرزا باقيءَ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ پائينده خان ٿوري وقت لاءِ سندس جانشين ٿيو. پائينده خان کان پوءِ سندس پٽ جاني بيگ ٺٽي جو اقتدار سنڀاليو، پر ھن کي بہ شھنشاھ اڪبر تپائي ڪنيو.

تصوير 9 - ٺٽين شھر جي جڳھن ھينان پراڻي ٺٽي جا ڏڙا جيڪي ھلندا وڃي آباد زمين تائين پھچن ٿا ۽ جن مٿان گھاتا وڻ ڏسجي رھيا آھن.

شھنشاھ اڪبر جي پنھنجي شھنشاھت جي سرحدن وڌائڻ واري حڪمت عملي ۽ قندار تي سندس اباڻي دعويٰ، سنڌ کي پنھنجي الڳ ۽ آزاد حيثيت ۾ رھڻ ۽ سڪ جو ساھ کڻڻ نہ ڏنو. قندار ڏانھن فوجي اڳيرائي واري حڪمت عمليءَ ۾ سنڌ کي مرڪزي حيثيت حاصل ھئي. عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. ڪيترين جنگين کان پوءِ مرزا جاني بيگ شڪست تسليم ڪئي. تُرت کيس دھلي روانو ڪيو ويو. اڪبر 1593ع ۾ سندس آڏرپاءُ ڪيو ۽ کيس 3000 جو منصبدار ۽ ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو. پر کيس سنڌ وڃڻ جي اجازت ڪانہ ھئي. سندس پٽ غازي بيگ پنھنجي وفات: 1022ھ / 1614ع تائين ٺٽي جو ٽائي ماتر گورنر رھيو. پر ھن کي بہ ٺٽي ۾ رھڻ جي اجازت ڪانہ ھئي. انھن پاران مرزا خسرو ڇرڪس حڪومت جو ڪاروھنوار ھلائيندو رھيو. جيڪو فن، شاعري ۽ عمارت سازيءَ جو ڏاڍو

شوقين هو. هن پنهنجي دور ۾ ڪيترين ئي عاليشان عمارتون جوڙايون. ترخان خاندان جو ٻيو نالياورو مغل حڪمرانن ياران مقرر ٿيل گورنر مرزا عيسيٰ II مشهور ٿيو. جنهن ٺٽي ۾ عاليشان قبو تعمير ڪرايو.

قندار مان ايندڙ ارغونن ۽ ترخانن ٺٽي ۾ تيموري روايتن کي برقرار رکيو. سنڌ، سندن اقتدار واري دور ۾ فارسي ادب ۽ محل ماڙيون اڏائڻ واري فن ۾ تمام وڏي ترقي ٿي. ساڳي وقت اصلي سنڌي فن به نئين سر ترقي حاصل ڪرڻ لڳو. مغلن جي اچڻ سان ساريون حالتون ئي بدلجي ويون. سنڌ، 1612ع کان وٺي 1737ع تائين پورا 38 مغل گورنر ڏسي ٿي، جيڪي ڪلهوڙن جي ڏينهن يا اورنگزيب جي موت، خاص طور تي نادر شاهه جي حملي 1740ع تائين سنڌ ۾ آيا ۽ ويا. ان کان پوءِ سنڌ دهليءَ جي مغل حڪمرانن جي بالادستيءَ مان نڪري، ايراني تسلط هيٺ آئي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ٺٽو سنڌ جي راڄڌاني نه رهيو. ان ريت ٺٽي کي پنهنجي مقبرن سان پاڻ نبرڻ لاءِ ڪيس آزاد ڇڏيو ويو.



تصوير 9 - الف - ريسٽ هائوس کان نظر ايندڙ مڪليءَ جو منظر

سمن سلطانن جو شجرو

پانيپٽو 1



ترخانن جو شجرو

عبدالعلي ترخان



* مرزا جاني بيگ 1592هـ (1001هـ) ۾ عبدالرحيم خانِ خانان ۽ مير معصوم بکري جي فوجن سان ڪيترين ڇوٽون ڪائي ٻاهڑي واري جنگ ۾ هڪ فوجي اٽڪل نہ سمجهڻ سبب شڪست کاڌي. سندس سنڌي فوج جي ساڻ ۽ عوام جي ساٿس گهري سنبند سبب مغلن کيس مان ڏنو ۽ کيس سنڌ جو غير حاضر گورنر مقرر ڪيائون ۽ کيس ڪڏهن بہ سنڌ ۾ اچڻ نہ ڏنائون. مرزا جاني بيگ جي وفات کان پوء ان جي پٽ مرزا غازي بيگ جيڪو پڻ سنڌ جو مغل گورنر مقرر ٿيو (کيس بہ سنڌ ۾ اچڻ جي منع ٿيل هئي) رڳو ٽي سال سنڌ ۾ رهيو ۽ 7 سال قندار ۽ پنجاب جي فوجي مهمن ۾ مصروف رهيو. هن شهزادي 27 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ساڳيو سلسلو مرزا عيسيٰ خان ترخان II سان دهليءَ وارن جو رهيو. هن جي سڄي زندگي سنڌ کان ٻاهر گجرات ۽ سورت جي گورنري ۽ فوجي مهمن ۾ گذري. سنڌ ۾ ترخان حڪمرانن جي حڪومت سندن نائب هلائيندا رهيا. مٿيان سنڌ جا حڪمران مغلن پاران افغانستان، گجرات ۽ ٻين علاقن ۾ دهلي حڪومت جا فوجي فرض ادا ڪندي اتي گذاري ويا ۽ کين وصيت پٺاندر سندن جنم پومي سنڌ ۾ مڪلي ٽکريءَ تي دفنايو ويو. ان کري گهٽا تاريخ جا ماهر مرزا جاني بيگ جي شڪست 1592ع تائين ترخان دور کي تسليم ڪن ٿا. ان کري ليڪ پاران ٻنهي جي مغلن پاران غير حاضر گورنر واري دور کي "جاگيرداري" وارو دور کري لکيو آهي. (سنڌيڪار)

** مرزا جان بابا سنڌ جو نالي ماتر غير حاضر گورنر بہ نہ رهيو ۽ سڳي پاءُ ميرزا باقي بيگ جي سازش سبب قتل ڪيو ويو. (سنڌيڪار)



پليٽ 4 - ديوان شرفا خان جو پڪ سرائون مقبرو. جيڪو مرزا طغرل بيگ جي ڇڻي نما مقبري جي ڪابي پاسي آهي. جڏهن ته ان جي ساڃي پاسي ۽ وچ تي مرزا عيسيٰ ترخان ٻئين جو سفيد رنگ جو مقبرو ڏسجي ٿو.

پليٽ 5 - شيخ حماد جماليءَ جي مزار جي پرسان چوڌاري نظر ايندڙ سما خاندان جي قبرن جو مُڇلو آهي. بزرگ جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان هو. هن درويش جي مقبري جي ڪابي پاسي پڪسرائون مقبرو. ساڃي پاسي ڇڻي نما مقبرو ۽ ٽوري پنڌ جي وٿيءَ تي جام نظام الدين جو مقبرو ڏسجي رهيو آهي.

پليٽ 6 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چنڻيءَ جهڙو هڪ مدرسو - پرسان ئي ڏيڏيءَ جي تعمير وارا ٽلهه ڏسجي رهيا آهن. ساڃي پاسي هيٺ تي دري آهي، جنهن ۾ سوراخدار پٿر هنيل ڏسجن ٿا.

پليٽ 7 - ساڃي پاسي شيخ حماد جمالي جو تباهه حال مدرسو ۽ کاڀي پاسي عبدالله پٽ تاجي جو چنڻي نما مقبرو - بنهي اڏاوتن جو لڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان آهي.

پليٽ 8 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي لنگھ تي پٽ جي اُڪير جو ڪم ٽيل ڏسجي ٿو. جنھن جي سر در ۽ پٽ جي ڇوڪاڻي جي ٻنھي پاسن تي قرآني آيتون اکيريل نظر اچن ٿيون. ھينئين پاسي ونگ سان ھڪ جارو آھي. محسوس ائين ٿي رھيو آھي، تہ در جي چانڻٽ وٽ نرم سفيد پٽ (moon stone) جو "دُنون" (sell) لڳل ھوندو.



پليٽ 9 - سمن جا پٽر انهين اڏاوت سان لاڳاپيل بن قسمن جا مقبرا آهن. انهن مان هڪ پٽر جون همچورس يا چوڪنديون اڏاوتون آهن. جڏهن ته بئي قسم جو تعلق چنيءَ جهڙن مقبرن جو آهي جيڪي پٽرن جي ٽنين جي آڏار تي جوڙيون ويون آهن. مقبرن تي به بن قسمن جي اُڪير ڏسجي ٿي. هي مقبرا پڪ سراوان به آهن. چني نما تعمير مٿان ٽانوَ جهڙي نيل (fenial) به ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

پليٽ 10 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي سان گڏ لنگهه به نظر اچي رهيو آهي. جنهن ۾ نلهن ۽ سردرن جي هڪ ترتيب موجود آهي. ان ترتيب مطابق هر سردر کنڊ وٽ بئي سردر سان ملي رهيو آهي. جن کي هيٺان نلهه ڏنل آهن.

پليٽ 11 - دريا خان عرف مبارڪ خان جي مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو. هيءُ ڇام نظام الدين جو نپايل پٽ هو وزير ۽ فوجي سپهه سالار هو. هن تعمير جو بنياد جو پٽرسن 1490ع ۾ رکيو ويو هو. هن اڏاوت جي مهاڙيءَ ۾ ڪنگرا ۽ پلويڙو (Parapet) ڏنل آهي. خوبصورتيءَ واسطي مٿي ٻنهي پاسي هڪ هڪ جارو رکيو ويو آهي.

پليٽ 12 - دريا خان جي مقبري جو اندريون پاسو جنهن جي اولهه پاسي واريءَ پٽ ۾ محراب جي تعميز آهي. ان جي هر هڪ پاسي تي پٽ جا پاوا آهن، جنهن تي نهايت نازڪ ۽ نفيس چنسالي جو ڪر ٿيل آهي. وچ صحن تي قبرون آهن، جن مٿان رکيل پٽرن تي خوبصورت اُڪير جو ڪر ٿيل ڏسجي ٿو. دريا خان جي قبر جي پاسي سان ڪُـتل پٽر تي تاج جو نشان اُڪيريل آهي. هن اڏاوت جو تعلق پندرهين صدي عيسويءَ سان ڏسجي ٿو.

پليٽ 13 - چنڀيءَ نما مقبري جي چت، جنهن کي پٿر جا هڪ ٻئي مٿان گول بار ڏئي ناهيو ويو آهي. وچ تي لٽڪڻ (Pendent) ڏسجي ٿو. مٿي چنڀيءَ جي گول دائري جي هر پٿر تي ونگ جهڙو چٽ اُڪيريل ڏسجي ٿو. هيءَ تعمير، 15 صدي عيسويءَ جي اوائلي دور سان لاڳاپو رکي ٿي.

باب ٻيو

سما دور جا يادگار

(1335ع کان 1520ع تائين)*

تعارف

سما خاندان جي حڪمرانن عمارت سازيءَ جي فن کي هٿي ڏيارڻ ۾ تمام گھٽو حصو ورتو. جنهن کي اسان سنڌي اڏاوت جو نمونو چئي سگھون ٿا. بدقسمتي اها آهي، ته اهي قيمتي يادگار جيترو حق لھڻن، اوترو انهن جي قدر ۽ قيمت کٽڻ واسطي سندن اپياس ڪونہ ڪيو ويو آهي. هينري ڪزنس[1] انهن يادگارن کي هندي اڏاوتي پس منظر ۾ ڏٺو. هن مطابق جيڪو سامان انهن پراڻين جڳهين ۾ استعمال ٿيل آهي، سو هندن جي مندرن مان آندو ويو هو. ٻئي هنڌ هو ٻڌائي ٿو ته: انهن يادگارن تي گجرات جي عمارت سازيءَ جو اثر آهي، جنهن بابت ڪيس قديم آثارن جي سپرنٽينڈنٽ جي حيثيت سان وڏو تجربو هو. مڪليءَ جو ذڪر ڪندي سندس بيان سررجرڊ فرانسس برٽن[2] جي بيان کان وڌيڪ ڪونہ آهي، جنهن چيو آهي ته "عيدگاھ کان پنڌيان بيشمار نمونن جا مقبرا ۽ قبرون آهن. ڪجھ ڏرتي ڏاڻ ڪري تباھ ٿي چڪا آهن ته ڪي وري وقت جي واءُ ويران ۽ ناس ڪري ڇڏيا. ڪي ٿورا بلڪ تمام ٿورا باقي وڃي بچيا آهن. ڪن کي سندن وارثن ته ڪن کي عقيدت مندن بچائي ورتو آهي. قبا، ونگون، منارا، ڏيڏيون، راهداريون ۽ هڪ جيترين وٽين تي ترتيب سان ٻٽيل ٿلھ هڪ وڏي سلسلي جا ڏولن ڏيرن ۽ ڏڙن تي ٻينا آهن، جن جا آثار نڏٺڪا، پر اَڻَ مٽُ آهن. اهي اهڙا تازا ۽ نوان لڳن ٿا، جڙ اڄ ٿهي تيار ٿيا آهن." هو وڌيڪ تبصرو ڪندي چوي ٿو ته:" تمام ويجھو وڃي ڏسڻ سان اهو منظر بهرحال ايترو وٽندڙ ناهي. مقبرن تي ڏاڍي خوبصورت اُڪير ٿيل آهي. جيڪڏهن انهن جِـٽن ۽ چِترن جي تفصيل کي جاچي ڏسبو، ته ان جي ذري ذري ۾ تڪميل نظر ايندي. وڏا ۽ ڊگھا پٽ، جيڪي ڏاڍا شاندار آهن، اهڙي قسم جو هرهڪ پٽ پوءِ اهو جاءِ جي بناوت ۾ ڪم آيل آهي يا پٽين ۾ قائڪن تي وڏي ڪاريگريءَ سان هلڪي ڪوڪيءَ طرز تي اُڪيريل آهي. هم چورس، گول، پيچدار، اڌ گولايون، چوڪنڊا، پن ول، گل، ڪناري وارا نمونا ۽ قرآن شريف جي آيتن جي خطاطي، (جنهن جي ڪمال خوبصورتي اها آهي، ته اها پڙهي ڪانہ ٿي سگھجي) ۽ انهن سڀني جا ايترا ته نت نوان ۽ اڪيچار نمونا آهن، جو ڪنهن اڪ کي اعتبار ئي ڪونہ ايندو. اتي سڌي ليڪ ته ملندي ئي ڪانہ. هر هڪ جڳھ فن ۽ ڪاريگريءَ جو اعليٰ مثال نظر ايندو. اهو ڪنهن هندستان جي سونارن وانگي آهي، جيڪي سونا زيور سادي طرز ۾ جوڙي ڪونہ سگھندا آهن. ائين جيئن ڪنهن سياح لاءِ ان جو مجموعي اثر ڪنهن پڙڪيدار پر ڦوهڙ شيءِ وارو هجي، جيڪو سنجڻ جي تمام گھٽي استعمال سبب پيدا ٿيو آهي. اهڙي قسم جو ذاتي رايو ان ماڻهوءَ لاءِ بلڪل ٺيڪ آهي، جنهن وٽ عمارت سازي جي خوبصورتيءَ لاءِ پنهنجي ماحول جي لحاظ سان قدر ۽ اهميت آهي، ڪيس ايترو وقت نہ آهي، جو مڪاني ماحول کي نظر ۾ رکي، ان جي روحاني قدر جي ڪٽ ڪري سگھي. جڏهن ته هيءَ چٽسالي پنهنجو اثر آهستي آهستي ڏيکارڻ شروع ڪري ٿي ۽ روشني ۽ پاڇي جا مختلف تاثر پيدا ڪري ٿي، يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي، ته سج جي روشني ۾ چمڪندڙ سنڌي پٽر جون ديوارون ۽ ان جي پاڇي جو ابتو تاثر هڪ جُدا نمونو جي خوبصورت شيءِ آهي". پرسي برائون[3] (Percy Brown) هندستان جي (اسلامي دؤر) اڏاوتن بابت يادگار ڪتاب لکيو آهي. پر ڪيس سنڌ جي تعميراتي آثارن کي ڏسڻ جي فَرصت ئي ڪانہ ملي، تنهن پنهنجا غير اهم تبصرا ٻين جي اهڙن ئي بيانن تي انحصار ڪندي لکيا آهن.[4]

هيٺ ڏنل حوالن مان سندس سطحي خيالن جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو:

---

* سمن جي حُڪومتي دور بابت سنڌيڪار جو نوٽ باب جي آخر ۾ ڏسو.

ٿوريءَ حد تائين لاڙ واري سنڌ جي جڳهن جي اڏاوتي طرز مغل جڳهين جي اڏاوت واري نموني سان هڪجهڙائي رکي ٿي. عمارت سازيءَ جي فن جو هيءَ هڪ اهڙو نمونو نظر ايندو ته هتان جون ڪي قبرون ۽ قبا، رت جي رشتن جي نشاندهي ڪن ٿا. رنگين ڪاشيءَ جي سرن جي معاملي ۾، جن سان مسجدون ۽ مقبرا تمام گهڻا سينگاريا ويا آهن، تن ڪي عرب ۽ ايراني ٻنهي اڏاوتي رنگن ۾ رونق وارو بنايو ويو هو. پر انهن جي خوبصورتيءَ جو اهو اڪيلو سبب ڪونہ آهي. چاڪاڻ ته جيئن پنجاب جو علاقو پنهنجي وجود اندر عمارت سازيءَ جو عنصر گهڻ رکي ٿو، ان جو سبب پٿر ۽ ڪاٺ جي اڻ هوند آهي[5] .... عمارت سازيءَ جو نمونو جيڪو پوئين وچين دور ۾ سنڌ ۾ نظر اچي ٿو، تنهن کي سنڌ جو پنهنجو مڪاني فن چئي سگهجي ٿو. اهو ساڳيءِ وقت سڄي ايران ۾ بہ هلندڙ هو. پتين ۾ بہ قوسي نوڪدار ونگ (Tudor Arch) نموني وارين ونگن جون قطارون، منارا، قبا جيڪي ڪنڊن وٽان ڇڻ آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن، جن جي مٿان لوڏي[6] ..... دور جي اڏاوتي طرز جو قبو نهيل آهي. سنڌي عمارت سازيءَ جو هنر قديم آهي، پر ان ۾ فڪر جي ڪمي آهي. ڪاشيءَ جي سرن جا سپ نمونا، جيڪي اسان ڏسون ٿا، سي بہ عام نموني جا ۽ روايتي آهن. منجهن دلي لڳاءُ ڪونهي. احساس ڪان خالي آهن.[7] ..... ان سلسلي ۾ اسان بن موقعن تي سرن جي تعمير ۾ سنڌ جي پٿر جي اُڪير واري ڇٽسالي‌ءَ جي نموني ڪي ڏسون ٿا.... سمي سلطان ڄام نظام الدين جو مقبرو ..... جيڪو احمد شاهي نموني تي آهي ..... ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان جي (عمارت) ..... سڄي ساري پٿر سان جڙيل آهي، جيڪا پڻ فتح پور سيڪري جي ڍنگ تي جڙيل آهي." اهي رايا جيتوڻيڪ هڪ وڏي عالم جا آهن، پر بدقسمتيءَ سان شخصي مشاهدي تي ٻڌل نہ آهن. ۽ مڪمل طور تي ٻين ذريعن تي مدار رکن ٿا.

سما دور سان لاڳاپيل عمارتون پٿرن ۽ سرن ٻنهي سان جوڙايل آهن ۽ انهن جي تعمير جا بہ بہ مختلف نمونا آهن. جن مان هڪڙا پٿرن واري اڏاوت ۾ ته ٻيا وري سرن واري تعمير سان واسطو رکن ٿا. قبرن تي لڳل ڪتبن ڪان سواءِ جيڪي بہ پٿر نوان آهن، سي يا ته ڪنهن جبل مان ڪڍي استعمال ڪيا ويا آهن يا ان پُوري پٿر مان جوڙيا ويا آهن، جيڪي مڪلي ٽڪريءَ تي چوڏس پکڙيا پيا آهن. نہ فقط نٽي، پر سڄيءَ سنڌ ۾ ڪنهن بہ دور ۾ پٿر سان گڏ مسالي واري ۽ چمڪدار سر جو استعمال ڪونہ ڪيو ويو آهي. سما دور ۾ پڪيءَ سر جي عمارتن ۾ بہ ڪاشيءَ جي سر جو استعمال ڪونہ ٿو ملي. سواءِ هڪ مثال جي يعني ڄام نظام الدين جي مقبري جي پرسان قبرن جي جوڙاسي گچ سان لتل چوديواري ۾. اتي ڪارنس وٽ اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي کان واڱڻائي تَرَ تي نيري رنگ جي سادي ڪاشيءَ جي سرن جي هڪ هڪ قطار هنئي وئي آهي. ان جو هڪ ٻيو مثال ڪلان ڪوٽ وارو قلعو آهي، جنهن جي مٿيءَ جي ڪاري تي ٻاهران پکيون سرون ٽڻيون ويون آهن. پٿر جي يادگارن کي چئن پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

الف: مدرسي جي نموني واري چٽي

(1) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چٽيءَ جهڙو مدرسو، جنهن سان لڳ بعد ۾ سندس مقبرو تعمير ڪيو ويو.

(2) شيخ حماد جماليءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف مدرسي نموني، قبيءَ سان چٽي.

(3) مسجد جي اولهہ طرف شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي چٽيءَ جهڙي جڳهہ، جنهن ۾ استعمال ٿيل پٿر تي بي انتها خوبصورت نمونا اُڪيريل آهن.

اهي مڪلي ٽڪريءَ تي تمام آڳاٽيون جڳهون آهن ۽ قدامت جي لحاظ سان اڳتي پوئتي ڪري اڏايون ويون آهن. اسان پهرين جڳهہ کان ٽيئءَ جڳهہ تائين درجي بدرجي ارتقا ڏسون ٿا. پهرين ۽ ٻي جڳهہ سادي ۽ لائي لسي ڏسون ٿا. پر ٽين اڏاوت بي انتها خوبصورت آهي، انهن جي وچ ۾ ڪاريگري واري ذات، ڏاڻُ ۽ هنرمنديءَ جو هڪ لاڳاپو آهي ۽ قبي جي ناهڻ ۾ اڏاوتي رٿا ۽ خاص هُنري ڏاڻُ پڻ شامل آهي، پر بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي جو هيءُ قبو فقط پهرين يادگار طور باقي وڃي بچيو آهي. پر تنهن هوندي بہ پوريءَ ريت ۽ تفصيل سان پتو پوي ٿو. ته ڪيئن هم چورس ڪمري سر درن

ء ڪنڊن وارن مَڪرَن يا گهوڙن کي ڊڪي گول بنياد جي صورت ڏياري. مٿان مناري شڪل واري قبيءَ جي صورت اختيار ڪرائي وئي. پٽر جي پٽين جوڙڻ جو طريقو خُشڪ نموني وارو آهي. جيڪو مسلمانن کان اڳ واري دور ۾ استعمال ٿيندو هو. يعني وڏي ڊگهي چوڪَنڊي پٽر کي ٻئي ڊگهي چوڪَنڊي پٽر مٿان بنا ڪنهن گچ گاري جي ڦٻائيندا رکندا ويندا هئا. اهڙيءَ ريت پهرين ٻنهي يادگارن ۾ استعمال ٿيل ٽلهه هم چورس ۽ سادا آهن. پر ٽئين يادگار ۾ ٽلهن تي چتَ اُڪيريل آهن. پهرين بن يادگارن جي ڏيڏيءَ جا ٽلهه ب سادا ۽ لاوا لسا آهن. پر ٽئين يادگار جي ڏيڏيءَ جو پٽرائون چوڪاڻي چتَ اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيتوڻيڪ ان جو نمونو اسلام کان اڳ واري اڏاوتي طرز سان تعلق رکي ٿو. پر حقيقت اها آهي، ته اها ب اسلام جي اصول مطابق آهي. جو ته ان ۾ ڪنهن ساهه واري جيوَ جي تصوير اُڪيريل کانڌي ڏسجي.

(ب) قبايون چٽيون

(الف) ڇهه ڪنڊيون چٽيون

(4) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي اوپر طرف پٽ. يارو (Bhitta Yaro) جي ڇهه ڪنڊي چٽي.

(5) قديم مسجد کان اتر - اولهه طرف قاضي عبدالله پٽ تاجو جي ڇهه ڪنڊي چٽي.

(ب) اٺ ڪنڊيون چٽيون

(6) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي وارو اٺ ڪُنڊو چٽيءَ سان مقبرو.

(7) ڄام نظام الدين جي مقبري جي اتر ۾ اٺ ڪُنڊي چٽيءَ سان مقبرو.

(8) ڄام تغلق شاهه جي مقبري جي ڏکڻ ۾ اٺن ڪُنڊن واري چٽيءَ سان مقبرو.

(9) ڄام تغلق جي زماني جو تعمير ٿيل اٺن ڪنڊن واري چٽيءَ سان مقبرو.

اهي سڀ چَٽيون پٽرن جي ٽلهن تي ٺهيل آهن. جن مان ڪي ڇهه ڪنڊيون. ته ڪي اٺ ڪنڊيون آهن. هر هڪ ڪنڊ تي هڪ ٽنب ٺڳل آهي. سيئي ٽنب هڪ نموني جا آهن. جيئن ٽنب واري مسجد ۾[8] ڪتب آيل آهن. هينري ڪزنس ان مسجد

تصوير 10 - سما دور جي قلعو ڪلان ڪوٽ جي گهٽائي پيرا مرمت ٿي هئي. اولهه پاسي کان قلعي جي پٽ ۾ مارن جا ڳڙڪا ڏسجن ٿا. ٿوري فاصلي تي مسجد نظر اچي رهي آهي.

جي اڏاوتي سامان کي بارهين صدي عيسويءَ جو تصور ڪري ٿو. ٽلهن تي چتَ اُڪيرڻ جو نمونو اسلام کان اڳ واري طرز سان لاڳاپو رکي ٿو. پر ان جو ڊنگ ۽ ڊيپ پڪ سان سندي آهي. اهڙي ڪا شاهدي موجود ڪانهي. ته مسلمانن انهن ٽلهن جي جارن مان اُڪيريل بُٽن کي چيٽي جي مدد سان اُکيڙي ڪڍو ڪيو.[9] هيءَ ٽلهه گجرات وارن ٽلهن کان ماڳهين مختلف آهن. جن کي مٿي کان تاج جي پرسان گلدان واري گهُڙهي رکيل آهي. ان قسم جي چٽسالي گپتا دور جي عمارت سازيءَ

جي فن سان لاڳاپو رکي ٿي.[10] ٻئي طرف نلهن تي رکيل چؤمُکا تاج آهن. جن تي اُکير جو چدو ليکدار ڪم ٿيل آهي ۽ چيڙن تي ونگوڑا اُکيريل اٿن. موجوده مثال ۾ قبو (الف) واري گروهه کان مختلف آهي. هن مثال ۾ اهي قبا هڪبئي تي چڙهندڙ چلن جي طريقي تي تعمير ٿيل آهن. جيڪو ڪوه آبو جي جين ڏرم جي مندر سان هڪجهڙائي رکي ٿو. ۽ فرق رڳو اهو آهي ته هتي ساهوارن جي چنسالي ٿيل کانءِ آهي. ان جي باوجود چوتي تي ڏاڍي سهڻي چنسالي ٿيل آهي جيڪا گلاب جي گل واري اُکير وٽ جڙ هيٺ لڙکيل آهي. ڇهن ٿنين جي حالت ۾ اهي جاڻايل ڇلا تعداد ۾ ٿورا آهن. ان سبب ڪري ڇهه ٿنيي چتي وارو قبو اٺ ٿنيي چتي جي قبي کان ڪجهه ويندڙو لڳندو آهي. ان کان سواءِ 8 ۽ 9 نمبر واري چٽين جي اندرئين سردر تي پهريون پيرو فارسي زبان ۾ لکت ڏسون ٿا. فقط 9 نمبر واري چتيءَ جي وٽين کي لنگهه ۽ محراب کان سواءِ پٽرن جي هڪ بار واري اوساريءَ سان بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

(ت) مقبرن جون چؤديواريون

(10) مبارڪ خان جي مقبري واري چوديواري.

(11) ڄام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ ۾ مقبري جي چوديواري.



تصوير 11 - ڪلان ڪوٽ جي مسجد جو اندريون پاسو جنهن ۾ محراب ۽ منبر تي اُکير واري چنسالي ۽ جي بهترين طرز نظر اچي ٿي محراب جي ٻنهين پاسي رکيل چوڪندي ساريه جا پاڙا مٽي وچ پٽ تي Dado وٽ ٻهاريل آهن. هيءَ تعمير سورهين صدي کان اڳ جي کانءِ آهي.

مکليءَ جي هن مقام ۾ ڪيترين ئي پٽرائيون قبرون چوڏاري پکڙيون پيون آهن. ڪي اڪيليون آهن ته ڪي مُڇن ۾ آهن. ڪن ڪي شروعات ۾ چوڏاري پتيون ڏنل هيون. پر پوءِ ڏهي پٽ پُٽجي ويون. قبرن تي ڪيترن ئي قسمن جا پٽراوان لوڙ هٽ (Grave stone) لڳل آهن. ايس - زيداڪ هاسٽين رات[11] (S.Zadacz Hastenrath) شجري واري سولي اصول تي انهن کي ترتيب ڏيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر معاملو ايڏو ڪو سولو ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته هن ڪر جي اڪلاءِ واسطي پين ڳالهين ۽ عنصرن تي به بار رکلو پوي ٿو. ان کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ واسطي ڪنهن سجاوٽي نمونن بدران هنر ۽ ڪاريگريءَ واري فن کي آڏو رکڻ گهرجي. آرائشي طرز ۽ نمونا فردن ۽ سندن ڇاڻ جي پهچ سان لاڳاپيل آهن. هن پانت جو پهريون ورن مبارڪ خان جو ڪتبو (Date Stone) سان مقبرو آهي. جنهن جي چوڏاري پٽ ڏنل آهي. جنهن کي ڏاڍو سهڻو اُکيريل لنگهه آهي. اولهه پاسي واريءَ پٽ سان محراب ٻٽيل اٿس. مبارڪ خان جي قبر وچ ۾ آهي. سيراندءِ کان مٿان چٽ سان جوڙيو (Head Stone) لڳل آهي ۽ پٽرائين لوڙهٽ تي اعليٰ پائي جي اُکير واري چنسالي ٿيل آهي. ٻيو مثال سرن جو نهيل هڪ سادو ڪوٽ آهي. ان ۾ به مکيه قبر ساڳيءَ نموني جي آهي. هيءَ سما دور سان واسطو رکندڙ اڏاوت آهي. جنهن ۾ ڪاشيءَ جي چمڪٽيون سرون استعمال ٿيل آهي.

پڪين سرن سان ٻٽيل سمورا قديم يادگار گچ سان لتل آهن. پر اُها لٻ، انهن پراڻين جاين جي فقط اندرئين پاسي وڃي پچي آهي. پتين جي باهرئين پاسي کان اهو ليپو لهي ويو آهي، هڪ نموني جي ڪوٽ جو ذڪر اڳ ۾ مٽي اچي چڪو آهي. ٽئي جي پتين جي تعمير ملتان جي پتين جهڙي آهي. جيڪي بناوٽ ۾ تغلق دور جي مڪتب فڪر سان تعلق رکن ٿيون. ٽئي جون پتيون اوچائيءَ ۾ ڇهين ڇهين مٽي ويندیون. ٽيئن ٽولهه ۾ سوڙهيون ٽيندیون ويندیون. ملتان جيان.

مضبوطي قائم رکڻ واسطي کانئين جون کامون، سرن جي عمارتن ۾ جهل ۾ گهوڑين طور تي ڪوٺ هنيون ويندیون هيون، ڪاريگريءَ جي لحاظ کان ٻئي طريقا هڪ ٻئي کان مختلف آهن. مڪلي ٺڪريءَ واريون اڏاوتون مستطيل ۽ آهن، ته هم چورس ۽ آهن، جڏهن ته ملتان واريون آناس جي صورت ۾ آهن. ملتان جي عمارتن ۾ ڪاشيءَ جي سر گهڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر مڪليءَ تي هن چمڪدار سر جو استعمال فقط هڪ جڳهه کان سواءِ ٻئي هنڌ نظر ڪونه ٿو اچي. اهڙي قسم جي هم چورس جڳهن ۾ قُبي جي تعمير ڏاڍي ڏکي هوندي آهي. اهڙين جاين مان اڄ ڪابه سلامت ڪانه رهي آهي. نلهن تي اڏيل چٽين وانگي پٽر جي گول چلن کي ڍڪي ڇڏڻ وارو طريقو جو هتي رواج ڪونه هو، هتي صحيح قسم جا قبا تعمير ٿيل ٿا ڏسجن. پر انهن جي جي اڏاوت دوران جيڪي طريقا استعمال ڪيا ويندا هئا، سي خاص قسم جا هوندا هئا. ڪارنس مٿان ننڍيون ونگون ڏئي هم چورس تعمير کي اناس شڪل ۾ بدلايو ويندو هو. پر سمجهه ۾ ائين ٿو اچي، ته ڪاريگر انهن ونگن جي مضبوطيءَ کان اڃا پوري ريت مطمئن ڪونه ٿيا هئا. ان ڪري ڪنڊن تي ڏيڍيون ٽيڪون هڻي ڪين وڌيڪ مضبوط ڪندا هئا. انهن جي هيٺان تي تي سر در ۽ هنيل ڏٺا ويا آهن. مٿي ونگن جي خانن جو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪو اناس کي سورهن پاڳن ۾ وندي ٿو ۽ ڏيڍين ٽيڪن وارين ڪنڊن کي لڪائي ڇڏي ٿو. جيڪو اڄتي هلي قبي جي بيهارڻ لاءِ بنياد فراهم ڪري ٿو. قبي جي تعمير جو طريقو گهڻو ڏکيو هوندو هو، تنهنڪري ان جون پٽيون روايتي پٽين کان موڪريون ۽ مضبوط بنايون ويندیون هيون. ملتان ۾ هن مسئلي کي هيئن حل ڪيو ويو آهي، جو قبي جي اڏڻ جي منصوبي جي شروعات اٽ ڪنڊي کان ڪئي ويندي هئي، ٻيو ته قبي جي هيٺئين حصي يعني ڍيڍيءَ جي تعمير وڏي بلنديءَ تي پهچائي پوءِ مٿان قبو جوڙيو ويندو هو. هتي قبي جي ڍيڍيءَ جي اڏاوت غير اهم آهي، ان ڪري قبا تعمير ۾ ويندڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. آرائش ڇڏي پاڏي آهي، ڪٽي بنيادن کان پنجن فوٽن تائين پٽرائين اوساري آهي. محراب ۽ گهٽو ڪري سادا سودا، شڪل صورت ۾ اڌ قبي جهڙا آهن ۽ مٿن ماڪيءَ جي مانارن جهڙي چٽسالي ڪيل آهي.

(د) مسجدون

(12) مڪليءَ جي قديم مسجد

اها شڪل ۽ صورت ۾ مستطيل نظر ايندي. ڏيڪ ويڪ ۾ ساموئيءَ جي تباهه ٿيل مسجد سان هڪجهڙائي رکي ٿي. پر فرق رڳو اهو آهي، ته مڪلي ٺڪريءَ واري مسجد کي اوپارئون وراندو ڪونه آهي. ڪلان ڪوٽ جي قلعي ۾ اندر بچي ويل مسجد ۾ به اهو ساڳيو فرق آهي، ته ان کي فقط هڪ قبو آهي. هيءَ دهليءَ جي گهڻ قبائي تغلق مسجدن کان به گهڻو مختلف آهي ۽ گجرات جي مسجدن کان گهڻي نياري آهي، جو جو هيءَ نلهن تي بينل کانه آهي. ٻيو ته هن مسجد ۾ منارو لڳل ڪونهي، هن مسجد ۾ وري مٿي وڃي اذان ڏيڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي ۽ بانگ ڏيڻ لاءِ الڳ منبر يا منارو نهيل ڪونهي.

(ح) سرن جا نهيل هم چورس قبا

(13) مَلڪ راجپال جو مقبرو.

(14) ڪنهن گمنام سلطان جو مقبرو، جنهن جي چَتَ لڳل قبر ڍهي وئي آهي.

(15) ڪنهن گمنام حڪمران جو مقبرو.

(ذ) پڪين سرن جو هم چورس مقبرو جنهن کي واڌو ڪمرو به آهي.

(16) فتح خان جي پيڻ جو مقبرو.

(ر) پڪين سرن جو تعمير ٿيل مقبرو، جنهن جي مٿان ڏاڪڻين جو مجموعو نهيل آهي.

(17) ملڪ قائوس سلطان جو مقبرو.

(18) تباهه ٿيل هم چورس مقبرو.

(ڙ) پٽرائون هم چورس مقبرو

(19) جام نظام الدين جو مقبرو.

هيءُ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. ان اڏاوت ۾ ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي. ته سرن جي انداز کي پٽر جي تعمير ۾ استعمال ڪجي. جيئن وڏ ۾ وڏ سنجڻي نموني لاءِ گنجائش ڪڍي سگهجي. خاص طور تي در واري لنگهه محراب ۽ اولاهين پت جي محراب جي اصلي وڏاوڻ تي. بي انتها خوبصورت اڪير واري چٽسالي ڪيل آهي. جيتوٽيڪ اڪير جي هنر ۾ تڪميل ڏسجي ٿي. پر اڏاوتي تجربي جي گهٽتائي سبب قُبو مڪمل طور تعمير ٿي نه سگهيو.

جام نظام الدين جي مقبري تي اڏاوتي فن ۽ ڪاريگريءَ جو ڪم انتها تي پهتل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتي وڏ ڪان وڏ ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي. ته جيئن سرن واري اڏاوتي طرز کي پٽر جي اڪير ۾ بدلائجي. اهڙيءَ ريت جو هن تاريخي يادگار کي پٽرائين اڪير جي نازڪ ۽ نفيس هنر وسيلي اڏاوتي فن جي ڪاريگريءَ جي انتها تي پهچايو وڃي. آرائشي نمونو ٿي سگهي ٿو ته ڪٽان پٽي هنڊان ورتي ويئي هجي. يا ٿي سگهي ٿو ته اسلام کان اڳ واري هنر ۽ ڪاريگريءَ کي ڪتب آندو هجي. باقي ڪاريگريءَ جي سيني نمونن کي گڏي. سموئي هڪ نموني طور پيش ڪرڻ هتان جي سنڌي سڃاڻ ڪاريگرن جو ڪمال آهي. جام نظام الدين جو مقبرو. سمن جي سڃي دور جي ڪاريگريءَ جو اوج آهي. جيڪو بي انتها خوبصورت آهي. سنڌ جي ڪلاوند ڪاريگر هيءُ مقبرو اڏي پنهنجي محبوب حڪمران لاءِ لافاني يادگار ته ڇڏيو. پر سنڌ جي ذات ۽ ڏاڻءِ کي به اَمر ڪري ڇڏيو.

ڪلان ڪوٽ قلعو

ڪلا ڪوٽ[12] يا ڪلان[13] ڪوٽ (صحيح نموني سان ڪليان ڪوٽ[14] جنهن جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي "فرحت، تحفظ ۽ خوشحالي") جنهن کي تغلق شاهه جام جوڻي II پٽ صدر الدين جام سڪندر (1427ع-832/1453هـ-857) جي نالي پٽيان تغلق آباد به سڏيو ويندو هو. جنهن جي لاءِ چيو ويندو آهي. ته هن ان قلعي جي ڪجهه مرمت ڪرائي هئي. ان قلعي کي مغل گورنر طغرل بيگ (وفات 1649ع:1059هـ) جي نالي پٽيان طغرل آباد به سڏيو ويندو هو. ڪيس دفن به مڪلي ٽڪريءَ تي ڪيو ويو. سندس چٽيءَ نما مقبرو مرزا عيسيٰ ترخان II جي قبي جي ڏکڻ طرف آهي. (ڏسو باب چوٿون). ان قلعي جي لاءِ چيو ويندو آهي. ته ان جي ڊگهي تاريخ آهي[15]. ڪلان ڪوٽ ارغونن جي ڏکئي دور ۾ مرزا جاني بيگ ۽ مغل سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان جي وچ ۾ محاذ آرائيءَ وقت وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو هو. پر ان قلعي جي هندو دور واري اصليت متعلق ڪابه شاهدي موجود ڪانهي. قلعي جي پٽين جي پڪين سرن سان اوساري ۽ گول برجيون هن قلعي جي مسلمان دور جي هجڻ واري اصليت بابت پڪي شاهدي ڏين ٿيون. اهو به امڪان آهي. ته هن قلعي جو بنياد سومرا خاندان جي پوئين دور ۾ يارهين صديءَ جي ٻجاڑيءَ ۾ پيو هجي. جڏهن سومرا خلجيءَ سان جنگين ۾ جنبيل هٿ ۽ سندن تخت گاهه محمد تباهه ٿي ڇڪو هو. ڪي تاريخي روايتون[16] اهو پڻ ٻڌائين ٿيون. ته ان دور ۾ سومرا ساموئيءَ ۾ پنهنجي عمارتي اڏاوتن واري ڪم ۾ پوريءَ ريت رڌل رهيا. ٿي سگهي ٿو. ته اهي روايتون هن قلعي بابت وڌيڪ صحيح هجن.

هيءُ قلعو مڪليءَ تي تعمير ٿيل قديم آثارن جي ڪاٽي جي ريسٽ هائوس کان پنج ميل ڏکڻ طرف، پير پٺي جي درگاهه ڏانهن ويندڙ رود کان ڪاپي ڏسا ني هڪ ميل کن ڏور ۽ سنڌو درياءَ جي سڪي ويل هڪ واهڙ جي ڪناري تي ٽهيل آهي. درياءَ جي پاسي کان. قلعي جي پٽ (نمبر 2) جنهن جي مٿان گول برجيون نظر اچن ٿيون. ڏاڏو سهڻو منظر پيش ڪري ٿي. درياءَ جو واهڙ قلعي جي اتر واريءَ پٽ ڏانهن ڪجهه جهوڪ ڏيون ٻيئل نظر اچي ٿو. ۽ پوءِ اولهه پاسي وڪڙ ڪائي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت قلعي لاءِ ٽن طرفن کان درياءَ جڙ هڪ بچاءُ هو. درياءَ جي اولهه واري شاخ (واهڙ) هڪ وڏو تلاءُ ٿي ناهي ۽ اهو تلاءُ قلعي لاءِ پاڻيءِ جي گهرج جي پورائي جو وڏو هڪ ذريعو به هو. قلعي اندر پاڻيءِ جي بندوبست جا



تصوير 12 - ڪلان ڪوٽ جي زبون حال پڪسرائين مسجد جنهن جو فقط رڄ وارو حصو بچيل آهي. ان جو اوپر وارو ٻاهريون پاسو گهٽو ڊنل ۽ ناس ٿيل ڪوٽ آهي. پر اڏاوت جو اتريون ۽ ڏاکڻون حصو ڊهي ختم ٿي ويو آهي.

ٻيا ٻه وسيلا هئا. هن پاسي کان پڪين سرن جي قلعي جي پت سنئون سڌو مٿي ويندي نظر اچي ٿي، جنهن ۾ "مارن" جا نشان ڇڻا پڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا (نمبر 10). خشڪ زمين فقط قلعي جي ڏکڻ ڏانهن هئي ۽ ان پاسي ٿي شهر سان لڳ ڪنهن قتل ڳوٺ جي آباد ڪاريءَ جا نشان ملن ٿا. قلعي جي ڏکڻ واريءَ پت ۾ بن قائمڪن جي موجود هئڻ جا اهجاڻ ملن ٿا. تعمير جي منصوبي ۾ قلعو شڪل ۾ لمبوترو چوڪنڊو آهي، پر ترتيب ۾ ٽڪريءَ جي ٻي ڊوليءَ شڪل سان هلندو ٿو وڃي. قلعي جون پتيون (2/1-14) سادا چوڏنهن فوٽ ٽلهيون آهن. اڏاوت ۾ ڪچي مٽي ۽ پٿر جي روڙي استعمال ٿيل آهي. ۽ انهن مٽان هم چورس شڪل جون پڪيون سرون لڳل هيون. قلعي جي اندر وارو حصو سرن جي مدد سان پاڻ ۾ وندير ورهيو ويو آهي. هڪ پاڳو قلعي جي ڏکڻ اولهه واري ڪنڊ ۾ ٻه واقع آهي، جنهن ۾ پڪين سرن جي مدد سان مستطيل شڪل تي پاٽيءَ جو تلاءُ ٻنايو ويو آهي. اولهه ڏسا کان پاٽيءَ جي تلاءُ ڏانهن ٽڪريءَ کي ڪپي رستو ٺاهيو ويو آهي. اهو رستو هڪ ڳڇهو پيچرو آهي، جنهن جي منهن تي، قلعي جي اندرئين پاسي کان بچاءُ جي مقصد کان سپاهي ٻه رکجي پئي سگهيا.

ڏکڻ پاسي وارو ٻيو لنگهه، قلعي جي ٻي هڪ وڏي چوديواريءَ ڏانهن ونڃي وڃي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته اهو رستو اتر اولهه ڏسا تي تعمير ٿيل مسجد ڏانهن ٻه ويندو هجي. پڪين سرن مان تعمير ٿيل موجوده مسجد (نمبر 12) پوئين دور جي اڏاوت سان واسطو رکي ٿي ۽ تَرخان دور کان اڳ جي جوڙايل هرگز ڪانهي. مسجد جي تعمير جو نمونو سما دور ۾ تعمير ٿيل قديم مسجد (هيٺ ڏسندا) کان بلڪل مختلف آهي، جيڪا مڪلي ٽڪريءَ جي اتر ۾ ڪنهن زماني ۾ اڏائي ويئي هئي. ڪلان ڪوٽ واري پوئين دور ۾ نهرايل مسجد ۾ پڪ ٽٽ ۽ ڪي ٻيون تبديليون پڪيءَ ريت ٻڌائين ٿيون، ته ان

دور ۾ قلعي تي پوئين دور جي مغل کارندن جو قبضو هو. مسجد جي پيڙهه ڏاڍي موڪري آهي، ان جي تعمير پڪين سرن جي شڪل صورت ۾ چوڪنڊي آهي ۽ چوڌاري ڪوٽ اٽس. پر هاڻي زبون حالت ۾ آهي، چوديواري جي ماپ 250x165 فوٽ ۽ منجهس سرن جي ٺهيل پاٽي، جي تلاءَ جي ماپ 96x87 فوٽ آهي. جيڪو 14 فوٽ هيٺ اونهو آهي. تلاءَ اوپر پاسي ۽ شڪل ۾ مستطيل آهي. مسجد تلاءَ جي اولهه ۾ آهي. اهو تلاءَ ٽڪريءَ کي کوٽي ماٺهن جي وضوءَ جي سهوليت لاءِ جوڙايو ويو هو. پڪين سرن جي اوساري مٽيءَ جي گاري سان ٽيل آهي ۽ مٽان گچ جو لپيو آيل اٽس. ليپي جو ٿهه 2 انچ کان 3 انچ ٽيندو. ان مسجد جا اتر ۽ ڏکڻ وارا ٻئي پاسا ڍهي پوريءَ ريت ختم ٿي ويا آهن. باقي وڃون ڪمرو، جنهن جي هر پاسي جي ماپ 33 فوٽ 10 انچ ٽيندي. اهو اهڙيءَ ريت چنبڙيو ٻيٺو آهي جو ڇڻ ٿه ڍهڻ ٿي آهي، پنهنجي اڏاوت جي اصلي شڪل ۾ هن مسجد آڏو وراندو ٻه هو. جيڪو پڻ هاڻي ڪري چڪو آهي، مسجد جي وڃئين ڪمري جي باقي بچيل پتين جي مٽين ماپ 25 فوٽ ٽيندي ۽ ٽولهه جي ماپ 10 فوٽ آهي. تري جي فرش بندي 14 انچ هم چورس ماپ واري سر سان ٽيل آهي. اڇڪلهه اوپارين طرف کان ونگ سان فقط هڪ لنگهه وڃي بچيو آهي. جيڪو مسجد جي نماز واري وڃئين صُفي ڏانهن وڻي اچي ٿو. ٻه* قوسي نوڪدار ونگ، جيڪا موڪري پڻ آهي. جيڪا قنڌار مان ارغونن جي اچڻ ڪري ٺٽي ۾ مقبول عام ٿي ويئي، منجهس قنڌاري اڏاوتي اثر ڇٽو آهي. ارغونن جي اچڻ کان پوءِ ونگن جو نمونو اهو ٿي ويو. مغلن جي پوين ڏينهن واري ڇئن مرڪزن جي ونگ جنهن کي ٻه قوسي نوڪدار ونگ (Tudor Arch) چيو ويندو آهي، اها نوڪدار ونگ هتي مشڪل سان ڪٽي ڏسڻ ۾ ايندي. بنيادي طور، اڏاوت ۾ اتر ۽ ڏکڻ طرف کان ونگن تي ٻه لنگهه هئا. پر پوءِ اهي بند ڪيا ويا، شايد ان ڪري جو مسجد جون اتر ۽ ڏکڻ واريون ٻئي پتيون ڪري پيون هيون. نماز وارو مرڪزي هنڌ اصل ۾ قبي سان ڍڪيل هو. جيڪو هاڻي ڪري پيو آهي، باقي پاسن واريون اناس ونگون ڪجهه سلامت آهن. جيڪي ڪارنس جي مٽان جوڙيون ويندیون آهن، جن تي ڇٽن ٿي پاسن کان ونگن مان هوا جي گذر لاءِ دريون پڻ جوڙيون ويون هيون، ڪارنس کان مٽان. ڪنهن ٻي مدد کان سواءِ ونگون هٿي ڦٻيون ٻڌي ڇوراس کي اناس ۾ بدلائڻ واري طريقي جو ارغونن واهپو ڪرايو هو. (ڏسو آڪٽي).

نماز پڙهڻ واري ڇورس ڪمري جي اندرئين پاسي مختلف دورن ۾ هڪ ٻئي مٽان گچ جو ليپو ڏنو ويو آهي، باهرئين پاسي کان اوساريءَ ۾ استعمال ٽيل سرون گسائي ڏاڍيون لسيون ڪيون ويون آهن. ڪنڊن وارين هُرين جي ليپي سبب ماکيءَ جي مانارن جهڙي ڇتسالي ٺهي پئي آهي. جنهن کي اَٽ ڪنڊي محراب جي اڌ قبيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (نمبر 11). اهو محراب پيڙهه کان ٽورو مٽي ڪاشيءَ جي سرن جي خانن مٽان جوڙيو ويو آهي. ڪاشيءَ جون سرون پٽ جي اندرئين پاسي ساڳيءَ سنوت سان چوڌاري ڪتب آندیون ويون آهن. مٽين درين جي چوڌار ڪين استعمال ڪيو ويو آهي. حاشيي تي ڪاشيءَ جا خانا. اٽڪل پنج فوٽ ڪن مٽي، پٽر واريءَ پٽ جي مٽان هنيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪاشيءَ جي سر جو هيءُ سنڌي نمونو آهي. جن مان ڪن تي اوپڙ ۽ ڪن تي اليڪي ڇُرَ آهي. پس منظر ۾ نيري ۽ اڇي رنگ جون سرون ٻه استعمال ڪيون ويون آهن. هينئين پاسي تي سفيد سرن کي ڪتب آندو ويو آهي. ان کان پوءِ ڇهه ڪنڊي نيري سر جو واهپو ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن تي اڇي رنگ ۾ اوپڙ جي چترڪاري ٽيل آهي. طرز ۾ گهٽن مرڪزن واري ونگ سان گڏ اوپڙ واري ڇتسالي ٻه شامل آهي. محراب ۾ استعمال ٽيل ڪاشيءَ جي سرن ۾ ڪجهه اصلاح ٽيل ڏسجي ٿي. اندرئين پاسي مهاڙيءَ ۾ ڪاشيءَ جون سرون استعمال ڪيون ويون آهن. جنهن تي ڏنداڻين ونگ ۽ اوپڙ جا گڏوڇڙ ڇٽ ڇٽيل آهن. ان سان گڏ گل لاڙ جو ڇٽ موڙن جي چترڪاري سوڏو ڏسجي ٿو.

محراب جي پرسان پوري پٽر مان ٺهيل پنجن ڏاڪن سان هڪ سهڻو منبر آهي. ان جي بناوت ۾ ترخاني اڏاوتي اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جي سنڍڻ ۽ سونهن نمايان جڳهه والاري ٿي. هينئون ڏاڪو سنگ مرمر جو آهي. جنهن تي گلاب جي

* هن ونگ جو ورن سيڊ ونگ جهڙو ٿي آهي. (سنڌيڪار)

گل جو ڇت اُڪيريل آهي. ٺٽي ۾ هيءُ پٿر در جي چوڪاٽن ۾ عام استعمال ڪيو ويندو هو. منبر جي ڏاڪڻ جي پهرئين ٻن ڏاڪن تي هڪ جهڙي جٽسالي اُڪيريل آهي. مٿين ٽن ڏاڪن جي اُڪير ٻهرين ٻن کان مختلف طرز جي آهي، هيٺين ٻن تي ستارن جون قطارون آهن. مٿين ٽن تي اوپڙ جي اُڪير ۾ پن ول ڏسجي ٿي ۽ ان سان گڏ ڏورين جي لڙهه جهڙي ٽُڪ پٽ ٽيل آهي. جڏهن مسجد پوريءَ ريت تيار ٿي وئي هوندي، تہ ڪاشيءَ جي سرن جي سنجٽ ۽ سونهن ڪري ڏاڍي سهڻي ۽ من موهيندڙ لڳندي هوندي. ٻاهرئين ٻاسي تي اوڀر ونگ وارا لنگهه ۽ مغل طرز جي تعمير سبب هيءَ عمارت پنهنجي دور ۾ بي انتها خوبصورت هوندي. *

*** ڪلان ڪوٽ اصل ۾ مينا نگر آهي**

ڊاڪٽرداني قلعي جي تعمير واري دور جي تعين ڪرڻ ۾ سخت قسم جي غلطي ڪئي آهي. جنهن لاءِ هيٺان سبب آهن:

1. ٺٽي جو شهر درياءَ جي ڪاٻي ڪناري ۽ ڪلان ڪوٽ ساڄي ڪناري واقع آهي وچ تي سنڌوءَ جي هڪ چاڙهه هئي، جيڪا هيٺان وهندي رهندي هئي. تنهنڪري دشمن جي حملي وقت اهو ڏاڍو مشڪل هو، تہ ڪلان ڪوٽ ۾ رهندڙ گئريسن فوج ٺٽي شهر جو بچاءُ ڪري سگهي.

2. جيڪڏهن ڪلان ڪوٽ سمن جو نهرابل هو، تہ اهو ٺٽي شهر جي اتر پاسي کان ڪاٻي ڪناري تي آباد ڪيو وڃي ها جنهن سان نگر ٺٽو آباد هو. چاڪاڻ تہ سڪندر (اعظم) کان وٺي ڪشڪ دور تائين سڀ حملا اتر پاسي کان ٿيا آهن. پر ڪلان ڪوٽ نگر ٺٽي کان اولهه - ڏکڻ پاسي آهي.

3. حملا آور فوج هميشہ شهر تي حملي ڪرڻ کان اڳ ان جي قلعي ۾ رهندڙ گئريسن فوج کي شڪست ڏيندي آهي. پر جتي قلعو ۽ شهر گڏيل هوندو آهي، تہ ان صورت ۾ حملي آور فوج جو جنگي طريقو ڪجهه ٻيو ۽ مختلف هوندو آهي.

4. جام صلاح الدين ۽ جام فيروز وچ ۾ تخت حاصل ڪرڻ واري مسئلي تان جنگيون لڳيون هيون. پر ڪنهن بہ تاريخ ۾ اهو ذڪر ڪونہ ملندو تہ ٺٽي نگر جي بچاءَ واري قلعي ڪلان ڪوٽ ۾ رهندڙ گئريسن کي ڪردار ادا ڪيو آهي. پر ان دور ۾ ڪلان ڪوٽ جو قلعي جي حيثيت کوبہ ذڪر موجود ڪونہ آهي.

5. جڏهن ارغونن نگر ٺٽي تي حملو ڪيو، تہ هن شهر جي قلعي ڪلان ڪوٽ ۾ گئريسن فوج جي جنگ جو احوال ئي موجود ڪونہ آهي پر دولهه دريا خان هڪ ڪلئي ميدان ۾ وڙهندو ڏسجي ٿو. اهو ذڪر ڪونہ ٿو ملي، تہ سندس فوج رات جو موٽي وڃي ڪلان ڪوٽ ۾ ترسندي هئي. جڏهن ارغون فوج درياءَ اڪري ڪاٻي ڪناري پهتي، تہ اتي ڪوٽ تہ ڇڏيو پر ڪو نندڙو ڪوٽ بہ موجود ڪونہ هو.

6. هن دور کان اڳ جڏهن جام نظام الدين سنڌ جو حڪمران هو تہ اسلام جي مشهور ترڪي خليفي سليمان عاليشا، جام نظام الدين ۽ گجرات جي مشهور حڪمران محمود بيگڙي جي گڏيل ساموندي فوج 1505ع ۾ پورچوگيزن هٿان ذليل شڪست کاڌي هئي. پر پوءِ بہ جام نظام الدين نگر ٺٽي جي بچاءَ لاءِ هن شهر کان ڏکڻ پاسي کوبہ نندو وڏو قلعو ڪونہ اڏايو هو.

7. سورهين صديءَ جي وچ ڌاري جڏهن پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪري ان شهر کي ڦري لٽي باهه ڏئي ساڙي رکَ ڪري ڇڏيو، تہ ان وقت نگر ٺٽي جي بچاءَ لاءِ نام نهاد ڪلان ڪوٽ ۾ رهندڙ گئريسن فوج جو ڪو ذڪر بہ ڪونہ ملندو، چاڪاڻ تہ نگر ٺٽي ۽ قلعي جي وچان سنڌوءَ جو وهڪرو موجود هو.

8. سورهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن عبدالرحيم خان خانان ۽ مشهور تاريخدان مير معصوم بکري گڏجي سنڌ تي حملو ڪيو، تہ مرزا جاني بيگ ساٿن مڙسيءَ سان مهاڏو ڏنو هو. پر ٺٽي جي تحفظ لاءِ ان وقت بہ تاريخ ۾ ڪلان ڪوٽ وارو قومي قلعو نظر ڪونہ ٿو اچي. (جاري)

الف - مدرسي طرز واري چٽي - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مدرسو

شيخ عيسيٰ لنگوٽي (لنگوٽي[17] معنيٰ ڪسرت لاءِ لُنگ ٻڌڻ وارو). هُو هندستان جي مڌيه پرديش جي شهر برهانپور جو ويڑل هو ۽ اتان الڌي اچي هتي رهيو. مڪليءَ تي هڪ مدرسو کوليو هٽائين. هيءُ عالم، علامه نعمت الله عباسيءَ جي استاد ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ جي مشهور بزرگ شيخ حماد جماليءَ جو همعصر هو. هن بزرگ 1427ع:831هـ ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو سرن جو ٽهيل ۽ گچ سان لنبيل آهي. ان جي اڏاوت سندس وفات کان گهڻو وقت پوء ٿي. سندس مقبرو ونگ وسيلي هڪ ٻي عمارت ساڻ جڙيل آهي (نمبر 13). ان عمارت کي مدرسي جي نالي سان ياد ڪريون ٿا. (ڏسو خاڪو تصوير 1). هيءُ پٽرن سان جوڙيل بي مثال عمارت آهي. (پليٽ 1). نقشي ۾ هم چورس ۽ هر پاسي جي ماپ 12 فوٽ 9 انچ آهي، ان سان گڏ ڏيڍيءَ جي ماپ هم چورس 7 فوٽ 3 انچ آهي. جيڪا ڏکڻ ۽ اولهه طرف ڏانهن وڌيل آهي. بعد ۾ ان کي سرن جي تعمير سان ٽورو ڪجهه اوپر ڏانهن وڌايو ويو آهي. ان اڏاوت ۾ ونگ سان هڪ لنگهه

بقايا سنڌيڪار جو نوٽ:

9. چام نظام الدين جي زماني ۾ محمد خان شيباني ۽ حسين بايقراهه جي وچ ۾ جنگيون لڳي رهيون هيون. وچ ايشيا ٻري رهيو هو. ساري ڏرتي تامون ٿي وئي هئي. اتان جا ماڻهو اچي ٹٹي ۾ آباد ٿي رهيا هئا. چام نظام الدين نگر ٹٹي جي امڪاني بچاءَ لاءِ هن شهر جي اتر ۾ به درياءَ ويجهو کوبه نندو وڏو قلعو ڪوٽ اڏايو هو.

هيٺين سببن ڪري ڪلان ڪوٽ نه نگر ٹٹي جو قلعو آهي نه وري اهو سما چامن جو تعمير ڪرايل آهي:

(1) سما دور جي مڪليءَ جي اڏاوتن ۾ ڪتب آندل سر ۽ ڪلان ڪوٽ جي تعمير ۾ ڪتب آندل سرن جي گهاڻ ۾ گهڻو فرق آهي. مڪليءَ واري سر، سما دور سان تعلق رکي ٿي. جڏهن ته ڪلان ڪوٽ واري سر، تختيءَ ۾ وڏي ۽ سما دور جي اڏاوت لاءِ ڪتب آيل سرن کان گهڻو قديم ۽ مختلف آهي.

(2) قلعي اندر شوَ مندر جي موجودگي هن جي سنڌي هندو دور جي اڏاوت هئڻ جي نشاندهي ڪري ٿي.

(3) قلعي جي پٽ ۾ وچ تي ڪچين سرن جو استعمال ڏيکاري ٿو. ته اهو قلعو بارود جي استعمال کان اڳ واري زماني سان تعلق رکي ٿو. جڏهن ته سما دور ۾ بارود جو واهپو عام هو.

(4) سڪندر يوناني کان وٺي غورين بلڪ ارغونن تائين سڀ حملا خيبر لڪ ۽ بولان لڪ کان ٽپندا رهيا آهن. تنهن ڪري مگر ٹٹي جي بچاءَ لاءِ قلعو ان شهر جي اتر کان هئڻ گهرجي ها. پر هي ڏکڻ اولهه ۾ آهي.

(5) قلعي کان درياءَ ڏانهن ويندڙ هڪ گهاٽ آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو. ته اهو هاٿي گهاٽ آهي جنهن وسيلي قلعي مان هاٿي ڪڍي درياهه ڏانهن آندا ويندا هئا. هاٿيءَ جو جنگي استعمال سومرن ۽ سمن کان گهڻو اڳ ختم ٿي چڪو هو.

(6) قلعي جا برج تير جي پهچ جيتري وٿيءَ تي تعمير ٿيل آهن. جنهن مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته قلعي جي اڏاوت جو زمانو تير ڪمان واري جنگ وارو دور هو.

تنهن ڪري اهو قوي امڪان آهي. ته ڪلان ڪوٽ نگر ٹٹي جو نه پر مينانگر جو قلعو آهي. هن ماڳ جو ذڪر سڪندر جي هر مؤرخ ڪيو آهي. جيڪو درياءَ جي هُن پاسي واقع هو. جنهن پاسي ڪلان ڪوٽ جو قلعو هو ۽ قلعو مينانگر کان مٿئين پاسي هو. تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو. ته سمن کجهه وقت لاءِ مينانگر کي تخت گاهه بنايو هو. پر وچ ايشيا جي برندڙ صورتحال کي ڏسي درياءَ جي ساڃي پاسي قائم مينانگر کي چڏي اچي ٹٹي ۾ تخت گاهه قائم ڪيائون. جيڪو بَلبن ۽ سندس پٽ محمد "قا آن" جي زماني ۾ گهڻو مشهور هو. پر هن شهر کي بچائڻ لاءِ هُنن اتر کان ڪو قلعو تعمير ڪرايو هو. ڏنو ويندو ته ڪلان ڪوٽ قلعي سما، ارغون ۽ ترخان دور ۾ ٹٹي جو ڪڏهن بچاءُ ئي نه ڪيو آهي. قلعي جو نالو به ڪلان ڪوٽ نه پر ڪلياڻ ڪوٽ آهي. ڏنو وڃي ته نگر ٹٹو جاگرافيائي طور سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ موجود آهي. ڪڏهن تاريخ ۾ ڪچ ۽ پچ به لاڙ واري حصي ۾ موجود هوندا هئا. هن علاقي جي مشهور شهرن جا نالا (جاري)

ل صورت اُپي ۽ سِينڌ ونگ طرز تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن نموني جون ونگون سما دور جي اڏا
ويندیون آهن. تنهن ڪري سمجهه ۾ ائين اچي ٿو، ته هن قسم جي اڏاوتي روايت ان دور ج
مدرسي جي اڏاوت سما دور جي شروعاتي زماني ۾ ڪئي وئي هوندي. هيءَ جڳهه فقط نلهن
هم چورس نقشي جي ڪنڊ تي بنايو ويو آهي. نلهن ۾ هڪ جيترو مفاصلو آهي ۽ هر ن
چوڻڪي گهوڙي ۽ هيٺان مَڪڙو رکيو ويو آهي. نلهن جي وچ واري وٽي پرديءَ واريءَ
ي. اها اوساري بنا گاري جي فقط پٿرن سان ڪيل ٿي ڏسجي. ڏيڏيءَ وٽ ۾ لنگهه آهن. ڏرتي



شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي جو نقشو. جنهن جو چت وارو تعمير ٽيل حصو هڪ ٻئي مٿان گول بار ڏئي
بارن جي مقصد سان ٺاهي وئي آهي.

سنڌيڪار جو نوٽ)

۾ ڏسجن ٿا. مينانگر، نٽو نگر، چام نگر، سريندر نگر وغيره. هن علاقي ۾ ڪن ماڻڪ جا
لفظ ڪليان آهي.

1 ۾ سندس بيان آهي ته قلعي واري مسجد سما دور يعني 16 هين صديءَ کان اڳ جي ڪاڻ آ
ديءَ جي ابتدا ۾ ئي ختم ٿي وڃي ٿو. ته مسجد سمن کان اڳ ڪنهن تعمير ڪرائي؟ ٻيو ته م
ل سر ساڳئي هڪ قسم جي آهي. جيڪا مڪليءَ جي اڏاوتن واريءَ سر کان مختلف آهي
ر قلعو ڪليان ڪوٽ سنڌوءَ جي ساڃي ڪناري آهن. معلوم ٿئي ٿو ته هنن ٻنهي اڏاوتن جو ان د
سنڌ تي خيبر ۽ بولان لَڪ کان حملا ٿيڻ شروع ٿيا هئا. پر ان زماني سان حملن جو امڪان هو
جني" جنگين ڪري سنڌ جي حڪمرانن سنڌوءَ جي ساڃي ڪناري شهر ۾ انهن جا قلعا تعمي
لاءِ ڏسو گريگوري ايل. پوسيل (Gregory L.Possehl) جو مشهور ڪتاب vilization in

تصوير 13 - هن تصوير ۾ شيخ عيسيٰ لنگوتيءَ جي مدرسي سان گڏ سيندَ رنگ Lancet Shaped arch سان لنگهه ڏسجي ٿو. جيڪو هڪ پڪ سرائين مقبري ڏانهن ڪُلي ٿو. ان لنگهه وارو مقبرو هاڻي ڏهي ناس ٿي ويو آهي. جيڪو شيخ عيسيٰ لنگوتيءَ جي مدرسي واري جڳهه ۽ سندس سفيد مقبري جي وچ تي آهي. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسوي جي مُنڊ واري دور سان تعلق رکي ٿي.

ٿ پٽرائين پردي۽ ۾ هوا ۽ روشنيءَ لاءِ ڳڙڪيون ڪيل آهن. ڏيڏيون آڪاس شڪل وارن نُـلهن ت
ن وارا پاسا چورس آهن. مٿان ڇت سر درن تي رکيل ڊگهن پٽرن سان ڇانيل آهي. اولي مٿان
ڪُنگرا رکيل ڏسجن ٿا. انهن جي هيٺان پٽرن جو ڇَڄو نڪتل آهي. اندرئين پاسي تي اڪاس
هڪ نلهه هڪ ڪنڊ تي ۽ هر هڪ پاسي جي وچ تي هڪ نلهه آهي. انهن نلهن جا تاج ۽ مُـڪي
آهن. سردر اهڙيءَ ترتيب سان رکيا ويا آهن. جو ڪنڊن وارا نلهه وچ تي اچي ويا آهن. ۽ سا
ي وچ ۾ وٽي آهي. اهڙيءَ ريت مٿي قبي کي اڳتي وڌيل سردرن جي وڏيڪ ٽيڪ ملي وڃي
ردرن ۽ سانگڙين کي آرپار رکي) ۽ پيرا ورجايو ويو آهي. جيڪي اڳتي هلي قبي لاءِ اٺ ڪنڊ
ڇ ڏاکڻ وانگي هڪ بئي مٿان سردر رکي اٺ ڪنڊي يا چوراس واري وٽيءَ سان ترتيب ڏني
ويو آهي. اندرئين پاسي وارا اڪاس وارا ٽنبا. باهرئين پاسي کان وٽي چڏين ٿا. ان وٽيءَ کي و
رستي طور ڪر آڻي سگهجي ٿيو. اندر طرف وارا ڇڇا باهرئين طرف کان چوڪطرفي قبي
ڪونه ٿا سگهجن. چاڪاڻ ته اها ڇت ڇوڪنڊيءَ جي ڇت بنجي پوي ٿي. قبي جي مٿان هڪ
ن جو سلسلو آهي. هيءَ بناوت جي لحاظ سان سادي سودي عمارت آهي. پردين سان روشنيءَ
جي بناوتي فن کان سواءِ ساري کاريگري عام نموني جي آهي ۽ وقت گذرڻ ڪري پٽر ۾ هي
هڪ سادي قسم جو تجربو آهي. گهٽو ڪري هين هنڌن تان ماضيءَ جا اڏاوتي نمونا ڏسي ٿا
ته آهي ڪن درويشن جا درسگاهه هجن. جن جو نقل ڪيو ويو هجي.

ايون چٽيون

ر آثارن جي هڪ بئي مُـڇلي (Group) سان لاڳاپو رکن ٿيون. جنهن کي قديم آثارن واري کات
ڪري سڏيو ويندو آهي. ان جو اصلي مرڪز، شيخ حماد جمالي واري[19] جڳهه ڇيو وڃي ٿو. سند
ين شيخ جمال آڇي هو. جيڪو آڇ شريف جو ويڙل هو. هيءَ ڇوڏهينءَ صدي عيسويءَ جو مڪل

تصوير 14 - مدرسي جي جڳهه سان مشابهت رکندڙ هڪ ڇٽيءَ نما مقبرو، جنهن ۾ هڪ ڪنيءَ سردر تي بڏل هڪ لنگهه ڏسجي رهيو آهي. اندر داخل ٿبو، ته هڪ ڪلهي تي به سادين قبرون ڏسڻ ۾ ايندين. هن تعمير ۾ سنهي پردي سان درين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن جي پٺئين پاسي کان هڪ قديم مسجد جو اوپر وارو پاسو طرف ڏسجي رهيو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

اولهه طرف سندس خانقاه هئي، هن جو پنهنجو مقبرو، جيڪو پراڻي مسجد جي اوپر طرف آهي، سو هينئر ڏهي پٽ ٿي ويو آهي. سندس مقبري جي مرمت مغل دور ۾ ٿي ۽ ان کي ڪاشيءَ جي سرن سان پڻ سينگاريو ويو. ان مقبري جي ڏکڻ ۾ڏنل هڪ مقبرو آهي، (نمبر 14) جنهن جا سادا ڪلهه اڄا به بيٺل آهن. سردر، پردي واريون پتيون هڪ ڪي ٽلهي تي به قبرون اڄا به موجود آهن. مير علي شير قانع[20] ان مقبري جي چوڌطرف گهٽين عمارتن جو ذڪر ڪيو آهي. هڪ عمارت سلامت رهي آهي، جنهن جو لاڳاپو به پراڻي دور سان آهي، جيڪا بناوت ۾ مٽي ذڪر ڪيل مدرسي جي عمارت سان هڪ جهڙائي رکي ٿي. اڳين پراڻيءَ اڏاوتن وانگي هڪ سادي عام رواجي عمارت آهي. اڏاوت جي لحاظ کان هر چورس آهي. ان جي باهرين ماپ 18 فوٽ 19 انچ آهي، منجهس 12 ڪلهه آهن، جن جي بناوت هر چورس 12 انچ آهي، چار ڪلهه چڻن ڪندن تي ٺهيل آهن ۽ باقي به هر هڪ پاسي تي ٺهيل آهن. ساڳئي نموني سان ڪندن تي سردر هنيا ويا آهن، جيڪي پاسي وارن ٻن ڪلهن تي ڏريل آهن، وچ تي ٽيڪ لاءِ هڪ ڪلهه ڏنو ويو آهي. وڏيڪ ڪلهن ۽ سردرن اندرئين چوراس جي صورت کي اناس ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، جيڪو قبي جي بناوت لاءِ بنياد بڻجي ٿو، پر بدقسمتي اها آهي جو اهو ڏهي ڪري ختم ٿي ويو آهي. اهو چئو ڪونهي، ته اهو قبي جو سڏو سنئون بنياد هو يا مدرسي ۾ استعمال ٿيل اڏاوتي طريقي کي پڻ هتي به ڪتب آندو ويو هو. ٻن قبرن جو ڪلهو، جنهن جي ماپ 7 فوٽ 11 انچ ڏيڪهه ۽ 7 فوٽ 9 انچ منڊو آهي، انهن مٿان سرن جي ڏندڙي به هنئي وئي آهي، جيڪا سادي آهي. قبرن جو مٿيون پاسو ٻن چوڪُنڊي خانن ۾ ورهايل آهي. سيراندي‌ءَ کان گول اُڪير واري چٽسالي ٿيل اٽس ۽ ڏاکڻي خاني ۾ زنجيريءَ واري لڙهه ٺهيل آهي. باهرين ڪلهن واري وڻي مُنڊي ۾ لسن پٽرن جي اوساريءَ سان بند ڪيل هئي، پر هر هڪ ڪنڊ تي هوا ۽ روشنيءَ جي گذر واسطي پردي‌ءَ واري پٽ ۾ جالي ٺهيل آهي. سڀ ڪلهه هم چورس شڪل جا آهن، جيڪي صفا سادا آهن. انهن جي تاج ۾ چوُمُکيون گهوڙيون لڳل آهن، مقبري جي بناوت جي سادگي اهو ظاهر ڪري ٿي، ته مدرسي جي قديم عمارت وقت جي لحاظ کان ان اڏاوت جي ويجهو هئي.

شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي ڇٽي

مڪلي ٽڪريءَ تي قديم مسجد جي اولهه پاسي (پليٽ 7) ڪيترين ئي تباهه ۽ برباد جڳهون موجود آهن. اهو پٽ تي ڪريل اڏاوتي سامان پنهنجي اصلي صورت ۾ چوڌاري ڪنڊريو ۽ پکڙيو پيو آهي ۽ اهو ممڪن آهي، ته ساڳين اڏاوتي شين مان گهٽي قدر ساڳيون عمارتون ڪڙيون ڪري سگهجن ٿيون. بي انتها خوبصورت يادگار (نمبر 15) جنهن جي دروازي جي لنگهه تي هنيل پٽر تي ڪيل چٽسالي (پليٽ 9) ڪلهه، پردي لاءِ ڪڍيل پتيون ۽ سر درن تي اُڪير واري چٽ اڄا بچيل آهي. سندس تعمير جو نقشو قديم مدرسي جيان آهي. نفاست ۽ نزاڪت سان پرپور باڪمال ڪاريگريءَ واري اُڪير اهو ٻڌائي ٿي، ته هيءَ ڪر ڪنهن شاهي بخشش وسيلي ٿيو هوندو. اهو چيو ويندو آهي ته سلطان ڄام تماچي، شيخ حماد جماليءَ جو ڏاڏو معتقد هو. اهو امڪان ٿي سگهي ٿو، ته پر واري مسجد سان گڏ هيءَ

تصوير 15 - شيخ حماد جمالي، جي مدرسي جو هڪ مجموعي منظر، جنهن ۾ مختلف سردرن جو هڪ دائرو نظر اچي ٿو. جيڪي ٻلهن جي آڏار تي بيٺل آهن. هن اڏاوت جو واسطو 14 هين صدي عيسوي، سان آهي.



تصوير 16 - هڪ تعمير جي ڪنڊ وارو اڪيريل سردر جيڪو پٿر جي خوبصورت اڪيريل چٽيل ٽنهن جي آڏار تي بيٺو آهي. هن اڏاوت جي ڪاريگري مان پتو پئجي وڃي ٿو. ته شيخ حماد جمالي، جي مدرسي جي گول ڪمري کي الماس جي شڪل ۾ ڪيئن بنايو ويو آهي.

مدرسي جي عمارت به هن لاءِ سلطان اڏائي هجي. ان عمارت جو بنياد مٿي آهي ۽ اڳئين ذڪر ڪيل مدرسي وانگي هم چورس آهي، جنهن کي بارنهن ٻلهه آهن. هڪ ٻلهه هرهڪ ڪنڊ تي ۽ ٻه هر هڪ پاسي تي بيٺل آهن. ڪمري جي چورس کي پٽيون ڏئي ناهيو ويو آهي. پٽين ۾ استعمال ٿيل پٿر لسو ۽ سادو آهي. هر هڪ ڪنڊ تي پردي، ۾ هوا ۽ روشني، لاءِ جالي نهيل آهي. اوپر طرفان در وارو پٽرائون چوڪاٽو تمام نفاست ۽ نزاڪت سان اڪيريو ويو آهي. (پليٽ 9). پٿر جي ٻلهن جو نمونو (نمبر 17) ڏاڍو دلچسپ آهي. ٻلهن جو ٻاهريون پاسو، جيئن ٻاهرئين طرف کان ڏسجي ٿو، هم چورس آهي، پر بي انتها سادو آهي، ۽ اندريون پاسو جيئن اندران ڏسجي ٿو، ڏاڍو سهڻو ۽ اپريل اڪير (High relief) ٿيل آهي. هڪ مثال: اپريل اڪير طرز جي چٽسالي، جا ڪيترائي پاڳا ۽ نمونا ڏيکاري ٿو. ٻلهن تي چؤمکيون گهوڙيون آهن. جن جي پٿر جي ڪناري، تي هيري ڪڻ جي آڏين جي چٽن واري اڪير ٿيل آهي. انهن کان سواءِ گهوڙين جي هينئين پاسي کان تمام سنهي اڪير جا ونگوڙا نهيل آهن. ٻلهن جي تاجن جي هيٺان ٽوري ڳڇي ۽ ليڪن سان سوڙهي پٽي آهي، پر ٻيو ڪو خاص ڪم ٿيل ڪونہ آهي. ٻلهه جي تمام مٿانهين حصي ۾ گلدان ٻدران ابتن پنن جي چٽسالي اڪيريل آهي. ان کان هينئين حصي ۾ هيري جي اڌ جهڙي اڪير آهي. تنهن بعد سورج مکيءَ جو گل ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن جي چوڌاس مٿين جي چٽسالي آهي. ان جي هيٺان ايو چوڪاسو چٽيل ڏسڻ ۾ ايندو. آخر ۾ پنن جي قطار آهي. جيڪي مٿي ڪڙا نظر اچن ٿا. ٻلهه جو هينئون حصو ڪاڇي ويو آهي. اهڙي، ريت اپريل اڪير ٻلهه تي روشني، ۽ پاڇي جو تاثر چڏي ٿي. ساڳي، ريت پردي واري پٽ ۾ ٻه سورج مکيءَ جي گل جي آرپار ٽڪ ٿيل آهي. جيڪا گولائي، جي اندر آهي. در جي چانڊ ۾ اڌ گول چند نڪتل آهي. در جا ڪاپي ۽ ساڄي طرف وارا چوڪاڻا ڏاڍا ناهوڪا آهن ۽ ٻلهه جي تري ۾ هندي اڏاوت جي نمونو واري جاري آهي، پر ان تي ڪوبہ بت تراشيل ڪونہ آهي. فقط عربي صورت خطي، ۾ اپريل ڪوفي، طرز تي مٿان کان هيٺ تائين اڪير

ٽيل آهي. ان کان علاوه هيري ڪٽين جي چٽن جي هڪ قطار آهي، وچ تي 'ڏندن' وانگي ڏسڻ ۾ ايندڙ هڪ بلاڪ آهي. تعمير جو اندريون پاسو پوريءَ ريت شانائتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اندرئين پاسي سر درن تي اُپريل اُڪير (High relief) طرز تي قرآني آيتن جي خوبصورت (پليٽ 8) خطاطي ٽيل آهي. هيٺ بنيادن وٽ هيرڪٽين جي هلڪي ڪوڪيءَ طرز (Low Relief Style) تي ٽُڪ ٽيل آهي. ڪُنڊ وارا تي ٻلهه (نمبر 16) هڪ ٽيڙو بنائين ٽا ۽ مٽن ترچو سر در رکيل آهي. اهڙيءَ طرح هڪ چورس ڪمرو اناس جي شڪل ۾ بدلجي وڃي ٿو. ڪمري جي اندر ڪو ٻيو ٻلهه نظر ڪونہ ٿو اچي. قبي تعمير ٽيٽ وارو سلسلو بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ٽي سگهي ٿو تہ اهو چلن کي ڍڪي ڇڏڻ واري طريقي (نمبر 27) سان بنايو ويو هجي. ممڪن آهي، تہ قديم مدرسي جو نقل ڪيو ويو هجي، چو تہ اهو ڪُنڊن جي پاسن کان سوڙهو ٽيندو وڃي ٿو. بهرحال هيءَ پراڻي دور سان واسطو رکندڙ هڪ خوبصورت اڏاوت آهي ۽ سنڌي ڪاريگرن جي هنر جو هڪ شاهڪار ۽ باڪمال نمونو آهي، جنهن جام نظام الدين جي مقبري جي ڪاريگريءَ جي ڪمال کان گهٽو وقت اڳ اڏاوتي فن کي اوج ڏياريو. ساڳئي وقت قرآني آيتن جي اُڪير جي فن کي اسلام کان اڳ وارن نمونن سان گڏائي ڏيکاريو ويو آهي. ڏٺو وڃي، تہ اهي پاڻ ۾ ڪيڏو نہ خوبصورت توازن رکن ٿا. آرائشي فن جي لحاظ کان شيخ حماد جماليءَ جو مدرسو جام نظام الدين جي مقبري واري وڏي فن ۽ ڪلا جي جڙ تہ هڪ ننڍي پر بنيادي شروعات هو.

(ب) چٽين وارا مقبرا

(الف) چهہ ٽنيون چٽيون:

پٺا يارو (هالي درويش جو مقبرو)

پٺا يارو (هالي درويش جو مقبرو) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي اوپر طرف آهي. پنهنجي نقشي ۾ هيءَ اڏاوت (نمبر 19) چهہ ٽنيي آهي، ان جو اندريون قطر 17 فوٽ 2 انچ آهي، ڪندن تي اُڪيريل چٽن وارا ٻلهہ اٽس. هر ٻلهہ تي چوٻڪي گهوڙيءَ نموني جو تاج ٽهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سڄو تاج بناوت ۾ سادو آهي، پر سندس اهو حصو، جيڪو مڪڙي وانگي موڙ کائي ڦري اچي سر درن کي جهليو ٻيٺو آهي، تنهنجي هينئين پاسي کان ٽي ڦيٽا يا سورج مکي جا گُل اُڪيريل آهن. ٻاهرئين پاسي وچ تي هينئين طرف کان ٽوري گهرائيءَ ۾ هڪ هم چورس دائري اندر ٻہ سورج مکيءَ جي اُڪيريل تصوير نظر اچي ٿي. پاسن تي ڏوريءَ واري روايتي اُڪير آهي، جنهن جي گولائيءَ جي وچ ۾ هڪ پَنُجو چٽ اُڪيريل آهي. اهي سردر اڳتي وڌيل ڇڄي کي ٽيڪ ڏيو ٻينا آهن، جن کي سوگهي جهلڻ لاءِ اولي وارا پٽر هنيا ويا آهن. مٽن گل ميخ جي مٿي جهڙي چٽسالي بن قطارن ۾ نظر اچي ٿي. مٿي اولي ۾ ڪجهہ ڪنگرا ڍهڻ کان بچي ويا آهن. مٽن ڏندائين ٽڪ جي ڪري وچ تي جڙ ونگ بڻجي پيئي آهي. ان کو قبائينءَ چٽيءَ سان ڍڪيو ويو آهي، مٽان ڪي جوڙي ڪلسن سان نيل رکي وئي آهي. چانئيل ڍڪ پٽرن جا گول چلا هڪ ٻئي مٽان رکي جوڙايل تو ڏسجي، جيڪي اوساري ۾ اڳتي وڌندا اچن ٿا. انهن گول پٽرن جي چلن جو تعداد ست ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي گول چلا چٽن سان اُڪيريل آهن. اُڪير ۾ گل جي پنکڙين جو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پنکڙين جي اُڪير اهڙي طرز جي آهي جو پنکڙين مان ونگون بڻجي پيون آهن. چوٽيءَ تي مٿي پٽر جو اُڪيريل لڏڪٽو نظر اچي رهيو آهي. پٽر جا ٻلهہ (نمبر 18) اڳين وانگي روايتي آهن ۽ سندن طرز اسلام کان اڳ وارين اڏاوتن جي نموني جهڙي آهي، فرق رڳو اهو آهي، تہ ان جي مٽان ساهواري ڪنهن جيوَ جون تصويرون چٽيل ڪونہ آهن. هر هڪ ٻلهہ هڪ يڪو جانڊل آهي، جيڪو ٽڪرن ۾ ورهايل ڪونهي. تري وارو پاسو هم چورس آهي. ان کان پوءِ ڪوريل ڳچي آهي، جيڪا گولائيءَ تي آهي. اهڙيءَ ريت ان يڪي پٽر جا پنج پاگا آهن. ڪن جي شڪل اناس، ڪن جي سورنهن ڪندي تہ ڪن جي گول آهي. هينئين هم چورس حصي تي چٽن ٽي پاسن کان ونگدار جاري جيان ٽوري ٽُڪ ٽيل آهي. اناس شڪل وارن پاگن تي هلڪي ڪوڪيءَ (Low relief) سان مستطيل جاري جي ٽُڪ ٽيل آهي. تنهن کان پوءِ اهو پاگو اچي ٿو، جنهن تي اُپن پنن جي اُڪير آهي. انهن کان پوءِ لڪدار پاسن



تصوير 17 - شيخ حماد جمالي‌ءَ جي مدرسي جي اڪير ٽيل خوبصورت ٽنب جنهن جي مٿئين پاسي چؤڪو تاج لڳل آهي. ان ٽنب جو هيٺيون پاسو ڪاڇي چٽي ويو آهي. باقي مٿئين پاسي واري حصي تي سڌي‌ءَ سنوت ۽ چٽسالي‌ءَ جي هڪ خوبصورت طرز چٽيل ڏسجي ٿي. ان ٽنب جو فقط اندرين پاسو اڪير سان سينگاريل ڏسجي ٿو. باقي باهريون پاسا لسا آهن. نئين پاسي کان پردي‌ءَ واري دري آهي جنهن تي سورج مکي‌ءَ جي نموني واري چٽسالي‌ءَ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.



تصوير 18 - اٺ ٽنڊي چٽي‌ءَ جي تعمير ۾ هڪ ٽنب تي اعليٰ معيار جي اڪير ٽيل آهي. هي‌ءَ اڏاوت شيخ عيسيٰ لنگوٽي‌ءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ آهي. هن دور جي مقبرن جي اڏاوت ۾ ٽنب جي هي‌ءَ اڪير جو ڪم پنهنجي فن ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهي. جنهن جو تعلق 15 هين صدي عيسويه سان آهي.

وارا چورس اڇن ٿا. جنهن جي مٿان وچ تي گلاب جي گل جي اڪير وارو ڇت چٽيل آهي. ان کان پوءِ واري خاني ۾ ڏاڪڻ نموني اڪيريل چورس چٽسالي‌ءَ جو هڪ سلسلو شروع ٿئي ٿو. آخري‌ءَ کان اڳ واري خاني ۾ ٻارين جي ٻٽي قطار آهي. آخري خاني ۾ ابتا پن اڪيريل آهن. ائين لڳي ٿو ته اهو ڇڻ اسلام کان اڳ واري سنڌي اڏاوت واري دور جي گل ۽ گلدان جي نقالي آهي. اهڙي نموني وارا نڪ سما دور سان لاڳاپيل نڪهائين چٽين جي تعمير جي حوالي سان ڏاڍا مشهور هئا. انهن نڪهن تي چٽن جي اڪير شيخ حماد جمالي‌ءَ جي مدرسي جي چٽي‌ءَ ۾ لڳل نڪهن تي ٽيل اڪير کان ٿوري گهٽي ٻئي نموني جي آهي. هتي جي نڪهن تي ٽيل اڪير واري چترڪاري ڪاريگري‌ءَ جي لحاظ سان وڌيڪ بهتر آهي.



تصوير 19 - شيخ عيسيٰ لنگوٹيءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف ڇهن ٽنڊن وارو ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. جنهن کي پڻا يارو Bhitta yaro جي مزار ڪري سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ درويش هالو دفن ٿيل آهي. هن ڇٽيءَ جا ڇهه ئي ٽنڊا هڪ جهڙا آهن. ڇڇو، ڇٽسالي‌ءَ وارو پلوئڙو، ڪنگرا ۽ ٽانوءَ جهڙي نيل الس. قبي رينوڙي طرز جي آهي جنهن جو تعلق 14 صدي جي پوئين دور سان آهي.



تصوير 20 - قديم مسجد جي اتر اولهه پاسي قاضي عبدالله پٽ تاجو جي ڇهه ٽنڊائين ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مٿان تعمير ٿيل پلوئڙو Parapet ، ٽانوءَ جهڙي نيل Fineal ۽ مينهن جي پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارو ڏسجي ٿو. جيڪو پلوئڙي کان باهر نڪتل آهي. ٿوري پنڌ تي سفيد رنگ جي سيد علي شيرازيءَ جي مزار آهي. هن اڏاوت جو لڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

قاضي عبدالله پٽ تاجي جو ڇهه ٽنڊيو ڇٽايون مقبرو

مير علي شير قانع[22] لکي ٿو ته: قاضي عبدالله پٽ تاجي جو مقبرو، شيخ حماد جمالي‌ءَ جي خانقاه جي پرسان هو. اها ڇٽي (پليٽ 7) مدرسي جي اتر اولهه طرف تي آهي، جيڪا ظاهري ڏيک ۾ قاضي عبدالله سان واسطو رکي ٿي. اهو ڇيو ويندو آهي، ته سندس وفات کان ڪيترو عرصو پوءِ سندس قبر جو پٽو پيو هو. سندس جنازي جي نماز سمي سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي پڙهائي هئي. جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي ته ان مقبري کي چوڏهين صدي عيسويءَ جي اڏاوت ڇئي سگهجي ٿو. هيءَ ڇهه ڪنڊي تعمير، جيڪا هر پاسي کان 8 فوٽ آهي، سا هر طرح اڳئين دور جي ڇٽيءَ جهڙي آهي. موجوده ڇٽيءَ جي معاملي ۾ هر چورس پر ڏنگي ونگي طرز ۾ ڪيل اُڪير واري ڇٽسالي‌ءَ ڇڇي ٿي، اجا به محفوظ آهي. نيل ۾ لڳل ڪلس موڪرا آهن خود نيل، ڇٽيءَ جي چوٽيءَ تي مٽي وريل ڏکيءَ تي اجا تائين بچيل حالت ۾ موجود آهي. تصوير ۾ (نمبر 20) ڏيکارجي ٿو. ٿوري مفاصلي تي گج سان لنبيل، سيد علي شيرازيءَ جو مقبرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو شيخ عيسيٰ لنگوٹيءَ جي مقبري جي چوڏاري قبرن جي مُچلي ۾ موجود آهي.



تصوير 21 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي اٺ ٽنيائي چٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مقبري جي تعمير بہ قاضي عبدالله جي مقبري جهڙي آهي. پر سندس ٽاڻ جهڙي نيل پڄي پئي آهي. پڄو ۽ پلويڙو بہ هاڻي سلامت ڪونہ رهيا آهن. هن اڏاوت جو لڳاپو 15 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي.

(ب) اٺ ٽنيي چٽين وارا

شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي پرسان اٺ ٽنيين چٽيون

شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف چٽيءَ سان (نمبر 21) مقبرو آهي. موجوده وقت ۾ اُتي کاٻہ قبر کائہ آهي. مٿي ذکر ڪيل چٽيءَ جيان هن مقبري ۾ بہ جانڊل (Monolithic) ٺلهہ آهن. جيڪي هن تعمير کي اناس ٻڌائين ٿا. جنهن جي هر هڪ پاسي جي ماپ 8 فوٽ آهي. اڳين مقبرن وانگي هتي بہ ٺلهن مٿان تاج تي چؤمکيون گهوڙيون ڏسجن ٿيون، جن تي سردر ڏريل آهن ۽ پڄو سنجڌ جي اُڪير سان سجايل آهي. هڪ پئي کي ڊڪيندڙ پٽرن جا چلا (نمبر 27) تعداد ۾ 10 آهن. سڀ کان هيٺئين چلي تي هاريون ۽ واري سان چٽن پنکڙين سان گل جي اُڪير واري چٽسالي‌ءَ ٽيل آهي. باقي بين مٿين چلن تي روايتي نمونو جون پنکڙيون يا گولايون آهن. وچين ڏاڪيدار لڏڪٽي تي بيمثال اُڪير جو ڪر ٽيل آهي. قبي جي باهرئين پاسي کان گچ جي لنبائي ٽيل آهي. نيل ۾ لڳل ڪلس پڄي پيا آهن. آڏو مٿي مُهاڙيءَ تي ڪنگرا هنيل آهن.

چام تماچي ۽ نوريءَ جو مقبرو

مير عَلي شير قانع[23] جي چوڻ مطابق، سما خاندان جي حڪمرانن مان سلطان چام تماچي ۽ سندس پياري گهر واري نوري، جيڪا ڪينجهر جي هڪ گندري جي ڌيءَ هئي، تنهن جي قبر بہ هڪ اٺ ڪنبي چٽيءَ هيٺان آهي. اها قبر چام تماچيءَ جي مقبري جي اتر پاسي واقع آهي. (نمبر 22) چام تماچي، شيخ حماد جمالي‌ءَ جو ڏاڏو معتقد هو. اها ڪا اٺ ٽيٽي ڳالهہ بہ ڪانهي، جو ان جو لاش سندس مرشد جي پر ۾ دفن نہ ٿئي. پر نوريءَ جي قبر متعلق ڪجهہ انومان آهن. ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ ٽنين تي بينل هڪ مقبرو آهي. وڌيڪ امڪان اهو آهي، تہ ڪيس اتي (سندس مرشد شاهہ هودڙي جي پر ۾) پوريو ويو هوندو. پر مڪليءَ ۾ موجود هن مقبري جي هيءَ اٺ ڪنبي تعمير چڱيءَ پر بچي ويل آهي. پڄو. جهروڪا، ڪنگرا ۽ سامهون واري آڏي ترڃي اُڪير سڀئي سلامت آهن. نيل ۽ ڪلس بہ محفوظ آهن. اندر پٽر تي جون قبرون آهن. سڀ کان اولاهين قبر ڏاڏي سينگاريل آهي (نمبر 23). قبر جي پٽرائين لوڙهہ لوڙهہ (Cenotaph) کي چڻ پاڳا آهن. ان جو هيٺيون پاسو لسو، سادو ۽ مستطيل آهي. پئي خاني جي مٿان ڪنگرا ۽ هيٺئين طرف کان گل ميخ جي

مٽي جيترن نشانين جون چار قطارون چٽيل آهن. ٽئين تي ساڳي نمونو تي ڪنگرا آهن. مٿيون پاسو ڪرنگهي نمونو واري لوڙهه سان آهي ۽ پاسن تي چترڪاري واري اڪير جون ٽي قطارون آهن، جن تي واري وٽيءَ سان پن ول ۽ گولاين جي طرز جي اڪير ٽيل آهي. هيءَ پهرين سينگاريل قبر آهي، جيڪا چٽيءَ جي اندر ۽ بچي ويل حالت ۾ ملي آهي، جنهن جو لاڳاپو پراڻي دور سان آهي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو. ته اها قبر ضرور ڪنهن اهم شخصيت جي هوندي. روايتي قسر جي چٽسالي جهڙوڪ: سورج مکي يا گلاب جي گل واري چٽسالي هن قبر تي موجود ڪونه آهي.



تصوير 22 - اٽ ٽنيي چٽيءَ وارو مقبرو شايد اهو هام تماچيءَ جو آهي. جيڪو هام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ طرف آهي. هي قديم يادگار چگيءَ ريت محفوظ آهي. اڪيريل، ٽنيا، چڄا، پلويرو، ڪنگرا ۽ ٽانهه جي شڪل جهڙي مٽان واري نيل سڀ صحيح سلامت آهن. هن چٽيءَ هيٺان ٽي قبرون آهن. هن تعمير جو تعلق 14 صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 23 - ڪٽني واري اڪيريل پٽر واري قبر گهڙو ڪري هام تماچيءَ جي دور سان تعلق رکي ٿي. سيراندي واري پٽر تي تاج جهڙو ڪويه نشان ڪونه آهي. پرسان به ڪٽني واري بنا چٽسالي جي لسي قبر آهي. ٽين قبر ڪنهن ٻار جي ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي آخر سان آهي.

لکت واريون چٽيون

هن قسر جي چٽي ڪجهه مٿانهين جڳهه تي اڏيل آهي. (پليٽ 10) اها ملڪ راڄپال جي مقبري جي اوپر پاسي آهي. شڪل ۽ صورت ۾ بين اٽ ڪنڊائي چٽين وانگي آهي. فرق فقط اهو آهي، ته سردر جي اندرئين پاسي هيري ڪٽين جي اڏين جي چٽن جي اڪير ٽيل آهي. هڪ خاني ۾ فارسيءَ جون ٻه سٽون موجود آهن. (نمبر 23) ۽ هڪ سٽ بسم الله سان شروع ٿئي ٿي. ان جي لکت هن طرح آهي:

(1) بسم الله الرحمان الرحيم حصار كردم بقول يه اله الله مهر زدم.

(2) بنام محمد رسول الله

سمن جي جڳهن ۾ فارسي زبان جي لکت جو هٽ ڏيان جوڳو آهي.

چام تغلق جي دور جي اٽ ٽنيي چٽي

هيءَ ٻه اٽ ٽنيي چٽي آهي. (نمبر 24) سندس اڏاوتي نقشو بين چٽين جهڙو آهي. اندرئين پاسي فقط هڪ قبر آهي. ٻاهه جي مٿئين پاڳي وارو پٽر ٻن چوڪندي خانن ۾ ورڇيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جو مٿيون حصو گول نمونو جو آهي. هيٺئين



تصوير 24 - اٽ ٽنهي ڇٽيءَ وارو مقبرو. امڪان آهي تہ هي مقبرو جام تغلق پٽ جام سڪندر جو دور جي هجي. هن تعمير جا سڀئي ٽنيا ڇٽسالي، وارا آهن. هن جا ڪجھ ڇڄا، پلويڙو ۽ ڪنگرا محفوظ آهن. هن تعمير جو تعلق 15 هين صدي عيسوي، سان آهي.

پاسي تي زنجيريءَ طرز جي ڇٽن واري اُڪير ڪيل ڏسجي ٿي. اهڙيءَ طرز جي ٻُڌ عام طور تي مدرسن جي اڏاوتن تي ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇت جي اندرئين پاسي سجاوٽ اڳينءَ ڇٽيءَ جهڙي آهي.

هن ڇٽيءَ جي خاص خوبي اها آهي، تہ ڏرتيءَ جي مٿاڇري سان لسن پٽرن جا دابڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي يادگار اڄا تائين محفوظ آهن ۽ هن اٽ ڪندي ڇٽيءَ ۾ هڪ بار ڏئي اوپر طرف لنگهہ ڪان سواءِ ٻين وٽين ۾ پردي، واري پٽ طور استعمال ڪيا ويا آهن. محراب واري جاري جو نشان اولهہ طرف ڪان آهي. اهڙي قسم جي پٽرن کي تاڙين وسيلي پاڻ ۾ ڳنڊيندا هئا. اها حقيقت اسان کي پٽرن ۾ نڪتل ڪانچن يا جهرين مان معلوم ٿي. سردرن واري سنوت تي فارسيءَ ۾ لکت جون ٻہ سٽون موجود آهن. (نمبر 26) پڙهڻي هن ريت آهي:

بنا کرد اين عمارت راهو .....

درعهد جام تغلق (بن) سکندر شاه - بتاريخ الثامن ....

مطلب: هيءَ جڳهہ راهوءَ جوڙائي.

جام تغلق (بن) سکندر شاهہ تاريخ انين .....

لکت 'بن' جو اکر ڪاڻ ٿي ڏيکاري. گهٽو ڪري اها غلطي آهي. شجري مطابق جام تغلق سکندر شاهہ جو پٽ آهي. تنهنڪري اهڙي تصحيح ڪئي وئي آهي. پهرينءَ سٽ ۾ اسان کي راهوءَ جو نالو نظر اچي ٿو. جيڪو هن جاءِ جو



تصوير 25 - خوبصورت چنسالي، سان هڪ چت جو حصو ۽ سردر جي اندرئين پاسي هڪ تحرير جنهن جي ابتدا بسم الله سان ٿئي ٿي ۽ مڪمل ٻن سٽن ۾ لکيل ڏسجي ٿو جيڪو سما دور جي هڪ اڻ ڄاڻ ٽنبي مقبري تي موجود آهي.



تصوير 26 - خوبصورت چنسالي واري چت جو هڪ حصو فارسيءَ جي هڪ لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (ملڪ) راهوءَ جو نالو به آهي جيڪو چام تغلق پٽ چام سڪندر جي دور ۾ ٺهيل هڪ اڻ ڄاڻ ٽنبي مقبري سردر جي اندرئين پاسي اکيريل آهي.

جوڙائيندڙ آهي يا ٿي سگهي ٿو. ته هيءَ مقبرو ئي ان جو هجي. چام انڙ I جي ٽن پٽن مان هڪ مَلڪ راهو به هو. سندس پڙ پوٽي جو نالو به ملڪ راهو هو. جيڪو ملڪ راڄپال جو پڙ ڏاڏو هو. ڏسو هيٺيون شجرو:

چام انڙ
|
ملڪ راهو I
|
ملڪ راءِ ڏنو
|
ملڪ راهو II
|
ملڪ انڙ
|
ملڪ راڄپال

(ملڪ راهو چام تغلق جو همعصر هو.)



تصوير 27 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ هڪ ٻ - ٽنهي مقبري جي خوبصورت چٽسالي واري چت. جنهن جا هڪ ٻئي جي مٿان گول بار ڏنا ويا آهن. منجهس ونگ جهڙو چت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن قسم جي سونهن ۽ سنجٽ واري چت ٻين مقبرن ۾ به موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آهي

(ث) مقبرن وارا ڪوٽ

مبارڪ خان جي مقبري وارو ڪوٽ

ڪوٽ جي اوپارين لنگهه تي محفوظ عربي لکت مطابق هن تعمير جي بنياد رکڻ جي تاريخ جمادي الاول 895 هـ: 1490ع آهي. لکيل نالو خان الاعظم ميان مبارڪ خان[24] پٽ سلطان نظام الدين شاهه آهي. مبارڪ خان، سلطان نظام الدين جو نپايل پٽ هو. سندس اصلي نالو دريا خان هو. اوپر واري لنگهه تي سلطان نظام الدين جو ساڙو شجرو به ڏنو ويو آهي. ان لکت مان مغلن يا ارغونن تي دريا خان جي فتح ظاهر ٿئي ٿي. اها لکت سندس پٽ احمد جو به نالو ٻڌائي ٿي. حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو. ته هن اهو مقبرو پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ 1519ع[25] ۾ جوڙايو.

تعمير (پليٽ 12-13) ۾ مقبري جي چوڌاري ڪوٽ آهي. جيڪو چن جي پٿر جي گهڙيل هڪ ڪرين سرن مان جوڙايو ويو آهي. زمين جي سطح کان وڌي مٿي تائين ڪل ست بار آيل آهن. اندر والاريل ايراضي 72 فوٽ هم چورس آهي ۽ پٽ جي ٿولهه چار فوٽ آهي. پٽ مٿي ٿوري سنهي ٿيندي وڃي ٿي. جنهن تي لسا ۽ گول ڪنگرا هنيل آهن. پٽرانوَن چوڪاڻن سان به لنگهه آهن. جن مان هڪ ڏکڻ ۽ ٻيو اوپر طرف آهي. مستطيل چوڪاڻ چوديواري کان ٿورا مٿيرا آهن. اوڀائي ۾ مٽيري آهي. ان ۾ لڳل پٿر جي چوڪاڻن مان لنگهي ماٿهو اندر وڃي سگهي ٿو. ڪوٽ جي پٽ اڪير جي پن سفيرن (قطارن) کان سواءِ لسي آهي. هڪ سفير، ڪنگرن کان هيٺان چورسن ۾ اندر اوپڙ اڪير واري طرز تي پن ول ناهي ٿي.



تصوير 28 - دريا خان جي پٽر سان اوماريل مقبري جو لنگھ. جيڪو ھن تعمير جي ڏکڻ ڏس کان نظر اچي رھيو آھي. ھن جڳھ جي ديوار ۽ چوڪنبن ڇڇن تي بہ ڪنگرا نظر اچي رھيا آھن. لنگھ جو پٽر وارو ڇوڪاڻو لسو آھي. ھيٺئين پاسي چانڊ وٽ سفيد نرم پٽر جو (Moon Stone) "دونو" (Sill) لڳل ڏسجي ٿو. سردر تي عربي تحرير موجود آھي. لنگھ ٻنھي پاسن کان پانت پانت جي خوبصورت اليکي (Geometrical) ڇنڊسالي آھي. ڇٽي پاسن کان خوبصورت درين وارا جارا آھن. ھن اڏاوت جو واسطو 16 ھين صديءَ جي شروعات سان آھي.



تصوير 29 - دريا خان جي مقبري جو اوپاريون لنگھ. جنھن تي ڏکڻ واري لنگھ کان مختلف قسم جي ڇنڊسالي نظر اچي ٿي. اڪير ڪجھ مٽاچري ڏسجي ٿي، تنھن ڪري ڇٽي سگھجي ٿو. تہ اھا ڪنھن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. ھتي ھڪ خوبصورت جاري، بدران سادو جارو رکيو ويو آھي. اڪير جون طرزون بہ ٽوريون ڇنڊيل آھن.

بي اُڪير پٿ جي وچ تي اُپين هيري ڪٽين جي طرز تي آهي، جيڪي وچ تي هڪ ٻئي سان گڏيل آهن. اوپر واري لنگهه ڪي لسا ۽ ٻُسا ايپيءَ طرز تي پٿر جا ڇوڪاڻا آهن (نمبر 29). هيٺ چانئٽ ۾ اڌ چنڊ (Half Moon Stone) نهيل آهي. ٻاهرئين پاسي سردر جي مرڪزي حصي تي عربي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پٿر جو ڇوڪاڻو پٿر جي ناهيل لنگهه ۾ وهاريل آهي. سونهن ۽ سينگار واسطي متاڃري تي هيري ڪٽين جي ٽُڪ ڪئي وئي آهي. ڇوڪاڻي مٿان سردر تي ڪنگرن جي قطار جي آرائش آهي، جنهن جي هينئين پاسي کان ڪناريءَ تي هيرڪٽي جي طرز واري اُڪير نظر اچي ٿي. مٿئين پاسي واري ڪناري موتين جي پويل هار جيان آهي، جتان ڪابي ۽ ساڃي پاسي کان مختلف چٽن جون اُڪيريل طرزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان طرز جي چوڌاري وري آرائشي ڪناري ڏني وئي آهي. ڪيس هيٺ ۽ مٿي بن پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي. هينئين پاسي وچ تي ڏاڪيدار طرز جو چٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اُڪيريل سلسلي هيٺان گولاين واري ونگ سان جارا (Nichse) جڙيل آهن. ڪابي طرف تي مٿئين اڌ واريءَ وٽيءَ ۾ سوڙهيءَ ڪنڊ تي سينڊ ونگ آهي، جيڪا گولاين کي ڪاٽي ٿي. جيڪڏهن قطر ڪڍجي، تہ ان سان ملي ويندي. ڇاڻايل وٽيءَ کان ٻاهران اوپڙ جون طرز جا چٽ اُڪيريل آهن. ساڃي طرف، ساڳي وٽيءَ کي هڪ جيترن ننڍن چورسن ۾ وندیو ويو آهي. سڃي آرائش اوپڙ طرز تي اُڪير ڪيل آهي، جيڪا ڏاڍي سهڻي لڳي ٿي. ڏکڻ طرف واري (نمبر 28). در جا ڇوڪاڻا لسا سادا آهن. پر ان جي ٻنهي پاسن کان ٽيل خوبصورت چٽسالي ۽ جي اُڪير گهٽين طرزن ۾ آهي، جيڪا ڏاڍي پلي لڳي ٿي. موتين جي مالها جي طرز واري اُڪير ۾، مالها جي ڪناريءَ جي وچ تي اليڪي نمونن جون ڪيترين ئي طرزون ٽُڪَ ٽيل آهن ۽ ڪيترن ئي قسمن جا چورس چٽ نقش ڪيا ويا آهن، جن جي وچ تي جارو ٻٽيل آهي. ان جاري جي پاون جي مٿان هڪ قسم جو ڪُنگرو نهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻنهي جارن مٿان نوڪدار يا سينڊ ونگ سان خانا آهن. جن ۾ گل جي چوڌاري ڏاڍي دلچسپ اليڪي چٽن جي اُڪير ٽيل آهي. انهيءَ کان هيٺان چورسن جي اندر ونگن سان خانا آهن. ٻردر تي اُپي خط ۾ عربي لکت آهي، جنهن اليڪي چٽسالي ۽ سان ملي جلي هڪ قسم جي هڪجهڙائي پيدا ڪري ڇڏي آهي. اُڪيريل چٽسالي ۽ جي طرز جو وچور ڏاڍو صاف ۽ ماپ ۾ نهايت پورو آهي. انهن ۾ حساب جو جيڪو تناسب رکيو ويو آهي، سو بہ واهہ جو ٺهڪي اچي ٿو. شڪلين جي گڏجي وڃڻ سبب ڪنهن بہ قسم جو مونجهارو ڪونہ ٿو ٿئي. سڃي ساري اُڪير جي ڪاريگري پن ول واري عربي نموني کي پٿر تي منتقليءَ جي جهلڪ، اسلامي اڌاوت جي آرائشي طريقي جو اثرائتو اظهار آهي. ڪوٽ/چوڌيواريءَ جي اولاهينءَ ٻانهين جي وچ تي ونگ سان هڪ محراب (نمبر 30) آهي. ونگ قسم جي لحاظ سان سينڊ ونگ آهي ۽ محراب اندرئين پاسي وڏيل آهي. هيءَ محراب بہ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان سنڌي آهي، جنهن جا پاوا اُڪيريل چٽن سان پريل آهن. محراب جي هر هڪ پاسي هڪ پائو آهي. پائي جو جانڊل (Shaft) مختلف قسم جي اُڪيرن سان سينگاريل آهي، اهڙي قسم جو پائو علامتي آهي ۽ خطيب جي عصا جي نشان ڏهي ڪري ٿو. محراب جي اندرئين پاسي خانن ۾ ٺهڪندڙ ۽ سونهندڙ اُڪير ٽيل آهي ۽ اهڙيءَ ريت ٻاهريان بہ ٻنهي پاسن کان اها اُڪير ڪئي وئي آهي. هينئين پاسي تي سينگار (Decoration) جي شروعات هڪ گلدان کان ٿئي ٿي، جيڪا هڪ زنجيريءَ سان لٽڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ان جو نمونو بہ سنڌي آهي. ان کان پوءِ ڏورين، هيري ڪٽين ۽ هيري ڪٽي جي آڏين، ونگن سان خانن، پاسيرين ونگن جو هڪ سلسلو شروع ٿئي ٿو. هر هڪ قطار هڪ قسم جي اُڪير لاءِ مخصوص ٽيل آهي. ان کان بہ اڳتي ٽورو اڳتي، محراب جي ٻنهي پاسن تي ان نوڪدار ونگ واري خاني اندر هڪ تارازي ۽ مختلف وَتَ (نمبر 32) چٽيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جنهن کي ڪاريگر جو نشان چئي سگهجي ٿو. ڪوٽ جي اندر ڪيترين ئي قبرون آهن (پليٽ 13 - نمبر 31) پر انهن مان هڪ، سيراندیءَ کان اُپي قسم جي تاج هجڻ ڪري نياري آهي. اهڙي قسم جا تاج فقط بادشاهن ۽ شهزادن جي قبرن تي هنيا ويندا آهن. پٺرائين لوڙهت هينئين پاسي کان پيٽيءَ وانگي چوڪُنڊي آهي، جنهن جون چارئي ڪنڊون هڪ تابوت جيان آهن. پاسن کي ڪنگرن جي چٽسالي ۽ سان سينگاريو ويو آهي. مُهاڙيءَ تي ونگن وارا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هرهڪ خاني ۾ گلاب جي گُل جي اُڪير ٽيل آهي. خانن کي نڪيڙڻ لاءِ لهريدار ڏوري، گڏوڇڙ ڏوري ۽ اوپڙ واري طرز جي ٽُڪ ٽيل نظر اچي ٿي. ان پيٽيءَ جهڙي چوڪندي پٺرائين

لوڙهڻ مٽان هڪ ٻيو ٻ تراکڙو پٽرائون لوڙهڻ رکيو ويو آهي، جنهن تي وري گلاب جي گل ۽ ونگن وارن خانن جي اُکير جون ٻ قطارون آهن. چئن ئي ڪنڊن تي تابوت جيان پاوا ابتيءَ صورت ۾ اُپا ڏيکاريا ويا آهن. صفا مٽيون پٽرائون لوڙهڻ ٻ تراکڙو آهي، جنهن تي عربي رسم الخط ۾ ٻ سٽون لکيل آهن، جن کي اليکي گڏوجڙ علامتن سان وچ تي خانن ۾ ورهايو ويو آهي. پٽرائين لوڙهڻ تي ٽيل سجاوتي اُکير يا پٽرائين لوڙهڻ جو خود پنهنجو نمونو، چار تماچيءَ جي مقبري تي ٽيل اُکير واري چٽن کان گهٽو نيارو آهي.

قبرن جي چؤڌاري پکين سرن جو ڪوٺ

اهڙي قسم جو ڪوٺ چار نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ - اولهه طرف آهي. ڪوٺ سرن جو ٽهيل آهي، پر پيڙهه وارا بار پٽر جا الس، ان جي لام 43 فوٽ 3 انچ ۽ منڊيو 30 فوٽ 6 انچ آهي. ڪوٺ جو پنهنجو عمق 5 فوٽ 3 انچ آهي. بناوت ۾ جيئن



تصوير 30 - دريا خان جي مقبري اندر ونگ سان محراب جنهن تي خوبصورت اُکير جي ڪم سان چٽسالي ٽيل آهي. ان جي سامهون واري پاسي کان ٻنهي پاسن کان ننڍڙا خوبصورت پاوا آهن. چٽسالي، جي ساڳي طرز محراب جي ٻنهي پاسن کان سڏي سنوت وارين پٽين ۾ ڏسجي ٿي.



تصوير 31 - دريا خان جي قبر تي رکيل پٿرن تي خوبصورت ڇٻسالي نظر اچي رهي آهي. سيراندي‌ءَ واري پٽ تي تاج ڏسجي ٿو. قبر جي تعمير ۾ ماڙ آهي. هيٺئين طبقي ۾ رنگ جهڙا خانا آهن جن اندر گلاب جي گل جهڙو ڇٽ آهي. عربي تحرير ۾ قطارن ۾ ڏسجي ٿي، جيڪي سڌي سنوت ۾ آهن. هن اڏاوت جو لڳاپو 16 هين صدي جي ابتدائي حصي سان آهي.



تصوير 32 - دريا خان جي مقبري جي اندرئين پاسي نهيل صحراب جي پنهي پاسن کان ڏندائين رنگ ٽوري باهر تي نڪتل آهي. جن تي هڪ تارازي ۽ مختلف قسم جا ٽي وَڻَ ڇڻيل آهن. هن قسم جي اڏاوت جو لڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي.

مٿي تيئن سوڙهو ٽيندو وڃي ٿو. اندريون ۽ باهريون پاسو گچ سان لتل آهي. ڏکڻ - اوپر واري طرف کان پٽين جي کناري واري وڻ تي، واڱڻائي ڇَٽَ تي نيريون کاشيءَ جون سرون اندران ۽ باهران کنهن اڏاوتي فن کان اڻ ڄاڻ سيکڙات کاريگر جون هنيل آهن. ڏکڻ - اوپر واريءَ کنڊ تي باهرئين پاسي کان اهڙيون نَوَ سرون ڪرڻ کان بچي ويون آهن. ڏکڻ واريءَ پٽ جي اندرئين پاسي مٿئين کناري جي سنوت تي هنيل گهاڻي نيري کاشيءَ جي سرن جا ٻه نشان ملیا آهن. اهي کاشيءَ جون سرون ڏنگيون قڌيون ۽ چسيون آهن. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو. ته ڇڻ ان قسم جي کاريگريءَ ۾ کاريگر جي اها پهرين کوشش هجي. هن کوٽ کي پنهنجي بناوت ۾ ٽي لنگهه آهن: هڪ اتر ڀيو اوپر ۽ ٽيون ڏکڻ کان آهي. امکان اهو آهي. ته اولهه پاسي ڏانهن شايد محراب هجي. کوٽ جي اندرئين پاسي کيترين ئي قبرون آهن. جن مان ڪجهه ڪرنگهي واريون ۽ ڪي تراکڙي ٽُکيل پٽر سان جوڙيل آهن. ڪرنگهي

واريون قبرون لسيون ۽ سادين آهن. پر تراڪڙيون قبرون ڏاڪن سان آهن ۽ انهن جي مٿان سنجٽ بہ ٽيل آهي. اهڙين بن قبرن جي چيرولي سان مرمت ڪئي وئي آهي. اهڙي قسم جي قبر (نمبر 33) مبارڪ خان جي قبر سان هڪجهڙائي رکي ٿي. ان کي بہ سيراندي ڪان ساڳي قسم ۽ نموني جو تاج لڳل آهي ۽ قبر کي ڪيترين ئي منزلون آهن. سڀ کان مٿئين پٽ کي ننڍڙن هم چورس خانن ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ هيري ڪٽين ۽ بين قسمن جي اُڪير ٽيل آهي. هر هڪ چورس ۾ ڪجيءَ جي وڻ جي طرز جٽيل آهي، جيڪا سج جي شڪل جهڙي گول آهي، جنهن منجهان ڪرڻا نڪرندي ڏيکاريا ويا آهن. قبر جي پي مهاڙيءَ تي عربي لکت آهي. قبر تي لڳل تاج اهو ٻڌائي ٿو. تہ قبر ۾ دفن ٽيل جو لاڳاپو شاهي خاندان سان آهي. پر بدقسمتي اها آهي، تہ ان شخصيت جي صحيح نموني سان سڃاڻپ نہ ٿي سگهي آهي.



تصوير 33 - چام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ ڏس تي موجود هڪ قبر، جيڪا چيرولي جي ٽهيل آهي، جنهن جي گول چٽ اندر ڪجيءَ جو وڻ ڏسجي ٿو. ان چٽ سان واري وٿيءَ تي چٽ جي پي طرز بہ ڏسجي ٿي. اهڙا چٽ وچ تي نشان ڏئي الڳ الڳ ڪري ٻيهاريا ويا آهن. هڪ پکسري چوديواري بہ آهي، جنهن ۾ اندرئين پاسي سادي قسم جون ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندل آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 5 هين صديءَ جي آخر سان آهي.

(د) مڪليءَ جي پراڻي مسجد

روايت مطابق[27] چام تماچي ولد چام انڙ، گهٽو ڪري فيروز شاهہ تغلق جي وفات کان پوءِ 1388ع ۾، دهليءَ کان آزاد ٿي ٺٽي پهتو ۽ حڪمرانيءَ جي واڳ سنبالڻ سان گڏ شيخ حماد جماليءَ جي خانقاه ۽ ان سان لڳ مسجد بہ تعمير ڪرايائين. هيءَ مسجد، جامع مسجد جي حيثيت ۾ استعمال ٿيندي هئي. موجوده وقت مسجد ۾ رڳو نماز ادا ڪرڻ وارو صفو وڇي باقي ڇڏيو آهي. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ان اڏاوت کي اوپر طرف کان اگڻ بہ هو. شايد ان اگڻ ۾ شيخ حماد جماليءَ جو مقبرو بہ تعمير ٿيل هو، جيڪو هاڻي کنڊر جي صورت ۾ موجود آهي. مسجد جي اولاهين پٽ سان لڳو لڳ باهران هڪڙي تراڪڙي قسم جي قبر آهي، جيڪا متقي ۽ پرهيزگار 'مائيءَ مڪليءَ' ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي، جنهن جي زيارت واسطي هزارين ماڻهو الائي ڪٿان ڪهي اچي رسندا آهن. سنڌ ۾ عام طور تي ائين ڇيو ويندو آهي، تہ هن نيڪ عورت جي طفيل هن ٽڪريءَ تي مڪليءَ جو نالو پيو.

مسجد مستطيل آهي. لاڙ 64 فوٽ ۽ منڊو 29 فوٽ ائس. سندس ٽئي لنگهہ ونگن سان ٻڌل آهن، جيڪي اتر، اوپر ۽ ڏکڻ پاسي کان آهن. ونگون سينڊ - ونگ جي قسم سان تعلق رکن ٿيون. باهرين پٽ پڪين سرن سان جوڙي وئي آهي. جنهن جا بنياد پٽر جا آهن. اوپر طرف واري مسجد جي مهاڙي (نمبر 35) پنهنجي شڪل صورت ۾ ڏاڍي سادي آهي. ان پاسي کان فقط هڪڙي ئي گذرگاهہ ونگ سان آهي، جيڪا اُچي محراب ۾ لڳل آهي ۽ محراب بہ بن حصن ۾ ورهايل

تصوير 34 - سما دور جي قديم جامع مسجد جو ڏاکڻيون ڏيک، جنهن جي ساڃي پاسي تي ناهيل ڏاڪڻ ڏهي فنا ٿي وئي آهي. اڏاوت جي وچ تي ونگ سان لنگهه نظر اچي رهيو آهي. ٻه ٻيون ونگون ٻه ڏسجن ٿيون. جيڪي نماز پڙهڻ واري جڳهه کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏين ٿيون (معلوم ائين ٿئي ٿو. ته هي مسجد ٽ قبائين آهي. وچ واري قبي کان ساڃي ۽ کابي واري قبي کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ وچ تي ٻه ونگاوان لنگهه آهن. هن تعمير جو تعلق 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.)



تصوير 35 - هن مسجد جو اوپارين ٻاهرين پاسو، جنهن جي وچ تي خاني واريءَ ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. ساڃي پاسي ٻه خانا آهن. جن جي اندر پڙ ونگون جڙيل آهن. سامهون واري پاسي ۾ ڪيترائي هر چورس جارا آهن. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي.



تصوير 36 - جامع مسجد جو اندريون پاسو، جنهن ۾ محراب جي تعمير نظر اچي رهي آهي. (اوجهڙ ۾) - ڪارنس Cornice مٿان رکيل خانن ۾ ماکيءَ جي مانواري جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي. اهڙي چٽسالي وڃين محراب جي ٻنهي پاسن کان ٻه آهي. هن اڏاوت جو لڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

آهي. مٿئين حصي ۾ ونگ سان هڪ خانو آهي ۽ هيٺئين اڌ پاڳي ۾ دروازو لڳل آهي. مسجد جي اوپر- ڏکڻ واري ڪنڊ تي ڪجهه چورسن جي اڪير ٽيل آهي ۽ اتان مٽي وڃڻ لاءِ ڏاکڻ نهيل آهي. ٻي ڪجهه تبديلي هن مهاڙيءَ جي اتر، پاسي ڏانهن ڏسڻ ۾ ايندي، جتي ديوار ۾ بيٺل ونگن سان ٻه اڀا خانا نظر ايندا. جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان آهن. مٿئين خاني جي ونگ ۾ ماکيءَ جي مانواري جهڙي اڪير واري چٽسالي نظر اچي ٿي. هوبهو اهڙي قسم جي فيروزي اڏاوت دهليءَ ۾ ٻه آهي. ساڳي نموني سان پٽين کي پشتيون ٻه ڏنيون ويون آهن. هن قسم جي هڪجهڙاين هوندي ٻه ڪاريگري ۽ هنرمنديءَ ۾ وڏو فرق آهي. مکليءَ جي مسجد پڪين سرن سان جڙيل آهي، جڏهن ته دهليءَ واري فيروزي تعمير پٽرائين اڏاوت آهي. ٻي ڳالهه اها آهي، ته فيروز شاهي اڏاوت جيان "ونگ ۽ شهتير" واري ڪاريگري هتي استعمال ٽيل ڪانه ٿي ڏسجي. ونگ جي شڪل ۽ صورت ٻه الڳ آهي. مسجد جو اندريون پاسو ٻه مختلف نموني جو ٿو ڏسجي. هتي اسان هڪ ڊگهو هال ڏسون ٿا، جنهن کي وچ تي ٻه ونگون هٽي ٽن ننڍن هالن ۾ ورهايو ويو آهي. (نمبر 34) وچون پاڳو ٻين ٻن کان وڏو آهي. جيڪو اوپر ۽ اولهه کان وڏن ۽ ڊگهين ونگن جي ڪري مختلف نمونن جا تاثر ٿو ڇڏي. جيڪي چت تائين مٽي هليون وڃن ٿيون. اولاهينءَ پت جي ونگ ۾ محراب جوڙيو ويو آهي. (نمبر 36) جيڪو اڳتي وڌيل ۽ مستطيل شڪل ۾ آهي. ڪارنس ليٽيل سنوت واري سٽاءَ ۾ بلڪل چٽو آهي. هن کان مٿان پوروچوٽ تي هلندڙ ونگ اُپن ٽن خانن ۾ ورڇيل آهي. وچ وارو خانو مستطيل آهي ۽ جنهن ۾ دري ٻه آهي ۽ پاسي وارن خانن ۾ ماکيءَ جي مانواري جهڙي چٽسالي نظر اچي ٿي. اهڙي قسم جي اڪير جي طرز خاص طور تي سرن سان نهيل ۽ سما حڪمرانن جي ڏينهن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پاسن وارن ننڍن صفن ۾ ٻه محراب جوڙيل هئا، پر پوءِ سرن جي اوساري ڪري بند ڪيا ويا آهن. چورسن جي هر ڪنڊ وٽ محراب جوڙيو ويو آهي، جيڪو هر چورس شڪل کي اناس ۾ تبديل ڪري ٿو ۽ قبي جي اوسر جو بنياد ٻڌجي پوي ٿو. جيڪو هاڻي ڪري ختم ٿي چڪو آهي. محرابن جي هيٺين پاسن کي ڏيڏيون ڇڪون هٽي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. هن قسم جو ڪنڊن کي مضبوط ڪرڻ وارو غير روايتي طريقو سما دور جي عمارتن جي خاص خوبي آهي. مرڪزي قبي جي پاسي ۾ ٻه قبا بنايا ويا آهن. وڃين صفي ۾ اهم ڳالهه اها ٻه آهي ته چٽن ٿي ڪنڊن تي ڪانڍ جا لڏڪا يا ڏيائيون لڳايون ويون آهن. انهن تي روشني ڪرڻ لاءِ ڏيئا رکيا ويندا هئا. ڏاکڻ واسطي هڪ مستطيل قسم جو ڇجو ناهيل آهي، سو ٻه سما دور جي جڳهن جي خاصيت آهي. ان ڏاکڻ کي مٽي چت تي چڙهي ٻانگ ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هوندو. ٻانگ ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪو جدا منارو نهيل ڪونه آهي.



تصوير 37 - سما دور سان تعلق رکندڙ ٻه پڪ سراوان مقبرا جن جي ونگ واري لنگھ جي ٻنھي پاسن کان اڃا خانا نظر اچي رھيا آھن. قبن جي اڏاوت اٺ - ڪنڊي ڊيڊي Drum مٿان ٽيل ڏسجي ٿي. سامھون وارو مقبرو ملڪ راڄپال جو آھي، جڏھن ته ٻيو مقبرو فتح خان جي پٽ جو آھي. ٻنھي مقبرن جا قبا ڊٺل آھن. ھنن ٻنھي اڏاوتن جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آھي.

(ذ) سرن جا نھيل ھم چورس مقبرا

ھن قسم جون ٽي جڳھون آھن. سيئي ھڪ قبايون ۽ بناوت ۾ ھم چورس آھن. انھن کي ٽن يا چئن پاسن کان ونگن سان لنگھ آھن. قسم جي لحاظ کان سيئي سيٽ ونگ آھن. باھرئين پاسي لنگھ جي ٻنھين پاسن کان، سرن جا اڃا بار



تصوير 38 - ملڪ راڄپال جو ھم چورس پڪ سراڻون مقبرو، جنھن ۾ سيٽ ونگ Lancet Shaped arch سان لنگھ ڏسجي ٿو. جنھن جي ٻنھي پاسن کان پٽ جي ننڍڙن پاون سان، اپيءَ طرز جا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪارنس Cornice ۾ ڏنڊڙي لاءِ پڪي سر جو ڪٽاڻون بار ھنيو ويو آھي. ھي، تعمير 15 صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي.



تصوير 39 - هيءَ ملڪ راڄپال جي مقبري جي اندرئين پاسي نظر ايندڙ عربي تحرير آهي، جيڪا هن ريت آهي: هذا المقام الر جي رحمت الله تعلئ ملڪ راجبال بن ملڪ انر بن ملڪ راهو بن ملڪ رائدن بن ملڪ راهو بن فيروز شاهه سلطان الاهر برد مضجعه ونور قبره والنس حشش.

ڏنا ويا آهن. تنهن ڪري لنبيل سادي تعمير ۾ ڇڻ ته خانا ٻڌجي پيا آهن. قبا ننڍين هم چورس ڏيڏين (Drums) تي بينل آهن. پر سرن جي سبب ڪري اڏاوت جو اهو طريقو ڪنهن مخصوص قسم جو پيو لڳي. هم چورس ڪمري کي ڦيرائي اناس جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ واسطي ڪنڊن ۾ ڪناري جي سنوت کان مٿان محراب جوڙيا ويا آهن. پر ڪناري جي سنوت جي هيٺان ڪُنڊن جي مضبوطي واسطي هڪ يا ٽي ننڍا محراب جوڙيا ويا آهن. ڪٽي ڪنڊن ۾ قوسي لڪدار ٽڪندا (Pendentives) به هنيا ويا آهن. هن قسم جو اڳواٽ ئي احتياط ڪرڻ ڪري پٽين جي اوچائي وڌي آهي، جيڪي اندران ۽ باهران گچ سان لنبيل آهن. جيڪڏهن سرن جا ايا باهر نڪتل ٻار ڏٽي ڏڳهن خانن سان پٽين جي سطح کي نه ورهائجي ها ته جيڪر پٽين جي اوچائيءَ جي سطح لسي ۽ ٻُسي لڳي ها.

ملڪ راڄپال جو مقبرو

تعمير جي اندرئين پاسي عربي لکت[28] (نمبر 39) ملڪ راڄپال جي شجري متعلق ٻڌائي ٽي، ته اهو فيروز الدين جام انڑ جي اولاد مان هو ۽ اهڙيءَ ريت ان سان جام نظام الدين جيان سندس ڪُر جو هڪجهڙو لاڳاپو ۽ مائٽي هو. مقبري تي ڪاب تاريخ لکيل ڪانه آهي، پر ان جي تعمير کي پندرهين صدي عيسويءَ ۾ رکي سگهجي ٽو. هيءُ مقبرو مبارڪ خان جي مقبري جي اتر - اوپر ڏسا تي آهي. عمارت هڪ قبائين ۽ ڏيڊي هم چورس آهي، جنهن جي چوڌاري ماپ 24 فوٽ 10 انچ آهي. (نمبر 37-38) پيڙهه ڪان وني ساڌا ڇهه فوٽ مٽي پٽر جي اوساري آهي ۽ ان ماپ ڪان پوءِ پڪين سرن جي تعمير آهي. ڇئن طرفن ڪان سينڊ - ونگن جي ڪري ڪليل آهي. لنگهه جي ٻنهي طرفن ڪان سرن جا اُيا ٻار هنيا ويا آهن، جنهن جي ڪري ٻه اُيا ۽ ڏگها خانا ٻڌجي پيا آهن. موجوده جڳهه ۾ محرابن جي اڏاوت پٽر جي بارن ڪان مٿان شروع ٿئي ٽي. اهڙيءَ ريت محرابن ۽ قوسي لڪدار ٽڪندن جي سلسلي ڪان پوءِ اناس هڪ گولائيءَ ۾ تبديل ٿئي ٽو. جيڪو قبي جي تعمير واسطي هڪ بنياد ثابت ٿئي ٽو. قبائين چت جي هيٺان ليڪن وانگي ڏندائين طرز جي خوبصورت سجاوٽ ٿيل آهي.

سما خاندان جي ڪنهن گمنام شهزادي جو مقبرو

ملڪ راڄپال جي مقبري جي ڏکڻ - اوپر طرف هلڪو پوٽو آهي. ان پوني جي هڪ پاڳي تي مبارڪ خان جي مقبري جي پرسان هڪ قبائين سرن جي اڏاوت آهي. اها تعمير پنهنجي نقشي ۾ هم چورس آهي ۽ هر پاسي جي ماپ 20 فوٽ 7 انچ اٽس. ٽن پاسن يعني اتر، اوپر ۽ ڏکڻ کان ونگائين لنگهن جي ڪري ڪليل آهي. اولهه ڏسا کان هڪ سادو محراب جوڙيل آهي. پٽيون گچ سان لنبيل آهن. مقبري جي اندرين پاسي، ڪُنڊون پاڻ ۾ بيهڪ جي لحاظ کان چڱي جوڙجڪ ڏيکارين ٿيون. ننڍو محراب وڏي محراب کي ٽيڪ ڏئي ٽو. ائين ڪرڻ سان ڪمري جو چوڙسو اناس جو ڏيڪ ڏيڻ لڳي ٽو. بعد ۾ قوسي لڪدار ٽڪندا (Pendentives) هٽي، قبي لاءِ ڏندائي بار جو

بنياد ناهيو ويو آهي. اندر چيرولي ۽ جي پٽر مان بٽيل هڪ قبر آهي، پر بدقسمتي اها آهي، تہ ان جو پٽرائين لوڙهٽ (Cenotoph). پڄي پيو آهي ۽ ان جا ٽڪرا مقبري کان باهر رکيل آهن. قبر تي نصب کيل کلنگي ۽ ٻيا حصا کنبر جي صورت ۾ هيڏي هوڏي ٽوڙيا پکڙيا پيا آهن.

سما خاندان جي پٺئي گمنام شهزادي جو مقبرو

هيءُ مقبرو بہ ساڳي پوئي تي، چٽي - مقبري (پليٽ 10) جي پنيان تعمير ٿيل آهي. ان جي پيڙهہ جي اوساري چن جي اڻ گهڙيل پٽر مان ڪئي وئي آهي. جنهن جو نقشو هر چورس آهي ۽ هر پاسي جي ماپ 24 فوٽ 10 انچ آهي. اتر اوپر ۽ ڏکڻ کان ونگن تي لنگهہ آهن ۽ اولهہ پاسي کان محراب آهي. ڪُنبن وٽ اندرين بيهڪ ڪجهہ بدليل آهي. هتي ڪنبن وٽ سرن کي وڌائي محراين کي مضبوط ڪيو ويو آهي. معمول مطابق هت بہ سرن جا اڌ اڌ بار هٽي خانن جو سڏاءُ ڪيو ويو آهي. اولاهين پٽ کي وچ تي محراب واسطي سرن جو ڇڇو (Projection) ڏنل آهي. اندر قبر آهي، پر ان جو هينيون حاشيو کاڄي ويو آهي.

(ج) فتح خان جي پيٽ جو مقبرو

سرن جو نهيل هيءُ مقبرو، ملڪ راڄپال جي مقبري جي اتر- اوپر ۾ آهي (نمبر 42)۽ اندران عربي لکت[29] آهي، جيڪا 1492ع : 898 هـ جي تاريخ ڏيکاري ٿي. ان تعمير کي فتح خان جي پيٽ ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو. جيڪا ڄام

تصوير 40 - فتح خان جي پيٽ جي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ورن وڪڙن واري ڇنڊسالي ۽ جون قطارون ڏسجن ٿيون. ڪنبن کي ننڍي قسم جا محراب آهن. جنهن سان گڏ وڏيڪ ننڍڙا محراب ڏسڻ ۾ اچن ٿا.



تصوير 41 - فتح خان ولد ڄام نظام الدين جي پيٽ جو هر چورس پڪ سرو مقبرو، جنهن جي اوپر پاسي واري تعمير ۾ ڪي اضافي محراب جوڙيل آهن. ان کان سواءِ مختلف خانا ۽ پٽر جي ڇوڪاڻن وارو لنگهہ ڏسجي ٿو. جيڪو ونگ سان آهي. هن تعمير جو واسطو 898 هـ : 1492 عيسويہ سان آهي.



تصوير 42 - سادو محراب ڏسجي ٿو. جنهن جي ساڃي پاسي هيءَ عربي تحرير آهي:

هذا المقام للرجي الي رحمته الله تعالي تمهيد العمارت بالامر تاج الدنيا والدين. ميان تاج الدين همشيره ميان فتح خان بن سلطان نظام الدين شاه خلد ملک و السطلنته في سن تهمن و سب ان و تهمن مي اهوا در ماه ربيع الاول روز پنج شنبه.

نظام الدين جي ڏيءُ هئي. اصلي تعمير متاهين پٽ تي آهي، جنهن جو نقشو هر چورس ۽ هرپاسي جي ماپ 29 فوٽ 7 انچ اٿس. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ ٻي اڏاوت کي ان ۾ شامل ڪيو ويو هو. جنهن جي موڪر 13 فوٽ ٿيندي. مڪيه جڳهه کي (نمبر 41) اتر، اوپر ۽ ڏکڻ ڏسا ڏانهن ونگن سان ٺي لنگهه آهن. ڏکڻ طرف واري ونگ واري لنگهه ۾ در جو پٽرائون ڇوڪاڻو پيل آهي. اها سما دور جي اڏاوتن ۾ پهرين نواڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. دروازي جي سردر (Lintel) جي وچ تي سورج مُکيءَ جي گل جي اُڪير ٿيل آهي ۽ دروازي جي چانئٽ تي چيرولي۽ جو پٽر استعمال ڪيو ويو آهي. مهاڙيءَ ۾ لنگهه جي ٻنهي پاسن تي سرن جي ٻن بارن سان اڌ ۽ ڍڳها خانا ٻڌجي پيا آهن. تعمير جو اندريون پاسو هر چورس ۽ قائوس سلطاني (ڏسو هيٺ) جي مقبري سان هڪجهڙائي رکي ٿو. وڏن محرابن کي مضبوط ڪرڻ واسطي ڪندن ۾ ننڍا محراب جوڙيا ويا آهن. جيڪي هر چورس ڪمري کي مٿي وڃي اناس جي صورت ڏين ٿيا. قبو اٽ ڪُنڊيءَ ڊيڊيءَ تي بيٺل آهي. ان جي اندرئين پاسي واري چت تي سرن جي ورن وڪڙن واري اوساري ڪيل آهي. اولاهينءَ پٽ ۾ محراب رکيل آهي ۽ محراب مٿان جارو جوڙيو ويو آهي. مقبري اندر گهٽيون ٽي قبرون آهن. ڏکڻ - اوپر واري ڪنڊ تي هڪ وڏي قبر آهي، جنهن جي شڪل صورت پيٽيءَ جيان مستطيل آهي. سندس پاسن کان ونگدار خانن ۾ گلن جي اُڪير واري چٽسالي۽ جو سلسلو آهي. هن مستطيل پٽر جي مٿان ڏاکڻ نموني ٽي منزلون آهن. جيڪي ڏسڻ ۾ تابوت وانگر اڇن ٿيون. پر رڳو وڃينءَ منزل، جا ڪُنڊن وٽ اُهن پاون جيان ٻونبا سلامت آهن. صفا مٽئين پاڳي جي ڪرنگهائين ٻنيءَ واري شڪل آهي ۽ ان جي هيٺئين پاسي عربي لکت آهي. ان جي مٿان وري ونگدار خانن ۾ گُل اُڪيريل آهن. بعد ۾ شامل ڪيل ڪمري ۾ به هڪ وڏي پٽر جي قبر آهي.

(خ) سرن جو هم چورس مقبرو ۽ ڏاکڻ جي تعمير

ان قسم جون رڳو ٻه جڳهون آهن، جيڪي ٽورو ڏکڻ پَرَ تي، جام نظام الدين جي مقبري جي چوڏاري قبرن واري مُچلي ۾موجود آهن. ٻئي نقشي ۾ هڪ جهڙيون آهن. انهن اڏاوتن ۾ نئين قسم جي ونگدار جارن جي شروعات ٿئي ٿي، جيڪي اوساريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مال مسالي کي گهٽائن ٿا. پر دروازن جا ڇوڪاڻا پنهنجي پراڻي روايت تي قائم آهن، جيڪي سورهينءَ صدي عيسويءَ جي شروعاتي عمارتن سان لاڳاپو رکن ٿا. ان وقت هتي هرات ۽ قندار جي اڏاوتي فن جو وڏو اثر پئجي رهيو هو.

قائوس سلطاني جو مقبرو (1513ع : 919 هـ)

هيءُ سرن جي هڪ قبائين هر چورس اڏاوت (نمبر 45) آهي، جنهن جي هر پاسي جي ماپ 33 فوٽ آهي، مٽي چت تي چڙهڻ لاءِ ڏاکڻ لاءِ هر چورس 10 فوٽ ايراضي ٻي به ان ۾ شامل آهي، جيڪا اتر - اوپر واري ڪنڊ تي ڏسي سگهجي ٿي. پيڙهه کان وٺي چار پنج فوٽ مٽي پٽرن جي اوساري ڪيل آهي. پتيون جيئن مٽي تيئن سوڙهيون ٿيندينون وڃن ٿيون. ڏکڻ پاسي واري ٻاهرين مهاڙيءَ جي (نمبر 44) مٽاچري تي ڪيل مختلف نمونن جي چٽسالي۽ سان ڏاڍي من موهيندڙ ٿي

تصوير 43 - قائوس سلطاني Qaus - as - sultani جي مقبري جو محراب. جنهن جي بنهي پاسي کان خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب کان چوڪندن خاني ۽ هر جورس چٽ‌جي قطار آهي.

لڳي. سرن جي ٻاهر نڪتل اُين بارن سان سامهون وارو پاسو پنجن اين ۽ ڏگهن خانن ۾ ورهايو ويو آهي. پچاڙيءَ وارا خانا بلڪل سادا آهن. وچين ۾ ونگ سان نهيل لنگهه آهي، جنهن ۾ پٽرائون جوڪانو پيل آهي ۽ گهوڙيون هٽي، مٿان ڇجا ناهيا ويا آهن. در جي چوڌاري پٽيءَ تي پن ول جي وٽندڙ چٽسالي ٽيل آهي. سردر تي لکت آهي ۽ در جي جانڪ ۾ اڌ چند ناهيل آهي. لنگهه جي ونگ جي بلڪل مٿان ونگن سان تي خانا جوڙيل آهن. لنگهه جي بنهي پاسن کان خانن ۾ وري ڏگها جارا ناهيل آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان آهن. جيئن مبارڪ خان جي مقبري ۾ پٺر جا گهڙيل جهروڪي دار جارا (Oriels niches) موجود آهن، تيئن هتي به ڏسڻ ۾ اچن تا. جهروڪن جون ونگون ماڪيءَ جي مانڪي جهڙيون آهن. ساڄي طرف تي مٿي، اولي



تصوير 44 - قائوس سلطاني جي مقبري جو ڏاکڻيون ٻاهريون پاسو، جنهن جي وچ تي ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. منجهس پٿر جو چوڪاڻو آهي. پاسن کان ونگن سان هڪ ٻئي مٿان ٻه ٻه خانا آهن. جيڪي ديوار کان ٻاهر لڪل درين کان مٿان آهي. مٿين خانن اندر مخروطي قسم جي چٽسالي موجود آهي. جڏهن ته پلويڙي کي سرن جي ڏندي هئي خوبصورت بڻايو ويو آهي. هن اڏاوت جو دور 919 هـ : 1513ع آهي.

تصوير 45 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اوپارين ٻاهريون پاسو، جنهن ۾ وچ تي نظر ايندڙ لنگهه ۾ پٿر جو ٿنڀو ڪٽل آهي. هن لنگهه جي کاپي ۽ ساڄي ونگ سان ٻاريون آهن. هن تعمير جي صفا ساڄي پاسي ٻه هڪ لنگهه آهي. جتان گذري ڏاکڻين ڏانهن وڃي سگهي ٿو.



تصوير 46 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن جي سامهون واري پاسي جو وچ ٻاهر تي نڪتل گهڳهيءَ نموني جو آهي. جنهن جي درين ۽ پٽ ۾ پٿر جو وڏو پائو لڳل آهي. سنڌ واري نوڙهٽ، جهالر واريون ونگون، هيٺ بنياد ۾ گلن جي اڪير آهي ۽ ڪرنگهائين نوڙهٽ لڪت سان آهي. جن جي مٿين ڪنڊ ۾ محراب تعمير ٿيل آهن.

پلويڙي (Parapet) کان بلڪل هيٺان، سرن جي ڏندائين هڪ قطار آهي. اوپر واري مهاڙيءَ ۾ (نمبر 45) ڏاکڻ جي هجڻ ڪري ڪجهه تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ونگ واري مکيه لنگهه کي دروازي وارو چوڪاڻو لڳل ڪونهي. رڳو سردر لڳل آهي، جنهن تي اڏ سورج مکي گل جي قطار چٽيل آهي. اهڙيءَ ريت اسان ڏسون ٿا، ته فيروز شاهي دور جي عمارتن جي "ونگ ۽ شهتير" (Arch-and-beam) جي اڏاوتي ۽ فني اصول جي بلڪل ويجهو آهن. البت ڏاکڻ واري لنگهه کي چوڪاڻو لڳل آهي. ساڳيءَ ريت مکيه ونگ واري دروازي مٿان ٽي جارا آهن. قبو اٺ ڪُنڊيءَ ڏيڊي (Drum) جي مٿان بينل آهي، جنهن کي مٿي چئن طرفن کان ونگدار دريون جڙيل آهن. اولاهينءَ پت ۾ محراب جو وڌاءُ ٽيل آهي. جڳهه جو اندريون حصو هم چورس آهي ۽ خوبصورت محراب اٽس. (نمبر 43). ان جي مٿان لکت موجود آهي. محراب جي ٻنهي پاسن کان اُڪيريل پاوا آهن، جيڪي سنڌي طرز جي علامتي سجاٽپ آهن. محراب کي قبيءَ سان ڊيڪيو ويو آهي. ٻاهرين ونگ جي چوڏاري چوڪاڻو آهي، ان کان مٿان چورسن جو سلسلو نظر اچي ٿو. جيڪي اُريب (Diagonal) جي رستي پاڻ ۾ گڏيل آهن. ڪُنڊن ۾ ننڍا محراب ڏئي وڏن محرابن کي مضبوط بنايو ويو آهي. محرابن کان مٿان ونگن سان جارا هٽي اناس کي سورنهن ڪنڊو ڪيو ويو آهي. اهڙن جارن جو وڏيڪ سلسلو رکي سورنهن ڪنڊي کي گول بنائي چڏيو آهي، جنهن مٿان قبو اڏيو ويو آهي، جيڪو هاٿي ڪِري ڪنڊر بڏجي ويو آهي. هيٺ فرش تي هڪ ٽَلهو آهي، جنهن جي هڪ پاسي تراکڙي قبر آهي. (نمبر 46) قبر جي پهرين منزل تراکڙي آهي. ڪناريءَ تي پن ول جي بي مثال اُڪير ٽيل اٽس ۽ پاسن ۾ مرڪزي ونگون آهن. ونگن کي جدا ڪندڙ پاڳن ۾ هيري ڪٽ ۽ گلاب جا گل اُڪيريل آهن. ان کان مٿي مختلف سطحن واري تابوت وانگي قبر جي بناوت آهي، جنهن جي ڪنڊن تي لڳل بونبا مٿي ايا آهن. سڀ کان مٿان بنايل پٽرائين لوڙهت ڪرنگهائين آهي. قبر جي ڊگهي مهاڙيءَ تي عربي لکت آهي، جنهن کي پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ چئن پنکڙين واري گل، انهن کي الڳ الڳ ڪري بيهاريو آهي. ڪرنگهائين لوڙهت جي هيٺئين پاسي ۽ ننڍيءَ ڪناريءَ جي مٿان ڪنگرن جي قطار چٽيل آهي.

سرن جو تباهه ٽيل مقبرو

سرن جو ڏهيل ٻيو ٻه هڪڙو مقبرو آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل جڳهه سان هڪجهڙائي رکي ٿو. ان وانگي هڪ - قبائين، هم چورس ۽ ڏاکڻ لاءِ وڏايل ايراضي چوڪُنڊي آهي. ٽنهي لنگهن مان فقط هڪ اوپارين ونگائين لنگهه کي پٽرائون چوڪاڻو ٻيل آهي. ان چوڪاڻي تي سورج مکي گل اُڪيريل آهن. سردر جي وچ تي ٻه سورج مکيءَ جي چترڪاري آهي ۽ ٻنهي پاسن کان اليڪي چٽسالي آهي. سردر جي باقي رهيل ساڄي اڌ تي قرآن شريف جي آيت الڪرسي خطاطي ۾ اُڪيريل آهي ۽ کاٻي اڌ تي فارسي لکت آهي. اندريون پاسو ٻه اڇين ڇاٽايل اڏاوت جهڙو آهي. پر هن کي اولهه پاسي کان تمام ڊگهو محراب آهي ۽ هيٺ فرش تي چار قبرون آهن. پٽرائين لوڙهت تي ڏاکڻ واري طرز ۽ ونگدار خانن کان سواءِ سورج مکيءَ جي وڏي گل جي چٽسالي ڪيل آهي. ٻيڙهه کان ٻه چار فوٽ مٿي اوساريءَ ۾ پٽر جا بار ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

سمن جي دور بابت سنڌيڪار طرفان وضاحت:

سنڌ جا گهٽا تاريخ جا ماهر ۽ ڇاڙو سمن جي حڪومتي دور کي 1351ع کان 1520ع تائين يعني شاهه بيگ ارغون هٿان جام فيروز جي حڪومت ختم ٿيڻ تائين تسليم ڪن ٿا. جڏهن ته ڊاڪٽر احمد حسن داني ۽ ڪي ٻيا ان دور کي 34/1333ع کان 1524ع تائين مڃين ٿا. سندن چوڻ آهي ته سما حڪومت جو بنياد وجهندڙ تغلق شاهه جام جوڙو I دهليءَ جي تغلق حڪومت پاران سيهوڻ ۾ مقرر ٽيل حڪمران 'ملک رتن' کي قتل ڪري سيهوڻ تي سما خاندان جي حڪومت قائم ڪئي. مٿئين واقعي جو احوال ابن بطوط جي سفرنامي ۾ پڻ آيل آهي. انهيءَ ريت 1520ع ۾ جڏهن ارغونن سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ نٽي تي پاڻ حڪومت ڪرڻ لڳا ته ڪجهه عرصي لاءِ هنن جام فيروز کي سيهوڻ جو حڪمران تسليم ڪري، هتي جي ماڻهن جي دلين ۾ جام سلطانن جي گهري تعلق کي عارضي طرح تسليم ڪيائون. اهو دور 1524ع تائين رهيو. ان ڪري کي تاريخدان ملک رتن جي قتل ۽ جام فيروز جي رڳو سيهوڻ تائين حڪمراني واري دور يعني 34/1333ع کان 1524ع تائين کي سما حڪومت جو دور تسليم ڪن ٿا.

جڏهن ته ڊاڪٽر غلام محمد لاکو حقيقي سما حڪومتي دور 1351ع کان 1520ع تائين مڃي ٿو. باقي منڊ وارو دور سمن پاران سندن اقتدار حاصل ڪرڻ واري تحريڪ جو دور چئي سگهجي ٿو. (سنڌيڪار)



پليٽ 15 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي محراب واري ٻاهرئين پاسي جو پُشتو (Butress) ٽن پاڳن ۾ ورهايل آهي. پهرئين هيٺئين حصي ۾ ڪارنس جهڙي وَٽ (moulding) آهي. ان کان سواءِ ونگن سان خانا (arched panels) آهن. وچ واري حصي ۾ ڪنڊن وٽ نفيس چٽسالي وارا سخارا (Sikhara) اُڪيريل خوبصورت پاوا، ڇجي نموني (Brackets) آهن، جيڪي پُشتي تعمير سان اڳتي پوئتي ڦُرترا هلن ٿا. جڏهن ته مٿئين حصي ۾ جهروڪو ڏسجي ٿو. هي ڄام نظام الدين مشهور سمي سلطان جو مقبرو آهي، جنهن 1460ع کان 1508ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي.



پليٽ 16 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين مهاڙيءَ جو ڏاکڻيون اڌ، جنهن ۾ در جي چوڌاري خوبصورت أکير ڏسجي ٿي. جڏهن ته محراب جي متئين حصي کي ڏسڻ ۾ دريون نظر اچي رهيون آهن. جيکي ڏاکڻ جي روشنيءَ جي مقصد لاءِ رکيون ويون آهن.



پليٽ 14 - ڄام نظام الدين جي مقبري جو اولاهيون پاسو. جنهن جي وچ تي محراب نظر اچي رهيو آهي. مقبري جو پشتي جهڙو هيءُ حصو ڏاڍو خوبصورت آهي. هن پُشتي (Butress) ۾ ڪم آندل پٿر تي نهايت نازڪ ۽ هنج ٽُڪ ٽيل چٽسالي ڏسجي ٿي. هن مقبري جي ڏکڻ ۾ ڄام تماچيءَ جو مقبرو آهي (؟). لکت پڙاندر ڄام نظام الدين جي مقبري جي تعمير جو لاڳاپو 1509 صدي عيسويءَ سان آهي.



پليٽ 17 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولهه پاسي محراب پٽ جو اتريون پاسو. جنهن تي هڪ خوبصورت اُڪير واري چٽساليءَ جي پٽي آهي. جيڪا نازڪ ۽ نفيس عربي ڪتابت جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. مٿان بدڪن جي قطار آهي.



پليٽ 18 - ڄام نظام الدين جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ هر ڪنڊ ۾ محرابي ونگن (Brackets) (Pendentive) جي تعمير ٿيل آهي. مٿي ونگن واري لٽڪڻ ۽ خوبصورت اُڪير جي قطار آهي. هيٺ تري ۾ به اُڪير جي ساڳي قطار ڏسجي ٿي، جيڪا اڌ پوري آهي.



پليٽ 19 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اندرئين پاسي وارو محراب، جنهن جي ٻنهي پاسن کان سنڌي طرز جا نهايت خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب ۾ هڪ ٻئي مٿان ٽي ونگون آهن. جيڪي نهايت خوبصورت آهن.



پليٽ 20 - ڄام نظام الدين جي مقبري اندر رکيل محراب واري پٽ، جنهن ۾ محراب واضح نموني سان نظر اچي رهيو آهي. مٿئين پاسي ٻاهر نڪتل جارو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان پاوا لڳل آهن.



پليٽ 21 - چار نظام الدين جي مقبري جو اولاهيون سامهون وارو پاسو. جنهن جي متئين پاسي واري چنسالي جي قطار مڪمل ڪانه آهي. ان جي ڏکڻ پاسي چوديواري اندر سمن جون قبرون آهن. جيڪي پٽر جون آهن. قبر جي سيراندي ڪان لڳل پٽر تي تاج اڪيريل آهي ۽ پاسن تي ڪجي جي وڻ جي اڪير واري چٽ ٿيل آهي.

باب ٽيون

سما دور جا پراڻا يادگار

جام نظام الدين جو مقبرو

تاريخي پسمنظر: سما خاندان جي مقبول ۽ محبوب حڪمران جام نظام الدين جي مقبري جي تاريخ سندس مقبري تي اُڪيريل آهي.[1] پر مؤرخ، سلطان نظام الدين جي اٽڪل 50 سال حڪمرانيءَ جي عرصي تي متفق نہ آهن. جيڪو پندرهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سورهين صديءَ جي شروعاتي سالن تي ٻڌل آهي. سلطان جي پٽ السلطان الاعظم و الخاقان العادل الاڪرام ناصر الحق الدنيا والدين ابو الفتح سلطان فيروز شاهہ جي دعويٰ ۾ شڪ ڏيکاريو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو عربي لکت موجب مقبري جي اڏاوت هن جي نالي ٿيل آهي. مذڪوره لکت مقبري جي اترئين دروازي جي سردر[2] تي موجود آهي، جيڪا 951ھ: 1509ع جي تاريخ ڏيکاري ٿي. پير حسام الدين راشديءَ ان کي جو ساري جس دريا خان عرف مبارڪ خان کي ڏني آهي، جنهن جي سوچ ۽ فڪر وسيلي هن مقبري جي جڳهہ طئي ٿي. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو، تہ مقبري جو ڪم جام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ شروع ٿي ڇڪو هجي، جنهن لاءِ عام طور تي اهو تصور ڪيو ويندو آهي، تہ هن 1508ع ۾ وفات ڪئي هئي ۽ مقبري جو ڪم موجوده صورت ۾ 1509ع ۾ پورو ٿيو ۽ ان زماني ۾ فيروز شاهہ جي حڪومت هئي. مقبري تي جيڪو بهترين سنجٹ جو ڪم ٿيل آهي، سو وقت جي ڪنهن ڏگهي عرصي جي تقاضا ڪري ٿو. اهڙي قسم جي محنت جو ڪم تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن ملڪ ۾ امن امان هجي، خوشحالي هجي، جنگ ۽ اندروني فساد نہ هجن، جيئن اسان فيروز شاهہ جو زمانو ڏسون ٿا.

نمونو: جام نظام الدين جو مقبرو پنهنجي تخليق ۾ لاثاني ۽ سنجٹ جي لحاظ کان بي مثال آهي. ان مقبري جي اڏاوت جو نقشو ڪٹڻ ٻاهران ڪونہ آندو ويو آهي. اهو سما دور جي ماضيءَ جي عمارت سازيءَ جي تجربن ۽ ماهر ڪاريگرن جي محنتن جو نتيجو آهي. اهو مقبرو سرن جي ڪاريگريءَ جي مهارت، اڏاوتي ڄاڻ ۽ نٽي ۾ پٽرن جي اُڪير جي سؤ سالا تجربي جي ڳڏيل ڪوشش ۽ جاکوڙ جو نتيجو آهي. هڪ قبي لاءِ سِرن جي هم چورس جڳهہ، سما دور جي عام تعمير هئي. جام نظام الدين جو پٽر مان جوڙيل مقبرو، سندن اها پهرين ڪوشش هئي. اولهہ پاسي ڪان مسجد واري پٽ ۽ ان سان گڏ ڏاکڻ جي تعمير جو وڏاءُ خاص اهميت جي لائق آهن. پر انهن سيني اڏاوتي ڳٽن جي ان تعميراتي منصوبي ۾ هم آهنگي فقط ان ئي مقبري ۾ ڪمال تي پهتل آهي. ساڳئي وقت اولاهينءَ پٽ ۾ محراب جو وڏاوڙو، جيڪو مسلمانن جي جاين ۾ عام ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ گجرات جي مسجدن ۾ پڻ عام آهي، سو پهريون پيرو سنڌي يادگارن ۾ پُشتي هنيل صورت ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن تہ موجوده عمارت ۾ هن قسم جو پُشتو هڪ نئين انداز ۾ نظر اچي ٿو. اسان هن مقبري جي هڪ ئي عمارت ۾ گهڻين خاصيتن کي هم آهنگي ۽ خاص ترتيب ۾ هڪ جائتو ٽيندي ڏسون ٿا. جنهن ۾ ڪاريگريءَ جي ذات، تعميراتي سونهن ۽ پٽ جي مٽاچري تي مهارت سان اُڪيريل پن ول جي سونهن ۽ سنجٹ کي پوري توازن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ساڳي وقت ان فن ۾ رازن، ڪاريگرن ۽ چيٽيءَ جي ماهر استادن جو فنڪارانا ڪمال پڻ محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهي پنهنجي فن سان لاڳاپيل من پسند موضوع ڪٹان بہ آڻي پئي سگهيا. پر کين ڏسڻو رڳو اهو ٿي پيو، تہ مسلمانن جي يادگار جڳهن ۾ ڪهڙو اصول ڪتب ايندو. اتر ۽ اولهہ وارين پتين تي هنج پکين جي اُڪير کان سواءِ ڪاريگرن، ماڻهن ۽ ٻين جانورن جي تصوير جي اُڪير کان پاسو ڪيو آهي. اهڙي قسم جي اعليٰ فني ڄاڻ رکندڙ

ڪاريگرن کي سنڌ جي ماضيءَ جي ورثي ۽ اسلامي اڏاوتي طرز مان لاپ پرائڻ جو پورو ٽـ وجهـ مهيا ڪري ڏنو هو. جن ٻنهي کي گڏي پنهنجو طرز ايجاد ڪيو. جيڪو تعميراتي فن ۽ پٽين جي مٽاچري جي سونهن ۽ سوڀيا جي ڏس ۾ ممتاز هو. اهڙي قسم جي فن، گذريل ڪيترين ئي صدين دوران هن نندي کنڊ ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي. پٽ جي مٽاچري واري چٽسالي اهڙي، ٽـ اعليٰ معيار جي آهي جنـ جڙ ٽـ ڪاڻ ۽ عاج جي اعليٰ اُکير جي فن کي پٺر جي اُکير ۾ بدلايو ويو آهي. جام نظام الدين جي مقبري جي ڪاريگري پنهنجي همعصر گجراتي مهان ڪاريگريءَ سان پيٽائي سگهجي ٽي، جيڪا بنيادي طور قديم جين ۽ هندي اڏاوتي روايتن جو نقل آهي. موجوده مقبرو سنڌي ڪاريگراڻي صلاحيتن جو چٽو مظهر آهي، جيڪو اڏاوت جي اعليٰ ڪاريگريءَ جو اڻ لپ مثال آهي. ان اڏاوتي فن، گم ٽي ويل روايتن جي ڳجهن خزانن کي پڌرو ڪري وڏو ڪم آهي. جيڪو اسلام کان اڳ واري دور ۾ پنهنجي ملڪ سنڌ اندر وڏيو ۽ ويجهيو هوندو. ۽ مذهب جي نئين جذبي سان سرشار ٽي ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ جام نظام الدين جي امن امان واري خوشحال دور ۾ انهي فن نئين شڪل ۽ نئين اتساهـ سان جنم ورتو.



تصوير 47 - جام نظام الدين جو مقبرو اندرئين اترئين پاسي محراب جي پشتي تي ڪجهـ مٽيرو قبيءِ جهڙي نندڙي اڏاوت آهي. جنهن جي چت ۾ پاسراتين جهڙي چٽسالي نظر اچي ٽي. ڪنڊن تي ننڍا محراب آهن. ونگن سان بارين جي بي قطار ۽ سڌي سنوت ۾ اُکير جون ڪجهـ سهيڙون آهن. تعمير جو دور 1509 صدي عيسوي آهي.

ٽاڪ (Location): هي مقبرو عام ماڻهن ۾ گهٽو مشهور آهي. جيڪو مڪلي جي اتر پاسي موجود آهي. ان مقبري تائين وڃڻ لاءِ پنڌ ان ڪري وڏي ويو آهي، جو وڃ تي هڪ نئن آهي. جيڪا اوپر ڏانهن وڃي سنڌو درياءَ جي پراٽي پيٽ ۾ پوي ٽي. سيد علي شيرازيءَ جو مقبرو ۽ ٻيون قبرون مڪليءَ جو سارو اتر پاسو والاريو ٻيٽيون آهن ۽ سمن جي قبرن واري ماڳ کان وڏيڪ اوچائيءَ تي آهن. جام نظام الدين جو مقبرو هڪ نندي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پنهنجي جاهـ جلال سان ڪَـر



تصوير 48 - جام نظام الدين جي مقبري جو ٻاهريون اترين ۽ ڏاکڻيون پاسو، جن تي اڪير جون هڪ جهڙيون پٽيون نظر اچن ٿيون. اُتي اتر ۽ اولهه پاسي کان لنگهه آهن، جن ۾ پٿر جا چوڪاڻا لڳل آهن، جيڪي هاڻي بند آهن.



تصوير 49 - جام نظام الدين جي مقبري جي اترين - الهنديءَ پٽ جو ٻاهريون پاسو، جنهن جي ساڃي طرف هڪ در، ٽي دريون، وچ تي ٽن طبقن وارو محراب جو پشتو ۽ اولاهينءَ پٽ تي اڪير جون چوڏنهن قطارون.

کنيو ٻيٺو آهي. اتان ٻيهي نظر ڪبي ته اوپر پاسي درياءَ جو وڏو پراڻو پيٽ ۽ ننڍي جو شهر ڏسڻ ۾ ايندو. پرسان ئي شيخ حماد جماليءَ جو مقبرو آهي. مقبري جي چوڦطرف واري ايراضيءَ کي نهايت ادب ۽ احترام جي نظرن سان ڏسڻو ويندو آهي. سما خاندان جا حڪمران، شيخ حماد جماليءَ جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. سما دور جون ثقافتي سرگرميون به هن خانقاه جي آڱڻ ۾ منعقد ڪيون ويندیون هيون. اهوئي ڪارڻ آهي، جو سما بادشاهن جا مقبرا به هن ايراضيءَ ۾ موجود آهن. سما دور جي جامع مسجد به هن علاقي ۾ واقع آهي. ان جي ڏکڻ ۾ مبارڪ خان، مَلڪ راڄپال، فتح خان جي پيٽ ۽ ملڪ راهوءَ (Malik Rahu) جو مقبرو آهي، جيڪو جام تغلق پٽ سڪندر شاهه جي دور سان لاڳاپو رکي ٿو. ان کان سواءِ هتي ٻيون ٻه قبرون آهن، جن بابت خبر نه آهي، ته اهي ڪنهن جون آهن؟ پرسان ئي ٻيٽيون آهن جن هيٺان قبرون ٺهيل ڏسجن ٿيون. ان کان علاوه بنا چٽين جي به ڪيتريون ئي قبرون موجود آهن. جام نظام الدين جو مقبرو هتان کان صفا اوپر ۾ هڪ ننڍي ٽڪريءَ جي چوٽي تي تعمير ٿيل آهي. جنهن جي هڪ پاسي کان پراڻي چٽي ۽ ٻئي پاسي کان هڪ مقبري جي پڪ سري چوڏيواري آهي.

جام نظام جي قبر جي اڏاوت جي رٽ: مقبري جي تعمير ۾ پٿر جون اوچيون ديواريون ٺهيل آهن. اندر هر چورس ۽ هر پاسي 37 فوٽ ويڪرو صفو آهي. جنهن ۾ ابتدائي دور ۾ ٽي لنگهه هوندا هئا. جن مان هڪ اتر ۽ ٻيو ڏکڻ ۽ ٽيون اولهه کان هوندو هو. اولهه پاسي کان محراب جي تعمير لاءِ ديوار کي "وڌاوڙو" (Projection) ڏنو ويو آهي. اهڙي ريت محراب جي ماپ "9-10'x3"-4' رکي وئي آهي. هن وقت اولهه وارو لنگهه کليل آهي. جيڪو محراب جي وڌاوڙي کان ڏکڻ طرف آهي. اتر وارو لنگهه پٿر جي ديوار سان مڪمل طور بند ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڏکڻ وارو لنگهه اڌ بند ڪيو ويو آهي. اتر واري لنگهه پرسان قبر (نمبر 56) آهي، جنهن جو لاڳاپو ڪنهن پوئين دور سان ڏسجي ٿو. جنهن ڪري اتر وارو لنگهه هميشه لاءِ بند ٿي ويو آهي. ٻاهرئين پاسي واريون ديواريون جيئن مٿي ٽيئن سوڙهيون ٽيندیون وڃن ٿيون. اندرئين پاسي کي هڪ وڇيون صفو آهي. صفي جي وچ تي چار، اتر - اوپر واريءَ ڪنڊ تي هڪ ۽ ڏکڻ - اوپر واريءَ ڪنڊ تي ٻارن جون ٽي قبرون آهن. محراب ۽ اوپر واري لنگهه کان اڳتي (نمبر 47) اولهائين پٽ وارو پاڳو. پشتي جي ٿوري پاڳي تي مشتمل آهي. بي انتها خوبصورت گهوڙين (Brackets) جي مٿان جوڙيل جهالر ۽ چٽ سان سهڻو جهروڪو ۽ خود نازڪ ۽ نفيس اڪيريل محراب، جنهن جي قبائين چت تي اُپيون ليڪون اڪيريل آهن، جنهن جي چوٽيءَ مٿان لڏڪڻو لٽڪي رهيو آهي ۽

محراب جي سامهون اُڪيريل پاوا آهن. اهي هڪ ته عصيٰ جي علامت آهن. جيڪي سنڌي محرابن ۾ عام جام ڏسبا آهن. پٽ جي مٿان اُڪير جون ٽي قطارون: هڪ قطار ونگدار خانن جي آهي، جيڪا ڇڪ ۽ گهوڙي واري وڏي محراب جي سنوت سمان آهي. ان کان پوءِ اُڪير جي هڪ بي قطار آهي، جيڪا ٻاهرئين پشتي جي گهوڙين (Brackets) جي سنوت سمان آهي. آخر ۾ ونگدار خانن جي ٽئين قطار آهي، جيڪا جهروڪي جي سنوت سمان ۽ قبي جي بنياد واري اُڪير کان ٿورو هيٺان آهي. ان جو اهو حصو شايد قبي جو بنياد بڌجي ها. پر ڪن فني سببن جي ڪري ڪنهن خواب وانگي اڌورو رهجي ويو. ساڳيو حال دهليءَ ۾ التمش[3] جي مقبري جو به ٿيو. مقبري جي اُوچين پيتين جي تعمير مان پري کان ائين معلوم ٿيندو ته جڏ اها مڪمل جڳهه آهي. زيارتين جي دلين تي اهو اثر وهندو آهي، ته هن مقبري جو نقشو ڪعبة الله شريف جي مڪمل اڌاوت تان ورتو ويو آهي. اها خوش فهمي ماڻهن جي دلين ۾ خام خياليءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. درحقيقت هيءَ جڳهه سرن جي ٽهيل مقبرن جي نقشن جو منطقي نتيجو آهي.



تصوير 50 - چاهر نظام الدين جي مقبري جي اولاهين پٽ جي ٻاهرئين پاسي تي ۽ محراب کان اتر طرف ڏج تي عربي تحرير آهي. اُڪير جي هڪ پٽيءَ ۾ هنجن جي قطار آهي، جن جي ڇهنبن ۾ ڪنول جا گل جهليل آهن. ان کان سواءِ محراب جي پشتي جي ڪنڊ تي نفيس اُڪير وارا سخارا به ڏسجي رهيا آهن.

نمونو: اهو عام ماڻهوءَ جو ڪو عام رواجي خيال ڪوٽ آهي، پر عالمن جو به اهو ئي رايو آهي، جنهن کي ادبي ڪتابن وسيلي شهرت به ملي آهي. پوئين دور جي سپني ليکڪن کي هينري ڪزنس جي ان خيال متاثر ڪيو آهي، جيڪو يقين ڏيارينڊي لکي ٿو: "اهو گهٽو تڻو هندن جي سامان سان تيار ٿيو آهي. هيءَ اهو ئي سامان آهي، جنهن مان عام طور تي هندن جا مندر جوڙيا ويندا آهن. حقيقت به اها آهي ۽ ڪافي کان وڌيڪ ثابتيون به آهن، ته ٻارهين صديءَ کان اڳ جي هڪ يا گهڻن مندرن جو پٿرائون سامان استعمال ڪيو ويو هو. خاص طور تي پٿر جي نلهن مان ان کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هيٺ پٿر جي ديوارن ۽ ٻاهرئين پاسي جهروڪي (نمبر 52) مان به معلوم ڪري سگهجي ٿو. ٻاهرئين پاسي پٿر جو سڄو ماندارُ، جنهن تي سڄي پشتي ٻڌل آهي ته محراب جو اندريون جارين وارو پاسو، اهو سڀ گجرات جي مسجد[4] جي سجاوٽ وانگي آهي." سندن دليلن ۾ ڪجهه غلطيون به آهن. جيڪڏهن محراب واري پشتي کي گجرات جي مسجد تان نقل ڪيو ويو آهي، (جتي اهڙيون قديم روايتون موجود آهن) ته پوءِ اها ڳالهه سمجهڻ ۾ ڪجهه ڏکيائي ٿئي ٿي، ته انهن ساڳين ذريعن ٻين ڳالهين ۾ سنڌين جي رهنمائي ڇو نه ڪئي ۽ اتي اڳ ۾ موجود ترقي يافته فن مان ڇو نه نئين ۽ سٹي تخليق ڪئي وئي؟ اهو ڪيئن ممڪن ٿيو جو سنڌ جا ماهر ڪاريگر پنهنجي تخليق کان سواءِ هندن جي جهڙين ٽهڙين شين تي راضي ٿي ويهي رهيا. هينري ڪزنس، سخارا (Sikhara) جي ننڍڙي شڪل جو مثال ڏئي پنهنجي دعوي کي هٿي ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي هندن جي مندرن جي جڳهن ۾ به هوندا آهن ۽ ڇوي ٿو، ته اولاهينءَ پٽ جي ٻنهين پاسي سجاوٽ وارو اڌ پورو ڪارنس يا هنج پڪين جي اُڪيريل اڌ پوري قطار ان جي ثابتي آهي. اڳتي هلي ڏاهپ وارو فيصلو ڏئي ٿو ۽ ڇوي ٿو ته: "دروازي جي لنگهه وٽ در جي ڇانڻ آڏو پٿر جي هڪ دابڙي آهي، جيڪا عام طور تي مندرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جتي ياترا تي آيل هندو ساس يا مجتا جون شيون رکندا هئا. پر مسلمانن جي جڳهن ۾ اهڙيون شيون بي معنيٰ هوندیون آهن. لنگهه جي مرمت واسطي سردر کي هاڻي



تصوير 50 - الف - تصوير 49 جو نظر انداز. درين جو سلسلو موجود ڏسجي ٿو.



تصوير 51 - محراب جي پشتي جي ڏکڻ ڏس کان وڃون حصو. جنهن ۾ کنب ۽ ورن وڪڙن Curvilinear ٿي سکارا Sikhara ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ ونگن واريون باريون آهن. جيڪي ڪيريل خوبصورت نندڻن نلهن جي وچ تي ڏسجن ٿيون. صفا ڪ ٻي پاسي مٽي ڇڄي نموني جهلون آهن. جيڪي ور وڪڙ ڪندا هلندا وڃن ٿا.



تصوير 52 - الف - ڇجي جهڙو جهل ڏسجي ٿي جيڪا ور وڪڙ ڪندي اڳتي هلندي وڃي ٿي.



تصوير 52 - محراب جي پشتي جو مٿيون اڙلاهيون پاسو. جنهن ۾ ونگن سان باريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن جي ٻنهي پاسن کان هيٺان ننڍا سکارا آهن. مٿئين پاسي ونگ سان جهروڪو آهي. جيڪو ڇجن جهڙين جهلن جي آڌار تي بيٺل آهي.

ڪائي بنايو ويو ته ڏسجي ٿو ته ان جو سبب وري اهو ٻ ڏئي ته، ته گهٽو ڪري ڪاريگر هندو هوندو، جيڪي مندرن جي جڳهن ناهڻ تي هريل هوندا.[56] اهي گهٽو ڪري هندو ڪاريگر هئا. جن کي مسلمانن ان جڳهه جي تعمير لاءِ مقرر ڪيو هو، جن ڪٿي جي ان مشهور تعمير کي جوڙي پورو ڪيو. اها مشهور اڏاوت سنڌي ڪاريگريءَ جو نادر نمونو آهي، جنهن کي انهن پنهنجي محبوب حڪمران واسطي بڻايو هو. ان تعمير جو سڄو سارو منصوبو هندي اڏاوتي فني طرز تي ڪونهي. ان نموني جو سارو اتساهه هن نندي ڪنڊ ۾ اسلامي تعمير جي طرز سان گڏ اُپريو ۽ ترقي ڪئي. موجوده مقبري جي اڏاوت سنڌ ۾ سرن جي ڪاريگريءَ جي آخري ارتقائي منزل آهي، جنهن کي پٽر جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيستائين مقبري جي عام خيال ۽ بيهڪ جو لاڳاپو آهي، ته اهو سڄو سارو اسلامي تعمير سان لاڳاپيل آهي. البت ان جي تعمير جي تخليق ۾ گهڻن ذريعن گڏجي سندس مختلف حصن کي سهڻو ۽ سوڀياوان بڻايو آهي. پهريون اهو آهي، ته مختلف اڏاوتي عنصرن گڏجي ان تاريخي يادگار جي سنجٽ ۽ سونهن پرئي نظاري کي وڌايو آهي. ان معاملي ۾ اسان دروازي جي پٽرائين چوڪاني کي ڏسون، جيڪو سما دور جي تعمير ۾ ڪا نئين شيءِ ناهي. ان مقبري لڳ تعمير ٿيل مدرسي ۽ ٻين مقبرن جون ساڳي طرز جون عمارتون ڏسي سگهجن ٿيون. ٻيو پٽرانوان اُڪيريل پاوا آهن، جيڪي موجوده مقبري جي جهروڪي ۾ ڏسجن ٿا. ۽ اهڙا پاوا چٽن وارن مقبرن ۾ به موجود آهن. ان کان پوءِ خاص ڳالهه اُڪيريل پاوا آهن، جيڪي محراب جي ٻنهي پاسن کان موجود آهن، ۽ هن قسر جا پاوا ته ٻين کوڙ سارين جڳهن ۾ به موجود آهن. اسان موجوده محراب ۽ مٿي تعمير ٿيل دريءَ ڏانهن نظر ڦيرايون ٿا. ته اهي به ڪيترن ئي مقبرن ۾ موجود آهن. ان مقبري ۾ خاص لاڻاني ۽ لاڪاني شيءِ محراب جي پنڻين پاسي، محراب مٿان سينگار واري، گجرات جي مسجدن جهڙي اڏاوت آهي. باقي نمونو ۽ طرز، جيڪي اسان هتي ڏسون ٿا. سي سنڌ جي اڏاوتي روايتن جي پاتار ۾ بينل آهن. گهڻين طرزن ۽ عنصرن جي وڃور ۾ وڃبو، ته پتو پوندو جيتوڻيڪ اهي اُڪيرون هندن جي مندرن ۾ به ڏٺيون وڃن ٿيون، ۽ تنهن هوندي به ان تعمير ۾ انهن جي پنهنجي نئين معنيٰ، مطلب ۽ گهرائي آهي. انهن کي نئين مقصد



تصوير 53 - محراب جي پشتي جي وچ تي خوبصورت ونگائي ٻاري آهي. ان کان سواءِ پٽر جا پاوا آهن. جيڪي نهايت نفاست ۽ نزاڪت وارن چٽن سان اُڪيريا ويا آهن. هن کان ڇڄي جهڙا واڌڪ ۽ املڪي گلن واري چٽ سان اُڪير ٿيل آهي. جيڪا اندرئين پاسي ڏسجي رهي آهي.

تصوير 53 - الف - صفا مٿئين پاسي رکيل دريون.

ڏيارڻ لاءِ نئين فني ارتقا ڪئي وئي آهي. ويجهي همعصر هندي اڏاوتن جي ڪاريگريءَ جي فن ۾ وڏو فرق نظر اچي ٿو. سخارا، گھوڙيون (Brackets) ۽ سنجٽ وارا ڪارنس هندي اڏاوت کان متاثر ته ضرور آهن، پر اهي ان عمارت ۾ عجيب هڪ جھڙائي رکن ٿا. اهڙي ڪابه شاهدي ڪانه ٿي ملي، جنهن مان اهو ثابت ڪري سگھجي ته اهو سامان ڪنهن هندو مندر مان اُکوڙي آندو ويو آهي. سندن ڪاريگري، وقت جي فن سان هم آهنگ آهي. مقبري جي اڏاوت ۾ جيڪڏهن ڪنهن سامان جي ٽورائي آهي، ته سا فقط سياسي غير يقيني واري ماحول سبب آهي. پر هندن وٽان اڏاوتي سامان جي نايابي ان جو ڪارڻ ڪونهي. شاهي قبر تي ڪنهن سنجٽ ۽ سونهن واري پٽرائين لوڙهٽ جي عدم موجودگيءَ لاءِ به ساڳيون ملڪي عدم استحڪام واريون سياسي حالتون ذميوار آهن. ان ناموزون صورت حال جي باوجود به جام نظام الدين جي مقبري جي طرز سنڌين جي صدين جي تعميراتي تجربي مان ڦٽي ۽ اُسري نڪتي آهي. ان تعمير جو تصور ۽ بعد ۾ ان تصور کي، پٽر تي اڪيري حقيقت جي روپ ڏيڻ لاءِ ڪاريگرن ۽ ڪلاڪارن پاڻ اريڙ واري جذبي سان ڪم ڪيو ۽ اهڙي جڳھ تعمير ڪئي، جيڪا سنڌ جي ڏاھپ، ڏانوَ ۽ ذات جو لاثاني ۽ لافاني تاريخي يادگار آهي.

اولاهين ۽ پٽ جي باهرين منهاڙي

مٿان قبي جي نہ هجڻ ڪري هيءَ جڳھ پري کان ائين نظر ايندي آهي، جڻ ته اڏ مان ڪپيل هجي. بهرحال ڪٽي ڪيئن به هجي، جيڪڏهن اولهه واري پاسي کان ويجهو اچبو (نمبر 48) ته اُهو ڪنهن بي اڏاوت کان خالي آهي، پر ان تي پانت پانت جي اُڪير ٽيل آهي ۽ بين به ڪيترين ئي وصفن جي ڪري ڏاڍو من موهيندڙ آهي. وچ تي پنڌئين پاسي کان محراب جو وڏاوڙو وڏي اهميت جي لائق آهي ۽ ان وڏاوڙي ديوار کي بن پاڳن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ڏکڻ وارو اڌ، در ۽ درين جي سبب ڪري هڪ منفرد ۽ جدا ڏيک ڏئي ٿو ۽ پٽر جي اوساريءَ جي نهرائپ کي هلڪو ڪري ڇڏي ٿو. اتريون پاسو ڇٽي اُپريل اُڪيرجي چٽن جي قطارن جو نظارو پيش ڪري ٿو ۽ وڏي هڪجھڙي پت کي ڪجھ رنگ ۽ رونق بخشي ٿو. اولهه واريءَ پت تي جي سڃيءَ جوڙجڪ ان کي ڏاڍو دل لَڀائيندڙ بنائي وڏو آهي.

اتريون اڌ: پت جي هن اڌ (پليٽ 17) تي اُڪير جون چوڏنهن قطارون ۽ صفا هيٺ تري ۾ ڏنڌا آهن، جن جو رخ هيٺ تي آهي. ڏندن جي مٿان اُپيون هيري ڪٽ نموني جي اُڪير ڪيل آهي. ان کان پوءِ بي قطار ٻٽين هيري ڪٽين جي اُڪير جي آهي، جن ۾ گل جي ٽُڪ ٽيل آهي. ان کان پوءِ وڏن ڦيٽن جي هڪ قطار آهي، جنهن مان ڪرٽا ڦٽندي ڏيکاريا ويا آهن ۽ هر هڪ ڦيٽي جي چوڏاري گول دائرو نڪتل آهي. تنهن کان پوءِ چوٽين گُلن جي آڏين جي قطار انهن جي قطر سان مٽين ليٽيل سنوت جي سڌائي بنجي ٿي. پنجين قطار ۾ خالي چورسن جي اُڪير آهي، جنهن جي وچ ۾ ننڍڙا گل ٽُڪ ٽيل آهن. اهو هڪ سر جو نقشو آهي، جيڪو پٽر جي اُڪير ۾ بدلايو ويو آهي. ڇهين قطار ۾ لهريدار هيري ڪٽيون آهن، جن ۾ گل اُڪيريل آهي. ستين قطار ۾ قرآن شريف جون آيتون نسخ خط ۾ اُڪيريل آهن، جنهن کي هينئين پاسن کان ئي گولائيءَ تي آٽي شڪل ڏني وئي آهي. انين قطار، طرز ۾ ٽينءَ قطار جيان آهي. پر هتي لهريدار گول چڪري جي بدران گل اُ ڪيريل چٽسالي آهي. نائين قطار ۾ گلدان ۽ پيگھڙ واري صورت حال ۾ مانڊاٽي نشان ۽ انهن ٻنهي جي وچ تي ننڍڙن پاون جي اُڪير ٽيل آهي. گلدان واري طرز واري چٽسالي گجرات جي مقبول عام اُڪير آهي، جنهن جو لاڳاپو اسلام کان اڳ واري دور سان آهي. پر ٽٽي ۾ ان کي پهريون پيرو ڏٺو وڃي ٿو. موجوده مثال ۾ گلدان، هڪ سوڙهي منهن سان ڪو ٽاڻ آهي، جنهن ۾ پن ابتيءَ شڪل ۾ هيٺ تي نـميل آهن. مانڊاٽي جي صفا وچ تي هم چوڙس شڪل آهي ۽ ان هم چوڙس جي وچ تي گُل اُڪيريل آهي ۽ اهي مانڊاٽيون وچ تي ڪجھ چپڙيون آهن. ان قطار ۾ اُڪيريل پاوا ساڳئي طرز جا آهن، جيئن ان جڳھ ۾ ٻئي هنڌ تي به موجود آهن. ڏهين قطار هنج پکين جي آهي، جنهن جي هيٺان ليٽيل نموني تي هيري ڪٽ ۽ مٿان خالي مانڊاٽيءَ جي نشانن واري قطار آهي. هنج پکين جا پَرُ ٽورا ڪليل ۽ سندن ڇنهبن ۾ ڪنول جا گل جهليل آهن. اهو هندستاني روايتن جو هڪ مشهور موضوع آهي. عام طور تي هنج کابي طرف ڏانهن ڏسندا نظر اچن ٿا ۽ بعض

هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بہ ڏيکاريا ويا آهن. شروعات ۾ پهرئين هنج پکيءَ جي ڳچي پوئتي وريل آهي. يارهينءَ قطار جي شروعات هينئين پاسي جي ليٽيل چوڪڙي سان يا چوڙس نمونن سان ٿئي ٿي. قطارن ۾ مکيہ نمونو سينڊ ونگن وارو آهي. انهن سينڊ ونگن جي وچ تي وٽيءَ ۾ اُپا چوڪـُـنڊا خانا آهن، جن ۾ هيري ڪٽيون اُڪيريل آهن. ونگن جي پاسي جي هيري ڪٽين سان سجاوٽ ٿيل آهي. هرهڪ ونگ جي دائري اندر گل جي تصوير اُڪيريل آهي ۽ هڪ هڪ گل ونگ جي نُـڪرن تي آهي. ونگ جي نوڪ مٿان بہ گل جو تـاج رکيو ويو آهي. ٻن لسين سادين قطارن کان پوءِ پارهينءَ قطار ۾ اُپي وڻ جي هڪ رواجي طرز واري اُڪير نظر اچي ٿي ۽ ٻيگهڙ تي هڪ آرائشي گول دائرو اُڪيريو ويو آهي. اهو وڻ ڏُسڻ ۾ وڪڙ هنيو وينڊ نانگ جيان نظر اچي ٿو، جنهن جو مٿو وچ تي ڏُسڻ ۾ ٿو اچي. اهڙي قسم جي اُڪير اسلام کان اڳ واري دور ۾ نهيل جڳهن ۾ عام جام ڏسبي آهي. مسلمانن جي جڳهن ۾ اوپڙ طرز تي پن ول جي چترڪاري جو عام رواج آهي. تيرهين قطار گول دائري جي سلسلي تي ٻڌل آهي. ڪن گول دائرن ۾ ٽـ - سگُيون، ڪن ۾ چـ - سگُيون مانڊاڻيون اُڪيريل آهن. آخري قطار ۾ گلن جي آڏين ڪي ورجايو ويو آهي. اهڙو ساڳيو نمونو اسان چوٽينءَ قطار ۾ ڏسون ٿا. اهي سڀ قطارون اپريل نمونو ۾ ٽُـڪ ٽيل آهن. انهن ۾ ڪا خاص گهرائي، ٽـ ڪانہ آهي، ۽ اهڙيءَ اُڪير جي سبب پٽ جي لسي ۽ هڪ جهڙي پاسي تي ڇڻ ڪجهہ رونق پيدا ٿي پئي آهي. اهي سينگار ۽ سونهن واريون قطارون هروپرو ڏُڪي تي ڪونہ ڪيون ويون آهن. انهن جي وچ تي مقرر ماپ تي وٽيون چڊيون ويون آهن. اهي قطارون محراب جي پشتي جي چوڌاري موڙن ۽ گولاين جي ڪَـيَ ڦري ٽيون اچن. خاص توجهہ لائق ڳالهہ اها آهي، ٽـ اُڪير جي هر طرز پوري مستطيل پٽر جي اڪيلي دابڙي تي ڪيل آهي ۽ سڄي ساري اُڪير سنڊ ۾ ئي ڪئي وئي آهي. جڏهن پٽر کي اُڪير ڪري پورو ڪيو ٿي ويو، تڏهن ان کي ڪٽي ضرورت واري جاءِ تي اوساريو ٿي ويو. هن جڳهہ جي اترين ۽ اولاهينءَ پٽ جي ڏاڪٽين حصي تي ساڳي قسم جون قطارون اُڪيريل آهن. خاص طور تي طرزن جي نمونن جو گهڻو ٽٻو مدار، وٽين، وچوٽين ۽ اڏاوتي خوبين ۽ ڳُـٽن تي ڏُسڻ ۾ اچي ٿو.

ڏاڪٽو اڌ حصو: (پليٽ 16) ڏهينءَ قطار کان سواءِ سيني اُڪيرن جون قطارون ٻئي اڌ کان هن اڌ ۾ اچن ٽيون. هتي اسان کي هنج پکين جي جاين تي اليڪي هم چورسن جا گڏوڇڙ چٽ نظر اچن ٿا. پر ان کان وڌيڪ اها ڳالهہ بہ آهي، ٽـ هتي هڪ مستطيل دروازو بہ لڳل آهي، جيڪو مقبري جي اندرئين پاسي جي لاءِ لنگهہ جو بہ ڪم ڏئي ٿو. ٽـ ساڄي پاسي ڏاڪڻ ڏانهن بہ ڪليل آهي. روشنيءَ لاءِ ڏاڪڻ ۾ ٽي دريون چڊيون ويون آهن. اها سڄي اڏاوت هڪ قسم جو منفرد منظر پيش ڪري ٿي. پهريون دروازي جو لنگهہ آهي (نمبر 54)، جنهن کي ٻاهرئين پاسي کان ٽي ڏاڪا لڳل آهن. جيتوڻيڪ ان دروازي ۾ استعمال ٽيل چوڪاڻو يا چانڻ اسلامي اڏاوتي فني سفر کان گهڻو اڳ واري سنڊي- هندو دور سان تعلق رکي ٿي، پر ان تي ٽيل ٽـُـڪ جو نمونو الڳ آهي. دروازي جي پراڻي قسم جي چوڪاڻي تي، نئين دور سان لاڳاپيل اسلامي اڏاوتي نموني واري چٽسالي ڪئي وئي آهي. دروازي جي مٿئين ڪناري تي عربي لکت موجود آهي، جيڪا اُپي ۽ ليٽيل سنوت ۾ اُڪيري وئي آهي. اڌ گل جي اُڪير وارو پٽر جو وڏيڪ داپڙو ڏئي، ڪاپي پاسي واريءَ اُپيءَ لکت کي ڪجهہ اڳتي وڌايو ويو آهي. پاسيري قسم جي لکت جي مٿان ڪنگرن سان ڇڇو تعمير ڪيو ويو آهي، جيڪو گهوڙين تي ٻينڊ نظر اچي ٿو. لکت ۽ ڇڇي جي وچ تي، گل جي آڏين جي طرز چٽيل آهي. هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ ضروري ٽيندي ٽـ گلن جي آڏين جي هيءَ قطار ساڄي ۽ ڪاپي پاسي هروپرو وڌائي وئي آهي، پر هن پاسي کان پٽ جي چيڙي تائين کانہ ٽي پهچي. اُڪير جو اهو فرق آرائشي سامان جي ڪوٽ ڪي نہ، پر پٽر جي اُڪير وارن ڪاريگرن جي لاپرواهيءَ ڪي پڌرو ڪري ڏيکاري ٿو. ان هوندي بہ در جو چوڪاڻو پنهنجي اصلي ڪاريگري واري تصور جي جهلڪ ڏيکاري ٿو. اهڙي قسم جو ٻيو نمونو ڪنهن بہ سمي سلطان جي يادگار ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. سيني ۾ جيڪا عام شئي موجود ملي ٿي، سا در جي چانڻ جي وچ تي چيرولي پٽر جو داپڙو آهي (نمبر 55). جنهن جي مٿئين پاسي تي گل جي ۽ پاسن کان چوڌاري پن ول جي طرز واري اُڪير گول دائرن ۾ ڪئي وئي آهي. هن چيرولي جي پٽر جي سينگاريل دابڙيءَ جي ٻنهي پاسن کان بہ سورج مکيءَ جا گل گول دائرن ۾ اُڪيريل آهن. در جي چوڪاڻن جو ساڄو ۽ ڪاپو پاسو، هر هڪ پائي جي هينئين سنوت وٽان گهڻو اڳتي وڌيل

تصوير 54 - جام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين پت جي وچ تي لنگهه وارو در، جنهن تي نئين قسم جي اڪبر واري چٽسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪا اسلامي روح جي نمائندگي ڪري ٿي. هي در اسلام کان اڳ واري سنڌي زماني جي اڏاوتي طرز سان پڻ لاڳاپو رکي ٿو. پر ان ۾ ڪي واڌارا آڻي هڪ وٽندڙ تبديلي ڪئي وئي آهي ۽ هڪ مسلمان حڪمران جي جڳهه ۾ ڪتب آندو ويو آهي.



تصوير 55 - جام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين پت جي هيٺئين اڌ ۾ رکيل دروازو، جنهن جي چانڊ وٽ "دونو" (Sill) ڏسجي ٿو. پاسن کان سورج مکي جا اڪير ڦيل چٽ آهن. چانڊ وٽ هنيل دونو نرم سفيد پٿر (moon Stone) جو آهي. جنهن جي مٿئين پاسي گل ۽ پاسن کان انگڙ ونگڙ تي اڪير ۽ گول دائرا آهن. چانڊ وٽ "دونو" هٽڻ جي روايت اسلام کان اڳ واري سنڌي اڏاوتي دور سان تعلق رکي ٿي.



تصوير 56 - اترين پت جو باهريون پاسو، جتي هڪ در ٺهيل ڏسجي ٿو پر اهو بعد ۾ بند ڪيو ويو آهي. اولهه واري پت کان اڪير جون پٽيون آهن. جيڪي هلندیون اڇن ٽيون. سردر تي هڪ تاريخي لکت پڻ موجود آهي.

آهي. پائي کي هم چورس بنياد آهي. سڄو پائو مختلف قسمن جي چٽسالي سان پاڳن ۾ ورهايل آهي. ڪڏهن ان جا پاڳا آناس ٻڌجي پيا آهن. ته ڪڏهن اهو آناس، اين پاسن واري حصي ۾ بدلجي ويڄي ٿو. ان جي ڳڇي بن سوڙهن منهن وارن ٿانون سان بنجي ٿي. جن جا منهن هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن. پائي جو تاج گلدان سان سينگاريل آهي. اهڙي قسم جا پاوا سنڌي اڏاوتن ۾ عام جام ڏٺا ويا آهن. پائي کان مٿان ٻه ڪناريون آهن. باهرين ڪناري، ڏگهي زنجير واري طرز تي چٽيل آهي ۽ اندرين ڪناري موتي ۽ ڏاڳي تي ٻڌل آهي. چوڪاني جي اندر پن ول جي اڪير ڪيل آهي، جهڙي ريت اسان در جي چانڊ جي وچ تي لڳل چيرولي پٽ جي داپڙي تي اڪير ڏسون ٿا. در جي چوڪاني جون بانهيون به ڳڻي ريت سينگاريل آهن. پر بدقسمتي سان ان جي ڪابي پاسي جو مٿيون حصو پڄي ڪري ٻيو آهي. اڪير جي خوبصورتي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. جن کي ڪلس لڳل ونگن واري طرز الڳ ڪري ٻيهاري ٿي. هينئين پاڳي واري طرز هندي اڏاوتي يادگارن سان واڳيل آهي ۽ عام طور تي جاري اندر مورتي اڪيريل هوندي آهي. سا چٽن مختلف قسمن جي گول دائرن واري طرز تي ٻڌل آهي. هڪ ۾ سورج مکي جي تصوير چٽيل آهي. ٻئي ۾ مانڊاڻي جي چٽسالي واري اڪير نظر اچي ٿي. ٽئين ۾ گل ۽



تصوير 56 - الف - اترين پٽ جو ٻاهريون پاسو. جتي هڪ در ٺهيل ڏسجي ٿو پر اهو بعد ۾ بند ڪيو ويو آهي، جنهن جي سامهون قبر نظر اچي رهي آهي. اولهه واري ٻه پٽ کان اڪير جون پٽيون آهن. جيڪي هلندیون اڃن ٿيون. سردر تي هڪ تاريخي لکت پڻ موجود آهي.



تصوير 57 - اوپر واري پٽ جو ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ مٽي ونگ سان هڪ دري آهي ۽ هيٺ، جاڦريءَ سان دري ڏسجي ٿي. اتر واريءَ پٽ کان اڪير واري چٽسالي سان خوبصورت پٽيون آهن جيڪي سنوٽ ۾ هلنديون ۔ ۔ آهن.

چوٽين ۾ دلچسپ اليڪي شڪليون اڪيريل آهن. اهي سڀ اڪيرون ايي ونگدار خاني ۾ موجود آهن. جيڪو وري اوپڙ اڪير واري پن ول واري ٻڌيءَ نوڪدار ونگ سان وڄي ملي ٿو. هن ونگ جي شڪل صورت ڪجهه آکڙي طرز جي آهي ۽ پاسن ۾ مانڊاڻي چٽ جي قطار اٿس. مٽئين پاڳي ۾ ٻه چوڙ - سڳيون مانڊاڻيون ڏسجن ٿيون. انهن مانڊاڻين جي سڳين جي چوڪسول جي وچ تي گل اڪيريل آهي، جيڪو هلندو وڄي گلدان وٽ ختم ٿئي ٿو. اڃين جيئن هن جڳهه جي ٻين حصن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سردر مٿان عربي لکت آهي. ٻئي پٽر تي وچ ۾ طغرا خطاطي واري طرز جي خوبصورت ۽ سهڻيءَ لکت ۾ عربيءَ جون ٻه سٽون لکيل آهن. ڄاڻايل قسر جي جوڙجڪ در واري لنگهه جو سينگار ۽ سونهن رواييتي هندي اڏاوتي آرائش کان بلڪل جدا ۽ نياري آهي. هتي پراڻي هندي - سنڌي اڏاوتي روايتن کي نئين اسلامي تعميراتي گهرجن پٽاندر بدلايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت اهي سڀ نون سپيتائي سجاوٽي نيمن سان لاگاپو رکن ٿيون.

ٽنهي درين (نمبر 49) مان هينئين دري، دروازي واري لنگهه جي بلڪل مٿان آهي. ان دريءَ جو هينيون پاسو، اولهه واريءَ مهاڙيءَ کان عربي لکت جي سنوٽ سمان آهي. درحقيقت عربي لکت ٻنهي پاسن ڏانهن وڌيل آهي. دريءَ وارو ٻُنيو هڪ سادي ونگ سان ٻڌل آهي. چوڏاري پٽر جو چوڪانو پيل اٿس. ونگ لسيءَ پانت جي سينڊ ونگ آهي. ونگ جي ٻنهي پاسن کان گل اڪيريل آهن. ٻيون ٻه ٻه دريون تمام خوبصورتيءَ سان سينگاريل آهن. ٻئي دريون اڪيريل ڇڇي جي مٽئين پاسي تي بنايون ويون آهن. انهن ٻنهي مان، جيڪا مٽين آهي، تنهن کي جهل ۽ مضبوطيءَ لاءِ خوبصورت گهوڙيون (Brackets) هنيون ويون آهن. پر هينيون ڇڇو رڳو ڇڻ تہ پٽ مان ٻاهر نڪتل آهي. ٻئي دريون پٽ جي مٽاڇري کان اڳتي ٻاهر وڌايون ويون آهن ۽ ڇڇي جي وچ تي ڪلس ٻہ لڳايا ويا آهن. مٽئينءَ دريءَ تي هڪ ڊگهو ڪلس آهي، جيڪو ڇبوتري جي هر چورس بنياد تي بيهاريو ويو آهي. ان کان هينيءَ دريءَ واري ونگ مٿان ٺهيل ڪلس شڪل ۾ پن ول جي طرز سان ٽڪنڊو ۽ ان جي چوڏاري نڪتل گول



تصوير 58 - اترين پٽ تي نظر اينڊ سنڌ ۽ سونهن هتي هنجن جي اڪيريل قطار ٻدران پٽر جي ٽڪ جو ٻيون طرزون پڻ آهن. جيڪي هتان جي قديم سنڌي روايتن تان ورتيون ويون آهن.

آهي. هن هيٺئين ڏاڪي جي ٻاهر ڪنڊ سطح جيڪا مٿي جڏ وڪي جي سطح ۽ ڪارنس جي هيٺين پاسن تائين وڃي ٿي ۽ آخر ۾ هڪ ونگ جو نمونو ڏيکاري ٿي. جنهن ۾ اندر وچ ۾ هڪ ۽ ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ گل جي جٽ واري اڪير ٽيل آهي. درين جا رکيل پاڻ مختلف قسمن جا ۽ ڏاڍي خوبصورتي سان اڪيريل آهن. جن کي ونگن جي ٽيڪ لاءِ ڏاهيو ويو آهي.

ٻئي ويڪري قسم جون ونگون آهن. آهي ٻري ٻيئل بنيادن مان نڪرن ٿيون. جيڪي واضح ڪونهن ۽ هندي اڏاوتن ۾ آهي واڱوٺ جي مٿي جهڙا ٿيندا آهن. ٽلهه مختلف اڪير واري چتسالي جي خوبصورت طرزن سان سينگاريل آهن. مٿين درين جا ٻه پاڻ ۾ هم جورس پٽرن جي ڊاڙن تي ٻڌل آهن. جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان ۽ ٻن ول واري طرز سان اڪيريل آهن. اهي ٽلهه اڪيريل بنياد تي ٻيئل آهن. جن جون مهاڙيون هيري ڪٽين سان سينگاريل ۽ جوڙاري موٽين جي وٽ ۽ پاسي سان جهالر اڪيريل آهي. هيٺين درين جو بنياد سادي گولي تي آهي. ٻه ان جا پاڻ هم جورس بنياد تي ٻيهاريا ويا آهن. اولهه پاسي واري پائي کي گلدان (انحنا) واري طرز ۽ وٽ تي س اڪيريل آهن. ساڄي پاسي واري ونگ جي گولائيءَ مٿان تي اپا پن اڪيريل آهي. ٽلهه جو حاشيو (Shaft) چٽن ياگي ۾ ورهايل آهي. انڪندي ياگي تي گلدان گول دائري واري پاگي تي مٿان وري ايندڙ ٻن ٻن ول واري طرز. آخر ۾ گهٽ ٻاسائون تراڪڙو تاج نموني وارو حصو ۽ صفا مٿان نيل آهي. جيڪا هم جورس بنياد تي ٻني آملڪي طرز جي چتسالي سان تعمير ڪئي وئي آهي. هي چار پاڻا وڏن عام ٽلهن جي نمائم نندڙي شڪل آهي. اڪثر جو ٻيو قسم البڪي شڪلون ۽ پن ول واريون طررون آهن. جيڪي ٻت جي مٿانهين حصي تي اڪيريل آهن ۽ ان ساڄي ئي قطار ۾ اڌلاهين ٻت جي انرئين حصي ۾ پٽر جي هم جورس ڊاڙن تي هنج پکين جون مورتيون اڪيريون ويون آهن. اهي بي شمار طرزون ٻڌائين ٿيون ته ڪاريگرن وٽ جٽ جي نت نوين نمونن جو ڪو پاندو ڀريل هو.

آرائشي ٻنڌڻي/ ٻڌڻو

هيءَ ٽن پاسن واري مستيطيل اولهه واري ٻٽ جي ٻنڌڻي پاسي محراب جي وڏاوڙي جي مٿان تعمير آهي. مٿي ڏگهائيءَ ۾ ٻه ٽن پاسن ۾ ورهايل آهي. هيٺيون پاسو. ٻيڙهه کان ونڊي در واري لنگهه جي مٿئين پاسي تي مشتمل آهي. جنهن جي مٿان اڪيريل چاري وارو چڇو آهي. وچيون حصو[51] نسبتاً دريءَ جي سنوٽ جي برابر آهي. پاون جي وچ تي ٻي انتها خوبصورت چتسالي سان اڪيريل خانا آهن ۽ پاسن تي ٻنهي ڪندن وٽ پٽر جا ٽهيل سخارا (Sikhara) آهن. جن جي مٿان ور وڪڙ گهوڙين جي آڌار تي ٻيئل چڇي جي ٻي قطار آهي. اها سڀ کان آخري منزل آهي.[52] جيڪا چڇي تي ٻيئل ونگن سان جهروڪي تي ٻڌل آهي. جنهن تي مٿي وڃڻ لاءِ ساڄي پاسي کان ڏاڪڻ رکي وئي آهي. هن مقبري ۾ ڏاڪڻ بنائڻ جو مقصد چٽو ڪونه آهي. پر اسان سما دور جي ٻين جهڳن ۾ ٻه ڏاڪڻ موجود ڏسون ٿا. تنهنڪري ائين سمجهڻ هڪ معقول ڳالهه ٿيندي. ته جهروڪو ضرور ڪو ڪارائتو مقصد سرانجام ڏيندو هوندو.

هن جڳهه جي وڃئين حصي کي اسلام کان اڳ واري سنڌي - هندي اڏاوتي طرز جي تعمير جيان جوڙايو ويو آهي. هن جڳهه جي وچ تان ٽلهن جي بنيادن وٽان هيٺان گولي جو ڪڪو ڏنو ويو آهي. جيڪو ڪجهه فاصلي تائين. اڳتي پاسن وارين پتين تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳي نموني سان مٿيون گلتيءَ وارو ڪڪو. گولي جي ڪڪي جيان ساڳين پتين جي فاصلن تائين نظر اچي ٿو. ساڳي طريقي سان چوڪن ۾ ونگدار خانا آهن. سي ٻه هلندا ساڳيءَ حد تائين پهچن ٿا. انهن خانن ۾ وچ تي اندر وڏن ۽ ننڍڙن تي ننڍن گلن جي چتن واري اڪير آهي. انهن پٽراون چوڪن تي پانت پانت جي چترڪاري آهي. انهن خانن جي مٿان ٻه مختلف ڪسڪن جو سلسلو آهي. جيڪو هيري ڪٽين جي قطارن سان ٻيگهڙ تي رکيو ويو آهي. اهڙو چتسالي جو نمونو ٻن پاسن تائين هليو اچي ٿو. پر مٿيون چڇو اڳتي هلي وڏاوڙي وٽ پهچي ختم تي وڃي ٿو. هيٺئين ڪسڪي جي هيٺان. چوڪڻين. سورج مکي ۽ گلن جي آڌين جي خانن جون قطارون آهن. جيڪي پاسي وارين پتين ڏانهن ساڳي نموني هليون ٿيون وڃن. هيٺ فرش کان ٿورو مٿان وري ٻه خانن ۽ هيٺ ٻيڙهه واري بار سان هيري

ڪٽين جي آڏين جون قطارون آهن. جن جا منهن هيٺ ٿي اهن. هيئٽين طرف واري سجاوٽ تمام سادي آهي ۽ ان ۾ پٽ واري پاسي ٿي چٽسالي جي طرز ان اولهه واري، مهاڙيءَ جي ڏاکڻين درواڙي جي نموني جهڙي آهي

وچ واري حصي ۾ نه ٿي جانا آهن جن جي مهاڙي اولهه طرف آهي. جن کي لڳل پاوا ۽ پاسن وارا خانا الڳ ڪري بيهارين ٿا. اهي اسان کي بن مهڙجي ڪندن جي بلڪل پورن جاين وٽ به چتونءَ جي چهنب جهڙا وريل سخارا (Sikhara) ڏسڻ ۾ اچن ٿا. يعني انهن جي جوڙاري گولائيءَ تي وريل ليڪون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ ان جي هيئٽين پاسي ٿي اڪير جي نادر نموني جي چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي. اهي سخارا هندن جي اڏاوت ڪيل ڪنهن جڳهه مان نه آندا ويا آهن. ان جي ثابتي اها آهي. ته انهن جي اڪير هڪ سار يڪي نموني جي آهي. انهن سخارن کي وچ تي ڏاڪڻ ٿي وڏاوڙو آهي. مٿئين پاسي گلدان اٽس. وٽ تي ايپي طرز تي پن ول آهي. أيپي ڳچيءَ سان سندس پچاڻي ٿئي ٿي، جنهن جي مٿان رکيل تاج جي هر پاسي ٿي گلدان جي تصوير أکيريل آهي. هن تاج وٽ ئي لڏڪڻ کي هيٺان جهلون ڏنيون ويون آهن. جيڪي ين ول جي أکير ۾ چڻ لڳي ويا آهن. اهي هڪ ٻئي ينڀان بن چڇن جي سلسلن جو مدار بڻجي ييا آهن جيڪي ڪُندن کان باهر نڪري موڙو ڪائي پاسن ڏانهن هلڻا وڃن ٿا. هيئٽين پاسي واري چڇي کي مٿئين وَٽ ٿي هيري ڪٽين ۽ مٿئين پاسي واري چڇي ٿي سورج مکيءَ جي گلن جي چٽساليءَ سان أکير ٿيل آهي. بنهي چڇن جي وچ تي جوڙسن جي طرز جي ٽُڪ ٿيل آهي. اولهه پاسي وارن ٽن ونگن وارن خانن ۾ مختلف قسمن واري چٽن جي أکير ڪئي وئي آهي. هر چٽساليءَ جي طرز ڪاريگري فن جي لحاظ کان تمام اعليٰ آهي. وچون خانو سڀني کان وڏو آهي، جنهن ۾ پاون جي وچ تي أکيريل جوڙسن جي ونگ آهي. انهن أکيريل جوڙس داڙين ۾ مانڊاڻي نشانن جي جوڙسول تي گلن جي چترڪاري ٿيل آهي. اهي داڙا سينڊ - ونگ جي لاءِ ٽيڪ به بنجي تا پون، جنهن جي باهرئين پاسي کان جوڙاري سورج مکي گلن جي أکير ڪئي وئي آهي. ونگڙ (Tympanum) جي وچ تي وڏو گل أکيريل آهي. ان کان هيٺيان ايپيءَ ٻٽيءَ ۾ چئن پنکڙين وارا پنج گل آهن، جن جي وٽ تي زنجير واري طرز جي چٽسالي أکيريل آهي. کاپي ۽ ساڄي طرف وارن پاون ۾ خوبصورت طرز سان أکيريل پٽر اهڙيءَ ريت جوڙيو ويو آهي. چڙ أکيريل ٽانوَ پيا ڏسڻ ۾ اچن. جن کي واري سان هڪ ٻئي جي مٿان هڪ ستاءَ ۾ رکيو ويو آهي. سڀ کان مٿان تاج تي گلدان رکيل آهي، جيڪو ساڳئي قسم جي بنياد تي ڏريو ويو آهي. هن خاني جي هيئٽين پاسي وچ تي، گلدان کي ساڳئي قسم جو بنياد آهي. جيڪو پيڙهه واريءَ دڪيءَ کان مٿان، چٽي نموني سان وڏيل آهي، جنهن ۾ سامهون واري طرف کان هيري ڪٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ ڪناريءَ تي گلدانن جي جهالر نمايان آهي. ساڄي ۽ کاپي طرف وارا پاوا چٽڪ اندر تي بينل ڏيکاريا ويا آهن ۽ ونگڙ (Tympanum) ۾ گول گل أکيريل آهي. انهن گلن کي هيئٽينءَ آرائش کان الڳ ڪرڻ واسطي، ليٽيل سنوت ۾ ننڍڙن گول گلن جون ٽي قطارون هنيون ويون آهن. ساڄي پاسي واري خاني جي أيپيءَ وٽ ۾ ست گلدان ڏسي سگهجن ٿا. کاپي پاسي واري خاني ۾ ڏاڪن واري شڪل ۾ أکيريل چورسن ۾ سورج مکيءَ جي گلن جي أکير ٿيل ڏسجي ٿي. چيڙن وٽ نهيل پاوا، هر قسم جي أکير کي گڏائي بنايا ويا آهن. جيڪي مٿي اچي ويندڙ ليڪن کي نئين سونهن ڏين ٿا. پاوا ان چوڪاٽي کي به ٽيڪ ڏين ٿا. جن جي وچ ۾ ونگ بڏل آهي. وچ وارا پاوا بن نانگ وڪڙ قسم جي جهلن يا گهوڙين کي ٽيڪ ڏئي مضبوط ڪن ٿا، جن جي وٽين تي پن ول واري چٽن جي ڪناري لڳل آهي. اهي جهلون يا گهوڙيون هم چوڙس تاجن کي ٽيڪو ڏيو بينيون آهن. جن جي ڪندن کي اوڙ جي أکير سان سينگاريو ويو آهي. خانن جي پاسن ۾ ونگ وارن خانن اندر مختلف قسم جي چٽسالي واري أکير ڪيل آهي ۽ خانا جوڙاري خوبصورت پاون سان گهيريل آهن. هن وڃين خاني جو مٿيون پاسو ڏاڍو سهڻو ۽ موڪرو آهي، جنهن ۾ اپي ۽ ليٽيل سنوت واري چٽن واري أکير اهڙي، ته بهتر توازن واري انداز ۾ ڪئي وئي آهي، جو ان جي جهلڪ مان روشنيءَ ۽ پاڇي جو تاثر ايري ٿو. هن سڃيءَ أکير جو مقصد. پٽ جي مٿاڇري تي أکير ذريعي مختلف خانا ۽ نمونا پيدا ڪري، ان جي نهرائپ کي گهٽائي هلڪو ڪرڻ آهي.

سڀ کان مٿان هوادار جهروڪو آهي. منجهس ونگن سان ڪليل دريون هنيل آهن، جن جو بنياد ڇهن جهلن جي ٽيڪي

تي بينل آهي. جن مان هرهڪ پاسي تي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ۽ به سامهون آهن. هر هڪ گهوڙي (Bracket) هڪ ڏگهي پٽر جي سانگڙي آهي. جنهن جي ٻاهرئين پاسي تي چيڙي وٽ ونگوڙا چٽيل آهن. پاسن تي هلڪي ايريل طرز تي مختلف قسم جون اڪيرون چٽيل آهن. ڪشادي ڏکيءَ (Platform) کي سامهون واري پاسي کان چيڙي کان هينئين طرف اوپڙ جي اڪير جي جهالر لڳل آهي. ساڄي يا کاٻي طرف تي اڪيرن جا مختلف نمونا آهن. پر وچ وارو پاسو اڻ پورو آهي. تنهنڪري ڪجهه لسو ۽ پسو ٻيو لڳي. مٿئين پاسي جي کاٻي ۽ ساڄي طرف ڏوريءَ جهڙي وٽ واري آرائشي اڪير جي وچ ۾ ۽ هينئين پاسي اوپڙ يا پن ول واري اڪيرجي پرسان. چار اڪيريل دائرا مانڊاڻي واري طرز آهي. جن کي الڳ ڪرڻ لاءِ وچ ۾ ٿي ڪڙا ۽ اڌا اڪيريل نشان ڏنا ويا آهن. هن ڏکي جي مٿان اٺ اڪيريل ٿلها نهيل آهن. جيڪي ونگن سان تعمير ٿيل ٽن درين ۽ ونگن سان جوڙيل بن خانن کي ٽيڪ ڏيو ٻيندا آهن. سامهون واري پاسي تي چٽن جي بناوت واري وٽيءَ سان ٽيل آهي ۽ هرهڪ ڪنڊ تي هڪ دري آهي. ونگن واري خانن کي اندرئين پاسي ۾ چٽسالي واري اڪير سان سينگاري سهڻو ڪيو ويو آهي. پاوا پانت پانت جا آهن. جيڪي چٽيءَ وارن مقبرن ۾ ڪم آيل پاون کان ٻنهه ٻيا ۽ نيارا آهن. کاٻي پاسي ڪنڊ ۾ لڳل لسو ۽ سادو پائو ڏسي تعجب ٿئي ٿو. شڪ ٿئي ٿو. ته شايد بعد ۾ اصليءَ کي تبديل ڪري ان جي جاءِ تي ٻيو هنيو ويو آهي. باقي رهيل پاون کي مٿئين پاسي تي ڏگهي ڏوريءَ واري طرز تي اڪبريو ويو آهي. سندن بنياد هم چورس آهن. جن تي ٻه گلدان ۽ وري مانڊاڻي وار نشانن جي چٽسالي آهي. مٿان کان ٿورو هيٺ پرو ونگ جي وچ تي ونگڙ ۾ گول گل جي اڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پاون جي تاجن هيٺان سندن لڪدار ڪچي ڪيترن ڪسڪن (Mouldings) سان سينگاريل آهي. پاون جي تاجن کي هيٺان آپ ڳاڻي گهوڙي هنئي وئي آهي. ونگن لڳل خانن ۾ ونگڙ (Tympanum) واري پاڳي ۾ گل جي چٽن واري اڪير آهي. اهڙيءَ ريت ڪنڊي جي ٻنهي پاسن تي نڪرن (Spandreis) تي ٻه گلن جو چٽ ڏسجي ٿو. وچ واري دري پاسن وارين درين کان موڪري آهي. سيئي ونگون مستطيل ٻيهڪ ۾ آهن. هر هڪ کي جدا ڪري ٻيهارڻ لاءِ پاون جي مٿان تاج وٽان ٽوري واريءَ جو نشان ڏنل آهي ۽ ونگن وارن خانن جي مٿان ٻيا هم چورس خانا ٻه ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سيئي سينڊ ونگون (Lancet Arches) آهن.

مجموعي طور تي اولاهينءَ پٽ جي پنئين پاسي تي اڪير جو گهڻ رخو ۽ نفيس ڪم ٽيل آهي. پٽ جي پنئين پاسي محراب جي مٿان، اڪير جو ڪم ڪيترين ئي قطارن جي صورت ۾ هوريان هوريان ٿي مٿي اپرندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن لٽيل سنوت واريءَ هڪ جهڙائيءَ کي ختم ڪري چڏيو آهي. مٿي ايين قطارن جي اڪير جو. پٽ جي پاسي تي ٽيل لٽيل سنوت وارين سفيرن جي چٽسالي سان گڏيل سٺاءُ. اڏاوت جي سنجٽ ۽ سونهن جي طرزن ۾ وٽندڙ پوتا ميل رکي ٿو. ان کان سواءِ اسلام کان اڳ واري لاڳاپيل سنڌي تعمير جي طرز جهڙوڪ: سخارا. گهوڙيون ۽ پاوا. جن کي ونگن وارين درين ۽ خانن ۾ گهڻو تڻو استعمال ڪيو ويو آهي. تن جي پاڻ ۾ هم آهنگيءَ جي سلسلي کي ڪٽي ڇڳو ڪونه ويو آهي. پر ان جي برخلاف انهن عنصرن ڪُنڊن کي وڌيڪ سهڻو ۽ من موهڻو بنائي چڏيو آهي. ٻئي طرف پٽ جي لسي مٿاڇري تي اُپي نمونو وڌاوڙي جي صورت ۾ ڏني آهي. اهي سنڌي - هندي اڏاوتي فني سجاوٽ ۽ سونهن وارا عنصر خانن واري آرائش کي وڌائڻ ۾ وڏي هٿي ڏين ٿا ۽ تن قطارن ۾ هوريان هوريان ٿي اپرندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جهڙوڪ: هيٺ ننڍن خانن جي صورت ۾، وچ تي وڏن خانن واري شڪل اندر. اهائي سونهن مٿي وري درين جي صورت ۾ موجود آهن. عمارت جي وچ تي، جهروڪي جي تعمير جاءِ جي نهرائپ کي جڙ هلڪو ڪري وڌو آهي. تعمير ۾ مٿئين درجي جي پاسي ۾ درين جوڙڻ جو پلو نمونو پيش ڪيو آهي. نظاري ڏسڻ لاءِ جهروڪي ڏانهن مٿي ويندڙ ماٿهو انهن درين وٽان لنگهي ٿو. گلدان جي چٽن واري اڪير کي مختلف قسم جي گڏوڙ ۽ جدا نمونن ۽ جدا مقصدن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. نمونو اهڙو ته سهڻو آهي، جو



تصوير 59 - اتر واريءَ پت جي هينئين پاسي جي أکير ۽ سنجٽ، جنهن ۾ هر چورس أکير ورجي ڏاکن وانگر رکيل آهي جيڪا هڪ گل جي قطار جي چوڏاري ڦري اچي ٿي. ان کان پوءِ وري بہ گل جهڙي أکير جي قطار آهي. جنهن جي چوڏاري هر چورس أکير واري جٽن جي طرز ڦري اچي ٿي. در جي چوڪاٽي جي چوڏاري بہ گول دائري جي پٽي آهي.



تصوير 60 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اوپارين مهاڙيءَ جي أکير جي چٽسالي‌ءَ واري خوبصورتي، جنهن ۾ عربي تحرير جي فن خطاطيءَ جو ڪمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ جو سلسلو اتر پاسي کان هلندو ايندو ڏسجي ٿو. جيڪو مٿي نظر ايندڙ ونگائي دريءَ جي ٻنهي پاسن کان بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ماٺهو ڏسي ڪَڪ ڪونہ ٽيندو. اڄوڪي دور ۾ موجود هن تاريخي يادگار ۾ پتين جي مٽاڇري تي گهڻ رنگي گلڪاري نہ آهي. اها عمارت جي فني مهارت جي اظهار ۾ رلي ملي، مجموعي دلچسپي ۽ چڪ جو سبب ٿي پئي آهي. اها ڇڻ تہ مٽانئس ڳاڙ ۽ ڳارو ڏيون، جيوت ڏارا وانگر چوڏاري گهيرو ڪري بيٺي آهي ۽ ليٽيل سنوت واريءَ طرز ۾ پت جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي ڏانهن وڌي وجي ٿي. هن يادگار جي مسجد واري الهندي مهاڙي بي انتها خوبصورت ۽ من موهيندڙ اڏاوت آهي.

اترين مُهاڙي:

اترين مهاڙيءَ[56] تي موجود آرائشي قطارون اولاهينءَ مهاڙيءَ کان شروع ٿي، هن پاسي ڏانهن اچن ٽيون. سنڌن چٽسالي‌ءَ جو نمونو اولهہ واريءَ پت جهڙو آهي. پر اسان کي ڏهين قطار ۾ اهر تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پندرهن هنج پکين جي أکيريل تصويرن کان پوءِ ٽن قسمن جا مختلف نمونا انهن جي جاءِ ونڻ تا. آخري هنج پکيءَ جي تصوير کي هڪ جدا پٽرائين داهڙي تي أکيريو ويو آهي. ان کان پوءِ وڻ جي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهڙيءَ ريت ڏهين ۽ يارهين هنج پکيءَ جي وچ تي هڪ لسو ٻُسو پٽر جو داهڙو رکيو ويو آهي. اهڙن قسمن جي پٽر جي داهڙن جي استعمال هينري ڪزنس کي ويساهہ ڏياريو هو، تہ اهڙو أکيريل پٽرائون سامان هندن جي مندرن مان پٽي آڻي هن اڏاوت ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن اهو ڪٽي پيو، تہ وڻ جي طرز وارا پٽراوان داهڙا استعمال ڪيا ويا، جيڪي هنج پکين جي قطار ۾ بي جوڙ آهن. اهڙي ويساهہ ڪرڻ جو ڪوبہ سبب ڪونهي تہ هنج پکين جي أکير وارا داهڙا، هندن جي مندرن مان اکوڙي آندا ويا آهن. اهڙي قسم جي هنج پکين جي طرز وارا پٽر بديع الزمان جي مقبري ۾ بہ استعمال ڪيا ويا آهن. (ڏسو ايندڙ باب). انهن داهڙن جي وٽين تي ٽيل أکير، اڏاوتي يادگارن جي ٻين هنڌن تي ٽيل أکير جهڙي آهي. انهن هنج پکين جو ڏيک اهڙو اڇ ٿڻو آهي، جو اهي جاندارن جي تصوير هجڻ بدران ڪنهن سجاوٽ جي طرز واري ٿڻن جو نمونو معلوم ٿي رهيا آهن. اسلامي اڏاوتي طرز جي ڪوٽ کي ڏاکڻي مهاڙيءَ ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ ريت اهڙي سامان جي عام ڪوٽ بہ هئي. اهو گهٽو ڪري سياسي مشڪلاتن جو دور هو، جن جي ڪري هن يادگار کي گهٽين ڳالهين ۾ اڇ پورو چڏيو ويو. وڻ جي طرز هندستاني روايتن ۾ حياتيءَ جي وڻ ڏانهن اشارو آهي، سا بہ مختلف قسمن ۾ موجود آهي ۽ ٻين طرزن جهڙوک: هيري ڪڻ، زنجيري ۽ جافريءَ سان ٻيگهڙ تي ڪتب آيل آهي. اها تمام سٽي ڳالهہ ٽيندي، جو ان وڻ کي گجرات جي يادگارن ۾ نظر ايندڙ اهڙي قسم جي چٽسالي‌ءَ واري طرز سان پيٽائي ڏسجي.

ان پاسي، اصلي اڏاوت جي وچ تي، ونگ سان هڪ لنگهه هوندو هو، جنهن ۾ مستطيل پٽرائون چوڪاڻو لڳل هوندوهو. ان جهڙا چوڪاڻا اسان ٻين سما سلطانن جي مقبرن ۾ بہ ڏسون ٿا. ان کان پوءِ اهو در ۽ مٿئين دري پٽر جي اوساريءَ سان پوريءَ ريت بند ڪيا ويا آهن. دروازي جي ٻاهران پوئين در سان لاڳاپيل هڪ قبر ٺهيل نظر اچي ٿي. در جي مٿان ونگ ٻڏل دريءَ ۾ مستطيل نموني جو چنڊسالي وارو آرائشي چوڪاڻو لڳل آهي، جنهن تي اُڪير جون چار قطارون آهن. ويجهي اُڪير چوڻگي مانڊاڻي طرز جي آهي ۽ ڪنڊ ۾ گلدان ڈٺ ۾ اچي ٿو. ٻيءَ ۾ هيري ڪٽين ۽ گلن جي ٻيهڪڙ تي قطار آهي. ٽينءَ ۾ زنجيريءَ جي هڪ گڏجڻ طرز استعمال ڪيل آهي ۽ آخريءَ ۾ جافريءَ جي منجهه سان هيري ڪٽين جي قطار آهي. اهي سيئي طرزون ڏگهائيءَ ۾ هڪ جيتريءَ ماپ تي ڪونہ ٽيون پهچن. اهڙيءَ ريت ان ڳالهه مان بہ سمجهجي ٿو. تہ ان قسم جي سامان جي بہ ڪوٽ هئي. ونگ جي سٽاءَ ۾ مٽين جهڙي وَٽ ۽ هينان اوپڙ جي طرز آهي. پٽرائين چوڪائي جي هينان تري ۾ چوڪنڊو جارو آهي، جنهن ۾ اندر ڏگهي ۽ اُيي طرز جي هيري ڪٽيءَ جو چٽُ آهي. مٽان ونگ سان خانو آهي، جنهن ۾ اوپڙ جي اُڪير ڈسجي ٿي. دروازي جا مٿيان پاڳا چوڪنڊي خانن ۾ ورهايل آهن، جن ۾ اندر چوڻلا گل آهن. پر چوڪائي جي ساڄي ۽ ڪاٻيءَ ٻانهينءَ جي وٽ تي سنگار ۾ تفاوت آهي. ساڄي پاسي واري ٻانهينءَ تي پائو ۽ نيل نظر اچن ٿا. ڪاٻي طرف پائي ڪان سواءِ فقط نيل آهي. ان جي جاءِ تي ڪاٻي ٻانهينءَ تي اندرئين پاسي ڪان روايتي قسم جي اوپڙ طرز جي چنڊسالي واري اُڪير آهي، جيڪا سر در وٽ پهچي ڪٽي وڃي ٿي ۽ ساڄي پاسي تي اهڙي قسم جي ڪابہ اُڪير ڈسٽ ۾ نٽي اچي. ڇڇي ڪان هينان سردر تي عربي لکت آهي. ڇڇي ڪان مٽان عربي لکت جو ٻيو حصو آهي. سردر هينان وڃئين داپڙي تي طغرا خط ۾ لکت آهي. در جي ڇانئٽ تي اُڪيريل گول چنڊ وارا پٽر روايت مطابق رکيل آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن ڪان سورج مکيءَ جي تصوير آهي. ان پاسي جي سڄي سينگار ۽ ٻيهڪ ۾ هڪجهڙائپ ڪجهه گهٽ آهي. پر آرائش ساڳيءَ ريت ليٽيل سنوت ۾ آهي. تنهنڪري پت جي هڪ جهڙي مٽاڇري ۾ ڪجهه نواڻ ڈسجي ٿي.

اوپارين مهاڙي

اوپارين مهاڙي،[60] جنهن جي اوير ۾ درياءَ جو پراڻو پيٽ آهي، ان تي بہ اتر واريءَ مهاڙيءَ جيان سنجٽ ۽ سونهن لاءِ چنڊسالي اُڪيريل آهي. فرق رڳو اهو آهي، تہ در جي پرسان هن پاسي ڇڇي جي هينان جافري لڳل دري آهي[61] ۽ ان جي مٽان ونگ واري دري ناهي وئي آهي. ونگ واري مٽئين دري پٽر جي چوڪنڊي جوڙڇڪ ۽ ٻيهڪ ۾ هنيل آهي. سندس ونگ جي



تصوير 61 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اوپارينءَ پت ۾ جافري لڳل دري ڈسجي ٿي. جنهن ۾ چنڊسالي ڄا انڪُنڊا آهن. جيڪي دريءَ جي ونگائينءَ جاريءَ ۾ ڈسٽ ۾ اچن ٿا. صفا مٽئين پاسي هڪ گل جي چنڊسالي واري طرز آهي. هن چوڪنڊي خاني ۾ ونگائي جافري ڪري اهڙا ٽڪنڊا spandrels ٺهي پيا آهن. جن جو ڪنڊون هڪ ٻئي کان گهٽ وڌ آهن. جن ۾ چنڊسالي ڄا نمونا بہ مختلف آهن. جيڪي امليڪي ۽ ڪٽي گڏجڻ امليڪي ۽ اليڪي چٽ آهن.



تصوير 62 - جام نظام الدين جي مقبري جي اوپارين مهاڙي جي مٿئين پاسي جي أکيريل چٽسالي، جنهن ۾ خوبصورت طرزن جون ٽي قطارون آهن. جن ۾ عربي تحرير بہ شامل ڪري سگهجي ٿي. جيڪا دري وٽ پهچڻ کان اڳ پوري ٿي وڃي ٿي.

نُڪرن ۾ گول گل وارا چتر نظر اچن ٿا. ڇڇي جي مهاڙي چترڪاري سان أکيريل آهي. ان جي هينان ٽي آرائشي قطارون آهن. پهرين سورج مُکي جي آڏين جي قطار آهي. هي قطار ۾ هيري ڪٽيءَ سان ٻيگهڙ تي اُيي چٽسالي ڏسجي ٿي. آخر ۾ ڏاڪڻ طرز جي چورسن ۾ گل أکيريل آهن. جافري هنيل دريءَ واري پردي تي مٽان چوٽيءَ تي گل جي تصوير آهي. خود ونگ تي بہ ڏوريءَ جهڙي چٽسالي آهي. نُڪرن ۾ بن گول دائرن جي چوڏاري اوپڙ جي طرز جي أکير جهجهي انداز ۾ أکيريل ڏسجي ٿي. ساڄي طرف تي سورج مکيءَ آهي. کاڄي پاسي هڪ اليکي گڏوڇڙ طرز جي چٽسالي آهي، جنهن ۾ ڇهن پنکڙين وارو گل سرجي ٻيهي ٿو. جافري لڳل دريءَ جي هيٺئين پاسي ڏوريءَ جي طرز جي چترڪاري واري أکير آهي.

ڏاڪڻي مهاڙي

ڏاڪڻي مهاڙي[62] جي زيب زينت ۽ أکير، اوپارينءَ پٽ جهڙي آهي. پر ساڄي طرف وارو لنگهہ هن پاسي جي وچ تي آهي. أکير جون مٿيون چار قطارون يارهينءَ کان ونڊي چوڏهينءَ تائين، اولهہ طرف، پٽ جي آخري ڇيڙي تائين هليون وڃن ٿيون، ڏهين قطار چٽساليءَ واري أکير جي ٽن طرزن ۽ ٻين اليکي نمونن تي ٻڌل آهي، جيڪا دريءَ کان ٽورو اڳتي وڃي ختم ٿئي ٿي (نمبر 63). اٽين ۽ نائين قطار، ساڄيءَ جاءِ يعني دريءَ وٽ ختم ٿئي ٿي. عربي لکت واري ڊيگهہ ان کان بہ اڳا نندڙي آهي. ڇهينءَ قطار ۾ ڏاڪڻ طرز تي چوڙاسا آهن، ۽ اُها قطار در کان ٻئي در ڏانهن هلي وڃي ٿي. سردر تي عربي لکت آهي، جنهن جي مٽان ۽ ڇڇي جي هينان گلن جي آڏين جي قطار آهي. پنجين قطار در جي ساڄي پاسي ٻيهي وڃي ٿي. چوٽين، ٽين ۽ ٻي قطار در جي کاٻي پاسي هلي اتي ختم ٿي وڃن ٿيون. (پليٽ 21) ڏاڪڻي مهاڙي کي سنو تاثر



تصوير 63 - جام نظام الدين جي مقبري جي ڏاڪڻين پٽ جي مهاڙيءَ جي مٿئين پاسي وارو حصو. جتي مٿئين حصي تي أکير جي طرز جي فقط هڪ قطار ڏسجي ٿي. جيڪا هلندي وڃي ڇيڙي تائين پهچي ٿي. باقي ٻيون قطارون پوئتي ڪُٽي وڃن ٿيون. چوڏاري ڦري ايندڙ پٽيءَ Freeze وارن چٽن جون ٽي طرزون آهن، جيڪي اتر ۽ اوپر واري پاسي کان ڦري اچن ٿيون. اصل ۾ اهي طرزون هنجن جي جاءِ تي رکيون ويون آهن. پر پوءِ بہ اڃ پوريون آهن. جام نظام الدين جي مقبري جي اوپارينءَ مهاڙيءَ ۾ نظر ايندڙ لنگهہ ۾ رکيل پٽر جو چوڪاڻو آهي، جنهن کي پٽر جي اوساري ڪري اڌ بند ڪيو ويو آهي. چوڪاڻي جي پاسن تي گول چٽ، مٿئين پاسي عربي تحرير ۾ چائنڪ وٽ نرم سفيد پٽر moon Stone جو دونو Sill لڳل آهي. چَوڪاڻي پرسان جارو بہ رکيو ويو آهي.



تصوير 64 - ڏاکڻين لنگهه ۾ لڳل پٿر جو چوڪانو، جنهن کي پٿر جي اوساريءَ سان اڌ بند ڪيو ويو آهي. ان جي وڻ سان امليڪي ڏوريءَ جهڙي اُڪير ۽ سردر تي عربي تحرير ڏسجي ٿي. جڏهن ته چانڊ وڻ اڇي نرم پٿر جو "ڏُونو" (Sill) لڳل آهي. چوڪاڻي جي تري ۾ جارو ٺاهيو ويو آهي. جنهن ۾ هيري ڪَٽ (Diamond) طرز جي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي.



تصوير 64 - الف - محراب جي اندرئين پاسي چٽسالي‌ءَ جو سلسلو.

ڪونہ ٿي ڇڏي. مهاڙيءَ ۾ وچ تي ڇڏيل خال ڏاڍو بسو لڳي ٿو. انهن وٽين کي پرڻ لاءِ بہ سامان جي ضرورت هئي. ان قسم جي کوڙ کي وقت ۽ مشڪلات ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿو. ان پاسي واري دري بہ اوپارين‌ءَ دريءَ جيان بلڪل سادي آهي. هيٺان چٽن وارو اُڪيريل چهو آهي ۽ ان ڇڇي جي هيٺان اڌ بند ڪيل دروازو آهي[64] ان در جو چوڪانو اترئين در جي چوڪاڻي جهڙو آهي. ان تي چٽيل اُڪير ڪجهه بيءَ طرز جي آهي. ان جي سردر تي عربي لکت آهي. سردر هيٺان چورس داڙڻي تي بہ ساڳيءَ ريت عربي لکت آهي. هيٺ چانڊ وڻ گول چند پٿر (Moon Stone) جو داڙو لڳل آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن تي سورج مکيءَ جو گل چٽيل آهي. دروازي جي ٻانهين‌ءَ جي هيٺئين پاسي تي مستطيل جارو آهي، جنهن ۾ ايي‌ءَ طرز تي هيري ڪٽ رکي وئي آهي. مٿان بہ آرائشي قطارون آهن. اندرئين پاسي ڏوريءَ جي طرز ٻاهرئين پاسي اوپڙ جي اُڪير جي روايتي طرز ۽ مٿان گلدان جو چٽ آهي. ڏکڻ ڏسا کان اٽپوري مهاڙي ان سبب ڪري آهي، جو ڏکڻ پاسي پر ۾ سرن جي مقبري جي چوڏاري ٺاهيل هڪ کوڙ آهي. آرائشي قطارون بہ مهاڙيءَ جي اڌ پوري سنجڻ هجڻ جي ثابتي ڏين ٿيون.

اندريون صفو

اندريون مڪعبي صفو پهرين نظر ۾ ئي، اولهه پاسي واري ٺهيل محراب تي بي انتها خوبصورت آهي جڏهن ته گهڻ -

رُخي اُڪير دل تي ڏاڍو اثر ۽ رعب ويهاري ٿي. ڪنڊن وارا مقبري جا محراب (نمبر 65) ٻاهر نڪتل پٽرن جي وڌاوڻ تي جوڙيل آهن. محراب جي ونگن ۾ هنيل گهوڙيون ۽ لڏڪٽا آهن، جن سان محرابن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. محرابن مٿان چڻن جي اُڪير جي آرائشي قطار آهي. ا ن جي مٿان ونگن تي خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. معلوم ائين ٿئي ٿو. ته هينئين پاسي وارين قطارن تي ڏيان ڪجهه گهٽ ڏنو ويو آهي. انهن مان ڪجهه قطارون اڻ پوريون ۽ رهجي ويون آهن. ساڳيءَ ريت اندرئين صفي ۾ نهيل قبرون ۽ مقبري جي مٿئين آرائشي تعمير سان ميل ڪونه ٿيون ڪائين. ٻئي پاسي جهڙي تهڙي لسي ۽ سادي نموني سان درن کي پٽرن جي اوساريءَ سان بند ڪيو ويو آهي. جنهن سان اندرئين پاسي جو سنڌڻي سٽاءُ ۽ هر آهنگي ختم ٿي وئي آهي. مقبري جي محرابن جي هينئين پاسي رڳو ٽي چٽسالي جون آرائشي قطارون آهن، جن تي ڏاڪڻ طرز جهڙا ڇوڙسا چٽيل آهن. منجهن گل جي تصوير ۽ اُڪيريل آهي. سندن وچ واريون وٿيون هڪ - ڪَريون ڪونه آهن. ۽ قطارون ته هڪ ٻئي جي پر ۾ آهن ۽ ٽئين قطار فرش جي سطح کان ٽورو مٿيرو آهي. گلن جي آڌين جي چوٽين قطار، جيڪا محراب جي ڪاپي پاسي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا ۽ جيڪر ساڄي وارو خالي پاسو پوري ها ۽ وٿيءَ واري مسئلي کي حل ڪري ڇڏي ها، پر ائين ڪونه ڪيو ويو آهي. محرابيءَ ونگون بلڪل لسيون ۽ سادیون آهن. پر تنهن هوندي ۽ منجهن چوڪَندا خانا رکيا ويا آهن، جن جي نَڪرن تي گلن جون تصويرون اُڪيريل آهن. اهڙي قسم جا محراب اندرئين پاسي، چوڌاري ۽ اولهه پاسي واري محراب مٿان ۽ جوڙيل آهن. محرابن ۾ لڏڪٽي نموني جهڙو هڪ وڌايل خوبصورت ڊگهو پٽر آهي، جيڪو هڪ نوڪدار تري ۾ ڪتل آهي. سندس ٻاهرئين چيڙي تي گلدان جهڙي اُڪير ٿيل آهي. ان لڏڪٽي جي پٽر يا سنگيءَ مٿان سردر رکيل آهي، جنهن جي وچ تي وڏي گل جو چتر چٽيل آهي. ان سردر مٿان، اندر تي پينل ونگ تي هڪ خانو آهي، جنهن جي ونگڙ ۽ ٻاهر نُڪرن تي گول گل چٽيل آهن. انهن محرابن جي مٿان اُڪير جون ٽي قطارون آهن. هينئينءَ قطار ۾ اُپريل طرز ۾ گول گل جي طرز واري چٽسالي اُڪيريل آهي. هر هڪ گل جي تصوير کي هيري ڪٽينءَ جي اُپ ڳاڻي چترڪاري نيارو ڪري ٻيهاري ٿي. ٽيون گول دائرن وارو نمونو آهي، جن جي وچ تي اوپڙ واري گڏوڇڙ طرز آهي. انهن قطارن جي مٿان محرابن جي ٻيءَ قطار جو سلسلو جيڪو لڏڪٽن ۽ سردرن مٿان جوڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان



تصوير 65 - چاڪر نظام الدين جي مقبري ۾ اولهيه ۽ رکيل محراب اندر ڪنڊ واري محراب Squinch ۾ ڇڇي وانگي پٽر رکيل آهن. جنهن جي آڌار تي محراب جي ونگ ٻيهاريو ويو آهي ۽ محراب اندر ڇڇي جهڙو هڪ پٽر لڳل آهي، جنهن هيٺان لڏڪٽ Pendentive هنيو ويو آهي.



تصوير 66 - چار نظام الدين جي مقبري اندر تعمير ٿيل مکيہ محراب جي مٿان جهلن جهڙي ڇڄي جي آڌار تي بيهاريل جارو آهي. جنهن جي اندرئين پاسي بہ چٽسالي آهي. مٿئين پاسي وَرن وڪڙن وارن جهلن مٿان ڇڄن جي اڌاوت ٿيل آهي. ڄاڻايل جاري جي ٻنهي پاسن کان سڌيءَ سنوت ۾ ونگن سان خانا آهن.

کان پوءِ اناس بدلجي سورنهن پاسائون منڊپ بنجي پوي ٿو. سيئي ونگون. پٽين ۾ ٽورا وڌاوڙا ڏئي بنايون ويون آهن. آخري ونگن جي مٿان ڏوريءَ جي طرز واري چٽسالي جي اُڪير آهي ۽ هينئين پاسي کان جهالر رکي وئي آهي. جيڪا پٽ جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. محرابن ۽ ونگن جي بيهک. جن تي اُڪير جي طرزن جي چٽساليءَ جهجهي آهي. تن پٽر جي پٽ جي نهرائپ کي گهٽي ياڳي گهٽائي ڇڏيو آهي. اهڙي طريقي اختيار ڪرڻ سان اسلامي اڌاوتي روح کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

اولاهينءَ پٽ تي ڏاڍو نازڪ نفيس ۽ سهڻو ڪم ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جتي محراب هڪ خوبصورت ونگ جي صورت ۾، انهيءَ پٽ جي ٽولهہ ۾ اندر واڌ ڪائيندي نظر اچي ٿو. سيني آرائشي قطارن جي مٿان محرابن جي سنوت سمان هڪ جارو آهي،[66] جنهن کي خوبصورت چٽيل گهوڙيءَ جي ٽيڪ سان مٿي بيهاريو ويو آهي. ان جو هيٺيون پاسو لڏڪٽي نموني تي آهي، جيڪو گل جي اُڪير سان ختم ٿئي ٿو. اهي جهلون شينهن جي ڇنگهن جهڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، پر شينهن جو مٿو ڪٽي بہ اُڪيريل نظر ڪونہ ٿو اچي. ان هوندي بہ ونگ ٻڌل مٿئين جاري جو ترو چٽساليءَ سان اُڪيريل آهي. ساڄي ۽ کاٻي طرف ٻانهينءَ واريون قطارون، جن ۾ پاوا لڳل نظر اچن ٿا، جيڪي مٿي ور وڪڙ ڪائي ۽ اُڪيريل گهوڙين کي جهليون بينا آهن ۽ گهوڙي مٿئين لهنواري ڇڄي کي ٽيڪ ڏيو بيٺي آهي، جنهن کي ٻنهي پاسي کان جهلون بہ لڳل آهن. جاري جي ٻنهي ٻانهين تي کاٻي ۽ ساڄي پاسي ڇڄي جي هيٺان اوپڙ چٽن جي اُڪير ٽيل آهي. سڄي جوڙ ۽ بناوت شينهن ويهک بنائڻ لاءِ ڪئي وئي آهي، جنهن کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ ڇڻ ڪو پينگهو آهي.

محراب

محراب جي ماپ ساڌا ڇهہ فوٽ آهي، جيڪو ٽن لاڳيتن ونگن تي ٻڌل آهي. (نمبر 67) پاسن ۾ ساڄي ۽ کاٻي پاوا لڳل آهن. (نمبر 68) محراب جي مٿينءَ ونگ جي سنوت، مقبري ۾ چوڏس اناس وارين ونگن جي سنوت جهڙي آهي. ان جي ونگڙ (Tympanum) ۾ عربي لکت جون چار سٽون آهن. ٻي ونگ چوڪُنڊي بيهک (Framc) جي وچ ۾ آهي ۽ پاسي کان ٻاهران عربي لکت ۽ نُـڪرن ۾ گلن جون تصويرون آهن. ونگ گهوڙيءَ جي تاج مٿان شروع ٿئي ٿي ۽ ونگ شروع ٿيڻ واري



تصوير 67 – اولهه وارو محراب، جنهن مٿان هڪ ٻئي هيٺان ٽي ونگون آهن. محراب جي ٻنهي پاسن کان پٿر جا خوبصورت پاوا ڏسجن ٿا. ٽئين ونگ هيٺان ٻٽاپاوا آهن. وڃئين ونگ جي بنيادن وٽان هڪ اهڙي شئي اپرندي نظر اچي ٿي، جيڪا سجاڻي کانه ٽي سگهجي. هيءَ اهڙو طريقو آهي، جنهن ۾ ديوار ۾ ڇڄي وانگي ٻنوڙو (Corbelled) رکي ونگ ٺاهي ويندي آهي.



تصوير 68 – ڄام نظام الدين جي مقبري ۾ ٺاهيل محراب جي ٻاهرين پاون جا خوبصورت، نازڪ ۽ نفيس أڪيريل چٽ ۽ هم چورس بنياد تي ٻيئل ونگن وارا خانا نظر اچي رهيا آهن. پاون جا مٿيان پاسا مٿي رکيل ٻن ٽانون جهڙي ڇنڊ واري طرز وٽ پهچي ختم ٿين ٿا. پاون جي هيٺئين پاسي تاج جهڙي طرز جو چٽ آهي، جيڪو گلن جهڙي طرز جي أڪير جو هڪ تسلسل آهي.



تصوير 68 – الف – محراب جي اندرئين پاسي ڇنڊسالي، جو تسلسل.

هنڌ تي ڪناريءَ سان، هيري ڪٽيءَ جي طرز جي اُڪير ٽيل آهي، جيڪا ونگ جي هيٺان گڏ ان جي چوڌاري ڦري اچي ٽي ۽ ٻئي پاسي ونگ واري شروعات واري جاءِ ۽ تاج وٽ پهچي ٽي. ونگ واري گهوڙيءَ مٿان رکيل تاج واريءَ جاءِ تي عام طور مندرن ۾ هنج پکيءَ جي مورتي اُڪيريل هوندي آهي. پر ان جي بدران هتي گل جي طرز جي چنّسالي ڈسٽ ۾ اچي ٽي. ٽينءَ ونگ جي ڪنارين وارين پٽين تي به هيري ڪٽين جي اُڪير ٽيل آهي، جيڪي ونگ جي بنياد يعني لڏڪ وارين گهوڙين وٽان شروع ٽين ٽيون. ونگ جي شروعات واري هنڌ وٽ گل جي شڪل جهڙي اُڪير آهي. نُڪرن تي گلاب جي گل جي نُڪ ٽيل آهي. ان کان سواءِ ٻي ڪابه آرائش ۽ سنجٽ نه آهي. ونگ جي اندر لڪت سان هڪ چوڪُنڊو ڏانچو آهي، جيڪو مٿي گل جهڙي لڏڪٽي وٽ ختم ٿئي ٿو.

ٻاهريون پاسو، (نمبر 68) ڪٽ جي پائي وانگر ڈسٽ ۾ اچي ٿو. جيڪو آرائشي هجڻ سان گڏ سادو پڻ آهي، پر ان جي اڏاوت ۾ ڪوبه تعميراتي مقصد رکيل نه آهي. ڪيس ٽن پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هر چورس مهاڙيءَ وارو بنياد، ٻنّيءَ ونگ وارو اُڪيريل خانو، ان جي مٿان ڇڻا، ان کان پوءِ سنجٽ سان سنهي ڳچي آهي، جنهن جي مٿان هر چورس ڈيڊي رکيل



تصوير 69 - محراب جي ڏاکڻين مهاڙيءَ جي ٻئين ۽ ٽٽين ونگ جي وچ وارو حصو جنهن ۾ مٿين بن پٽين تي عربي تحرير ڈسجي ٽي. ٻيئين پاسي به اُڪير جون مختلف طرزون آهن. وٽ واريءَ مٿين چنّسالي ۽ هر چورس طرز جي اُڪير جي وچ تي وٽ - چٽ آهي. ان کان سواءِ هر چورس چٽ جي وچ ۾ گل جي طرز واري چنّسالي ڈسجي ٽي.

ڏسجي ٿي. ان ڏيڏيءَ مٿان اُڪيريل بُونبو آهي. پائو هينئين پاسي کان اناس آهي. هر هڪ پاسي تي ونگن وارن ٻن خانن جي وچ تي اوپڙ جي طرز جي اُڪير ٽيل ڏسجي ٿي. کين جدا ڪرڻ لاءِ وچ تي لهريدار ليکون آهن. وچ تي هيري ڪٽي ۽ مانڊاڻيءَ جي طرز جي چنسالي پٽ آهي. مٿئين گول حصي ۾ گلدان آهن. جن جا منهن هڪ ٻئي جي پرسان آمهون سامهون آهن. اهڙي قسم جا پاوا، سنڌ ۾ عام جام ڏنا ويندا آهن. ٻي ونگ هر چورس پائي مٿان شروع ٿئي ٿي، جنهن تي اوپڙ جي روايتي چنسالي‌ءَ واري اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ اندرئين پاسي تسبيح جي مٽين جهڙي نُڪَ ٽيل آهي. جيڪا ٽئين ونگ جي ٻنَ پاون وٽان شروعات ٿئي ٿي. حقيقت اها آهي، ته ٻاهرئين پائي، چوڪنڊي اڏاوت جي بار کي ٽيڪو ڏنو آهي ۽ اندرئين پاون تي ونگ جو بنياد رکيل آهي. ٻئي پاوا هڪ نمونو جا آهن. اُڪير واري سنجٽ ۾ ٻاهريون پائو مختلف آهي. اهي پاوا اُپيءَ ترتيب ۾ چئن پاگڻ ۾ ورهايل ڏسجن ٿا، جن مان ٽي اناس ۽ هڪ چوڙاس پاسو آهي، جيڪو وڏيڪ چئن



تصوير 70 - محراب جي اندرئين ٻئين ۽ ٽئين ونگ جي وچ واري حصي جي خوبصورت چنسالي، جنهن ۾ طرز جون اهي ساڳيون قطارون ڏسجن ٿيون، جيڪي ڏاکڻين پاسي آهن. پر هن پاسي وڏ جي اُڪير جا وڏيڪ نمونا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي کنهن حد تائين گجراتي اُڪير سان ويجهڙائي رکن ٿا.

پاگڻ ۾ وندبل آهي. انهن وندبل پاگڻ تي مختلف قسم جي اُڪير جي چنسالي ٽيل آهي. ٻيو پاگڻ اناس آهي، جنهن تي خانا، چوڙس ۽ گُل، واري وَڻيءَ سان اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٽئين خاني ۾ ٻن سوڙهن منهن سان ٻڌا ڏانوَ آهن. مٿي تاج تي اُپائيءَ ۾ هر چورس پٽر جا ڏاڙا لڳل آهن. هينئين ڏاڙي ۾ اسان ٻڌين ليکن ۾ اڃ چنڊي انساني تصوير ڏسون ٿا. اهڙي ساڳي قسم جي تصوير اسان کي مبارڪ خان جي مقبري ۾ به نظر اچي ٿي. ٻيءَ ۾ مانڊاڻي چِٽَ جي چوڏاري خانيدار طرز جي اُڪير آهي. ٽئين ۾ اوپڙ جي هر چورس طرز وارو نمونو چٽن ۾ اُڪيريل آهي.

محراب کي ٽي مهاڙيون آهن. اتر ۽ ڏکڻ واريون 3x3 فوٽ آهن. ٻئين ۽ ٽئين ونگ جي وچ تي اولهه واري محراب جي هُري وڏيڪ ويڪري آهي. پهرين ٻن مهاڙين تي مٿي عربي لکت ۽ اُڪير جون چار قطارون آهن. ٻن مهاڙين جي چوٽين ۽ ٻئين قطار، نموني ۾ هڪ جهڙيون آهن. مٿينءَ قطار ۾ اوپڙ طرز جي چُنسالي ٽيل آهي. هر هڪ اوپڙ واريءَ اُڪير ۾ مرڪز جي چوڏاري منجهيلا گول آهن. هيٺينءَ قطار ۾، چوڪنڊن اندر چئن پنکڙين وارن گلن جي چترڪاري وارو اُڪيريل سلسلو آهي. ڏکڻ پاسي واري ٽينءَ قطار ۾ ٽي اُپا خانا آهن، جن جي وچ تي هارن جي لڙهي اُڪيريل آهي. وچئين قطار ۾ وڏ چٽيل آهي، جنهن جون ٽاريون مٿي ۽ پاسن تي پکڙيل نظر اچن ٿيون ۽ چئن ڪنڊن ۾ چار سورج مُکي چٽيل آهن. ساڄي پاسي اوپڙ طرز جو گهاٽو نمونو آهي. کاٻي پاسي واري خاني ۾ آکڙي چوڪنڊي اندر چئن ئي ڪنڊن تي چار گل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ساٺن گڏ ڇهن پنکڙين وارن چٽن جي طرز ۾ موجود آهي. پهرينءَ قطار ۾ ونگن وارا خانا اُڪيريل آهن.



تصوير 71 – محراب جو صفا اندريون پاسو، جنهن جي هر پاسي تي ٻٽا پاوا رکيل آهن. هڪ پاسي اهي ٻٽاپاوا هڪ ونگ کي ٽيڪ ڏيون ڇهليو بيٺا آهن. ٽ ٻئي پاسي ونگ جي مٿان نظر ايندڙ خانو ۽ انهن جي آڌار تي بيٺل ڏسجي ٿو. سامهون وارو پاسو ونگن وارن ٽن خانن ۾ ورهايل آهي. جيڪي اُپيءَ طرز جا آهن. ليٽيل سنوٽ ۾ اُڪير جي طرز جون قطارون ڏسجن ٿيون، جن کي سنهڙا ٻنوڙا يا وٽيون ڏئي الڳ ڪيو ويو آهي.

کاٻي پاسي زنجير ۽ گلدان جي طرز سان گڏ ٻنهي پاسي گل اُڪيريل نظر اچن ٿا. وچينءَ تي وڏ جي طرز چٽيل آهي، جنهن جي هر هڪ پاسي تي زنجير ۽ گل اُڪيريل آهي. آخري خاني جي مٿئين حصي ۾ وڏو سورج مکي چٽيل آهي. هيٺئين حصي ۾ اوپڙ طرز سان لاڳاپو رکندڙ ٻه پن آهن، جي هيٺ تي وريل نظر اچن ٿا. ڏاکڻي مهاڙيءَ جي ٽئين قطار جي چوڪنڊي ۾ ٽي خانا آهن. پهرين ٻن قطارن ۾ مختلف ٻوٽن وارا گلدان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٽئين ۾ وڏ جي طرز آهي، جنهن

جون ٽاريون وڪڙ ڪائي ڦري ٽيون اچن ۽ مٿان ڇڻ تہ ورن واري ونگ (Scalloped arch) ٻڌجي پوي ٿي. پهرينءَ قطار ۾ ٻہ ونگن وارن خانن ۾ چٽن جون ٽي طرزون موجود ڏسڻ ۾ اچن ٽيون. پهرئين چٽن جي طرز ۾ هڪ سنگهر ۾ لڙکندڙ گلدان ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان مٿان گلن جي اُڪير ٽيل آهي. وچئين خاني ۾ ٻہ لڙکندڙ سورج مکيءَ جو گل آهي. هيٺان وڃ جا ٽي ٽُڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٽئين ۾ ٻٽو گل چٽيل آهي، جنهن جي وچ تي چئن پنکڙين وارو گل ۽ سورج مکي پاڻ ۾ ملندا ڏيکاريا ويا آهن. خانن جي آرائش کي ٽئين ونگ جي پائي کان جدا ڪرڻ لاءِ وڏي نموني جي گلن جي سلسلي کي قائم رکيو ويو آهي. ساڳيءَ ريت پهرينءَ ونگ کي جدا ڪرڻ ٻيهارڻ واسطي اُپ ڳاڻيون اُڪيرون آهن، جن مان هڪ مکڙين جي قطار ۽ ٻيءَ ۾ چئن پنکڙين وارن گلن جي لڙهہ آهي.



تصوير 71 - الف - محراب جي متئين پاسي عربي تحرير جو هڪ نمونو.

محراب جو مکيہ اندريون پاسو (نمبر 71) اڄا ٻہ وڏيڪ ٻن اپن ونگن وارن خانن ۾ ورهايل آهي، جن کي محراب جي وچ تي هڪ گڏيل ويڪري پٽي پاڻ ۾ ملائي ٿي، جيڪا محراب جي وچ تي جوڏاري ڦري اچي ٿي. وچ تي ٻہ ونگون ٽئين ونگ جي معرفت ڳنڍيل نظر اچن ٽيون، جنهن جي وچ تي گول گل ۽ باقي حصو اوپڙ جي چترڪاريءَ سان پريل آهي، جيڪا مٿي وڃي محراب جي پاسيرين جهڙي چئن واري اُڪير واري قُبيءَ تائين پهچي ٿي، جتان مٿان اُڪيريل لڏڪڻو نظر اچي ٿو. چوڻڪي ونگن کان وٺي هيٺ تائين، محراب جي اندرئين سڄي مهاڙي ٻن پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿي. هڪ ايپي قطار وچ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا هيٺ فرش جي سنوت تائين پهچي ٿي. هر هڪ ونگ واري خاني کي ٽن ونگن واري خاني ۾ بدلائي ڇڏي ٿي. اندرئين پاسي تي، وَٽ واري ڪناريءَ کان سواءِ ست ايپون قطارون آهن. ٻن ونگن جي ونگڙ ۾ جهڪيل پاسن سان ڇوڙس ۽ ڪنڊن وريل پورَ وڃوٽي مانڊاڻي طرز چٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا ننڍڙي گل سان گڏ ميـ

ٽي وئي آهي. ونگڑ کان هينان مهاڙيءَ ۾ ٻه ڪسڪيدار پٽيون (Moulded bands) آهن. هينئين ڪسڪيدار پٽي پهرين چوڪُنڊي قطار جي مٿان آهي. مٿئين پٽي ڇهن خانن جي وچ تي آهي، يعني ٽي خانا هينان ۽ ٽي خانا مٿان آهن ۽ اهڙيءَ ريت ڪل 49 خانا آهن. سيني کان هينئين خانن کان هيٺ پٽين جون ڪيئي قطارون آهن. مٿان ڪين پنن واري چٽن جي اُڪير سان خوبصورت بنايو ويو آهي. هيٺ ديوار جي بنياد مٿان سنوت تي هيري ڪٽين ۽ گلن جي طرز جي هينان گلن جي آڏين جي قطار ڈسڻ ۾ اچي ٿي. ليٽيل سنوت وارين قطارن ۾ هنيل 49 خانن هينان ڇهه خانا هڪ جهڙي چٽسالي‌ءَ واري اُڪير جي طرز سان لاڳاپيل آهن. سڀ کان هينئين چئن پنکڙين وارن گلن جي قطار آهي. ان کان ٻيءَ قطار ۾ گلدستي جي طرز واري چٽسالي پڌري آهي. ٽينءَ قطار ۾ ونگن وارن خانن اندر گول گل اُڪيريل آهن. چوٽينءَ قطار ۾ ٻه اڌ گول هڪ ٻئي کي چُهن ٿا. پنجينءَ قطار ۾ سورج مُکي گل اندر اُڪيريل آهن. ڇهين قطار ۾ لڪدار پاسن وارا چورسا آهن. ستينءَ قطار ۾ مختلف قسم جون اليکي چٽسالي‌ءَ واري اُڪير جون طرزون آهن. اهڙو گهٽ - رُخو سنجٽ وارو محراب، سياحن جو ڏيان هڪدم پاڻ ڏانهن ڇڪائي ونڊي ٿو. مختلف نمونن جون ايڏيون ساريون قطارون شايد ماڻهن کي خلقڻهار جي ياد ڏيارڻ لاءِ ناهيون ويون آهن.

نتيجو

مجموعي طور تي ڇام نظام الدين جو مقبرو سنڌي ڪاريگرن جي پٽر جي اُڪير جي فن ۾ ڪلا ۽ ڏات جو نادر نمونو آهي. ڪجهه نمونا جهڙوڪ: وڻ جي طرز يا گلدان ساڳي نموني سان گجرات جي اسلامي اڏاوتن ۾ ٻه استعمال هيٺ رهيا آهن. اهڙيءَ ريت اولهه پاسي کان محراب جي پٺئين پاسي تي پشتي جي تعمير جو مثال ٻه گجرات جي اسلامي اڏاوت ۾ ملي ٿو. پر مقبري جي تعمير جو سڄو نقشو سنڌي ذهن جي پيداوار آهي. شڪل ۽ خيال ۾ سڄي اڏاوت اسلامي آهي. ان جي اڏاوت جو طريقو، پٿ مان اڳتي وڌيل ونگ، ڇڪن، گهوڙي ۽ سردرن جو استعمال ۽ سڄي پڄي گول ونگ، هن جڳهه کان سواءِ ڪٽي ٻه ڏسون، جيڪي عام طور تي مقبرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هتي اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو، ته هتان جو ماڻهو اهڙو ونگ ناهڻ جي ڄاڻ رکي ٿو ۽ ڪڏهن اهي پراڻي هنر مطابق بنايون ٻه ويندیون هيون. پراڻي هنر جي بنيادي ڪمزوري ڇٻي جو هيڏي وڏي ڪمري جي مٿان قبو تعمير نه ٿي سگهيو. ان هوندي ٻه هتان جا ڪاريگر واڌايون لهڻن جو انهن اڏاوتي‌ءَ جي فن واري هر پانت جي طرز ۾ ڪمال حاصل ڪيو. انهن هڪ اسلامي طرز جو مقبرو تعمير ڪيو، ان ۾ مثالي قسم جي نواڻ آندي ۽ پنهنجي اصلي سنڌي تعميراتي فن ۽ اصولن کي ٻه هتان کوڻه ڇڏيو آهي. ساڳئي وقت پنهنجي خيال کي ايتري قدر ته وسعت ڏني آهي، جو انهن بنهه پراڻي اڏاوتي نقشي ۽ خاڪي تي بلڪل نيون ۽ اُڇت شيون آندیون آهن. نه فقط ايترو پر هو پٿ جي مٽاڇري کي سنجٽ ۽ سونهن ڏيڻ ۾ گهٽو اڳتي نڪري ويا آهن. انهن وڏين پٽين جي لسائي‌ءَ، ٻُسائپ پريل سادگي‌ءَ ۽ هڪ جهڙائي‌ءَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسلامي اڏاوت جي حيثيت ۾ ڇام نظام الدين جو مقبرو، سنڌ جي پراڻي اڏاوتي روايتن جي خيالن مان اپري ۽ اُسري نڪتو آهي. هن تعمير پراڻن اڏاوتي اصولن کي اسلامي تعمير جو نئون اصطلاح ڏئي اڏاوت جي گم ٿي ويل روايتن کي جڙ وري زندهه ڪري ڇڏيو آهي.



تصوير 71 - ب - مسجد اندر محراب جو هڪ نادر نمونو



پليٽ 22 - (1584ع-1572ع) چوڏيواري اندر ٺهيل مرزا باقي بيگ ترخان جي مقبري جو محراب جي اندريون پاسو. جنهن جي صفا متئين حصي ۾ ڪنگرا اڏيل آهن. هينئين پاسي اڪير جي سادي طرز آهي. محراب سادو آهي. پر ان واري خاني جي ڪندن ۾ هڪ هڪ گل جي اڪير ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ محراب جي هر هڪ پاسي تي هڪ پائو موجود آهي. سامهون نظر اندر قبر تي رکيل پٿر ترخاني طرز تي اڪيريل آهن. جنهن مطابق قبر جا پٿراوان لوڙهٽ مختلف پاڳن ۾ ورهائجي ويا آهن.



پليٽ 23 - زنانين قبرن جي وانگاڙي جي لنگهه وارو در. هي زنانيون قبرون مرزا باقي بيگ ترخان جي گهراڻي جي عورتن جون آهن. هيءَ زناني چوديواري مرزا باقي بيگ جي مقبري سان بعد ۾ شامل ڪئي وئي آهي. لنگهه جي پٽريلي ڇوڪائي تي ڏاڍي خوبصورت اُڪير ڪئي وئي آهي، جنهن جي مٿان ڪنگرن جي تعمير ۽ ان جي هيٺان اُڪير جون ٽن طرزن جون ٽي قطارون آهن.



پليٽ 24 - مرزا باقي بيگ جي وڏي چوديواريءَ اندر مردن جي قبرن جي ننڍي چوديواري جي لنگهه جي در جو چوڪاڻو. جيڪو سادو نظر اچي رهيو آهي. تعمير جي مٽان ڪنگرا ۽ انهن جي هيٺان اُڪير جون ليٽيل سنوت ۾ ٽن نموني جي چٽن جون قطارون آهن.

پليٽ 25 - بديع الزمان جي آٿ - ٺنيي ڇٽيءَ جھڙي مقبري جو اندريون مٿيون پاسو. جنهن تي هڪ مور جي تصوير آهي. جيڪو نانگ تي چڙهيو بينو آهي ۽ ڪاوڙ مان ڪيس نهنگا هٽي رهيو آهي. تعمير جو تعلق 1602 صدي عيسويءَ سان آهي.

پليٽ 26 - بديع الزمان جي مقبري جي ٻئي ٺنيي جو اندريون پاسو. جنهن تي مٽي ۽ بدڪون نظر اچن ٿيون. جيڪي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيون بيٺيون آهن. ان کان سواءِ ٻين پٽڙن تي ۽ ڪجھ ڇٽسالين جون طرزون اُڪيريل آهن. جيڪي گھٽي عرصي گذرڻ کان پوءِ ڳري ڇٽي ويون آهن. ڪنهن طرز جو صحيح پتو پئجي ڪونہ ٿو سگھي.

پليٽ 27 - سلطان ابراهيم خان جي اولهه پاسي اٽ - ٽنيي ڇڻيءَ وارو مقبرو آهي. جنهن جي ٽنين تي ڪنهن به قسم جي ڇا سالي نه آهي. پر ان اندر موجود قبرن تي ترخاني طرز جي ڇڻسالي ٽيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

پليٽ 28 - ٽلهي تي طغرل بيگ جو ڇڻي نما مقبرو. جنهن جي اولهه پاسي تي اُڪيريل مسجد آهي. ان جي ٻنهي پاسن ڪان نندڙا مينارا تعمير ٽيل آهن. ڇڻيءَ جهڙو هي مقبرو ٻارهن ٽنين تي بينل ڏسجي ٿو. جنهن ۾ اُڪيريل طرز موجود آهي.

پليٽ 29 – طغرل بيگ جي مقبري جا هر چورس ماپ جا ٽنپ، جن تي ڇنڇسالي، جو خوبصورت نمونو نظر اچي ٿو ۽ سردر ٽنين تي رکيل آهن. جڏهن ته ڪنڊن وارن ٽنين تي ٽي سردر رکيل ڏسجن ٿا. هن مقبري ۾ اڪير جي هڪ نئين طرز نظر اچي ٿي.

پليٽ 30 - جان بابا جي مقبري جي چوديواري جي ڏاکڻي ۽ اوپارين مهاڙي. ڏکڻ واري پٽ ۾ ٽنهين جي مدد سان ڏيڊي تيار ڪئي وئي آهي. لنگهه واري در جو مٿيون پاسو اوچو آهي. ان جي پنڌئين پاسي هڪ مقبرو ڏسجي ٿو. جيڪو ڍهڻ کان بچي ويو آهي.



پليٽ 35 - جان بابا جي مقبري جي ٻاهرين ديوار ۾ نظر ايندڙ آکڙي طرز جي اُکير وارا خانا - اهڙي آکڙي اُکير مٽان پوءِ رکيو ويو آهي. طرز اڳئين جهڙي آهي.

پليٽ 31 - جان بابا جي مقبري جي ڏاکڻئين اندرئين پاسي تي نظر ايندڙ اُکير. لنگهه جي در جي چوڌاري نظر ايندڙ خاني ۾ هڪ بنا اُکير جي پٿر جو چوڪاٽو آهي. جنهن جي چوڌاري نهايت اعليٰ معيار جي اُکير ڏسجي ٿي.



پليٽ 32 - جان بابا جي مقبري ۾ تعمير ٿيل محراب جو پٽيون پاسو جنهن تي اعليٰ طرز جي اڪير واري چنسالي نظر اچي ٿي. محراب جي اتر - اولهه واري ڪنڊ ڪي ڪيترن ئي ونگاين ٻارين ۾ وندير ورهايو ويو آهي. جن اندر آکڙي طرز جي اُپريل اڪير سان گڏ بيون به چنسالي۽ جون گلن جهڙيون طرزون آهن. جيڪي پاڻ ۾ گڏيل وڇڙيل آهن.



پليٽ 33 - جان بابا جي مقبري جي محراب جي ٻئين پاسي اولاهين پاسي وارو مٿيون حصو. جتي ونگن سان ٽي خانا ڏسجن تا ۽ هو هڪ خاني اندر آڪڙي طرز سان پويٽ ۽ گلن جهڙيون مختلف طرزون گڏيل وڇڙيل صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

پليٽ 34 - جان بابا جي مقبري جي اندرئين پاسي واري ڪنڊ. جتي نظر ايندڙ ونگائن خانن اندر آڪڙي طرز واري چٽسالي موجود ڏسجي ٿي. تقسيم ڪرڻ وارن پيٽن ۾ به هلڪي ايريل آڪڙي قسم جي ساڄي طرز رکيل ڏسجي ٿي.



پليٽ 36 - مرزا جان بابا جي مقبري جي محراب جو خوبصورت اندريون پاسو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت پاوا رکيل آهن. بتي ٻارڻ لاءِ ڇڄي جهڙي ڊٻاکي تعمير ڪئي وئي آهي. ونگ جي اندرئين پاسي پٽر جي ڏندڙي ڊسجي ٿي. ان کان سواءِ اليکي (geometric)، امليکي (Foral) ونگائون ۽ آکڙي طرزون بہ آهن.

پليٽ 37 - جان بابا جي قبي جهڙي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو، جنهن تي گول نموني جا خانا آهن صفا وچ تي مٽي گل جي چٽسالي ڏسجي ٿي، جنهن جي چوڌاري ڏندڙيءَ جهڙو ڇت موجود آهي.



پليٽ 38 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ ونگ سان لنگهه وارو در، جنهن ۾ پٿر جو چوڪاٽو ڪتب آندو ويو آهي، جنهن جي چوڌاري هڪ چوڪنڊي ٻاري آهي، ٻنهي پاسن کان ديوار کان ٻاهر تي نڪتل جارا ڏسجن ٿا. هر هڪ جارو چوڪنڊي ٻاريءَ سان ونگ جي وچ تي آهي. پٿر تي کيل ٽڪ يا اُڪير مٽاچري آهي. اهو سنہ 1054ھ/1744ع.



پليٽ 39 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري واري چوديواري جي اتر واري پٽ جو اندريون پاسو. جنهن ۾ وڃ تي وڏي ونگ سان لنگهه آهي. در جي ٻنهي ٻانهين جي پاسي سان هڪ هڪ جارو آهي. جيڪو پٽ کان ٻاهر نڪتل آهي. ان کان سواءِ پٽ ۾ گهرا اُڪيريل چٽسالين وارا جارا ۽ نظر اچن ٿا. پٽ تي ٽيل اُڪير ۽ مٽاڃري آهي.



پليٽ 40 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ الهندي پاسي ٺهيل محراب جي اندرئين پاسي هڪ چوڪنڊي اڏيل آهي. جنهن ۾ پڻ مٽاڃري اُڪير ڏسجي ٿي. محراب جي وڃ تي پٿر مان گهڙيل ڄارين واري دري آهي. سامهون واري هر پاسي تي هڪ پائو لڳل ڏسجي ٿو.



پليٽ 41 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو سامهون وارو ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ ٽنهن سان وراندو آهي، جيڪو چوڏاري ڦري اچي ٿو. ساڳئي قسم جو وراندو مٿينءَ ماڙ تي ٻه آهي. وچ تي اوچي چوڪندي ٻاري جڙيل آهي، جنهن تي عربيءَ تحرير جون ٽي قطارون آهن. مٿان قبو آهي جنهن جا پاسا ٿورو ٻاهر تي نڪتل آهن. جنهن جي چوڏاري ننڍڙيون قبرون تعمير ٿيل آهن ۽ هر هڪ قبو ٻن ٽنهن جي وچ واري وراندي جي حصي تي ٺهيل آهي. جڏهن ته وڏو سفيد قبو اٺ ڪنڊي مٿان تعمير ٿيل ڊيڊي (Drum) تي جوڙيل ڏسجي ٿو. هن تعمير جو تعلق 1054 هـ : 1644ع سان آهي.



پليٽ 42 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڏاکڻي پٽ ۾ تعمير ڪيل ٽن ونگائن جي پهرين اڏاوت آهي. هر در جي اوچائي بن ٽنين جيتري آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ٽنهي هڪ ٻئي مٿان رکيا ويا آهن. ونگن جي اندرئين پاسي پٿر جي ڪنگري يا ڏندڙي لڳل آهي. هن پاسي ڇڇي وارو پلويڙو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. تنهنڪري انن ڪنڊن وارو مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو ڏيڏيءَ سوڏو ڇٽيءَ ريت نظر اچي رهيو آهي.



پليٽ 43 - هينئين وراندي جي چت ڪنين جي آڌار تي بينل سودرن تي تعمير ٿيل آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ چٽ هر چورس خانن ۾ ورهايل آهي ۽ هر خاني ۾ گل جي چٽسالي ڏسجي ٿي. هن قسم جي تعمير اسلام کان اڳ واري سنڌي دور سان لاڳاپو رکي ٿي. ان زماني ۾ هال يا منڊپ تعمير ڪرڻ جو اهو طريقو هوندو هو.



پليٽ 44 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ورانڊي جو باهريون منظر. جنهن ۾ صفا آخر ۾ ٻئي ورانڊي جي ٽنهين جي هار قطار ۾ نظر اچي رهي آهي. هي بن ورانڊن تي ٻڌل اهم اڏاوت آهي. جنهن جا ٻئي ورانڊا مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوڌاري ڦري اچن ٿا.



پليٽ 45 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري ۾ هڪ نرالي ۽ طرز جو ٺنيءَ جنهن تي مٿي تاج (Capital) وڻ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اُکير ٽيل ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هر چورس ٺنيءَ واري حصي تي امليڪي چنڊسالي بہ نظر اچي رهي آهي، جنهن جي اُکير هيٺ گهري نہ پر مٽاچري آهي.

باب چوٿون

ارغون ۽ ترخان دور جا يادگار

(پٿر جا نهيل يادگار)

1520ع کان 1593ع تائين ۽ جاگيردارن جا 1612ع تائين *

ارغون ۽ ترخان، پئي ذاتيون ترڪ نسل جي قبيلن سان لاڳاپو رکن ٿيون، جن جو لاڳاپو وچ ايشيا سان هو. اهي قبيلا امير تيمور جي شروعاتي دور وارن حملن ۾ ساڻس گڏجي افغانستان پهتا ۽ انهن علاقن تي پنهنجن پوئيرن جي حڪمراني وارن ڏينهن ۾ قندار ۽ هرات ۾ رهي پيا. مرزا شاهه رخ هرات کي پنهنجي سياسي ڪار وهنوار جو مرڪز بڻايو. سندس سرپرستيءَ جي ڪري هرات، تيموري مڪتب فن جو مرڪز بڻجي پيو. جڏهن صفوين ان علاقي تي حملو ڪيو، تہ ان فن ۽ ڪاريگريءَ کي ڪاپاري ڏڪ لڳو. اڏاوتي فن جي ڪيترن ئي ڪاريگرن ۽ ٻين هنر مندن لڏپلاڻ ڪري اچي صفوي مڪتب واري اڏاوتي فن کي شاهوڪار بنايو. ارغون ۽ ترخان سنڌ ڏانهن هليا آيا. انهن پاڻ سان گڏ تيموري مڪتب جو فن بہ آندو. هُو جڳهن ٺاهڻ جو نئون طريقو ۽ اڏاوتي فن جو نئون ڍنگ پاڻ سان گڏ کڻي آيا. اهي انهن علاقن مان آيا هئا، جتان جي سرن جي نموني کي وڏي شهرت ملي هئي. ڪاشيءَ جي چمڪندڙ سر جي استعمال ۾ واڌاري، جڳهن ۾ سنجٹ، سونهن ۽ رنگيني پيدا ڪئي هئي. اهي ڪاشيءَ جون سرون، صاف نيريون، آڇتُهيون واڱڻائي، ڦڪيون ۽ پن ول جي صورت ۾ گهڻ - رنگيون هيون، جن ۾ گل ۽ پن هڪ رنگ جو تہ تَرُ ٻئي رنگ جو هو. نٽو اهڙيءَ جاءِ تي قائم هو، جتي پٿر ڏاڍي سولائيءَ سان ملي سگهيو ٿي ۽ جتي پٿر جي گهاڙ ۽ چنسالي، واري اُڪير واري فن جون پراٽيون روايتون موجود هيون. اها بہ هڪ فطري ڳالهه هئي، جو پٿر جي گهاڙ جو ڪم ان دور ۾ بہ هلندو رهيو. پراٽين ۽ مضبوط روايتن اجا بہ وڌيڪ ترقي حاصل ڪئي. وقت جي گهرج پٽاندر ان فن ۾ نيون تبديليون آنديون ويون. ان ڏس ۾ پٿر جي اڏاوتن ۾ ڪجهه نئون واڌارو يا سڌارو ڪونہ ٿيو ۽ پراڻن اڏاوتي اصولن پٽاندر جڳهون ٺاهيون ويندیون هيون. جڏهن تہ قبائين اڏاوت ۾ ڪجهه سڌارو ۽ نواڻ آئي ۽ پت جي مٺاڇري جي جترڪاريءَ واري خوبصورتيءَ ۾ بہ جتي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پٿر جي اُڪير جا ڪيترائي نمونا ڪاشيءَ جي سرتي نظر اچن ٿا ۽ ڪٿي ٻيڪي جترڪاريءَ کي گلڪاريءَ واري جترڪاريءَ مٿان حاوي ڏسون ٿا. قبرن مٿان تراکڙي پٿرانهين لوڙهڻ رکڻ ۽ سيراندیءَ کان جوئنن جو نئون رواج پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ان دور جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن شهنشاهه اڪبر سنڌ فتح ڪري ان کي پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو، تہ ان دور کان پوءِ اسان ترخانن کي مغلن جي اطاعت ۽ سندن نوڪري قبول ڪندي ڏسون ٿا. هيءُ اهو زمانو هو، جو ترخانن کي سنڌ کان ٻاهر گورنر ڪري مقرر ڪيو ويندو هو. ترخانن ان دور ۾ عمارتي فن ۽ ڪاريگري ٻاهران کان نٽي اندر آندي. قبائين تعمير ۾ نواڻ، مرزا جاني بيگ ۽ طغرل بيگ جي مقبرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. پر انهن ٻنهي کان وڌيڪ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو قبو اهم آهي، جنهن کي مغل دور ۾ دکن جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. ان مقبري جي تعمير جو بنياد گجراتي اڏاوتي نموني تي آهي. چنساليءَ واري اُڪير جو گهڻو تٽو نمونو مڪاني سنڌي ڪاريگرن ۽ هنرمندن وٽان اختيار ڪيو ويو آهي. جيڪو اڳ ۾ ئي هتي پنهنجي مضبوط ۽ پختي بنيادن سان موجود هو.

پٿرانهين اڏاوتن تي لکڻ کان اڳ انهن کي هينئين پاڳن ۾ ورهايون ٿا:

---

* 1520ع کان 1593ع تائين ارغون ۽ ترخان حاڪمن جا يادگار جوڙايل آهن. جڏهن تہ ان کان اڳتي 1612ع تائين مُغل حاڪمن طرفان ترخانن کي غير حاضر گورنر جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو ويو. ان ڪري ليڪ کين جاگيردار لکندي سندن تعميرات جو تذڪرو ڪري ٿو. (سنڌيڪار)

(الف) (1) هڪ قباوان هر چورس مقبرا

(ب) مقبرن جي چوڏاري ڪوٽ

(2) مرزا عيسيٰ پهرئين جو مقبرو
(3) امير سلطان محمد جو مقبرو
(4) مرزا سليمان جو مقبرو
(5) مرزا صالح جو مقبرو
(6) مرزا باقي بيگ ترخان جو مقبرو
(7) هبشاد بائي (اهنسا بائيءَ) جو مقبرو

(ج) چٽيدار مقبرا

الف: اناس اڏاوتون

(8) بديع الزمان جي مقبري پرسان مقبرو
(9) بديع الزمان جو مقبرو
(10) مرزا عيسيٰ پهرئين جو ڪوٽ اندر مقبرو
(11) سلطان ابراهيم خان جي مقبري جي اولهه ۾ مقبرو

ب: چؤرس اڏاوتون

(12) سلطان ابراهيم خان جي مقبري جي ڏکڻ طرف مقبرو
(13) عبدالله شاهه اصحابيءَ جي زيارت گاهه کان اولهه پاسي مقبرو

ت: چٽيءَ وارا مقبرا ۽ پٽ واري مسجد

(14) مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي هڪ گمنام مقبرو
(15) طغرل بيگ جو مقبرو

د: قبرن جا پٽراوان لوڙهت (Cenotaphs)

(16) پٽرانهون لوڙهت، جنهن مٿان مور ۽ شمشاد وڻ جي طرز جي چٽن واري اُڪير آهي
(17) چوڪنڊي نموني جي قبر
(18) جان بابا جو مقبرو
(19) مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو

بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي، ته ارغونن سنڌ تي 1520ع کان 1555ع تائين هڪ مختصر مُدت حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ سندن دلچسپي ٺٽي کان وڌيڪ قندار ۾ رهي. ٺٽي ۾ ڪنهن به ارغون جي قبر نٿي ملي. تنهن ڪري ان دور سان لاڳاپيل ڪوبه يادگار هتي موجود ڪونهي. البت هڪ نئين ڍنگ جو پٽرانهون قبو ضرور موجود آهي، جيڪو ڪنهن گمنام ماڻهوءَ سان واسطو رکي ٿو، جنهن ۾ حقيقي گول ونگ هجڻ جي ثابتي ملي ٿي (نمبر 72). ان جي ڪنڊن تي (نمبر 73) محراب به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڳيءَ ريت مٿئين حصي جي اناس واريءَ صورت کي چڏي قبي جي تعمير ۾ پراڻي اڏاوتي طرز استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سرن جي چوڏاري بار جي چلي جهڙي گولائيءَ کي سرن جي هر ٻئي بار جي گولائيءَ سان ڏيکيو ويندو آهي. پر ان قسم جي تعمير هر چورس اڏاوت تائين محدود آهي. قبي جي سڄي اڏاوت گهٽو ڪري اناس جي ٻڌايل محرابن مٿان ڪئي ويندي آهي ۽ قبي جو سڄو سارو بار انهن مٿان رکيل هوندو آهي يا وري گڏيل قسم جون ونگون هونديون آهن، جيڪي قبي جو بار کڻنديون آهن. پراڻي قسم جا قبا سرن جي پراڻي طرز جي تعمير سان

واسطو رکن ٿا. پر قبن جي پوئين دور جي طرز اڏاوت گجرات جي اڏاوتي اثر سان لاڳاپو رکي ٿي. قبر جي مٿان مور پکيءَ جي سنجڻي تصوير جي طرز هتان جي نج سنڌي طرز آهي. پر سروَ وڻ واري چٽسالي جي طرز باهران کان هتي آيل آهي. ان ڏس ۾ مرزا جان بابا جو مقبرو سنڌي اڏاوتي فن جو ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو گجراتي فن جو نمونو آهي. سنجڻ جي جهجهائي اثر - اولهه جي پاسي سان واسطو رکي ٿي. جهڙوڪ: آکڙي چٽسالي طرز هيٺ لڙکندڙ کورون گڏوڇڙ اوپڙ واري طرز (Arabesques) ۽ ڏندائين ونگون وڏي اهميت رکن ٿيون. ساڳئي وقت قبي جي تعمير جو بنياد حقيقي گول ونگ بڏڻ جي هنرمنديءَ تي مدار رکي ٿو.



تصوير 72 - ارغون دور جو هڪ مقبرو، جنهن بابت ڪا ڄاڻ نه آهي، نه اهو ڪنهن تعمير ڪرايو ۽ منجهس ڪير دفن آهي؟ هن تعمير ۾ ونگ سان لنگهه آهي، جيڪو پٽ جي ڪم جي مدد سان جوڙيو ويو آهي. هن لنگهه جي ٻنهي پاسن ڪان پٽ ۾ گهرو اڪيريل هڪ هڪ جارو آهي. هن مقبري جي تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

تصوير 73 - هڪ قديم دور جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن ۾ ڪنڊن تي محراب جوڙي تعمير ڪي اٺ ڪنڊي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن مقبري ۾ اندرئين پاسي اڪير جو فقط هڪ نمونو آهي، جنهن ڪارنس Cornice کي وڏيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي.



تصوير 74 - ساڳي تعمير جي باهرئين پاسي اڌ جيترو مٿي اوڀائي تي اڪيريل پٽرن جي هڪ قطار آهي، جنهن ۾ ڪجهه ولي تي اڪيريل چٽسالي وارو پٽ ڪتب آندو ويو آهي. اهڙي اڪير نه ابتدائي سما دور ۽ نه وري پوئين ترخان دور ۾ نظر اچي ٿي.

(الف) هڪ - قبائون هم چورس گنبد مقبرو

هيءُ مقبرو شيخ جيئي جي مقبري جي اتر ۾ پرپرو اڪيلائيءَ ۾ آهي. جڳهه سڄي ساري پٽر مان جوڙي وئي آهي. شڪل صورت ۾ (نمبر 72) هم چورس آهي ۽ هن جو هر پاسو 31 فوٽ 2 انچ آهي. چئني پاسن کان ونگ سان لنگهه اٽس. سما دور جي عمارتن جيان هن ونگدار لنگهه ۾ پٽر جو چوڪاڻو اهڙيءَ ريت جوڙايل آهي. جو سردر مٿان به ونگ سان هڪ دري آهي. سڀ ونگون پٽر جي چپر جهڙن ٽڪرن سان اوساريءَ ڪري جوڙيون ويون آهن ۽ اهي ويڪريون ۽ سما دور جي سينڊ ونگ کان بلڪل نياريون آهن. لنگهه واريون ونگون ٽورو باهر تي نڪتل ويڪرن چوڪنڊي ۾ نهيل آهن. ونگ جي هر پاسي کان پٽ ۾ پينل ونگن سان خانا آهن. بنيادن جي سنوت (نمبر 74) سان هيري ڪٽين جي لائڊ حاشي تائين آهي. ان کان مٿان سنڊڻ جي اُڪير جي قطار آهي. جنهن ۾ هم چورس ماپ جا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هر خاني ۾ جدا طرز جي چٽن واري اُڪير آهي. پهرئين ۾ ايريل چوڙسا آهن. جنهن جي وچ تي مُنڪو (Boss) آهي. تنهن کان پوءِ لڪدار چوڙسا آهن. هن طرز کي به پيرا اڳتي ٻ ورجايو ويو آهي. ٽئين خاني ۾ هڪ ونگ آهي. جنهن جا هينيان پاسا مٿي وريل آهن جڏ گل لاڙ جي تصوير ٻڌجي پئي آهي. چوٽون چئن پنکڙين وارو گل آهي. پنجين جي وچ تي مانڊاڻيءَ واري نشان جي مرڪز تي گل اُڪيريل ٽو ڏسجي. آخريءَ ۾ ڏاڪيدار مانڊاڻيءَ جي طرز واري چٽسالي آهي. اها هڪ حيرت جي ڳالهه آهي ته سورج مکيءَ ۽ گلاب جو گل جيڪي سما دور جي چٽسالين ۾ عام جام اُڪيريا هئا. سي هتي بلڪل غائب آهن. اندرئين پاسي ۾ ٻ وڏي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪُنڊاوان محراب (نمبر 73) جيڪي پيڙهه جي اوساريءَ کان ٽورو مٿان. مٿي کڄن ٿا. سي سڄي اندرئين صفي کي اناس ۾ بدلائي ڇڏين ٿا. تنهن کان پوءِ ڪنڊن تي وڌيل پٽرن جون گهوڙيون آهن. جيڪي هنيل ٽيڪن ۽ سر درن کي وڏو ٽيڪو ڏين ٽيون. جنهن کان پوءِ اناس سورهن پاسن ۾ بدلجي وڃي ٽو. سردرن تي فقط هڪ ئي قسم جي هم چورس ۾ چئن پنکڙين واري گل جي اُڪير جي هڪ لائڊ آهي. قبو هينئر ته ڪري تباهه ٿي چڪو آهي. پر اُهو اڃ ضرور چگو وڏو هوندو.

سنڊڻ جي ڪوٽ هڻڻ ڪري جڳهه لَسي ۽ ٻُسي لڳي ٿي. پٽين جوڙڻ جو عام طريقو اهو آهي. ته وڏن چوڪنڊن پٽرن جا داڙا گاري گچ کان سواءِ هڪ ٻئي جي مٿان رکي پٽ جوڙي ويئي آهي. ڪاريگريءَ جي طريقي ۾ هڪ بنيادي تبديلي نظر اچي ٿي. سيني حقيقي ونگن جي تعمير واسطي چپراون پٽرن جي الڳ اڏاوت موجود آهي. جيڪا حاشي جي پٽرن واري بار جي مٿان پنهنجي جدا صورت ۾ شروع ٿئي ٿي. ان ۾ استعمال ٿيل پٽر ننڍا آهن. ننڍن پٽرن جي بارن مٿان واري سان چوڪنڊا ڊگها پٽر پڻ رکيا ويا آهن. حقيقي ونگ ۽ حقيقي ڪنڊائين محراب جي اڏاوت لاءِ هڪ نئون طريقو پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي. ته پٽر جي جاين ۾ اڏاوت جو اهو طريقو استعمال ڪرڻ ڪيو ويو آهي. شايد ان ڪري جو هتان جا ڪاريگر ان طريقي کان پوري طرح واقف نه هئا. جو اهڙا يادگار تعمير ڪري سگهن. جڏهن ته اهڙي قسم جي تبديلي سرن جي عمارتن ۾ ضرور نظر اچي ٿي.

(ب) مقبرن جي چوڌاري ڪوٽ

مرزا عيسيٰ خان ترخان I جو مقبرو

مرزا عيسيٰ خان ترخان I گهراڻي جو پهريون حڪمران هو. هو 963هـ مطابق 1555ع ۾ اقتدار ۾ آيو ۽ 973هـ مطابق 1565ع ۾ سندس وفات ٿي. ڪيس مڪلي ٽڪريءَ جي ڪناري تي. عبدالله شاهه اصحابي جي مقبري جي اوپر ۾ هڪ ڪوٽ اندر دفنايو ويو. سندس مقبري تي پٽر جي چٽسالي واري اُڪير جو ڪم ٺٽي جي چترڪاريءَ جي ڪم کان بنهه نيارو ٿيل آهي. سما خاندان جي زوال کان پوءِ اها هڪ وڏي تبديلي هئي. پٽر جي اُڪير جي ڪم ۾ هڪ نئون لاڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳئي وقت قبرن جا چٽيل پٽراوان لوڙهڻ ۽ چوڻڻ پڻ نئين نموني جا آهن.

مقبري جو ڪوٽ (خاڪو 2) نقشي ۾ چوڪنڊو آهي. جنهن جا سامهون وارا پاسا 98 فوٽ 3 انچ x 78 فوٽ 10 انچ

آهن. اولهه واري پٽ ۾ محراب واسطي ڪجهه اناس جهڙي شڪل آهي. اوپر پاسي واري پٽ ۾ وچ تي، پنجن ڏاڪن تي ٻڏل هڪ ڏاڪڻ آهي، اهو ڪوٺ ۾ اندر اچڻ جو اڪيلو لنگهه آهي. جيڪو ڪجهه مٽيرو بنايو ويو آهي. هن موڪري چوڌيواري اندر قبرن جا ڪيترائي مچلا آهن. وچ تي اُڪيريل پٽرن سان هڪ ڪوٺ آهي، جنهن کي پنهنجو هڪ خوبصورت چٽن سان اُڪيريل محراب آهي. اتر - اوپر ۽ اتر - اولهه وارين ڪندن تي هر چوٿرس ماپ جا ڪوٺ آهن، جن جي هر پاسي جي ماپ (15 فوٽ 6 انچ ۽ 13 فوٽ) جدا جدا آهي. اهڙيءَ ريت مٿي ٽلهي تي قبرن جا چار مچلا آهن. آخر ۾ هڪ چٽيءَ وارو اٽ ٽنيائون مقبرو آهي، (تفصيل لاءِ هيٺ ڏسندا) جيڪو هن موڪري ڪوٺ جي اندر وچ تي، وچولي ننڍي نڪتل چوڌيواريءَ ۾ ڏکڻ - اولهه طرف آهي.



خاڪو 2. عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوڌيواري جو نقشو جنهن جي وچ تي مرداڻين قبرن جي چوڌاري پٽ ڏني وئي آهي. جنهن اندر پهرئين ترخان حڪمران جي پٽ قبر آهي. ان جي ڏکڻ اولهه طرف اٽ ٽنيي چٽي واري قبر آهي. جڏهن ته اتر اوپر پاسي زنانين قبرن جي چوڌيواري ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو تعلق 1572ع سان آهي.

لکت جي اُڪير[1] ڪوٺ جي مکيه دروازي تي ٽيل آهي. جيڪا وچ وارن ڪوٽن جي پٽين ۽ مقبرن تي به ٽيل نظر اچي ٿي. مرزا عيسيٰ ترخان جي قبر جي چوڌاري، قرآن شريف جي آيتن کان سواءِ، ڏگها فارسي بيت پڻ سهڻي خطاطيءَ ۾ اُڪيريل آهن. جن مان مسلمانن جي ايندڙ حياتي متعلق ويساه ۽ مرزا عيسيٰ I جي وفات جي تاريخ جو به پتو پوي ٿو. ان اڏاوت ۾ هڪ من موهيندڙ هر چورس ڪوٺ آهي، جنهن جي هرپاسي جي ماپ 29 فوٽ 5 انچ آهي. وچ تي 6 قبرون آهن. مکيه عيسيٰ خان ترخان I جي آهي. به قبرون بارن جون آهن. باقي قبرون وڏن سان لاڳاپو رکن ٿيون. هن ننڍي چوڌيواريءَ ۾ اندر وڃڻ لاءِ، ڏکڻ پاسي کان ڏاڪن جي چاڙهي آهي. لوڙهه جا پٿراوان لوڙهڻ درجي وار ماپن جا آهن ۽ هڪ ٻئي مٿان اهڙي ترتيب سان رکيا ويا آهن. جو قبر چوڌاري جڏ ته ڏاڪن ۾ ورڇي پئي آهي ۽ صفا مٿان واري ٻُڌي صندوق جيان ڇوڪُندي آهي. مٽيون ۽ پاسن وارو مٽاڇرو ليٽيل ۽ اُڪير جا چٽ اپين زنجير جهڙين طرزن وسيلي خانن ۾ ورهايو ويو آهي. هرهڪ خاني ۾ لکت موجود آهي. مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي ڇوڪُندي ٻُڌيءَ جي هيٺان قبر جي پٽرانهين لوڙهڻ تي سنجٽ ۽ سونهن آڻڻ لاءِ ليکون نڪتل آهن. ان کان وڌيڪ اهميت وارو مٽن کان لڳل ڇوٽنو آهي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو. ته جڏ کا ڏياڻي جڙيل (Lamp-post) آهي. پٽر چٽن سان اُڪيريل اٽس. مٽان چوٽيءَ تي پڳ جيان پر ڪجهه اڇيري طرز تي تاج جي چٽسالي ٽيل آهي. ڪوٺ واريءَ پٽ جي مٽان به ڏاڍي سنجٽ واري اُڪير ڪيل ڏسجي ٿي. اولهه پاسي کان محراب ناهيل اٽس. اندرئين پاسي کان پٽيون جافري نموني جي درين ۾ ونگدار خانن ۾ ورڇيل آهن. خانن

کي جدا جدا رکڻ واسطي وچ تي اُپيءَ طرز تي چترڪاري ڪيل آهي ۽ اڻ چٽيءَ اوپڙ جي نموني تڪ ٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. معلوم ائين ٿئي ٿو، ته ڇڻ ته اُڪير جي هيءَ طرز ڪاشيءَ جي سر جي گل ٻوٽي جو ڪو نقل آهي. هرخاني جي ونگڙ ۽ نُڪرن تي گلن جون تصويرون چٽيل آهن. ڪوٽ واريءَ پت مٿان ڪنگرا هنيا ويا آهن. مٿئين چيڑي وٽ ڏورين جهڙي طرز جي گڏيل سڌيل اُڪير جي چٽساليءَ جون ٻ قطارون آهن. محراب جي چوڪاڻي وٽ اڌاوت ڪجهه مٽي اپريل آهي. ٻنهي چٽساليءَ واري اُڪيرن جي وچ تي پت تي چوڌاري عربي لکت آهي. محراب جو مٿيون پاسو اڃا ٻه وڏيڪ مختلف چٽن جي نمونن سان سينگاريل آهي. ٻنهي پاسن کان سامهون سنڌي طرز جا پاوا لڳل آهن.

امير سلطان محمد جو مقبرو

مقبري تي خطاطيءَ ۾ اُڪيريل لکت موجب امير سلطان محمد پٽ امير حاجي بيگ مغل وفات 963هـ مطابق 1556ع* . هيءَ مقبرو، سلطان ابراهيم جي وڏي ڪوٽ اندر هڪ ننڍي ڪوٽ ۾، عبدالله شاهه اصحابي جي مزار جي ڏکڻ ڏانهن آهي. اهو ڪوٽ (نمبر 75) پنهنجي نقشي ۾ هم چورس آهي ۽ اولهه پاسي کان محراب جو وڌاوڙو ڏنل آهي، مٽيري هجڻ ڪري. اندر وڃڻ لاءِ ڏکڻ طرفان ٽن - ڏاڪي چاڙهي ٻه ناهيل آهن. لنگهه واري اڌاوت چوڪنڊي آهي. ڏنل اولي جي مٿان سونهن ۽ سنجٽ خاطر ڪنگرا رکيل آهن. پٽيون لسيون ۽ سادين آهن، پر منجهن ونگن تي دريون جوڙيون ويون آهن، جيڪي چوڪنڊي اڌاوتن ۾ اندر تي هنيل معلوم ٿين ٿيون، جاري جهڙي اليڪي طرز تي جافري استعمال ٿيل آهي، جنهن مان آر پار نظر پوي ٿي. محراب جو اندرين پاسو بنهه سادو آهي. ٻنهي پاسن کان



تصوير 75 - امير سلطان محمد جي مقبري جي چوديواري، جنهن جي محراب ۾ جاري واريون دريون ۽ ٻنهي پاسن کان سامهون پاوا رکيل آهن. هن تعمير جو دور 963 هـ ۽ 1556 عيسويءَ آهي.

پاوا لڳل ائس. ڪوٽ جي وچ تي فقط هڪ قبر موجود آهي، جنهن جي سيراندين کان هڪ چوڻنو لڳل آهي، جنهن تي سوڙهيءَ وٽ سان عربي لکت[2] آهي. هينري ڪزنس،[3] ابراهيم خان جي هن مقبري کي غلطيءَ وچان نواب امير خالد خان ڏانهن منسوب ڪري ٿو.

---

* ڪتاب ۾ مختلف هنڌن تي هجري سالن کي مختلف عيسويءَ سالن سان پيٽيو ويو آهي.
(سنڌيڪار)

مرزا سليمان جو مقبرو

هيءُ مقبرو. پٽرن جي هڪ ٻسيءَ چوديواريءَ اندر آهي (خاڪو 3). هڪ پاسو 94 فوٽ 7 انچ ۽ ٻيو پاسو 68 فوٽ 4 انچ آهي. تري ۾ پراڻ پيل اٽس. چوڪُنڊي درن وارا لنگهه. ڏکڻ ۽ اوپر طرف پٽين جي وچ تي لڱل آهن. محراب اولهه واريءَ پت سان تعمير ٿيل آهي. محراب سادو آهي. اندرئين پاسي کان سندس ترتيب ڪجهه اناس جهڙي آهي. اُپيءَ طرز تي سيٽ ونگ اٽس. سنجٽ ۽ سونهن واسطي محراب جي سامهون ٻنهي طرفن کان سنڌي طرز جا پاوا لڱل آهن. ڪوٽ جي وچ تي ڪجهه مٽيري چوڪُنڊي دڪي آهي. ماپ 48 فوٽ 10 انچ X 36 فوٽ 4 انچ. اوچائي 4 فوٽ 2/1-6 انچ آهي. اندر پهچڻ لاءِ ڏکڻ ڏس کان ڏاڪن تي ٻڌل هڪ چاڙهي آهي. ان ٽلهي تي ڪل 13 قبرون آهن. وچ واري مکيه قبر (نمبر 76) مرزا سليمان جي آهي. نقشي ۾ چوڪنڊي ۽ ٻ ڏاڪي آهي. قبر جي سيراندي ڪان چوٽنو اٽس. امڪان آهي. ته اهو ڏيائيءَ جو ڪم ڏينڊو هوندو. چوٽيءَ تي پڳ جيان ڪلنگي ٻ اٽس. هن چوٽني ۾ ٻاهر تي نڪتل ونگ سان هڪ خانو آهي، جنهن جي ٻنهي طرفن کان اپريل طرز (High relief) ۾ گلاب جو گل اُڪيريل آهن. چوٽني جا پاسا ٻ اُڪيريل آهن. مٿن قرآني آيتن جي لکت ٻ موجود آهي. تاريخي لکت[4] جي پڙهڻي هن ريت آهي: مرزا سليمان پٽ مرزا عيسيٰ وفات 964هـ مطابق 1557ع. ٻيون سڀ قبرون هڪ جهڙيون آهن. سندن پر ۾ چوٽنا ٻ ڪُتل ڪونه آهن ۽ پاسن تي سنهي وَٽ سان اُڪير ٿيل آهي. ڪنارين تي ڊگهيءَ طرز جي لکت ٻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مرزا سليمان جي پٽرائين لوڙهٽ تي مٿئين پاسي سبب سيراندي ڪان ڪلمو لکيل آهي. وچ تي ڪلمي واري جاءِ تي اوپڙ اُڪير جي گڏيل وڇڙيل طرز آهي. لکت جو تاريخي حصو، سيراندي ڪان اوپڙ طرز واري ڪناري سان هڪ هر چورس کي دائريدار وٽ ۾ رکيو ويو آهي. اهو ضروري معلوم ٿئي ٿو. ته انهن قبرن تي موجود اوپڙ طرز جي چٽسالي جو ذڪر ڪيو وڃي. سما دور جي اوپڙ طرز جو نمونو ئي نيارو هو، جيڪو مسلمانن کان اڳ واري دور جي سنڌ جي يادگارن تي ٿيل چٽسالي، واري اُڪير سان گهٽ لاڳاپو رکي ٿو.



خاڪو 3. مرزا سليمان پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي قبر جي چوديواري جو نقشو. جنهن جي وچ تي مٽيءَ جو ٽلهو ناهيو ويو آهي. ان ٽلهي تي ڪيترين ئي قبرون ڏسجن ٿيون. مرزا سليمان جي قبر جي سيراندي، کان هڪ اوجو پٽر نصب ٿيل آهي. امڪان آهي. ته اهو ڏيائي جو ٻ ڪم ڏينڊو هوندو. سندس وفات جو سال 1557ع آهي.



خاڪو 4. مرزا محمد صالح جي قبر جي چوديواري جو خاڪو. جنهن ۾ مٽيءَ جو پراڻ وجهي ٽلهو ٺاهيو ويو آهي. هن چوديواري اندر ٽي مُکيه قبرون آهن. جيڪي پٽر سان جڙيل آهن. مرزا محمد صالح جي قبر تي به ڏگها پٽر لڳل آهن. جن مان هڪ سيراندي ۽ ٻيو پاسي کان آهي. هن 1563ع ۾ وفات ڪئي هئي.

پر هتي پن ول واري اوپڙ طرز ونگوڙيدار آهي. جيڪا پورو گول دائرو نه ٽي ٻڌائي. ان طرز ۾ ٽارين سان ٽن پنکڙين وارو گل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هيءَ طرز مختلف نمونن تان ورتل آهي. هرات جي هنر ۽ فن تان ورتل پاڻجي ٽي. ان قسم جي چترڪاري ان دور ۾ عام جام ملي ٽي. اهڙي ورن جون اُڪيرون نه ته اُپريل آهن ۽ نه وري ڪوڪيون آهن. پر مٽاڇري جي سنوت کان ٿورو اڻ لکي نموني جي اُڪير ڪيل آهن.

مرزا صالح جو مقبرو

ان مقبري جو ڪوٺ مرزا عيسيٰ خان ترخان I ۽ باقي بيگ ترخان جي مقبرن جي وچ تي، عبدالله شاهه اصحابي جي اوپر طرف ۽ مکليءَ جي بلڪل ڪناري تي آهي. ڪوٺ (خاڪو 4) جي ماپ 72 فوٽ X 61 فوٽ 7 انچ آهي. اولهه واريءَ پٽ ۾ محراب اٽس. اندر پراڻ پيل آهي. اندرئين پاسي ٽلهي جي ماپ 44 فوٽ 5 انچ X 29 فوٽ آهي. جنهن تي ٽي قبرون آهن. وچئين قبر ميان صالح جي آهي. تاريخي لکت فارسي ۾ آهي.[5] پڙهڻي هن ريت اٽس:

"حضرت شهزاده عالميان، شهيد، سعيد الواصل الجوار الملڪ المنان، مرزا محمد صالح ترخان بن علي حضرت جنت مکاني الواصل الجوار الملڪ الرحمان مرزا محمد عيسيٰ خان ترخان" - وفات 23 شعبان 970هـ/1563ع.

جيتوٽيڪ مرزا صالح کي 970هـ ۾ قتل ڪيو ويو هو. پر مقبرو سندس پيءُ عيسيٰ ترخان جي موت (973هـ/1565ع) کان پوءِ تعمير ڪيو ويو. قبر واري ٽلهي کي گلن جي ڇٽسالي‌ءَ واري اُڪير جي قطار سان سينگاريو ويو آهي. هر هڪ گل ور وکڙ طرز جي گولاين ۾ هيٺ مٽي ڪري ڇٽيو ويو آهي. اها طرز مانڊاڻي نموني کان هينان آهي. مقبري جي اڏاوت وڏي اهميت جوگي آهي. مرزا صالح جي وچين قبر (نمبر 77) جو هينيون پٽرائون لوڙهت گهٽ اوچائيءَ واري ڏکيءَ تي جوڙيو ويو آهي. مٽئين پاسي واري لوڙهت جو پٽر بن طبقن تي جُڙيل آهي. مٽئين ڇوڪندي بنيءَ

واري پٽرانهين لوڑهٽ تي ٻه خوبصورت اُڪيريل سَنگينون رکيون ويون آهن. هڪ پيراندي‌ءَ کان ٻي سيراندي‌ءَ کان آهي. انهن سنگينن کي ڪنڊن تي تابوت جيان پاوا آهن. هينئين پٽرانهين لوڑهٽ کي ليٽيل سنوت ۾ چهه اُڪيريل خوبصورت قطارون آهن. وچئين قطار وڏي اهميت واري آهي. جنهن ۾ جهالردار (Lobed) ونگن جي لائڊ آهي. هرهڪ ونگ الڳ آهي ۽ جنهن تي گل



تصوير 76 - سلطان سليمان پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي وانگاڻي اندر قبرن جا پٿر جو ڪتبو سلطان سليمان جي قبر جي سيراندي‌ء هڪ اوچو پٿر نصب ٿيل ڏسجي ٿو. جنهن ۾ ونگائون جاروَ آهي. شايد اهو چراغ پاري رکڻ لاءِ ڏياڻي‌ءَ طور تعمير ڪيو ويو هوندو. ان جي مٿئين پاسي تاج Crown جي اُڪير ڏسجي ٿي. سلطان سليمان 1557ع ۾ وفات ڪئي هئي.



تصوير 77 - مرزا صالح پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوديواري‌ءَ اندر پٽر جون قبرون. معلوم اٿين ٿئي ٿو. ته جنهن قبر لاءِ پاسي سان ٻه ڊگها پٽر جا ڪتبا ڪُتل آهن سا مرزا صالح جي آهي. قبر کي چڻن ڪنڊن تي پاوا لڳل آهن. هن 970 هـ/1563ع ۾ وفات ڪئي هئي. هتي هڪ ٻي ٻه قبر آهي، جنهن کي چڻن ٽي ڪنڊن تي پاوا لڳل آهن. شايد اها مير زاهد محمد ترخان جي آهي جنهن 966 هـ/1559ع ۾ وفات ڪئي هئي.

واري چٽسالي اُڪيريل آهي. (Lobed) ونگن جهڙو چٽ سما دور ۾ ڪونہ ٿو ملي. سڀ کان مٿي گول دائري واري طرز آهي، جيڪا پراڻي آهي. اهڙي قسم جي طرز سمن جي يادگارن ۾ ڏني وڃي ٿي. سڀ کان مٿيون چوڪنڊو پٽرانهين لوڑهٽ تن ليٽيل ۽ هڪ اُڀي‌ءَ ليڪ سان چهن خانن ۾ ورهايو ويو آهي. هرهڪ خاني ۾ عربي لکت نظر اچي ٿي. سيراندي ۽ پيراندي‌ءَ وارا چوڻا تن موڙن واري ونگ وٽ ختم ٿين ٿا. جن جي هرهڪ مهاڙي‌ءَ ۾ گل چٽ جي اُڪير ٽيل آهي. ڪجهه هيٺ پرو، بن ليڪن مهاڙي‌ءَ کي تن پاڳن ۾ ورهائي چڏيو آهي ۽ هر هڪ پاڳي ۾عربي لکت موجود آهي. ساڄي پاسي تي ٻئي نمبر واري قبر، نموني ۽ طرز ۾ وچين‌ءَ وڏي‌ءَ قبر جو هوبهو نقل آهي. اها بي ڳالهه آهي، ته ڪيس سيراندي ۽ پيراندي‌ءَ وارا پٽر ڪونہ آهن. باقي هينئين پٽرانهين لوڑهٽ تي تابوت جيان بونبا ضرور آهن. سنجٽ ۽ سونهن واريون اُڪيرون ٻہ نياريون آهن. ڪابي پاسي کان ٽئين نمبر قبر اڻ پوري آهي. ان تي سنجٽ ٻہ اڻ پوري ٽيل آهي. مٿانئس تابوت جهڙي شڪل صورت ٻہ ڪاٺ رکي ويئي آهي. ڏکڻ - اولهه واري پاسي تي ٻيو ٽلهو آهي، جنهن تي چٽسالي‌ءَ واري اُڪيريل پٽر سان ٻہ قبرون نظر اچن ٿيون.

هن ڪوٽ جي ٻاهران پٽر جون ٻہ قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن تي چوڻنا پڻ لڳل آهن.

مرزا باقي بيگ جي مقبري جو ڪوٽ

مرزا باقي بيگ جي مقبري جو ڪوٽ (خاڪو 5)، عبدالله شاهه اصحابي جي مزار جي سڌو سنئون ڏکڻ ۾ آهي. اهو وانگاڻو پٽرن جي ننڍي‌ءَ پٽ تي بڌل آهي، جنهن کي ڏکڻ پاسي کان سادو لنگهه نهيل آهي. ٻاهرئين وڏي ڪوٽ جي ماپ هن ريت آهي: ڏکڻ ۾ اتر وارين پٽين جي ماپ 138 فوٽ ۽ اولهه ۽ اوپر وارين پٽين جي ماپ 130 فوٽ آهي. اولهه واري پٽ ۾ ٻہ محراب جوڙيل آهن. ان وڏي ڪوٽ اندر ٻيون ٻہ چوديواريون آهن. مرزا باقي بيگ جي اصلي ڪوٽ جو وانگاڻو 25 فوٽ ساڌا 7 انچ x 25 فوٽ ساڌا 5 انچ اندر آهي. ان کي اتر طرف کان مرداڻو ڪوٽ 68x95 فوٽ 8 انچ ڏئي وڌايو



خاڪو 5. مرزا باقي بيگ جي پٽ سان ٺهيل مقبري جي چوديواري جو خاڪو. جنهن ۾ اندر ننڍڙيون چوديواريون آهن. مرزا باقي بيگ جي قبر هر چورس آهي جنهن جي چوڌاري پٿ ڏني وئي آهي ۽ اها قبر چوديواري وچ تي ڏسجي ٿي. هن جي اتر پاسي سندس خاندان جي ٻين ماڻهن جي قبرن جي چوديواري آهي. اتر ڏانهن مرزا باقي بيگ جي قبر جي اوپر پاسي مرزا بديع الزمان جي قبر آهي. جيڪا اٺ ٿنڀي چٽسي هيٺيان آهي. هن 1562ع ۾ وفات ڪئي هئي. هن چوديواري جي اولاهين پٽ پرسان هڪ گمنام قبر آهي. جنهن مٿا اٺ ٿنڀي چٽي ٺهيل ڏسجي ٿي.

ويو آهي. تنهن کان پوءِ ان جي اتر - اوپر طرف کان زنانو ڪوٽ ڏنو ويو آهي. ان زناني ڪوٽ کان ڏکڻ تي ڪجهه پوئين دور سان واسطو رکندڙ چٽين تي بڏل ۽ مقبرا آهن. مرزا باقي بيگ جي مقبري تي فارسي ۾ تاريخي لکت[5] موجود آهي. پڙهڻي هن ريت اٿس: وفات حضرت جنت مکاني الواصل الي الجوار الملک الرحمٰن مرزا محمد باقي بن محمد عيسيٰ ترخان سال 993هـ /1585ع اربع 8 شوال.

مرزا باقيءَ جي مقبري وارو ڪوٽ عام زمين کان 4 فوٽ کن مٿي آهي. اندر وڃڻ لاءِ ڏکڻ پاسي کان ڇوٽ ڏاڪو لنگهه آهي. اولهه پاسي واري پٽ ۾ محراب آهي. ننڍي ڪوٽ تي واري وٽيءَ سان ڇوڪنڊا ونگدار خانا ۽ جافريءَ تي درپون آهن. اتر ۽ اوپر پاسي اهڙي قسم جا ٽي ٽي خانا ۽ ڏکڻ ۽ اوپر طرف ۾ به خانا آهن. اپرندي مهاڙي (نمبر 78) تي، ونگ جي ونگڙ واري حصي ۾ گول گل جي اڪير واري چٽسالي ڏسجي ٿي. پر هيٺ تي اڪڙي نموني تي هيٺ لڙکندڙ چورسا آهن. ساڳيو چٽسالي جو نمونو دروازي جي ڇوڪاڻي تي به ورجايو ويو آهي. هر خاني کي جدا ڪڻ لاءِ وچ تي اُبي طرز جي اڪير آهي. اندرين وٽيون پنج ڦاڪي پن ۽ ان مان نڪرندڙ موڙن سان پريل آهن. سردرن تي ليٽيل طرز جي اڪير اڪڙي



تصوير 78 - مرزا باقي بيگ جي مقبري جي چوديواري جو لنگهه، جيڪو ڇوڪنڊو ۽ اوچو آهي، مٿان ڪنگرا تعمير ڪيل اٿس. هيٺان پٿر جو ڇوڪاڻو لڳل آهي. پاسي وارين پٽين ۾ جافريءَ سان درپون آهن. هن تعمير ۾ خاص فرق واري ڳالهه هيءَ آهي ته اڪير جي طرز بلڪل نئين آهي، جيڪا ترخان دور سان تعلق رکي ٿي. هن 1586ع ۾ وفات ڪئي هئي.

چوڑس لڑکندڑ اُکير موجود کاڌ آهي، پر اٽليءَ جي روايتي منڊيڙي (X) جهڙو چٽ ملي ٿو. جيکو چٽي نموني اُکيريل ڪونہ آهي. سردر جي هيڻان وچئين داپڙي تي هر چورس دائري اندر بہ گلاب گل اُکيريل ملن ٿا. دروازي جي مٿان واري اڏاوت تي باهرئين پاسي ڪرنگهيدار سادن ڪنگرن جي قطار آهي. ان اڏاوت جي مٿئين پاسي عربي لکت جي قطار ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي هيڻان ۽ مٿان آکڙي طرز جي بٽي ڪناري آهي، جيکا عربي لکت سان گڏ ٻنهي پاسن ڏانهن هلندي وڃي ٿي، ان جي هيڻان هلکي ايار ۾ ڏاکيدار طرز وارن چوڑسن جي وچ تي گل جي تصوير اُکيريل آهي. سڄي صورتحال ۽ سنجٹ نئين ٿي لڳي. پٹ جو اندريون پاسو ساڳيءَ طرز جي اُکير سان سينگاريو ويو آهي. اولهہ پاسي، محراب مٿان چوڪُنڊو سردر آهي (پليٹ 22). مٿس اُکير جو نمونو لنگهہ تي ٽيل اُکير جهڙو آهي. ساڳيءَ ريت ڪلنگيءَ طور ڪنگرا بہ رکيا ويا آهن. ساڳي نموني سان عربي لکت ۽ ان سان ڪناريون آهن. عربي لکت جي ٻي قطار هيڻان بہ رکي ويئي آهي. محراب جو نمونو اڌ چوڑس آهي. ان تي آکڙي نموني جهڙي جهالر جهڙي لٽکندڑ اُکير آهي، جن جو تعداد فقط ٽي آهي. ٻنهي پاسن کان سامهون سادا پاوا آهن. ڪوٹ اندر بٹايل ٽلهي جي وچ تي پنج قبرون آهن. کاٻي ڪان ٻئي نمبر تي مرزا باقي بيگ جي قبر آهي. ان قبر جو پٹرانهون لوڑهٹ ترخان نموني جو آهي. جنهن تي ليٽيل سنوت ۾ لکت جون ٽي سٽون آهن. سيراندي ڪان چوٽئو ڪُتل نظر ڪونہ ٿو اچي.

عورتن جي قبرن جي چوديواري ۾ اندر وڃڻ لاءِ لنگهہ بہ سنجٹ ۽ سونهن وارو آهي (پليٹ 23). پٹ کان مٿي هڪ اوچي چوڪنڊي اڏاوت آهي. مٿانئس اولي تي ڪنگرن جي قطار رکي ويئي آهي. دروازي جي چانڻٻ جي وچ تي گول چند (Moon Stone) ٺهيل آهي. سردر جي وچ واري مرڪزي داپڙي تي گل جي تصوير اُکيريل نظر اچي ٿي. باقي ٻين قطارن ۾ چٹسالي ۽ سورج مکيءَ جون طرزون آهن. سردر ۾ ڪنگرن جي وچ تي اُکير جون ٽي قطارون آهن. کين نکيڙي بيهارڻ لاءِ وچ تي پٹيون رکيون ويون آهن. صفا هيڻئين قطار ۾ جهالرن واري ونگن وچ ۾ چٹيل گلن جون طرزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. آخر ۾ ونگن جي قطار آهي، جن جي وچ ۾ بہ گول گل چٹيل نظر اچن ٿا. نکيڙ ڪندڙ پٹيون بلڪل نئين طرز جون آهن. نکيڙڻ لاءِ بہ سنجٹ واريون پٹيون مناسب ڏيگهہ تائين ٻئي پاسي واريءَ پٹ سان گڏ هلنديون وڃن ٿيون. اندرئين پاسي پنج قبرون آهن. مٿن عربي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪوٹ جو اندريون پاسو خاص طور تي پوءِ نئون ملايل ٽکرو بلڪل سادو آهي. پر پراٹين پٹين تي اليڪي ڪناريءَ سان جهالردار ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

سندن خاندداني قبرستان ۾ اندر وڃڻ واسطي اوپر ڏسا کان پٹرانهين در (پليٹ 24) مٿان اڏاوت ٽيل آهي، لنگهہ جي سامهون اولاهينءَ پٹ ۾ محراب ٺهيل آهي. لنگهہ واريءَ اڏاوت مٿان مختلف طرزن جي سنجٹي اُکير ٽيل آهي، جيکا موجوده حالتن پٹاندر چٹسالي جو گڏوڙ طرز جو سهڻو نمونو آهي. ساڳيءَ ريت سردرن کان وڃي مٹين ڪنگرن واري اولي تائين وچ تي بہ عربي لکت موجود آهي ۽ مرڪز ۾ گل جي تصوير چٹيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مٹئين ۽ هينئينءَ قطار ۾ ونگن اندر گل جي ساڳيءَ طرز جي ٽُڪ ٽيل آهي. فرق رڳو اهو آهي، تہ مٹيون ونگون ڪجهہ جهالردار آهن. موجوده در جي چوڪاٹي ۽ ٻين ٻن درن جي چوڪاٹن ۾ فرق اهو آهي، تہ ان ۾ هنر ۽ ڪاريگري تمام گهٹ آهي. اندرئين پاسي سَنجٹي اُکير آهي. باهرئين پاسي ٻنهي پاسن کان پاوا هنيل آهن. ڪوٹ اندر ڪيترين ئي پٹراوان لوڑهٹ موجود آهن. هِٹ ٻن چٹيءَ وارن مقبرن جو بہ ذڪر ڪجي ٿو.

هبشاد (يا اهنسا) ٻائيءَ جو مقبرو

هيءُ قبرن جو هر چورس قسم جو نندو ڪوٹ، مرزا باقي خان ترخان جي مقبري جي ڏکٹ ڏانهن آهي. اندر وڃڻ لاءِ لنگهہ واري در ۾ تہ ڏاکي چاڙهي جُڙيل آهي. ان ڪوٹ جي چٹسالي واري اُکير مرزا باقيءَ جي ننڍي ڪوٹ تي کيل چٹن جهڙي آهي. يعني پٹين تي ونگن سان خانا ۽ واري وٹيءَ تي جافريءَ سان دريون آهن. موجوده حالت ۾ درين جي جافريءَ جا گول دائرا، جن جي وچ ۾ گل ۽ ستارا اُکيريل آهن، هڪ ٻئي کي کاٽا ڪن ٿا، جيکي اُريب وسيلي هڪ ٻئي سان مليل آهن. اندر ۽ باهر هڪ ئي نموني جي چٹسالي سان اُکيريو ۽ سينگاريو ويو آهي. محراب

واري پت (نمبر 79) جي مٿيئين قطار ۾ جهالر واري ونگ ۾ گول گل جي اُڪير ٽيل آهي. ڪناريءَ تي ڇوڙسن ۽ قطرن جي طرز نظر اچي ٿي. محراب جي ونگ تن ڇوڪنڊن ۾ ورهايل حصن واري سردر هيٺان آهي، جنهن جو مٿيون پاسو ديوارن کان گهٽو اوچو آهي. ان تي به ساڳئي قسم جي چٽن جي اُڪير نظر اچي ٿي، جهڙي اسان پاسن وارين پٽين تي ڏسون ٿا. هينئين قطار ۾ جهالر واري ونگن جي اُڪير ٽيل آهي، جيڪي واري وٽيءَ سان هڪڙيون ابتيون ۽ ٻيون سبتيون آهن. ٽينءَ قطار ۾ هڪ نئون تاثر آهي، جن مان ڪي مختلف ماپن جي گول گلن جي ليٽيل سنوت ۾ ته ڪي اُپي نموني ۾ اُڪيريل آهن. محراب جي چوڻير تن ٻيهڪن ۾ مخلف قسمن جون اليڪي ۽ امليڪي طرزون چٽيل آهن. اڏاوت جي اندرئين پاسي ڏاڪڻ نما چوڑس آهن، جن مان هر هڪ تي گل جي تصوير نظر اچي ٿي. ان کان پوءِ گلن جي هڪ قطار آهي. جيڪي شڪل صورت ۾ هڪ ٻئي کان نيارا آهن. محراب اڻ ڪُنڊيءَ جي اڌ شڪل جهڙو آهي، جنهن ۾ اڪڙي طرز جي ونگ ۾ نئينءَ طرز ۾ چٽيل گل آهي. محراب جي پاسن ۾ پاوا ڪونه لڳل آهن. ٽلهي تي ترخان اڏاوتي نموني جون ٻه قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن جي لکتن مان 994 هـ /1586ع ۽ 1000هـ /1592ع جون تاريخون ظاهر ٿين ٿيون.

چٽيدار - مقبرا

(الف) اناس اڏاوتون

انهن مقبرن وارين چٽين جي طرز پراڻي آهي، پر منجهن نئين نموني جا ٽنپ ۽ نئين نموني جي سنجٽ ٽيل آهي.



تصوير 80 - ترخان دور جو هڪ گمنام اٺ - ٽنپي چٽي جهڙو مقبرو جيڪو مرزا باقي بيگ ترخان جي وسيع چوديواريءَ اندر آهي جنهن جي ٽنين جو ڪنڊون سادين آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسوي جي ابتدائي دور سان آهي.



تصوير 79 - هبشاد ٻائي (اهنسا ٻائي Ahinsa Bai) جو پٽر سان جوڙايل مقبرو، چوديواريءَ ۾ ناهيل محراب جي اوچيءَ اڏاوت تي اُڪير واري چٽسالي ٽيل ڏسجي ٿي. ونگائين محراب جي چوڪنڊي خاني جي ڪنڊن تي به گل چٽيل آهن. محراب جي هر هڪ پاسي تي خاني سان ونگ آهي، جنهن جي مٿين پاسي وچ تي هڪ گل اُڪيريل آهي. ان کان پوءِ ٻنهي پاسن کان پٽ ۾ جاڦريءَ تي به دريون ڏسجن ٿيون. هن تعمير جو تعلق 1000 هـ /1592ع آهي.

بديع الزمان جي چٽيءَ ۾رسان هڪ گمنام مقبرو

هن مقبري (نمبر 80) تي ڪنهن به قسم جي تاريخي لکت[7] ڪانه آهي. پٽرانهين لوڙهڻ تي قرآني آيتون اُڪيريل آهن. اهو مقبرو باقي بيگ ترخان جي وڏي ڪوٽ اندر، ڏکڻ - اولهه واري ڪنڊ تي آهي. مقبرو اناس شڪل تي ۽ اڏاوت ٻنهه سادي آهي، جنهن تي ڪنهن به قسم جي آرائش ۽ سنجٽ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. قبي مٿان هڪ نئين قسم جي نيل

لڳل آهي. ڇتيءَ جو اندريون قطر 11 فوٽ 4 انچ آهي. سندس تعمير هڪ ٿلهي تي ڪاڻن ٿنڀن جي مدد سان ٿيل ڏسجي ٿي. ٿنڀ سادي جانڊل (Monolithic) صورت جا هر هڪ ڪنڊ تي لڳل آهن. عام طور تي هر هڪ ٿنڀ ڪي ٽي پاڳا آهن. هيٺيون بنياد هر چورس آهي. ٿنڀ جو هيٺيون پاسو بہ ٽورو هر چورس آهي. ان کان پوءِ وارو حصو اٺاس آهي. اٺاس جي ڪنارين کي اڃا بہ وڌيڪ ڪوريو ويو آهي. هن قسم جو ڪم اسان هتي پهريون پيرو ڏسون ٿا. انهن ٿنڀن جي مٿان لَسا ءِ سادا سردر ڏريل آهن. مٿن مرڪزي دابڙا رکيا ويا آهن. ان کان پوءِ پراٿي طريقي مطابق، گول دائري ۾ بار مٿان بار ڏئي قُبي کي تيار ڪيوويو آهي، جيڪو پنهنجي بناوت ۾ بلڪل سادو آهي. ڇت جي سنوٽ سان لڳل ڪناري تي ڇڇو هنيو ويو آهي. ڇڇي مٿان هڪ ٻئي کان ٽوري وٺيءَ تي سادا ڪنگرا لڳايا ويا آهن. سنڌڙ ءِ سونهن جي واڌ لاءِ ڇت جي وچ تي فقط هڪ لڏڪڙو رکيو ويو آهي. نيل ۾ ڪلس جا ٽي حصا آهن. جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان رکيل آهن. اندرئين پاسي فقط هڪ قبر آهي. قبر مٿان طبقي وار چار پٽراوان لوڙهڙ آهن. مٿيون لوڙهڙ پيٽيءَ وانگر آهي. هر طبقي جي پٽرانهين لوڙهڙ جي پاسي تي سنڌڙ ءِ سونهن واسطي اُڪير ڪيل ڏسجي ٿي. يعني ٽن تي گڏوڙ اليڪي اُڪير آهي. آخري ڇڏي پي تي ڪنگرن جهڙي ٽُڪَ ٿيل ڏسجي ٿي. مٿئين چوڪنڊي ٻُڌي ترخاني طرز تي خانن ۾ ورهايل آهي. پٽرانهين لوڙهڙ مٿان ڏگهن پاسن واري پانهين مٿان قرآني آيتون اُڪيريل نظر اچن ٿيون. سيراندي ءِ پيراندي ءِ وارا پاسا، نَـون پاڳن ۾ ورهايل آهن. ڪنڊن وارن پاسن ۾ فقط گلن جي چٽسالي ءِ واري اُڪير ٿيل آهي.

بديع الزمان جو مقبرو

بديع الزمان مرزا باقي بيگ جو پوٽو[8] ءِ شاهه رخ جو پٽ هو. سندس قبر تي تاريخي لکت موجود آهي. سندس وفات 1011ھ/1602ع ۾ ٿي. هيءَ بہ اٺاس قسم جي چٽي (نمبر 81) آهي. اڏاوت جي طرز اڳينءَ چٽيءَ جهڙي آهي. پر مَـڪ فرق اهو آهي، تہ هن ۾ ترخاني قسم جي اُڪير جون نيون طرزون نظر اچن ٿيون. چٽيءَ جو اندروني قطر 16 فوٽ 6 انچ آهي. ٿلهو جو بنياد 5 فوٽ 2 انچ هر چورس آهي. مقبري کي پنهنجي اڏاوت لاءِ ٿلهو ضرور هوندو. پر اڄ اهو ڏنو هيٺ



تصوير 81 - مرزا بديع الزمان جو اٺ ڪُنڊائون چٽي جهڙو مقبرو، جنهن جي اندر سڌيءَ سنوٽ واري هڪ قبر آهي. مٿان مخروطي قسم جا قبا اڏيل آهن، جنهن کي گول بار ڏئي جوڙيو ويو آهي، جيڪو قبائين تعمير جو پراٿو طريقو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1602ع سان آهي.



تصوير 82 - بديع الزمان جو اٺ ڪنڊائون چٽيءَ جهڙو مقبرو جنهن جي اٺ ڪنڊائين ٿنڀن تي اُڪير جي هڪ نئين طرز واري چٽسالي نظر اچي ٿي. قبر واري پٽر تي اُڪير جي زنجيري رکي وئي آهي. جنهن سان قبر جي ان پٽر جي مهاڙين کي مختلف خانن ۾ ونڊي ڇڏيو آهي.

مٽي لڳو پيو آهي. ان مقبري جا ٽنيا ٻين يادگار ٽنين کان هنر ۾ ڪاريگريءَ ۾ نواڻ رکندڙ آهن. موجوده مثال (نمبر 82) ڏلهن جي هر چورس بنيادن جي چئن ٽي پاسن کان اُپريءَ طرز جي منارن جهڙي اُکير واري چٽسالي ٽيل آهي. ٽنپ جي هيٺئين پاسي واري چوڻس ، ابتي وريل گهوڙي جي طرز جي خاڪي هيڻان گل جي ٽُڪ ٽيل آهي. ٽنپ جو اناس حصو، ليٽيل قسر جي چهن خانن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ پاڳو ڪوڪيءَ طرز واري چٽسالي جي نموني ۾ اُکيريو ويو آهي. پهريون پاڳو ٻاهر تي نڪتل ونگ تي ٻڌل خانو آهي. ٻئي پاڳي ۾ آڪڙي طرز آهي، جيڪا ليڪن وسيلي ڳنڊيل آهي. ان کان پوءِ هيري ڪٽين جو سلسلو اچي ٿو. پوءِ روشنيءَ جي گل واري چٽسالي جي طرز آهي. پوءِ ڏاڪن تي چوڻس جي طرز اُکيريل آهي. آخر ۾ ننڍڙن چوڻسن جي چٽسالي آهي. ڳچيءَ تي ٽن مرحلن وارا آرائشي گول دائرا آهن. تاج تي ٽني ٻڌا آهن، جيڪي هرهڪ پاسي هليا وڃن ٿا ۽ ان تاج جي ٻاهرين ٻانهن تي علامتي روشنيءَ جي گول دائري جي چوڌاري هڪ چوڻس اُکيريل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳيءَ ريت سردر واري مرڪزي دابڙي جي ٻنهين پاسي دل جي طرز تي اُکير جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي. سردر جي ٻاهرئين پاسي تي سادي پن جي طرز جي ٽُڪ ٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪي هيٺ تي وريل آهن. موجوده تعمير ۾ نه ڪنگرا آهن ۽ نه وري ڪي ڇجا. قبو گچ سان لِتل آهي ۽ ٻاهرئين پاسي نوڪدار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مٿانئس ٻن ڪلسن جي نيل چڙهيل آهي. اندرئين پاسي ڏسجي ٿو، ته هڪ ٻئي جي مٿان گول دائري ۾ ٻار ڏئي قبو تعمير ڪيو ويو آهي. هرهڪ گول دائري واري ٻار ۾ خانن جي اُکير ٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اندرئين پاسي کان قبي جي وچ تي لڏڪڻو هيٺ لڙڪي رهيو آهي. سردرن جا اندريان ۽ ٻاهريان پاسا ساڳيءَ طرز جي اُکير وارن چٽن سان سينگاريل آهن. شايد اها سورج مکيءَ جي طرز آهي. سندس نمونو سما دور سان لاڳاپيل چئين ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن مقبري جي



تصوير 83 - مرزا عيسيٰ ترخان I جي مقبري واري چوديواري اندر خوبصورت اُکير سان اٺ ڪنڊائون مقبرو، جنهن جي ٽنهين تي ترخان دور سان لاڳاپو رکندڙ نٽين طرز جي اُکير ڏسجي ٿي. هي ۽ 17 هين صدي عيسويءَ جي اڌاوت آهي.

تصوير 84 - ساڳئي مقبري سان واسطو رکندڙ چٽ واري اُکيريل چٽسالي، جيڪا سما دور جي چٽ کان بلڪل الڳ آهي.

سنجٹ ۾ سونهن ۾ اهو واضح فرق آهي ته. اندرئين پاسي ناڄ کان مٿان جانورن جي تصويري طرز آهي. جانورن جي تصويرن بابت هتي فقط ٻه طرزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پهرين (پليٽ 25 جو هيٺيون ۽ سور[9] آهي. جنهن جي مٿي تي کلنگي ۽ پڇ جا کنپ وڄڻي جيان کنديل اٿس. جيڪو حملو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي سور پيرن هيٺان ڪريل نانگ جي مٿي تي ٽهنگاري رهيو آهي. ٻي طرز (پليٽ 26) ۾ ٻه هنج پکي آهن. جيڪي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيو وڙهڻ لاءِ ڪاندريا ٻينا آهن. اهي ٻئي طرزون هندستاني نقش نگاري ۽ چترڪاري واري اڏاوتي روايتن تان ورتل آهن ۽ ظاهر ظهور سنڌي ڪاريگرن جي ڇيٽيءَ ۽ هٿوڙي جو فني نتيجو آهن. اندر ڇڻيءَ جي وچ تي فقط هڪ پٽرانهين قبر آهي، جيڪا مٿي ذڪر ڪيل قبر جيان آهي. ٻر قبر جي پٽرانهين لوڙهڻ تي اُڪير جا ٻيا چترڪاري وارا نمونا آهن. هينئين پٽرانهين لوڙهڻ تي ترخان دور واري اڪڙي ونگن اندر گل جي اُڪير آهي. ٻنهي پاسن کان وٽ تي ڏوريءَ جو نمونو آهي. مٿئين پاسي تي ڪنگرن جي چٽَ جي طرز آهي. مٿئين چوڪنڊي جي ٻنيءَ واري پٽرانهين لوڙهڻ کي زنجيري جي اُڪير سان ننڍڙن خانن ۾ ورهايو ويو آهي. ٽن ڏڳهن خانن ۾ عربي لکت ۽ سيراندي‌ءَ کان نون خانن ۾ تاريخي لکت موجود آهي.

مرزا عيسيٰ خان ترخان I واري ڪوٽ ۾ هڪ گمنام، ڇڻيءَ وارو مقبرو

هيءُ اناس مقبرو (نمبر 83) هڪ وڏي ٽلهي تي تعمير ٿيل آهي. هن ڇڻيءَ واري مقبري جو اندريون قطر 11 فوٽ 6 انچ آهي. سندس اٺ ئي ٿنيا جانڊل (Monolithic) جي صورت ۾ آهن. بنياد چوڙس اٽن. هر چورس حصي کان پوءِ اهي ٿنيا اناس جو روپ ڏارين ٿا. ٻين يادگارن جيان کنڊن وٽ ڪجهه ڪُوريل آهن. موجوده اڏاوت ۾ چٽن سان اُڪيريل صورت ۾ ٻه آهن. ٿنين جي بنيادن تي سورج مکيءَ جا خاڪا اڪيريل آهن. جن جي چوڌاري هيري ڪٽين جي ڪناري آهي. انهن مان چئن تي مٿان نانگ جي ابتيءَ طرز جي اُڪير ٿيل آهي. اهڙيون طرزون بديع الزمان جي مقبري ۾ ٻه ڏسي سگهجن ٿيون. ٻين ۾ گول دائرن اندر پنکڙين سان گل آهن. ٿنين جي جانڊلن تي اليڪي اُڪير واري چٽسالي ڏسجي ٿي. ڳچين وٽ ڪوڪيون ليکون آهن. چوڪا تاج، بنا ڪنهن اُڪير جي لسا آهن، جيڪي سردرن کي جهليو ٻينا آهن. انهن جو نمونو بديع الزمان جي مقبري ۾ هنيل سردرن جهڙو آهي. ڇت جي ڪناريءَ جي وٽ تي ٻه اُڪير جو ڇڻيل ڪر ڏسجي ٿو. اُڪير ۾ هيرڪٽين جو ڇت نمايان آهي. ڪرنگهي وارن ڪنگرن جي ٻه هڪ قطار آهي، جيڪا مٿان ڇڄي کان شروع ٿئي ٿي. قبو وينوڙو آهي. اندرئين پاسي کان گول دائري ۾ هڪ ٻئي جي مٿان بار ڏئي بڻايو ويو آهي. (نمبر 84). هر هڪ گول دائري تي اُڪير جي چٽن واري هڪ الڳ طرز اُڪيريل آهي. صفا چوٽيءَ تي لڏڪٽي جيان هڪ گل جي تصوير (Rosette) ڏسڻ ۾ اچي ٿي. قبي جي هڪ بار تي عربي لکت موجود آهي. ٻئي تي آڪڙي طرز جي چٽن واري اُڪير آهي. ٽينءَ تي انگريزي اکر "S" جهڙو چٽ آهي. اهي سڀ نمونا ترخان دور سان واسطو رکن ٿا. ڇڻيءَ اندر فقط هڪ قبر آهي. سندس نمونو اڇين قبرن جهڙو آهي. ڪابه تاريخي[10] لکت موجود ڪانهي. رڳو پٽرانهين لوڙهڻ تي عربي لکت نظر اچي ٿي.

اناس ڇڻيءَ وارو گمنام مقبرو

هيءُ مقبرو، سلطان ابراهيم خان جي مقبري کان هڪ سؤ وال ڪن اولهه طرف سرن جي ناس ٿيل ڪوٽ اندر آهي. هيءُ ڇڻيءَ وارو مقبرو ستاءُ ۾ اناس آهي (پليٽ 27). ان جي اندر ٻه ۽ ٻاهران ٽي قبرون آهن. ٿنيا هڪ ئي جانڊل جي صورت ۾ آهن. هينيون بنياد وارو پاسو هر چورس آهي. مٿان اُڪيريل چوڙسن اندر منارن جهڙي ٽڪ ٿيل آهي. جانڊل جو ٻيو حصو اناس آهي، جنهن جون اناس واريون ڪنڊون ڪوريل ۽ لَسيون آهن. شڪل ۽ صورت ۾ لَسو ۽ بنهه سادو آهي. جڏهن ته قبي جي ڳچيءَ کي اُڪير واري چٽسالي‌ءَ سان سينگاريو ويو آهي. سردر ٻه بلڪل سادا آهن. پر انهن تي اندرئين پاسي کان ٽي سورج مکي گل ڇڻيل آهن. جن کي اليڪي اُپيءَ اُڪير الڳ ڪري ٻيهاريو آهي. ڇڄا ۽ ڪنگرا هاڻي ڍهي ويا آهن. قبو (نمبر 85) هڪ ٻئي مٿان گول دائرن ۾ اُڪيريل پٽرن جا وڏاوڙا بار ڏئي تيار ڪيو ويو آهي. قبي جي وچ تي هڪ لڏڪٽو لٽڪي رهيو آهي. اندرين قبرن مان هڪ جو سيراندي‌ءَ وارو چوٽنو ڇڄي پيو آهي. سيئي پٽراوان لوڙهڻ ترخاني نموني سان واسطو رکن ٿا. جن کي عربي لکت سان پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي.

ٻاهرين قبرن مان هڪ قبر جي پٽرانهين لوڙهٽ تي 1022ھ /1613ع سن لکيل آهي ۽ هم چورس ۽ آرائش ڪيل دکي تي رکيل آهي. قبر آڙماڙ شڪل ۾ آهي. هينئين پٽرانهين لوڙهٽ جي ڏکڻي پاسي تي مختلف ڇهن چوڙسن اندر گلن جون تصويرون اُڪيريل آهن. مختلف اُڪيريل طبقا. هينئين دکيءَ ۽ تابوت جهڙي پيتيءَ جي وچ تي اڇي وجن ٿا، جنهن جو مٿاڇرو زنجير سان ورهايل خانن تي ٻڌل آهي، جن ۾ عربي لکت نمايان آهي.

(ب) هم چورس اڏاوتون

هيءَ نئين قسم جي اڏاوت آهي، جيڪا اسان هتي ڏسون ٿا. اسلام کان اڳ واري دور ۾ اها گهڻي مشهور ۽ نامياري هئي. گجرات ۾ اسلامي طرز وارين عمارتن جي لنگهه وٽ[11] اهڙيون اڏاوتون جوڙيون ويندیون هيون. سڀاڻ ۾ هم چورس هوندي هئي. قبو اٽن يا ٻارهن ڪنڌن تي ٺاهيو ويندو هو. ان اڏاوت جو فرشي خاڪو اهڙو آهي، جهڙو شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي (ڏسو باب ٻيو) جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر ان ۾ ڏيڊي ٺاهيل ڪانـ آهي. قبي جي بناوت حقيقي (True Arch) ونگ جي نئين طريقي سان ڪئي ويئي آهي. اٽن ڪُـنڌن جي حالت ۾ ڪُـنڌن تي چڪ وارا سردر - جيڪي هم چورس نقشي کي اٽاس ۾ بدلائيندا هئا. سي هينئين سردرن تي رکيا ويندا هئا. پر ٻارهن ڪنڌن واري چٽيءَ جي حالت ۾، چڪ وارا سردر رڳو ٻن ڪنڌن تي رکيا ويا آهن. اهڙيءَ ريت هڪ پاسي تي ڪنڌ هڪ قطار ۾ بينل آهن ۽ ٻن وچ وارن ڪنڌن جي وچ تي تمام گهڻي وڻي چڏي ويئي آهي.

چٽيءَ وارو گمنام مقبرو

هيءَ (نمبر 86) چٽيءَ وارو گمنام مقبرو، سلطان ابراهيم جي مقبري کان سوگز کن ڏکڻ طرف، هڪ ڪنڌي تي ٺهيل آهي، جنهن جي هر پاسي جي ماپ 25 فوٽ 10 انچ آهي. ڪنڌي جي مٿي اوچائي 4 فوٽ 10 انچ ڪيندي. چٽيءَ جي پنهنجي حقيقي ماپ 15 فوٽ 1 انچ آهي، جيڪا ڪنڌي جي هڪ پاسي تعمير ڪيل آهي. ٻئي پاسي گهڻيون ئي قبرون موجود آهن. چٽيءَ جا سيئي ڪنيا جانڊل صورت ۾ سادا آهن. سندن گهاڙ هم چورس اٽن، پر هينان چوڙس بنيادن وٽ ڪندون ماريل اٽن.



تصوير 85 - عبدالله شاهه اصحابي جي مزار کان اولهه پاسي اٽ - ڪنيي چٽي جهڙو مقبري جي اڏاوت، جنهن جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي ڪيترين ئي قبرون آهن. سپيئي ترخان اڏاوتي طرز جون آهن. هن مقبري جا ڪنڌ ۽ لسا آهن. تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي.



تصوير 86 - هر چورس ماپ جو اٺ - ڪنڊي چٽي جهڙو هڪ مقبرو، جنهن جي ڪنڊن تي ڪنهن به قسم جي اڪير نظر ڪانه ٿو اچي. هر هڪ ڪنڊ پاسن جي وچ تي آهي ۽ اڏاوت چٽن ڪنڊن واري ڏسجي ٿي. هتي ڪبي جي تعمير جي نڪتن طرز ڏسجي ٿي، جنهن ۾ ونگ سان خانا رکيا ويا آهن ۽ ڪبي جو بنياد به ان ترتيب سان رکيو ويو آهي. تعمير 17 هين صدي جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي.

جانڊلن جي ڳڇي، ڪنهن ابتي ٿانو جيان معلوم ٿئي ٿي. سندن تاج ستاري سان اڪيريل چوڪا آهن. باهرين مهاڙيءَ جي پاسي کان چٽي ايريل طرز ۾ اڪيريل آهي. چت وارو اولو ڪنگرن سان سينگاريل آهي. چوڏاري ڏيڏي ۽ چڇو لڳل اٿس. هن چٽيءَ ۾ ڪل اٺ ٿنيا آهن. چار ٿنيا چٽي ڪنڊن وٽ ۽ هڪ هڪ چٽي ڪنڊن جي وچ تي آهي. ڇڪن وارا سردر لينٽيل سنوت ۾ رکيل آهن. اٺ ڪنڊي جي مٿان ونگن وارا ناهيل خانا اڏاوت کي گول پاسن ۾ تبديل ڪن ٿا ۽ ان جي مٿان ڪبي جو بنياد رکيو وڃي ٿو. ونگن وارا خانا ڪبي جي ڳڇي ۽ ڏيڏيءَ (Drum) کي ڏڳهو ڪن ٿا، تنهنڪري ڪبو مٿي اوچو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نيل واري چوٽي ٽن ڪلسن سان جوڙي ويئي آهي. چت جو اندريون پاسو اليڪي طرز جي چٽساليءَ سان اڪيريل آهي. صفا چوٽيءَ تي گل جي اڪير ڪئي ويئي آهي. چٽيءَ اندر ترخاني نموني جون به قبرون آهن.

چٽيءَ وارو ڪمنام مقبرو

هيءُ مقبرو، عبدالله شاهه اصحابي جي مزار کان اٽڪل 50 گز اولهه طرف آهي. چٽي چورس مٽيري دکي تي بيٺل آهي. هرپاسي جي ماپ 23 فوٽ آهي. چٽي ان کان نندي آهي. جنهن جي چورس ماپ 16 فوٽ آهي. مقبرو ٻارنهن ٿنيو آهي. هر پاسي تي ٽي ٿنيا قطار ۾ آهن. ڪنڊن وارا چار ٿنيا ڪُنڊائتا آهن. باقي وچ وارا اٺ ٿنيا هر چورس آهن. جن جا اندريان پاسا ڪُنڊن وٽ ماريل آهن. بنياد هر چورس ۽ چوڪنڊا آهن. مٿن اُڪير واري چٽسالي ترخاني نموني جي پن جي

طرز تي ڪيل آهي. هتي پهريون پيرو اسان کي ٽنيي جي ڇوٽڪيءَ تاج هينان ٻاهرئين پاسي کان ماکيءَ جي ماناري جهڙي چتسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ اندرئين پاسي ور وڪڙ ۽ ليکن جهڙي اُڪير آهي. ٽنين تي رکيل ڇکن وارا سردر هر چورس نقشي کي اناس جي صورت ڏين ٿا. اڳتي هلي ونگدار خانا ان اناس کي گول دائري جي شڪل ڏين ٿا. جيڪو قبي جو بنياد بٽجي ٿو. قبي جي اندرئين ڇت سادي آهي. پر سردرن جا اندريان ۽ ٻاهريان پاسا چتسالي سان اُڪيريل آهن. مقبري اندر هڪ پٽرانهين ۽ سادي قبر موجود آهي.

(ج) مسجد واريءَ پٽ سان چٽيءَ وارو مقبرو

اهڙي قسم جي چٽيءَ وارن مقبرن سان پٽ واري مسجد گڏيل هوندي آهي. هتي اسان کي نئين نموني سان قبي جي اڏاوت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان قسم جي اڏاوت ۾ گڏيل وڇڙيل قسم جي ونگن جي ڪاريگريءَ کي استعمال ڪيو ويو آهي. ونگن جي آخري مرحلي کان پوءِ قبي جي اڏاوت شروع ڪئي ويئي آهي. اهڙي قسم جي چٽين جي تعمير دکن[12] ۾ عام جام آهي. امڪان اهو آهي، ته مغل شهنشاهن پاران، دکن ڏانهن ترخان گورنر بدلي ڪيا ويا هئا، شايد انهن وسيلي هيءُ اڏاوتي فن هتي پهتو هجي.

چٽيءَ وارو گمنام مقبرو

هيءُ مقبرو، مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي آهي. چٽيءَ جي هر چورس ماپ 14 فوٽ 6 انچ آهي ۽ مٽي ٿلهي جي اوچائي 3 فوٽ 4 انچ آهي. سٽاءَ هر چورس اٽس ۽ جيڪو ٻارهن ٽنين تي بينل آهي، (نمبر 87). هرهڪ ڪنڊ تي هڪ ٽنيو آهي. سڀ ٽنيا گهاڙ ۾ هر چورس ۽ شڪل ۽ صورت ۾ سادا آهن، پر مٽائنئن ماکيءَ جي مانارن جهڙا تاج رکيل آهن. مٽيون پاسو چوڻڪو اٽن. ٻاهريون پاسو ستارن جهڙي طرز واري چٽن سان سينگاريل آهي. اهڙي ساڳي چتساليءَ واري طرز نمبر 12 ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ڇکن وارا سردر ٻن ٽنين تي رکيل آهن. ان کان پوءِ هر چورس نقشو اناس ۾ بدلجي وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ گڏيل وڇڙيل ونگن (نمبر 88) جو سلسلو ان کي مٽي هلي گول دائري جي شڪل ڏئي ٿو، جيڪو پڻ قبي جو بنياد آهي. گڏيل وڇڙيل ونگن ۾ وڏي گل جي تصوير اُپريل طرز ۾ اُڪيريل نظر اچي ٿي. گهٽ - مرڪزي ونگ ۾ اڌ گل جي اُڪير آهي. قبي جي ڇت لهريدار طرز تي جوڙيل آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو، ته سرن جي ڪاريگريءَ کي پٽر جي اُڪير جي چترڪاري واري ڪاريگريءَ[13] ۾ بدلايو ويو آهي. قبو هن وقت ڪري پيو آهي. چٽيءَ جي اندرئين پاسي ۾ گچ سان لِتل قبرون آهن. مقبرو سرن جي ڪوٽ اندر آهي. جنهن جي اولهه واريءَ پٽ ۾ سرن جي محراب جا اهجاڻ ملن ٿا.

مرزا طغرل بيگ جو مقبرو

مقبرو (پليٽ نمبر 28) هڪ چوڪنڊي ٿلهي تي ٺهيل آهي. ٿلهي جي اوچائي 4 فوٽ آهي. مٽي وڃڻ لاءِ چئن ڏاڪن سان چاڙهي ٺهيل آهي. مقبرو هر چورس 27 فوٽ آهي. ٻارنهن ٽنيا ٺاهيل اٽس. مقبرو ٿلهي تي اوپر ڏانهن آهي. اولهه پاسي ساڻس پٽ واري مسجد (نمبر 89) آهي. مقبرو 16 فوٽ 3 انچ هر چورس آهي، جيڪو ٻارهن هر چوڑس اُڪيريل ٽنين تي بينل آهي. مٽائنئس مخروطي قبو آهي. ٿلهي جي هينان ٻاهرئين پاسي چٽن واري اُڪير جو ڪم ٿيل اٽس. وٽيل ڏوري جهڙي اُڪير ٿيل آهي. ٽنين جي ٻاهرئين پاسن تي گهري ڪوڪيءَ طرز ۾ اُڪير ٿيل نظر اچي ٿي. اڪڙي طرز جي ٽڪ واري چتسالي پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ مانڊاڻيءَ نموني وارا نشان آهن. ٿلهن جا بنياد لَسا آهن. تاجن وٽ ماکيءَ جي مانارن جهڙي سنجٽ ٿيل آهي. (نمبر 91) ٽنين جي اندرئين پاسي کان ڪنڊا ڏار اُڪير ٿيل آهن. ڇت وارو اولهه ٻسو ۽ سادو آهي، پر مٽس ڪنگرا ۽ ڇجو رکيل ڏسجي ٿو. ڇکن وارا سردر (پليٽ 29) ڪنڊن وارن ٽنين تي رکيل آهن، جيڪي هر چورس نقشي کي اناس ۾ تبديل ڪن ٿا. انهن سردرن تي چوڪنڊي طرز جي چٽن واري اُڪير ٿيل آهي. جيڪا اڳتي هلي اڌ ستاري وٽ ختر ٿي وڃي ٿي. سردر مٽان رکيل دابڙو لهريدار طرز جي اُڪير ڏيکاري ٿو. تنهن کان پوءِ گڏيل وڇڙيل ونگن جو سلسلو اناس کي (نمبر 90) گول دائري جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو، جيڪو قبي جو



تصوير 87 - جان بابا جي مقبري جي ڏکڻ ڏسا تي هڪ گمنام مقبرو. جيڪو چٽي جهڙو آهي. جنهن جي هر چورس لسن ڪنڊ جي تاجن Capitals وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي اُڪيريل ڏسجي ٿي. هن تعمير جو تعلق 17 هين صدي جي وچئين دور سان آهي.



تصوير 88 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي هڪ گمنام مقبري جي چت. جتي جافريءَ سان ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هيءَ تعمير 17 صدي عيسويءَ جي وچ واري زماني سان تعلق رکي ٿي.

بنياد بڌجي ٿو. چٽيءَ اندر هڪ قبر آهي، جنهن تي 1059ھ /1649ع سن لکيل آهي. اولهه ۾ پٽ واري مسجد (نمبر 92) جي وچ تي وڏو محراب آهي، جنهن جي مٿان چوڪُنڊو سردر تعمير ٿيل ڏسجي ٿو. پاسن ۾ ٻه ننڍڙا محراب اٿس. پٽ جي ٻنهي ڇيڙن وٽ، هر چورس بنيادن سان ٻه ننڍڙا منارا تعمير ٿيل آهن. ان مسجد جي پٽ جي اوپارين مهاڙي نهايت خوبصورت ناهيل آهي. مقبري تي ٻه ساڄيءَ قسم جي گهري ڪوڪي اُڪير واري چٽسالي ڪئي ويئي آهي. وچئين مکيه محراب (نمبر 92) جو اندريون پاسو ونگدار خانن ۾ ورهايو ويو آهي. هرهڪ خاني ۾ گُڪهي جهڙي گلدان جي طرز جي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. محراب مٿان چوڪُنڊي اڏاوت جي اندرين ونگ جدا پٽرن سان ترتيب ڏني ويئي آهي، جيڪا صحيح نموني گول شڪل ۾ ٻڌل آهي. منجهس زنجيريءَ جي طرز جهڙا مختلف چٽساليءَ جا نمونا اُڪيريا ويا آهن. ونگ جي نُڪرن تي گڪهيءَ جي طرز جي اُڪير ٿيل آهي. مٿان فارسي لکت موجود آهي. وري ٻه درن واري آڪڙي طرز واري چترڪاريءَ جو ورجاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جي وچ تي چوڪور چٽساليءَ واري هلڪي اُڪير ٿهيل آهي. اُڪير جو تفصيل ڏاڍو دل ڪي وٺندڙ آهي.

قبرن جا پٽراوان لوڙهت (GRAVE CENOTAPHS)

پٽرانهين لوڙهت متان سرَو وڻ جي اڪير

هڪ پٽرانهين قبر نورالدين پٽ شاهه منصور، حڪير تبريزيءَ سان تعلق رکي ٿي، جنهن 25 ذوالحج 948هـ پٽاندر اپريل 1542ع ۾ وفات ڪئي.[14] سندس قبر جي پٽرانهين لوڙهت متان، گل ٻوٽي ۽ ساهه وارن جيوَ جون تصويرون عام جام ڈسڻ ۾ اچن ٿيون. سيراندي‌ءَ واري پاسي هڪ گل جي خوبصورت چٽسالي‌ءَ جي اُڪير ڪئي وئي آهي (نمبر 93) جنهن جي



تصوير 89 - طغرل بيگ جو مقبرو ۽ اولهه پاسي تعمير ٿيل مسجد، جيڪا اوپر - اتر پاسي کان نظر اچي رهي آهي. مقبرو يارهن ڪنڊن تي بيٺل چٽي‌ءَ تي ٻڌل آهي. هن جڳهه جو لاڳاپو 1059 هـ/1649ع سان آهي.



تصوير 90 - طغرل بيگ جو مقبرو، جنهن ۾ خانا ۽ گڏيل وڇڙيل قسم واريون ونگون آهن. قبي جي تعمير ۾ نواڻ نظر اچي ٿي. هن تعمير جو دور 1059 هـ/1649ع وارو آهي.



تصوير 91 - طغرل بيگ جي مقبري جي اولاهين پٽ ۾ ٺاهيل خوبصورت مسجد جنهن جي اڪيريل ٽنهن تي ٽيل ڪر ٽُڪ جيان گهرو آهي.



تصوير 92 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جي هر چورس ٽنهن جي تاجن Capitals وٽ ماکيءَ جي مانارن جهڙي اُکير ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ آکڙي طرز تي هيٺان ۽ مٿن پويٽ جهڙا چٽ ڏسجن ٿا. هيءَ اڏاوتي طرز ترخان دور سان تعلق رکي ٿي.



تصوير 93 - هڪ پٽرانهين لوڙهٽ (Cenotaph) جنهن جي وچ تي بيد مشڪ جو وڻ اُکيريل آهي ۽ هيٺ هڪ چوڙائي جانور quadrupeds جي تصوير ڏسجي ٿي. صفا مٿيئن پاسي بدکون آهن. سيراندي کان لڳل پٽر تي هر چورس اُکير جي وچ تي هڪ گل موجود آهي. تعمير جو تعلق 948 هـ/1542ع سان آهي.

چوڏاري مٿين جو گول دائرو نڪتل آهي ۽ ڪنارن تي پن پکڙيل آهن. اهي سڀ هڪ هر چورس دائري اندر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اها آرائش مٽي اوساري کيل چوڪنڊي خاني جي هڪ طرز تي آهي. ان چنڊسالي واري طرز جي هيٺان هڪ گڏوڇڙ قسم جو نمونو آهي، جنهن جي وچ تي شمشاد جو وڻ آهي. ان شمشاد وڻ هيٺان ڪي چوپايا ويڙل نظر اچن ٿا. وڻ جي ٽارين مٽان، ٻنهي پاسن تي مور پکي ويڙل آهن. وڻ جي چوٽيءَ تي ٻه مور پکيءَ پَرَ ڪنديريو چهنب چهنب سان ملايو ويڙا آهن. چوڙس وڏي گل جي تصوير اُکيريل آهي، جيڪا وڻ جي مٽان تاج وانگي رکيل آهي. هيٺيرو، ٻنهي پاسن کان گول دائري ۾ اندر گل جي اُکير آهي. شمشاد وڻ ۾ مور پکيءَ جو ميلاپ هڪ خاص ڀالهه ڏانهن اشارو آهي. سڄو سارو نمونو پرڏيهي ذريعي تان کنيل ۽ ورتل آهي. اها هڪ تبريزي امير جي جذبات جي ترجماني آهي، جيڪا سندس اصلي ماڳ سان لاڳاپو رکي ٿي.

چوڪنڊي طرز جون قبرون

مڪلي ٽڪريءَ تي اهڙي قسم جون قبرون تمام ٿوريون ۽ تمام وٽيرڪيون ڏسجن ٿيون. هڪ مثال (نمبر 94) مبارڪ خان جي مقبري کان 300 فوٽ ڪن اولهه پاسي آهي. اتي هڪ ٽلهي تي ٻه قبرون آهن. ٽه ڏاڪي ٽلهي تي تابوت جهڙي هڪ ڪٽ آهي، جنهن کي هر ڪنڊ تي پاوا آهن. ان طبقي مٽان وري ٻيو اُکيريل طبقو آهي. جنهن مٽان ٻنهي قبرن جون ٻُٽيون جوڙيل آهن. ڪاپي پاسي واري قبر جي ٻئي ڪرنگهي سان آهي. سيراندي ڪان بلوچي طرز جي پڳ رکيل آهي. ٻي قبر تراکڙي آهي. معلوم ٿئي ٿو، ته پهرين قبر مرداڻي ۽ ٻي زناني آهي. قبر جي پاسي ۾ گهوڙيسوار جي تصوير آهي. عورت جي قبر جي پاسي ۾ زنانا زيور اُکيريل آهن. گهوڙو (نمبر 97) وڏي شان سان هلي رهيو آهي. سنجيل ۽ وڏي ناڻ سان آهي. شهسوار جي مٿي تي پڳ ٻڌل ۽ جنگجو لباس پهريل آهي. ميان ۾ تلوار، مٿئي سان ڍال اٽس. گهوڙي جي واڳ سندس ساڄي هٿ ۾ آهي. زنانن زيورن مان نَو اُکيريل آهن. (نمبر 96) ٻه هار، هڪ بولو، ٻه مندين، ٻه



تصوير 94 - هڪ ٽلهي تي چوڪنڊي نموني جهڙيون قبرون، جن جي پٿرن کي هر ڪنڊ تي پاوا لڳل آهن. عورتن جي قبرن جي پٿرن تي ٻن چوڑين جي اڪير ڏسجي ٿي. تعمير جو واسطو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 95 - چوڪنڊي طرز جي قبرن جي پليٽ فارم تي اڪير جا نموٽا هينئين لوڙهڻ تي ور وڪڙ ليکون، پنئين سان چٽسالي ۽ ڪونج چٽ Sigmas جهڙي اڪير ڏسجي ٿي. متئين ٻن تختين تي ڏاڪڻ جي ترتيب تي هر چورس تڪ کي قطار ۾ رکيو ويو آهي. اها طرز پڻ پراڻي آهي، جنهن کي نئينءَ ترتيب سان اڪيريو ويو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 96 - ٻن مان هڪ قبر جي تصوير، جيڪا ڪنهن عورت سان لاڳاپو رکي ٿي، جنهن تي سنڌ جي نون None طرز جي ڳهڻ (زيور) اڪير ٿيل آهي. وچ تي چندن هار torque ۽ پاسن تي ڪنگڻ armlet ان کان هيٺ منديون Finger Rings مٿان پنڙا ear rings ۽ قبر جي پاسي تي پٽيون يا ڪڙيون anklets اڪيريل آهن.



تصوير 97 - ٻن مان هڪ مردائي قبر جنهن تي هٿيار بند گھوڙيسوار جي تصوير اُڪيريل آهي. گھوڙو مڪمل طور سنجيل ڏسجي ٿو ۽ مٽي اپڻ جي کوشش ڪري رهيو آهي. سوار جي مٽي تي پٽڪو ٻڌل آهي. هن جي ساڄي هٿ ۾ گھوڙي جي واڳ جهليل آهي. جڏهن ته سندس کاٻو هٿ تلوار جي مُٺيءَ تي رکيل ڏسجي ٿو.

ڪنن جون واليون. ۽ ٻانهونڊا ۽ ۽ ڪڙيون (نمبر 95) آهن. پٽرانهين لوڙهڻ تي اليڪي سنجڻ سان سينگاريل آهي، جيڪا ترخانن جي پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. اڌ هيري ڪٽين واري طرز خاص ان دور سان واسطو رکي ٿي. ساڳئي نموني سان گول دائرا جي وچ ۾ لکدار چوڙسا نهيل آهن. اها خاص اُڪير اهڙي آهي، جهڙا هڪ مرڪزي چوڙس زيورن جا نشان چوڪنديءَ جي قبرن تي ۽ مليا آهن[15]، جيڪي سترهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن سان تعلق رکن ٿا. جن جي دور کي سندن آرائش واريءَ طرز سان يقيني طور تي ثابت ڪيو ويو آهي، جهڙي ريت اسان موجوده اُڪيرڪاريءَ واري طرز ۾ ڏسي سگھون ٿا.

جان بابا جو مقبرو

جان بابا، مرزا عيسيٰ خان ترخان I جو پٽ، مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو پيءُ هو. مرزا صالح جي وفات کان پوءِ پنهنجي پيءُ مرزا عيسيٰ خان ترخان جو پيارو بٽيو ۽ سندس وفات کان پوءِ جانشين طور چونڊيو ويو. سندس پاءُ مرزا باقي بيگ جي دشمنيءَ سبب کيس بي رحميءَ سان قتل ڪرايو ويو.[16] هڪ لکت[17] موجب، سندس قتل 978 هـ /1570ع ۾ واقع ٿيو. سندس مقبري لاءِ چيو ويندو آهي، ته هن جي پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II 1070هـ /1608ع[18] ۾ ٺهرايو هو. عام طرح اهو سمجهيو[19] ويندو آهي، ته ان يادگار عمارت[20] تي گجراتي اڏاوتي فن جو وڏو اثر آهي. اهو سڀ ان ڪري آهي جو ان يادگار تي پٿر جي اُڪير جو ڪم جهجهي انداز ۾ ڪيل آهي. پر هيٺ ڏيکاريو ويندو، ته پٿر جي اُڪير جي طرز هتان جي سنڌي روايتن تان کنيل ۽ ورتل آهي. جيتريقدر مقبري ۾ استعمال ٿيل پوري پٿر جو تعلق آهي، سو ٻ سنڌ جي ٺڪرين مان هٽ ڪيو ويو آهي.

مقبري (نمبر 100) جو ڪوٽ چوڪنڊو آهي. سندس اندرين ماپ 48 فوٽ 34 انچ آهي. ڏيڏيءَ جي اڏاوت ٿلهن تي ٿيل آهي. ان جي ماپ 25 فوٽ 6 انچ x 20 فوٽ 2 انچ آهي. ڏکڻ ڏس کان اها هڪ جدا تعمير هئي، جيڪا پوءِ گڏائي ويئي آهي. اها گھٽو پوءِ جي جوڙيل آهي، چاڪاڻ ته ان جو اصل اڏاوت سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي. ٻيو ته انڪري ڏکڻ واري مهاڙيءَ جو سڄو منظر ڍڪجي وڃي ٿو. خاص طور تي ڏکڻ پاسي وارو در، جيڪو ان جڳھ لاءِ خاص رستو آهي، بند ٿي ويو آهي. هاڻي اولاهينءَ پت جي ڏاڪڻي دري کولي اندر وڃڻ لاءِ لنگھ ٻڌايو ويو آهي. اتر - اوپر واريءَ ڪنڊ کان عورتن جي قبرن جو ڪوٽ آهي، جنهن جي ماپ 11 فوٽ 3 انچ x 10 فوٽ 8 انچ آهي. لنگھ ڏکڻ پاسي کان ڇڏيو ويو آهي. اولھ

پاسي واريءَ پت ۾ هڪ خوبصورت چٽن سان اُڪيريل محراب آهي. وڏي ڪوٺ جي وچ تي هڪ ٽلهو جوڙيل آهي ۽ مٿس ٽي چٽيون نهيل آهن. جن مان وچئين جو قبو بچيل آهي، باقي ٻين ٻن جون چتيون ڍهي پٽ پيون آهن.

ڏيڍي: سڄي تعمير (نمبر 98) مٽي ٽلهي تي بيٺل آهي ۽ ڏيڍي ٻه ساڳي وڌايل ٽلهي تي ٺاهي ويئي آهي. ٽلهي جو اهو حصو اوچائيءَ ۾ ٻئي ٽلهي جيترو آهي. اڄ سڄي وڌايل ٽلهي تي اُڪير نظر ڪانه ٿي اچي. ٽنهن جون ٻـ آخري قطارون هٿايون ويون آهن. سيني ٽنهن مان باقي ٻارنهن بچيل آهن. ٽي منڊي واري پاسي ۽ چار لاڙ واري پاسي ۾ آهن. اهي سڀ



تصوير 98 - جان بابا جي مقبري جو ٻاهريون ڏاکڻو - اولاهيون پاسو جنهن ۾ اولهـ واري پت جي خوبصورت اُڪير نظر اچي رهي آهي. ڏاکڻين پت ٽنهن جي مدد سان نهيل ڏيڍيءَ تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ لنگهـ واري در سان اوچي اڌاوت نظر اچي ٿي. هن تعمير جو 17 هين صديءَ جي ابتدا سان لاڳاپو آهي.



تصوير 99 - جان بابا جي مقبري جو ڏاکڻيون سامهون وارو پاسو. جنهن ۾ ٽنهن جي مدد سان ڏيڍيءَ جي اڌاوت ڏسجي ٿي. چوديواري جي ٻاهرئين پاسي ونگن سان خانا آهن. خوبصورت اُڪير وارو اهو پاسو ايترو اوچو آهي جو پٺيان وارا ٽي چٽيءَ جهڙا مزار نظر نٿا اچن.



تصوير 100 - جان بابا جي مقبري جو نقشو ۽ تعمير جي رٿا بندي جنهن ۾ مقبري جي پٽرن سان جوڙايل وانگاڙو ڪاري رنگ ۾ ليکيل آهي. جنهن تي هڪ ننڍڙي زناني چوديواري جو ٻـ نشان آهي. ڏکڻ پاسي ٽنهن جي مدد سان ڏيڍي پڻ ظاهر ڪئي وئي آهي ۽ اولهـ پاسي ڪان محراب جي اوچي اڌاوت پڻ ڏيکاري وئي آهي.



تصوير 101 - جان بابا جي مقبري اندر تعمير ٿيل محراب وارو حصو بہ ان جي اوچائي. مکيہ محراب جي مهاڙي ۾ ونگائين اڏاوت ڏسجي ٿي. ان ونگ جي شڪل ڏري گهٽ گول آهي. پاسي سان ٻہ چوڪنڊا خانا آهن، جن ۾ گول قسر جي أڪير موجود آهي. محراب واري خاني جي نُڪرن ۾ هڪ هڪ أڪيريل گل چٽ ڏسجي ٿو. اندرئين پاسي أڪير جون ليٽيل سنوت ۾ پٽيون ڏسجن ٿيون. هن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت سنڌي اڏاوتي طرز جا پاوا آهن.



تصوير 104 - جان بابا جي مقبري جي چوديواري اندر پٽين وسيلي ٺهيل ٽي مقبرا. جن جا ٿنيا هم چورس ۽ لسا آهن پر سندن متٿين پاسي تاجن وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي أڪير ٿيل ڏسجي ٿي. هنن ٽنهي مان فقط وچيون مقبرو صحيح سلامت آهي.

بنسا ۽ هر چورس آهن. پرمٿي تاج وٽ ماکيءَ جي مانارن جهڙي اُکير ڏسجي ٿي. اهڙي ساڳي چتسالي اسان ٻين ترخاني اڏاوتن تي پڻ ڏسون ٿا. ساڳيءَ ريت آرائشي قسم جون اُکيريل چوڪمکيون گهوڙيون آهن. اهڙيون ساڳيون گهوڙيون طغرل بيگ جي مقبري ۾ ٻه ڏسڻ اچن ٿيون. مٿن چڪن وارا سردر رکيل آهن. (نمبر 99) سندن مهاڙين وارن پاسن تي چوڪندا خانا اُکيريل آهن. جيکي اڳتي هلي مقبري 14 ۽ 15 جيان ستارن واري اُکير وٽ پهچي ختم ٿي وڃن ٿا. انهن مٿان تراکڙن پٽرن جا ٻار ڏنا ويا آهن. جيکي ٻين عمارتن مان اکوڙي آندا ويا ٿا پائنجن.

پٽين جو ٻاهريون پاسو

بنيادن کان مٿان، پٽين جو ٻاهريون پاسو پينل نموني ونگن سان خانا هٽي سينگاريو ويو آهي. هرهڪ خاني جي شڪل چوڪُنڊي آهي. فرش جي سنوٽ کان وٽي ونگدار خانن جي ترن تائين، ٻاهرئين پاسي واريءَ پٽ تي اُکير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن ۾ هينئين پاسي ڏنڊي، وچ ۾ اکڙي طرز ۽ مٿان لڏکٽا رکيل آهن. (پليٽ 35). هن قسم جي اُکير جي طرز ڏيڏيءَ جي اوپارئين حصي کي چڏي، باقي پٽ جي ٻاهرئين پاسي کان چوڏاري ڦري اچي ٿي. پر ٻئي پاسي کان ونگون ۽ خانا کونہ آهن. (پليٽ نمبر 30) چوڪنڊن خانن جي ٻانهين تي هڪ ٻئي مٿان اکڙي شڪل جي اُکير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هرهڪ کي نکيڙي ٻيهارڻ لاءِ ليٽيل سنَوٽ ۾ اکڙي طرز جي اُکير آهي. ونگن وارن خانن اندر اکڙي قسم جي اُکير جيکا مانڌاڻي جيان آهي. هينان ۽ مٿان لڏکٽا لڳل اتس. چئن پاسن کان چار گل اُکيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ پنجون وڏو گل مٿان ٽڪ ٽيل نظر اچي ٿو. پاسن وارين ٻانهين کان سواءِ اهي سڀ ايريل طرز (High relief) ۾ اُکيريل آهن. ونگ جي اُپي پاسي تي اوپڙ جي طرز چتيل آهي، جن ۾ ولين کي پن آهن ۽ موڙ گول طرز جا آهن. ساڳي طرز اسان ان جڳهه ۾ کنهن ٻئي هنڌ ٻه ڏسون ٿا. پرنُڪرن وٽ عشق پيچان وَل (Ivy) جي پنج ڦاکي پن جي تصوير نظر اچي ٿي. پٽ جي متئين پاسي تي ڇهن قسمن جي آرائش آهي. جيکا سڄي هلکي اُپريل طرز ۾ اُکيريل آهن. هينئينءَ ۾ مانڌاڻي نشانن سان چوڙسن جو سلسلو آهي. ٻئي ۾ مرڪب ڏوريءَ جي طرز آهي. جنهن ۾ کيترائي دائرا ٻڌجي پون ٿا. ٽئين زنجيريءَ واري چتسالي جي طرز آهي. چوٽين پيچدار چتساليءَ جي طرز آهي، جنهن ۾ اکڙي طرز جي ونَگ اندر گل جي اُکير آهي، جنهن جي ٻيگهڙ تي انساني ڏڙ آهي. اندريون پاسو جافري يا اکڙي طرز واري چتساليءَ سان پريل آهي. انسان جي متي وٽ اڌ گل جي اُکير نظر اچي ٿي. ان کان پوءِ ٻه اڳئين چئن جيان زنجيري طرز جي چتسالي آهي. آخر ۾ گڏوڇڙ ڏوري واري طرز جو ورجاءَ کيو ويو آهي. اهڙي قسم جي چتسالي پٽ جي چوڏاري ڦري اچي ٿي. فقط اوپر پاسي کان اها پڳل آهي.

محراب جو پنيون پاسو

اولاهين پٽ ۾ محراب (نمبر 99) جي مٿان چوڪنڊي اڏاوت کئي ويئي آهي. متس چتسالي تمام جهجهي آهي. محراب جو هيءُ وڏاوڙو ڪاريگر جي هنر ۽ ڪاريگريءَ جو مرڪز ٻڌيل آهي. اولي واريءَ پٽ مٿان وڏاوڙي وارو مٿاڇرو اوپڙ طرز جي چتساليءَ سان پريو پيو آهي (پليٽ 33) هتي ونگن وارن خانن ۾ اکڙي قسم جي طرز واري اُکيريل چتساليءَ جو ورجاءَ کيو ويو آهي. اُکير اهڙي ريت کيل آهي جو هڪ انچ ٻه چٽَ کان واندو کونہ آهي. ان اکڙي اُکير جو اندريون ۽ ٻاهريون پاسو اوپڙ جي نئين طرز جي چٽن سان پريل آهي. تنهن کان بعد هڪ لڙهه جي صورت ۾ جهالردار ونگن جو سلسلو آهي، جيکو ور وڪڙ کائيندو اڳتي نڪري وڃي ٿو ۽ انهن ورن ۽ وکڙن اندر ڪيترن ئي قسمن جون اُکيرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. دروازي جي چوڪاڻي جون ٻانهيون اليکي سنجٽ سان سينگاريل آهن. ائين جيئن اهي اکڙي اُکيرون اولهه واري پٽ تي اُپي نموني چتيل آهن. جيکڏهن کين پاسي کان ڏسجي ٿو. ته ليٽيل سنوٽ ۾ نظر اچن ٿيون (پليٽ 32). هڙيءَ ريت ان جي وَٽ واريءَ اُکير سان ڏاڍوسهڻ آهي. هيءُ وڏاوڙو محراب مٿان چوڪنڊي اڏاوت کان اوڇائيءَ ۾ ڪجهه ٻيڙو آهي. سندس الهندي مهاڙي اکڙي ونگن وارين طرزن سان سينگاريل آهي ۽ منجهس وچ تي گل جي تصوير چتيل آهي. ان قسم جو سلسلو، ليٽيل اُکير واري طرز ۾، متي ۽ هيٺ وارين قطارن اندر ڏسي سگهجي ٿو. محراب جي پٺ جي

تصوير 102 - جان بابا جي مقبري جي ديوار ۾ نظر ايندڙ خانا جن ۾ آکڙي طرز وارن چٽن سان پويٽ نظر اچن ٿا ۽ مٽان گل جهڙي آکير آهي. خانن کي الڳ ڪرڻ وارن پٽين تي به ساڳئي قسم جي آکيريل چٽسالي آهي. مٽي کارنس تي آکير جون ٽي پٽيون آهن.



تصوير 103 - محراب جي ڀٽئين طرف وارو اولهيون ۽ ڏکڻ - اولهه وارو پاسو. جن تي خوبصورت خانن واري طرز موجود آهي. جنهن ۾ آکڙي آکير واري طرز سان گڏ رکيل پويٽ آهن. جيڪي ڏوڇڙ گلڪاريءَ سان گڏ نظر اچي رهيا آهن.

مٽاڇري تي ٽيل آکير واري چٽسالي جي گهٽائي نظر اچي ٿي. جيڪڏهن کيس چڊي پاڊي آکير جي پيٽ ۾ ڏٺو وڃي تہ سنگتراش جو مقصد چٽيءَ ريت سمجهه ۾ اچي ويندو. محراب من موهڻو آهي. ڏسڻ سان ئي هن ڏانهن هڪدم ڏيان چڪجي ويندو. ان قسم جي ضرورت کي اسلامي طرز واري اڏاوت جي جاڙو ڪاريگرن پورو ڪيو هوندو. هيءَ ڳالهه به ڏيان ۾ رکڻ جوگي آهي، تہ گجرات جي اڏاوتي فني نموني جيان، اسان کي هتي ڪٿي به وڻ جي آکير نظر ڪانہ ٿي اچي. هتي اسان کي اهي طرزون نظر اچن ٿيون، جيڪي ترخان دور جي اڏيل عمارتن ۾ موجود آهن.

در وارو لنگهه

ڏاکڻي در واري لنگهه مٽان ڇوڪنڊو سردر آهي. جنهن جي چٽسالي جو نمونو بلڪل سنڌي آهي. اهو پٽ کان مٽي اوچو ۽ ڇوڪنڊي شڪل صورت ۾ وچ تي ڏاڪا، سامهون گهوڙين سان ٽهيل ڇڇو اٽس. ڇڇي جي ٻاهرئين پاسي هيري ڪٽ طرز جي چٽسالي جي قطارآهي. اوچي سردر مٽان تاج وانگر ڪنگرن جي قطار هنئي ويئي آهي (نمبر 100). هرهڪ ڪنگري مٽان ستارو آکيريل آهي. اهڙا ڪنگرا ڪاپي پاسي کان ڪجهه بچي ويا آهن. محراب جي ان اڏاوت جي ڏاڪڻي مهاڙي، اکيچار قسمن جي آکير واري چٽسالي سان سينگاريل آهي. انهن ۾ مکيه ۽ اهم چٽسالي جون طرزون ونگ وارن خانن ۾ آکڙي نموني چٽيل آهن. منجهس گلاب جي تصوير آکيريل آهي. اهڙي قسم جي آکير پاسي وارين پٽين تي به ڏسي سگهجي ٿي. ٻين پاسن وارين پٽين جي آکيرن جا نمونا به ساڳي قسم جا آهن. در جي چانٽڻ ۾ گول چند جي پٿر (Moon Stone) تي ۽ مٽي سردر تي ڇوڙس داڻڙيءَ تي اليڪي چٽسالي جي وچ تي لهريدار گلن جون تصويرون آهن. هن ڇوڪنڊيءَ اڏاوت جي اندرئين پاسي (پليٽ 31) جي آکير، مٽئين اولي جي پٽ کان وٺي، در جي سڌائيءَ وارن ونگن وارن خانن تائين ڏاڍي سونهندار سنجٽ ڪئي ويئي آهي. ڇوڪنڊن خانن ۽ ڏندائين ونگن وارن ڇوڪنڊي خانن ۾ آکير جي طرز ساڳي آهي. ٻنهي جي پاسن تي اپريل طرز جي آکير ۾ گل جي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ونگڑ جي حصي ۾ نڪرن ۾ عشق پيچان (Ivy) جي ول جي طرز وار چٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو. جيئن ڪو تصويرن جو مها هار وڇايل هجي! ڇڻ اهو ڪاشيءَ جي چٽسالي جو ڪو نمونو هجي، جنهن کي پٽر جي آکير سان بدلايو ويو آهي. خط نسخ ۾ بسم الله ۽ ڪلمي جي لکت کان سواءِ ان ڇوڪور خاني اندر تير جي اٽيءَ جيان اپيچي آکير جي طرز پٽ ڏسڻ اچي ٿي. ان اڏاوت جي ٻنهين پاسن کان ونگن جي خانن سان ڇوڪنڊا وڏا خانا آهن. محراب جي اڏاوت جي پيٽ ۾ ٻانهيون ۽ سردر بلڪل لسا ۽ سادا آهن. ائين پائنجي ٿو، تہ اڏاوت جو ڪم اڌ ۾ ڇڏيو ويو آهي.

اندروني چٽسالي

پت جي اندرئين پاسي تي ب ساڳي نموني جا خانا (نمبر 102) آهن. جڏهن ته مٿئين اولي کان هيٺان وارا اڪير جا ور وڪڙ ۽ ڪجهه ٻيءَ پانت جا آهن. ساڳيءَ ورن جي اُڪير واري چٽسالي عورتن جي حصي ڏانهن اندران ۽ ٻاهران هلي وڃي ٿي. اوپر ڏس کان ڪجهه ٻاريون اڻ پوريون چڏيون ويون آهن.

محراب

محراب (نمبر 101) الهندي واري پت تي آهي. ٻنهي پاسن کان وَنگايون دريون اٽس. سٽاءَ ۾ اڌ اناس آهي، جيڪو چٽن ونگن جي قطار ۽ ٽن نالیسرن جي هيٺان آهي. مقبري جو هيءُ حصو وڏ ۾ وڏ خوبصورت آهي. ساڳيءَ ريت ٻاهران ب محراب کي گهٽي کان گهٽو سينگاريو ويو آهي. محراب تي چٽسالي واري اُڪير واضح ۽ فطري آهي. (پليٽ 36) محراب جي ٻاهرئين پاسي سامهون سنڌي طرز جا ب پاوا آهن. ب گهوڙيون ب جُڙيل نظر اچن ٿيون. گهٽو ڪري اهي ڊيئن رکڻ لاءِ ڊيانيءَ طور بنايون ويون هوندیون. پاون جا بنياد چوڙس آهن. مٽن مانڊاڻي نشانن جي اُڪير آهي. پاون جا مٽيان پٽر اناس شڪل جا آهن. اُڪير جي لحاظ کان ان کي ايجا ب بن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. يعني پائي جو پٽر وچ تي هر چورس ۽ پاسن کان اناس آهي. هرهڪ اناس پاسو زنجيريءَ جي اُڪير وارن چٽن سان سينگاريل آهي. مٽان تاج رکيل اٽس. محراب جي اندرئين ونگ کي اندرئين پاسي کان ڏندڙي لڳل آهي ۽ هيٺان گول دائرن تي اوپڙ جي چترڪاري آهي. ونگ جي نُڪرن ۾ گل اُڪيريل آهن. منجهس ترخاني قسم جي پن چٽ جي جهجهائي آهي. اهو خانو چوڪُنڊي ورن تي ڊيانيءَ جي چوڌاري ڦري اچي ٿو. مٽانئس چوڙسن جي هڪ قطار آهي، جن ۾ گلن جون تصويرون اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ٻيءَ ڏندائين ونگ جي وَنگڙ ۾، جيڪا گڏوڙ طرز جي لڙهه بڏجي پئي آهي. هڪ چوڪور ٻاريءَ ۾، گلن جي اُڪيرن سان گڏ چوڙسا ب آهن. هتي هڪ وٽي آهي، شايد ڪنهن لکت واسطي چڏي ويئي هجي. ونگڙ جي ٻي وٽي اوپڙ جي طرز وارن چٽن سان پريل آهي. مٽان گل جي تصوير آهي. ان کان پوءِ ونگن جون قطارون آهن. پهرين قطار ۾ چوڙس گل اُڪيريل آهن. ٻي قطار ڊيائن وٽان اپري ٿي، جيڪا اڌ گولن تي مشتمل آهي. هندي اڌاوتي طرز وارن مندرن ۾ اهڙي قطار ۾ هنج پکيءَ جون تصويرون اُڪيريل هوندیون آهن. پر هتي اهڙي قسم جي کاب تصوير موجود ڪانه آهي. ساڳيءَ طرح ڄام نظام الدين جي مقبري (نمبر 71) ۾ موجود ونگ جو قبو آهي. ڪجهه ماڙهو ان ورن واري ونگ کي گجرات جي ڏندائين ونگ[21] سان پيٽ ڪن ٿا. پر اهي بنيادي طور ب جدا شيون آهن. پوئين مثال ۾ گول قسم جون ونگون پاون تي بينل هوندیون آهن. پر هتي اهي پاوا موجود ڪونه آهن. موجوده قسم جي ونگ سنڌي ورن جي آهي. ٽئين ونگ اوپڙ واري طرز سان آهي ۽ گول دائري واري پن ول تي مشتمل آهي. انهن ورن جون ونگون وري ب چوڪُنڊي ٻاري ۾ موجود آهن. ونگ جي نُڪرن تي گول گلن جي تصوير اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اوپڙ جي هڪ ڳٽيل طرز واري چٽسالي پٽ نظر اچي ٿي، جنهن جو نمونو اڳڪڙي آهي. تيموري دور ۾ ونگن جي نُڪرن تي ڪاشيءَ جي سنجٽ خاص عام ۽ مشهور هئي. ان کان پوءِ موڪري چوڪُنڊي ٻاري آهي، جنهن ۾ اندر گول دائرا آهن. هر هڪ جي وچ تي هڪ نقطو آهي. جيڪي هڪ ٻئي کي ڪپين ٿا. آخري پٽي چوڪُنڊي بيهڪ جي آهي، جيڪا ور وڪڙ شڪل واري گهوڙيءَ وٽان شروع ٿئي ٿي ۽ اولي جي صورت ۾ اڳتي وڌندي وڃي ٿي. فرش جي سنوت ۽ پيڙهه وارن ٻارن کان وٽي مٽي اڳڙي ورن جون ونگون آهن، جن ۾ گلن جون تصويرون چٽيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مٽي چت جي پرسان ڪنگرن جي قطار آهي. قبي جهڙي محراب جي چت تي اوپڙ طرز واري چٽساليءَ جي جهجهائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. محراب جو هيٺيون حصو اڌ اناس آهي، جنهن ۾ ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾ ب چٽساليءَ جي اُڪير ٽيل آهي. مٽيون چار ٻاريون ويڪر ۾ هڪ جيتريون آهن. هينئين قطار مٽي اوڇي آهي، جيڪا محراب جي اڌ ماپ جيتري آهي. انهيءَ قطار ۾ جهالردار ونگ آهي، جنهن ۾ اندر گول گل جي تصوير آهي. هيٺان اڳڙي صورت سان لڙڪندڙ ڦلو آهي، ڪنڊن تي گول گلن جون نديون تصويرون اُڪيريل آهن. تنهن کان پوءِ هڪئي کي ڪپيندڙ گول دائرن جي قطار آهي. ان کان پوءِ گلن جي اُڪير جي قطار اچي ٿي. مٽيون ب قطارون سِينڌ ونگ اندر اڳڙي ورن جون اُڪيرون ڏيکارين ٿيون. وچ واريءَ وٽيءَ ۾ اوپڙ طرز جي چٽن جي گهٽائي آهي. محراب کي اندرئون سينگارڻ جو طريقو ڄام نظام الدين جي محراب ۾ ليٽيل سنوت جي اُڪير جيان آهي ۽ گجرات جي مسجد واري

نموني کان مختلف آهي، جن تي عام طور تي هڪ لڪيل طرز يا وچ تي گل جي تصوير اُکيريل هوندي آهي.[22] اهڙيءَ ريت مرزا جان بابا جي مقبري جي پت واري مسجد جي اڏاوتي طرز نج سنڌي آهي ۽ آرائش ۾ وري اها ترخاني طرز سان بہ واسطو رکي ٿي.

قبائين چٽي

ان کوٽ جي وچ تي ناهيل ٽن قبائين اڏاوتن جي طرز مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ اهي گجراتي اڏاوتي نموني تي تيار ڪيون ويون آهن. ڪاريگريءَ جي نقط نگاھ کان اهڙو خيال صحيح نہ آهي. مرزا جان بابا جي مقبري (نمبر 100) جا ٽي قبا ارڙهن ٽنين تي بنايا ويا آهن. حقيقت ۾ اهي 24 هجڻ کپن ها. اصول موجب اٺ ٽنيا هرهڪ قبي لاءِ هٿ گهرجن. پر ان صورتحال ۾ وڃين ٽنين کي عام استعمال هيٺ آندو ويو آهي. اهڙو بيو مثال گجرات جي شهر احمد آباد واريءَ سيد عالم جي مسجد[23] جو آهي، جنهن جي قبن لاءِ جدا ٽنيا استعمال ڪيا ويا آهن. جان بابا جي مقبري (نمبر 104) جا سيئي ٽنيا همچورس ۽ لسا آهن. مٿي تاج وٽ ماکيءَ جي مانارن جهڙي اُکير ڪيل آهي. مٿن چوٽمُکيون گهوڙيون رکيل آهن. ساڳيو اڏاوتي طريقو ڏيڏيءَ ۾ بہ ڏسڻ ۾ ايندو. انهن ٽنين مٿان سردر رکيل آهن. جن تي باهرئين پاسي تي چوڪُندين هارين ۽ ستارن جي اُکير ٽيل آهي. اندرئين پاسي (نمبر 105) تي پنن جي اُکير جون آڪڙي ونگون آهن. هرهڪ جي وچ تي هڪ گل چٽيل آهي. سردرن جي ترتيب سان هم چورس نقشي ڪي اناس ۾ بدلايو ويو آهي. ان کان مٿان ونگن وارين جارين، اناس کي گول دائري جي شڪل ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، جيڪو قبي جو بنياد بڻجي پوي ٿو. چوڪندين هارين ۾ واري وٽيءَ سان گل ۽ آڪڙي اُکير جي طرز جي چٽسالي نظر اچي ٿي. اٺ پاسائين سردر تي ڏاڪيدار هم چورس تي گل جي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سورنهن پاسائين سردر تي جهالردار ونگون آهن، جيڪي گول لهريدار دائرن ۾ اُکيريل آهن. چت ۾ بہ لهريدار طرز جي چٽن جي اُکير ٽيل آهي (نمبر 106) ۽ صفا وچ تي ايريل گول گل اُکيريل آهي، جان بابا جو مقبرو وڃيون آهي ۽ وچ ۾ ئي سنڊس قبر آهي. سنڊس مقبري جي اوچي ڏيڏيءَ وارو قبو پري کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

جان بابا جو مقبرو، قبن جي اڏاوت ۾ هڪ نئون واڌارو آهي. جنهن ۾ اڏاوتي فن جون روايتون، تہ ساڳيون آهن، پر پٽرن مان حقيقي قبي جي (True dome) تعمير جو هنر نئون آهي. سونهن ۽ سنجٹ واريون طرزون ترخان دور سان تعلق رکن ٿيون. آرائش جو گهڻو نمونو ڪاشيءَ جي سرن تان ورتو ويو آهي. هتي سنگتراشن ڪاشيءَ جي سر جي گلڪاريءَ کي پٽر جي نقش و نگار واري چٽساليءَ ۾ تبديل ڪيو آهي. اهي ڪاريگر پت جي مٽاچري واري چٽ ۽ چُرَ جا ڏاڏا ڪاڏا هٿا ۽ پنهنجي چٽساليءَ واري طرز ۽ نمونن ۾ انفراديت ۽ سدا باغ بهار طبعيت جا مالڪ هٿا ۽ اهي اهڙيءَ ڪلا کي برقرار رکي ويا. جيتوڻيڪ انهن عمارتن ۾ ٽنين ۽ سردرن واري اڏاوت کي اڳتي وڌايو ويو، تنهن هوندي بہ سنجٹ ۽ سونهن ۾ اهي هندي اڏاوتي روايتي طرز کان گهڻيون پاسيريون آهن.



تصوير 105 - جان بابا جي مقبري جي چوڏيواري اندر موجود صحيح سلامت مقبري جي چت، جنهن ۾ ونگ وارن خانن جون گهڻيون قطارون ۽ مٿي هڪ ورن وڪڙن جي طرز جي سهيڙ آهي.



تصوير 106 - جان بابا جي مقبري اندر گول دائرن جي هڪ ٻئي کي پاڻيندڙ ۽ ورن وڪڙن واري اڪير جي طرز. جيڪا قبي جي وچ تي مٿي نظر اچي رهي آهي.



تصوير 107 - جان بابا جي مقبري اندر ونگ مان خاڪو. اهڙا خاڪا ڪنڊ واري محرابي، جو ڪمر ۽ ڏيندا آهن. انهن محرابن جي تعمير کان پوءِ هر چورس منڊپ. اٺ ڪنڊي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ان اٺ ڪنڊي کي وري آساني، سان سورهن ڪنڊو ۽ بڻائي سگهجي ٿو.

مرزا عيسيٰ ترخان II جو مقبرو

اڏاوت جي تاريخ

مرزا عيسيٰ خان ترخان II جان بابا جو پٽ هو. هي، مرزا غازي بيگ جي وفات 1021هـ/1612ع[24] کان پوءِ مغل گورنر مقرر ٿيو. پر سندس مقرري سنڌ کان ٻاهر عمل ۾ آئي. فقط 1037هـ کان 1038هـ جو وچ وارو عرصو مغل گورنر جي حيثيت ۾ ٺٽي ۾ رهيو. اندازو لڳايو وڃي ٿو، ته ان عرصي دوران ان مقبري جي پيڙهه جو پٿر رکيو ويو هوندو. مير علي شير قانع ٺٽوي جي حوالي مطابق ته ان مقبري جڙي راس ٽيڻ ۾ ارڙنهن سال ورتا. مقبري تي تعمير جو خرچ نورائي علائقي جي دل مان ڪڍيو ويندو هو. جنهن کي ابن ڏاڏن جي مقبرن جي سارسنڀال جي خرچ واسطي اڳ ۾ ئي مخصوص ڪيو ويو هو. ساڳئي حوالي ۾ ذڪر ٿيل آهي، ته عمارت جي تعمير لاءِ پٿر به هندستان جي ان علائقي مان آندو ويو. جتي مرزا عيسيٰ خان ترخان II گورنر مقرر ٿيل هو. پير حسام الدين راشدي[25] ان نڪتي تي روشني وڌي آهي ۽ بحث ۾ ڪيو آهي، ته عمارت جو پٿر مرزا عيسيٰ خان ترخان II گجرات مان هٿ ڪري موڪليو، جتي هو گهٽو وقت گورنر ٿي رهيو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو، ته اهي رڳو پٿر ڪونه هئا. جيڪي هن موڪليا. پر پٿر چٽسالي، سان اڪيرائي گجرات مان روانا ڪيا هئا. انهن اندازي ۽ ڪٽ ۾ ڪو به وزن ۽ ڪاب سڃائي ڪانه آهي، ڇاڪاڻ ته اڪيريل پٿر ٽڪا ۽ چن جا آهن ۽ هتان جي مڪاني پٿر جي ساخت جهڙا آهن. اهي اهڙي قسر جا عام پٿر آهن، جيڪي مڪلي ٽڪريءَ جي ٻين جڳهن ۾ به ڪر آيل آهن. اڳتي هلي اهو به ڏيکاريو ويندو ته، پٿر جي اڪير جي طرز به گجراتي نه، پر سنڌي اصليت جي آهي.



تصوير 108 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي رٿابندي ۽ زمين تي نقشو. هن مقبري جي ٻاهران وانگاڙو ڏنل آهي. جنهن ۾ خوبصورت خانا ناهيل آهن. مکيه لنگهه اوير پاسي کان آهي. اتر ۽ ڏکڻ طرف کان به لنگهه آهن جيڪي بند آهن ۽ محراب اولهه پاسي تعمير ڪيو ويو آهي. مکيه مقبرو ٽنهين جي آڏار تي بينل آهي. جنهن کي پاسي واريون ديوارون ڏئي تيار ڪيو ويو ٽو ڏسجي. ان کان سواءِ ٽنهين جي آڏار اڏايل به ورانڊا آهن. اڏاوت جو هي فن، گجرات جي اڏاوتي فن سان لاڳاپو رکي ٿو.

اها بي ڳالهه آهي، ته ڪي طرزون گجرات جي اڏاوتي فن تان به ورتل آهن. جيڪڏهن اسان عمارت جي سٽاءَ جي تفصيل ۾ ويندا سون، ته اسان کي پتو پوندو، ته اڏاوت جي نقشي جو بنياد پڻ گجراتي طرز تي رکيل آهي. ان جو اهو مطلب آهي، ته فقط اڏاوتي نقشو ان پاسي کان آيو ۽ ان عمارت کي مرزا جان بابا جي مقبري کان نياري صورت هئي، پر جيڪڏهن ائين ڪٽي ڇڏجي ته ان عمارت جي رٿا مڪليءَ ٽڪريءَ تي موجود سڀني عمارتن کان جدا ۽ نياري آهي، ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو. پير حسام الدين راشدي، مير علي شير قانع جي حوالي سان بيان ڪيو آهي، ته مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي وفات ڪري مقبرو اڌ ۾ رهجي ويو ۽ نشيمن جا ڪجهه حصا به اڻ پورا هئا. پر حقيقت اها آهي ته موجوده عمارت ڪٽي به اڻ پورائي اهجاڻ ڪونه ٿي ڏيکاري.

رڻ

مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو (نمبر 108 - خاڪو 6)، ڪوٽن وارن مقبرن جي ورٿن ۾ اچي وجي ٿو. ڇاڪاڻ ته مقبري واري جڳهه، چوڌاري ڏنل ڪوٽ جي وچ تي آهي. اهو مقبرو بين مقبرن کان ان ڪري نواڻ رکي ٿو. جو هن مقبري ۾ قبرن مٽان هڪ مڪمل اڏاوت ٿيل آهي. ان معاملي ۾ هيءُ مقبرو، جان بابا جي مقبري جي گهٽو ويجهو اچي پوي ٿو. پر جان بابا جي مقبري جو سٽاءُ هتان جي مشهور معروف جنيءَ وارن مقبرن تان ورتل آهي. ٻئي طرف مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو سٽاءُ گجراتي اڏاوتي طرز جو آهي، جنهن ۾ وچ واري هر چورس صفي کي چوڌاري ٽنهه ڏئي، انهن تي قبو بيهاريل آهي ۽ چوڌاري ڇڻي پاسن کان ٽنبدار جهروکا ۽ ڪٺهڙا آهن. هڪ ٻئي جي مٽان ساڳيا ٻڌا ٽنهه ڏئي ان عمارت کي جوڙي راس ڪيو ويو. اهي ٽنهه جڳهه ۾ چوڌاري ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿا. ٽئين هڪ جهڙائي اها آهي، ته ٻنهي ۾ ڇت ۽ ڪٺهڙي جي تري ۾ تراکڙا اڪيريل پٿر استعمال ڪيا ويا آهن. ڇت ڏکڻ جو هيءُ اهڙو طريقو آهي، جيڪو اسلامي اڏاوتي فن واري دور کان اڳ ۾



تصوير 109 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو هڪ اڀرندو حصو، جنهن ۾ ٻن پاسن کان اڀرندو پلوئرو ڏنل آهي. ٽنهين واري ورانڊي ۾ ننڍڙيون قبيون تعمير ڪيون ويون آهن. اٽاهون قبو پاڻ ۾ گڏيل ونگن تي بيهاريو ويو آهي.



تصوير 110 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي محراب کان ٻئي پاسي جيڪڏهن ترڻو ڏسبو. ته الهندي پٽ ۾ هڪ وڏو ۽ گهرو جارو نظر ايندو. ان کان سواءِ پٽ ۾ ونگن سان خانا ۽ ڏسڻ ۾ ايندا.

رائج هو ۽ ان طريقي سان منڊپ يا صفي کي ڍڪيو ويندو هو. چوٽين هڪ جهڙائي بذات خود مڪمل قبي جي تعمير آهي، جنهن ۾ گڏيل وڇڙيل قسم جون ونگون جوڙي اناس کي سورنهن پاسن ۾ بدلايو ويو آهي. پنجين هڪ جهڙائي اها آهي، ته پهرينءَ ڇت تي ڪيترن ويٺوڻن ڍڪن جو سلسلو آهي. ڍڪ ڏيڻ جو هڪ سلسلو ننڍين چوڙسن مٿان آهي، جيڪي ڇٽن ٽلهن تي ٽهيل آهن. گهڻن قبن[26] جي صورت ۾ اهڙي قسم جا نمونا گجرات ۾ اختيار ڪيا ويندا هئا. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي، ته ان ۾ هڪ اهم ڇٽو فرق موجود آهي. گجرات ۾ مسجدون مقبرن کان الڳ تعمير ڪيون ويندڙيون هيون. پر هتي ٺٽي ۾ ڪوٺ اندر اولهه پاسي واريءَ پٽ ۾ ٿي مسجد جوڙائي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو وڏين پٽين اندر سٽاءُ ۾ هم ڇورس ۽ سندس مڪمل لنگهه اوپر ڏانهن کان آهي. اوپارين لنگهه وانگر، اتر ۽ ڏکڻ پاسي کان ٻه بند لنگهه ٽهيل هئا. ۽ اولهه واري پٽ ۾ محراب جوڙيل آهي. ڪوٺ جي اندرئين پاسي ۽ مڪمل قبي جي ٻاهران، تاج محل، همايون، اڪبر ۽ جهانگير جي مقبرن جيان باغ لاءِ وٽي ڇڏيل هئي، پر ان وٽيءَ کي هتي قبرن سان پريو ويو آهي. موجوده مقبري جي الهنديءَ پٽ سان پراڻ وجهي ان کي مٽي ڪيو ويو آهي. محراب ٻه ان ساڳيءَ سنوت تي جوڙيل آهي. ٽي سگهي ٿو. ته نماز باجماعت پڙهڻ واسطي ائين ڪيو ويو هجي. اتر - الهندي ۽ ڏکڻ - الهندي پاسي جدا ٽلها نظر اچن ٿا، جن تي ٻه قبرون موجود آهن. ساڳيءَ ريت اترئين ڦاٽڪ کان اندرئين پاسي قبرن لاءِ خاص وٽي ڇڏي ويئي آهي. اتر - اوپر واريءَ ڪنڊ تي، عورتن جي قبرن واسطي هڪ هم ڇورس جڳهه ڇڏيل آهي.

مڪمل قبو هڪ هم ڇورس ٽلهي تي ٽهيل آهي. اندر وڃڻ لاءِ ڇٽن ٽي پاسن کان ٽ - ڏاڪي ڇاڙهي جوڙايل آهي. ان ٽلهي تي قبي جو هم ڇورس منڊپ آهي، جنهن جي ڇٽن پاسن کان ٽلهن جون ٻه قطارون آهن. هر هڪ پاسي کان ڏهه ٽلها آهن. اهي اهڙيءَ ترتيب سان جوڙيل آهن جو ٽلهن جي ڇوڪڙي (نمبر 114) جي پاسي جي وچ تي ٽي ونگدار لنگهه بڻجي پيا آهن. (پليٽ 41) جيڪي بالا خاني ڏانهن هليا ٿا وڃن. فقط اوپر پاسي کان، پهرينءَ ماڙيءَ تي وڃڻ لاءِ ٻه پاسا، ته ونگدار لنگهه تعمير ٿيل آهن. وچ واري قبي جو منڊپ ٽلهن تي ٻيٽل آهي، جنهن جي چوڌاري ويهه ٽلهه نظر اچن ٿا. ٻن ٽلهن جي



تصوير 111 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مڪبر مقبري جي اوپر پاسي واري پٽ جي سامهون کان ٻيهي جيڪڏهن اولهه ڏانهن نهاريو تہ ڪنڊ جي آڌار تي بيهل ورانڊا، وچ تي پٽ ۽ ونگن وارن درن جو لنگهہ، مٿي ڇت تي ننڍڙيون قبيون ۽ سفيد قبو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ چوڌاري ٽهيل قبيون ڦول - پتين وانگي ڏسجن ٿيون.

وچ وارين وٹين کي پرديون ڏئي بند ڪيو ويو آهي. قبي جو سڄو سارو بار ٽلهن تي رکيل آهي. گجرات ۾ قبن جي تعمير لاءِ ڪي قدر ساڳيو نمونو اختيار ڪيو ويندو آهي. فتح پور سيڪريءَ ۾ ٻہ پانڇ محل جو تعمير پڻ ٽلهن تي ٽيل آهي ۽ ان جو سڄو نقشو ڏاڍو نيارو آهي. مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي پٽين تي ٽيل اڪير فتح پور سيڪريءَ جي يادگارن تي ٽيل اڪير سان پيٽائي سگهجي ٿي. فتح پور سيڪريءَ ۾ ان تعمير جي ويجهو جيڪڏهن،ڪا جڳهہ آهي تہ اها ترڪي سلطانہ جي مقبري جي آهي، جنهن جي عمارت جا اندريان پاسا بارين سان پريا پيا آهن، جن ۾ پڪين ۽ جانورن جون تصويرون چٽيل[27] آهن. انهن ٻنهي مقبرن ۾ پري جي انڊي مندي هڪ جهڙائي ڪري ڪي عالم ان خيال جا آهن تہ هيءَ مرزا عيسيٰ خان ترخان II وارو مقبرو فتح پور سيڪريءَ جي اڏاوتي طرز تي جوڙيو ويو آهي. پر جيڪڏهن غور ڪري ڏسجي ٿو تہ ٻنهي جڳهين ۾ اصول ٻنهہ الڳ آهي. فتح پور سيڪريءَ وانگر هتي ورن وڪڙن واريون گهوڙيون (Serpentine brackets) استعمال ڪونہ ڪيون ويون آهن. اها ٻہ هڪ حقيقت آهي تہ فتح پور سيڪريءَ واري جاءِ جو سڀاڻ خود گجراتي تعميراتي فن تان ورتل آهي. مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو نقشو ۽ سندس بالا خانا گجراتي تعميراتي فن تان ورتل آهن. اهو ٻہ امڪان آهي تہ مڪلي ٽڪريءَ تي موجود سردرن ۾ شهتيرن وارين جاين تي ٻہ گجرات واري اڏاوتي فن جو اثر هجي. پر فتح پور سيڪريءَ جي اثر جو هتي موجود هجڻ جو امڪان ماڳهين نہ هڻڻ گهرجي.

ٻاهريون ڪوٽ

مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڪوٽ جي پٽ جي ٻاهرئين پاسي، ونگن سان چوڪندين ٻارين جو هڪ سلسلو آهي. جنهن تي چٽيءَ اپريل طرز ۾ اڪير واري چٽسالي ٽيل آهي، (نمبر 114) ۽ بنياد ۾ رکيل ونگن وارين ٻارين ۾ ننڍڙي نموني واري اڪير (نمبر 111) جي مٿان آهي. انهن ورن جي اڪير جان بابا جي چوديواريءَ تي ٽيل اڪير کان گهٽي ياڳي



تصوير 112 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي رانگاڙي جي ڏاکڻئين پاسي موجود ڪوڙي لنگهه False entrance کان ٻيهي جيڪڏهن اولهه ۽ اوپر پاسي نظر ڪبي، تہ مکيہ لنگهہ جي اوچي، تعمير جي هيٺين ٻن حصن ۾ ونگن وارا خانا ۽ مختلف طبقا آهن، جيڪي اصلي ماپ کان ڪجهہ گهٽ ڏسڻ ۾



تصوير 113 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري جي اُترئين ۽ ڏاکڻئين پٽ ۾ تعمير ڪيل ڪوڻن لنگهن کان ٻيهي نظر ڪبي، تہ اولهندي، پٽ ۾ محراب جو وڏو، گهرو جارو ۽ پٽين ۾ ونگن وارا خانا ڏسڻ ۾ ايندا.

مختلف آهي، جن تي ونگدار ٻارين اندر اُڪير واري چٽسالي ٽيل آهي ۽ اولي جي هيٺان ۽ ٻارين مٿان ٻہ اُڪير ڏسجي ٿي. موجوده مقبري جي ڪوٽ جي پٽين ۾ سادگي آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪن مشڪلاڻن جي ڪري هجي. يا ائين ٻہ ٿي سگهي ٿو تہ پٺسي جو يا ڪو ٻيو اهڙو مسئلو هجي. اهڙي، ريت ڪوٽ جي پٽين جو اندريون پاسو (پليٽ 39) ونگن سان پينل جارن سان سينگاريل آهي، جيڪي پنهنجي شڪل صورت ۾ چوڪنڊا آهن. ايءَ شڪل ۽ ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾ مٽاچري اُڪير واري چٽسالي ڪيل آهي، جيڪي تمام ننڍين ٻارين ۾ چٽيل گل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڳي، ريت اولي جو اندريون پاسو ٻہ اُڪير سان سينگاريو ويو آهي.

لنگهه واري ونگ

هاڻي لنگهه واري فقط هڪ ونگ (پليٽ 38) موجود آهي. جنهن جي ٻنهي پاسن کان، مٿي گهوڙين (Brackets) جي مدد سان جارا ٻيهاريا ويا آهن. اهڙو طريقو مڪلي ٺڪري، جي يادگارن ۾ عام جام آهي. جارن جو اندريون پاسو لسو آهي، پر ٻاهرئين پاسي تي چٽيل اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٻاهرين، ونگ مٿان اوچي چوڪنڊي اڏاوت ٽيل آهي. ان اڏاوت جي ٻاهرئين توڙي اندرئين پاسي اچاتري اُڪير ٽيل آهي. البت ونگن سان، پٽ ۾ اندر تي پينل جارا ڏسڻ ونڻان آهن. انهن مان ڪن تي ترخاني دور سان لاڳاپيل آڪڙي صورت جي اپريل طرز جي چٽسالي، واري اُڪير آهي. اصلي لنگهه واري،



تصوير 114 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو، ڏکڻ - اولهه کان بيهي ڏسڻ ۾ ايندڙ منظر، جنهن ۾ ڏکڻ واري لنگهه سان گڏ مٿئين ماڙ به موجود آهي. ان کان سواءِ مقبري جو قبو ۽ ڪنڊ جي آڌار تي بينل ورانڊا به واضح نمونو سان نظر اچي رهيا آهن. سنه 1054هـ/1644ع

ونگ ۾ پٿر جو ڇوڪاڻو هنيل آهي، جنهن جون ٻانهيون ۽ سردر اُڪيريل آهن. لنگهه مٿان ڇوڪُنڊي ٻاريءَ ۾ عربي لکت آهي. اوپر پاسي جيان اتر واري بند لنگهه تي ساڳيو اُڪير وارو نمونو ورجايو ويو آهي (پليٽ 39). فرق رڳو اهو آهي، ته هتي اهڙيون ٻاريون موجود ڪونہ آهن. اهڙي قسم جي ونگ جي مٿان اتاهين اڏاوت، ان لنگهه ۽ ڏکڻ واري لنگهه تي ڏسي سگهجي ٿي. ٻاهرئين طرز وارا اڏاوت جا وڏاوڙا (نمبر 112) ٻارين ۽ خانن جون ٻہ قطارون ڏيکارين ٿا. ساڳئي قسم جي بناوت اسان کہ ٹ جي پٽ جي ٻاهرئين پاسي ۾ ڏسون ٿا. محراب (نمبر 110) کي وڏيءَ ونگ جي هيٺان سوڙهي منهن سان هڪ جارو آهي. سندس اندرئين پاسي تي ونگدار ٻارين جي اُڪير ٽيل آهي. هيءَ اڌ قبائين اڏاوت، قبي جي ڪنڊن وارو سڄو محراب آهي. ڇوڪنڊيءَ اڏاوت ۾ ونگن سان هڪ ننڍڙو جارو آهي. ٻنهي پاسن کان سنڊي طرز جا پاوا لڳل آهن. وڏي ونگ ۾ ان ڇوڪنڊيءَ اڏاوت ۾ نهيل آهي (پليٽ 40) اڏاوت جي مهاڙيءَ تي اچاتري اُڪير ٽيل آهي، جنهن ۾ ڇهہ ڪنڊا ٻہ آهن، جن اندر ايپيءَ طرز تي ننڍن گلن جي ٽُڪ ٽيل آهي. ان ايپيءَ طرز جي اُڪير جي مٿان ونگن تي ٻاريون آهن. محراب ۽ سندس سنجٹ ٻئي سنڊي اڏاوتي طرز جا آهن.

مقبري جو منڍ ڀ

جڏهن اسان ڪوٹ کان لنگهي مقبري ڏانهن اچون ٿا، ته اسان کي هڪ وڏي تفاوت جو احساس ٿئي ٿو (پليٽ 41).



تصوير 115 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي اتر - اولهه پاسي نظر ايندڙ ٽنهن جي آڏار تي ٻيئل هيٺيون ۽ مٿيون وراندو ڏسجي ٿو. ان کان سواءِ مقبري جي ايڇي قبي سان گڏ ڇت تي مٿي ننڍڙيون قبيون به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مٿئين پاسي وارن ٽنهن جي قطار ۽ اڪيريل هر چورس ٽنهن تي مٿي تاجن وڻ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اڪير ڏسجي ٿي.



تصوير 116 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي اٺ ڪنڊي ڊيڊيءَ Drum جي باهرئين پاسي تي نظر ايندڙ خوبصورت اڪير. جنهن ۾ ترخاني قسم جي هڪ مخصوص چٽسالي۽ جي طرز ڏسڻ ۾ اچي ٿي.



تصوير 117 – مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي مٿينءَ ماڙي تي ڪتب آندل هڪ چورس ٽنين ۾ سردرن تي ڏسڻ ۾ ايندڙ خوبصورت اُڪير آهي، جنهن ۾ مخصوص ترخاني طرز جا اُمليڪي Floral گڏرجڙ نمونا ڏسجن ٿا.



تصوير 118 – مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ٻاهرئين پاسي نظر ايندڙ ونگ سان هڪ خانو جنهن جي ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ ننڍو ٽنپ آهي. هنن ٻنهي ٽنين تي پيڇيده اُڪير ڏسجي ٿي. جڏهن ته چوڪني جي ٻنهي ٻانهين کان مٿاڇري اُڪير آهي. پر ونگائين خاني اندر آڪڙي طرز جي ٻنهي پاسن کان رڪيل هڪ هڪ پوپٽ، ان طرز جي اُڪير ڇٽن ٿي پاسن کان مٿي ۾ هيٺ گل جهڙي گهري اُڪير آهي.

پٽ تي بنيادن واريءَ سنوت سمان، ٻن ليٽيل سنوت وارين اُڪيرن جي وچ تي، ونگدار ٻارين اندر گلن جي اُڪير ٽيل چنسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سامهون واري مُهاڙي ٻنّ ڏاڙو من موهيندڙ منظر پيش ڪري ٿي. ڏلهن جي هڪ ٻئي مٿان هجڻ ڪري ڇڻ ته ٻه ماڙ بڻجي پئي آهي. پهرينءَ ماڙ جي ٻاهرئين پاسي کي جهنگلو هنيو ويو آهي، پر سڀ کان خوبصورت شيءِ اوچي چوڪُنڊي سردر هيڻان ٽ ونگو لنگهه آهي (پليٽ 42) جيڪو اوچي قبي جي آڻ ڪُنڊي ڏيڊيءَ کي لڪائي ٿو ڇڏي. مٿانئس ٿهيل ڪنول گل جهڙي نيل چوڪنڊي پري کان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان لنگهه وارين ونگن تي، اندرئين پاسي کان ڏندڙيون لڳل آهن. سڀ ڏلهه هر چورس آهن. سندن تاجن وڻ ماکيءَ جي مانارن جهڙي اُڪير ٽيل آهي (پليٽ 45). سندن چارئي پاسا ترخاني طرز جي چنسالي تي ڪنهن ٻوٽي جي واڌ وانگي نظر اچن ٿا. چوڻ ڪا سردر ۾ ساڳي طرز جي اُڪير وارن چنّن سان سينگاريل آهن. تراکڙي چت زنجيريءَ جي چٽ سان ننڍڙن چوڙسن ۾ وندڀل آهي. منجهن گجراتي اڏاوتي طرز جي گل جي اُڪير ٽيل آهي. ساڳيءَ وقت ڏلهن جون قطارون ڏگهن بالا خانن جي وجود کي جنم ڏين ٽيون (پليٽ 44) ۽ قبي جي هر پاسي تي ٻه بالا خانا موجود آهن. ڪٽي ڪٽي چت جي اُڪير واري طرز ۾ فرق نظر اچي ٿو (نمبر 119). قبي جي منڊپ جو ٻاهريون چترڪاريءَ جي اڪيچار نمونن جو هڪ پندار آهي. پٽ جو مٿاڇرو ونگن وارين ٻاريون خوبصورت اُڪير سان سينگاريل آهن. هيءَ اُڪير طغرل بيگ جي مقبري تي ٽيل چنّن جهڙي آهي. پاون جي

اندرئين پاسي تي اُڪير جا چٽ گڏوڇڙ نموني آهن. جن مان هڪ تي عام ترخاني آڪڙي طرز واري چٽسالي آهي، جيڪا گل ٻوٽي واري اُڪير تائين هلندي وڃي ختم ٿئي ٿي (نمبر 118). ڪن ٻارين ۾ اليڪي، ڪن ۾ غير روايتي وڻ جي طرز اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اندرين ٻارين تي مختلف قسم جي اُڪير ٽيل چٽسالي آهي، جيڪا ڏاڍي من موهيندڙ آهي (نمبر 109). عمارت جي اندرين پاسي کان در ۽ دريون سنجٽ جي چوڪُنڊي بيهڪن (Frames) جي وچ ۾ نظر اچن ٿيون. مقبري جي ڪنڊن تي محراب لڳل آهن، ته جيئن هر چورس منڊپ کي اناس ۾بدلائي سگهجي. انهن جي مٿان گڏيل وڇڙيل ونگون آهن. مقبري جي منڊپ جي وچ تي ٽهيل ٽلهي مٿان نَو قبرون آهن. ٻاهرين ٽن ونگن واري لنگهه مٿان اوچي چوڪُنڊي اڏاوت (نمبر 114) تي ليٽيل سنوت واريءَ آرائشي طرز ۾ وندبل آهي. هرهڪ ٻاريءَ کي عربي لکت ذريعي الڳ ڪيو ويو آهي. ٽلهن تي بينل مٿينءَ چٽ وارو قبو هر چورس کي ڍڪي ٿو. قبي جي اتاهين ڍيڍي (نمبر 116) تي ڏاڪڻ نما چوڙسن واري وٽيءَ سان گلاب جا گل ۽ چٽن پنکڙين وارا گل اُڪيريل آهن. وڏي گل واري وڏي مُک طرز واري اُڪير ۽ ترخاني اڏاوتن ۾ نظر اچي ٿي. قبو چٽن ئي پاسن کان مٿي اوچو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٽلهن ۽ بالاخانن جي شهتيرن واري اڏاوت وچين ٽن ونگن جي بلڪل آمهون سامهون آهي. ٻه ماڙ عمارت جي اڏاوت سبب اوچين ونگن وارو لنگهه رکيو ويو آهي. ان قسم جي توازن جو اصل، گجرات جي اڏاوتي فني طرز سان تعلق رکي ٿو. مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي اڏاوت ۾ اکيون ٻوٽي گجراتي يادگارن جو هوبهو نقل ڪنہ ڪيو ويو آهي. ان شاندار يادگار جي خيال کي حقيقت جي روپ ڏيڻ ۾ سنڌي آرائشي روايتي اڏاوتي فن جي اصليت ۽ اعليٰ مقام کي چگيءَ ريت ڏسي، پسي ۽ پرکي سگهجي ٿو.

نتيجو

ارغون ۽ ترخان دور جون جڳهون، سنڌ جي پٽر جي چٽساليءَ واري ڪاريگريءَ ۽ فن کي گهڻو اڳتي کڻي ويون آهن. طغرل بيگ جي مقبري کي ڏسڻ مان معلوم ٿيندو، ته اهي روايتون مغل دور تائين جاري رهيون. موجوده دور ۾ پراڻي قسم جا چٽين وارا مقبرا اسان جو ڌيان ڇڪائين ٿا. ان دور سان لاڳاپيل چوديواريءَ اندر جان بابا جو مقبرو آهي. سندس قبر جي پٽرانهين لوڙهٽ تي نئين قسم جي چٽن واري سنجٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. آرائش جون طرزون چٽيءَ ريت تي اهو ٻڌائين ٿيون، ته ارغون ۽ ترخان قبيلا ڪهڙي پاسي کان رکن ٿا. ساڳين ذريعن قبي ناهڻ جو نئون هنر ٻه ڏنو. ان دور ۾ جان بابا جو مقبرو، ٿوري سڌاري کان پوء پراڻي روايتي اڏاوتي فن ۽ سنڌي هنر کي ملائي ناهيو ويو. ان جي پيٽ ۾ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو وڃيون منڊپ مختلف آهي، جيڪو گجرات جي يادگارن واري اڏاوتي فني ڏاڻ کان متاثر آهي، پر اهو سنڌ جي پٽرن مان سنڌي روايتن پٽاندر ۽ ترخان دور ۾ جوڙيو ويو هو.

تصوير 119 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڇت جو هيٺيون پاسو جتي اڪير جي پائنت جي طرز جي چنسالي جا ڏگها سلسلا موجود آهن.

پليٽ 46 - پکسرائين ست چڑهٽي جي تعمير. ست چڑهيٽون معنيٰ "ست ڏاکڻيون" آهي. پر ڏسجي ٿو، ته هن اڏاوت ۾ ستن بجاءِ اٺ ڏاکڻيون آهن. سڀ چڑهٽيون ڍهي ڪنا ڪيڙا ٿي ويون آهن پر هن اٺ ڪنڊيءَ جڳهه جو مکيه نقشو اڃا به محفوظ آهي. ان سان گڏ چئن لنگهن جي مٿئين پاسي ۽ اڏاوت جي چئن ڪنڊن ۾ چار چار هُـريون (alcoves) اڃا به محفوظ آهن. هيءَ تعمير 16 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي.



پليٽ 47 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جاري جي پکسرائين مقبري جو اندريون حصو، جنهن جي آڳڻ ۾ ڪجهه قبرون ڏسجي رهيون آهن ۽ ونگن وارن خانن سان اولاهين پٽ ۾ قبائين مسجد به تعمير ڪئي وئي آهي. مقبرو، مسجد جي اوچي پيش طاق جي اوٽ ۾ اچي ويو آهي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل آهن. هن تعمير جو تعلق 1050 هـ ۽ 1640ع سان آهي.

پليٽ 48 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري واري اڳ قبائين مسجد ۾ ڪاشيءَ جي سرن جي سونهن ۽ سنجٽ ڪندن وارين محرابين مٿان پاڻ ۾ گڏيل وڇڙيل پيچيده ونگن جي ترتيب سان آهي. جڏهن ته چت ۾ ڪُنڊري (Zig Zag) جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي.

پليٽ 49 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري جو منظر، جنهن جي اوپرپاسي واري پٽ ۾ تعمير ٿيل لنگهه ڏسجي رهيو آهي. مکيه مقبرو وچ تي آهي، جڏهن ته کاپي منڊپ ڏانهن امير محمد سلطان جو مقبرو ۽ زبون ٿيل مسجد نظر اچي رهي آهي. هن تعمير جو تعلق 966 هـ : 1550ع سان آهي.



پليٽ 50 - سلطان ابراهيم جو اٺ کنڊو مقبرو جنهن جي اٽن ئي پاسن کان هريون (alcoves) تعمير ٿيل آهن. وچ تي اوچو ۽ ويڪرن پاسن سان مخروطي قسم جو قبو ڏسجي ٿو. هن جڳه کي ٽهڻ وقت کاشيءَ جي نيريءَ سرن سان سينگاريو ويو ٿو ڏسجي.



پليٽ 51 - سلطان ابراهيم جي مقبري ۾ ڪُنڊ واري هڪ هريءَ جو ويجهو منظر جنهن ۾ در جي چوڪاڻي ۾ ڳڙڪين وارو پٽر هنيو ويو آهي. مٿئين پاسي ونگائين دري ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هڪ عربي لکت آهي، جيڪا نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن تي اڇي رنگ سان خطاطي ٿيل آهي ۽ تباهيءَ کان بچي ويل سونهن ۽ سنجڻ ۾ آهي، جيڪا وڏي ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڏسجي ٿي.

پليٽ 52 - مرزا جاني بيگ جو پڪ سرائون اٺ ڪنڊو مقبرو. جنهن جي پٽر جي چوديواري جي اندرئين اولاهين پاسي پت سان مسجد جوڙي وئي آهي. هن تعمير جو تعلق 1009ھ : 1601ع سان ڏسجي ٿو.



پليٽ 55 - ديوان شرفا خان جو پڪسرائون مقبرو. جنهن ۾ هُرين بدران ڪنڊن تي گول قسم جا منارا تعمير ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ ويڪرن پاسن وارو قبو بہ ڏسجي ٿو. جنهن کي هلڪي نيري رنگ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. اولهہ پاسي کان پت ۾ مسجد جي اڏاوت ٿيل آهي. هن اڏاوت جو تعلق 1048ھ : 1638ع سان آهي.



پليٽ 53 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ٻاهرئين پاسي هڪ هريءَ جو ويجهو منظر، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سرن جا خانا آهن، ڳڙڪين سان هڪ پٽرانهين دري ۽ نيري رنگ جي تر تي اڇي عربي لکت ڏسجي ٿي.



پليٽ 54 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ونگن سان خانا، هڪ ٻئي سان گڏيل وڇڙيل ونگن جو هي سلسلو، جن سيني ۾ ڪاشيءَ جي سر جي سونهن واري سنجٽ رکي وئي آهي.



پليٽ 56 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي قبي جو اندريون مٿيون پاسو، جنهن ۾ ونگائن خانن کان مٿان ڏنگڙي (Zig Zag) چٽسالي آهي.

پليٽ 57 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي وانگاڻي جي اولاهينءَ پت لڳ تعمير ٿيل مسجد جو محراب ڏاڍو چمڪيلو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ونگاوان خانا آهن. جن اندر ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي.



پليٽ 58 - پڪ سرائين دبگير مسجد، جنهن ۾ اوپر طرف ٽي ونگاوان لنگهه ڏسجن ٿا. سامهون واري پاسي ٻنهي ڏسائن کان مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. مسجد جو اڳڻ پٽرن سان جڙيل آهي. ڇت ٽي قبا ٽي ڏسجن ٿا. تعمير جو سال 1588ع آهي.

پليٽ 59 - ديگير مسجد جي وڃين لنگهه جو ويجهو ڏيک، جنهن جي هر هڪ پاسي ونگاوان خانا آهن، جن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي.



پليٽ 60 - محراب واري وڃين قبي جي فرش تي بيهي اتر پاسي نظر ڪبي ته ونگن جي ۽ ونگائين خانن جي وڻيءَ ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي.



پليٽ 61 - ديگير مسجد جو وڃيون محراب، جنهن جي سامهون واري پاسي تي پٿر تي ٽيل اُڪير وجي اڏوگابري بڃي آهي. هوا لاءِ پاسي کان ونگن سان دريون رکيون ويون آهن. متئين پاسي تي ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال ڏسجي ٿو.



پليٽ 62 - امير محمد خان جي هڪ قبي تي مشتمل هر چورس ۽ پکسرائين مسجد. لنگهه اوير پاسي کان اٽس جنهن ۾ اُڪيريل پٿر جو چوڪانو لڳل ڏسجي ٿو. هن اڏاوت جي اندرئين ۽ باهرئين پاسي کان ڪاشيءَ جي چمڪدار سر ڪتب آندي وئي هي. هن اڏاوت جو تعلق 1039 هـ / 1629ع سان آهي.

باب پنجون

ارغون ۽ ترخان دور جا يادگار

(سرن سان جوڙيل اڏاوتون)

مڪليءَ جهڙيءَ پٽرانهين جاءِ تي، پٽر جون پتيون جوڙڻ هڪ فطري ڳالهه آهي، پر اسان ڏسون ٿا، ته سيني حڪمرانن جي دورن ۾ سرن جون جايون به تعمير ڪيون ويون آهن. ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ سرن جي جڳهن ڏانهن خاص ڌيان ڏنو ويو. اسان کي سندن جوڙايل ڪيتريون نيون اڏاوتون ملن ٿيون، جيڪي انهن هتي اچي متعارف ڪرايون. انهن مان خاص طور تي، قبن جي اوچائي ۽ اڏاوتي شڪل ۾ نواڻ، اهميت جي جوڳيون ڳالهيون آهن. نئين ڪاريگريءَ ۾ هر چورس ڪمري کي اناس ۾ بدلائڻ لاءِ، پتين کي مٿي اوچائيءَ ۾ چڪي وڃڻ جي ضرورت نه ٿي محسوس ٿئي. ڪاريگر کي قُبي جي ڊيزائيءَ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻو ٿي پيو ۽ قبي کي نوڪدار بنائي ٿي ورتائين. قبي جي نوڪدار شڪل تيموري اڏاوتي فني طرز ۾ اڳي ئي گهڻي ترقي ڪري ورتي هئي. پر هتي ٻٽو قبو نه ٿو ڏسو وڃي. ان دور ۾ ٻي تبديلي به اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا آٺ پاسائين عمارت آهي. ان معاملي ۾ پتين جي سڃي اوچائيءَ ۾ دريون يا محراب ڇڏي پت جي نهرائپ کي هلڪو ڪيو ويندو هو. هيءُ اڏاوتي طريقو تيموري دور جي اڏاوتن ۾ ڏاڍو مقبول ٿي ويو هو. جو ان اڏاوت جي طريقي کي هلڪائيءَ جو تاثر پيدا ٿي ڪيو. اسان ان قسم جي اڏاوت کي مغل دور جي عمارتن ۾ گهڻو ٿڏسون ٿا. اهڙي عمارت جوڙائڻ واري ڪاريگري، جڳهن ۾ نزاڪت ۽ نفاست به آندي ۽ اڏاوتي جوڙجڪ ۾ بناوت ۾ ڪمزوري به ڪانه آئي. جڳهن جي اڏاوتي شان ۽ ان سان گڏ شڪل ۽ صورت ۾ خوبصورتي به وڌي. جنهن ۾ روشني، رنگ ۽ رونق به موجود رهي. اهڙيون سڀ خاصيتون تيموري دور جي عمارتن ۾ موجود هيون. مغلن به پنهنجي طبعيت مطابق انهن تان نقل ڪيو. اهو ساڳيو ذريعو آهي، جتان ارغونن ۽ ترخانن سرن جي جڳهن جون اڏاوتي طرزون ۽ نمونا ورتا آهن. انهن جڳهن ۾، نٽي جي رازن، هتان جي پراڻين روايتن کي پئي وندبو ۽ ورڇيو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ جيڪڏهن پٽر جي اوساري ڪئي ويندي هئي، ته به ان تي پراڻي قسم جي اُڪير واري چٽساليءَ کان سواءِ، ڪاشيءَ جي سر تي آرائش جون نيون طرزون چٽيون ويندبون هيون. جڳهن ۾ لڳل رنگين ڪاشيءَ جي سرن جون قطارون نوان نرمل نظارا پيدا ڪري وجهنديون هيون. ڪاريگر گهڻن رنگي ڪاشيءَ جي سرن جا ٽڪرا ملائي گلڪاري وارا ۽ اليڪي وارا نوان نمونا جوڙي وٺندا هئا، جن کي ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾، بنيادن وٽ، ونگدار ٻارين ۾، چوڪُنڊي ٻارين ۾، چوڪُنڊن جارن ۾، ونگن جي ونگڙن ۽ نُڪرن ۾، ڪنڌاون محرابن ۾، محرابن ۽ درن، درين ۾ ٿي استعمال ڪيو. ٻيو ته ٿهيو، پر خطاطي به ڪاشيءَ جي سرن تي ڪئي ويندي هئي. ڪاشيءَ جي سر ناهڻ جو هنر به ان دور ۾ نٽي ۾ واقف ڪرايو ويو. ان دور کان پوءِ به هيءُ هنر هتي ڏاڍو وڌندو ۽ ويجهندو رهيو. اهڙو هنر ارغونن ۽ ترخانن سان گڏ آيو. جنهن جو جنمي رشتو هرات جي تيموري اڏاوت جي فني طرز سان آهي. ان جو گهڻو تڻو رنگ نيرو ۽ سفيد آهي. واڱڻائي ۽ ڳاڙهو ايڪڙ ٻيڪڙ ملي ٿو. چٽساليءَ جون طرزون گهڻو ڪري گل ٻوٽي سان تعلق رکن ٿيون. انهيءَ طرز جو نٽي سان ۽ سنڌي ڪاشيءَ جي سر سان به گهٽ لاڳاپو آهي.

شيخ جيئي جو مقبرو

شيخ جيئو،[1] شيخ نعمت الله جو پٽ هو. ملتان جي مشهور بزرگ شيخ بهاؤ الدين زڪريا جي اولاد مان هو. سمجهه ۾ اچي ٿو، ته شيخ نعمت الله سما سلطانن جي ڏينهن ۾ نٽي آيو. شيخ جيئي جو مقبرو سرن جو نهيل آهي (نمبر 120)



تصوير 120 - شيخ جيئي جي پڪ سرائين ۽ گچ جو ليپو ڏنل مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو. جنهن جي ڪاڇي ويل ڇت ۽ ايپي طرز جا خانا ۽ هر چورس جاريا آهن. در ۽ پٽر جو چوڪاٽو ٽڪل ڏسجي ٿو. ان سان گڏ هڪ ننڍو ونگاٽون لنگهه ۽ آهي، جتان گنري ڏاکڻ تائين پهچي سگهجي ٿو. صفا مٿي محرابي جهڙو اڌ - قبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.



تصوير 121 - ارغون دور جو هڪ گمنام مقبرو. جنهن جي ٻاهرئين پاسي هڪ ٻئي اندر چوڪنبا خانا جوڙيا ويا آهن. ان کان سواءِ بنيادن کان ونڊ وڃڻين حصي تائين پٽر جي اوساري ڏسجي ٿي. پٽ جي پنڌين پاسي محراب جي اوچي اڌاوت موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي.

بيهڪ ۾ هر چورس آهي. هرپاسي جي ماپ 50 فوٽ آهي. ان عمارت جو باهريون نظارو مڪلي ٽڪريءَ تي سما دور جي تعمير ٿيل مسجد جهڙو آهي. ديوارون باهرئين پاسي گچ سان لنبيل آهن. نالييسَرَ لنب کان خالي ڇڏيا ويا آهن. سامهون پٽ ۾ ڳڙکين جا نشان ڇڏيل آهن ۽ پتيون پاڙ وٽ موکريون آهن. مکيه لنگهه ونگ سان آهي. منجهس پٽر جو چوڪاڻو پيل آهي. ان عمارت ۾ هيءَ جڻ ته هڪ قسم جي نواڻ آهي، جيڪا پراڻيءَ مسجد ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. در جو پٽرانهون چوڪاڻو لسو ۽ سادو آهي. در جي وچ تي هيٺ چانئٽ ۾ گول، چند چيرولي (Moon Stone) جو ٿهيل آهي. ٻيو ٻه هڪڙو لنگهه ساڃي پاسي ڏکڻ - اوپر جي ڪنڊ تي مٽي ڏاکڻ لاءِ آهي. ونگون ڪي سينڊ طرز جون، ته ڪي اڌ گول آهن، جيڪي سما دور کان اڳ واري عهد سان لاڳاپو رکن ٿيون. جڏهن ته ان مقبري جي پتين جي اوڇائي سما دور جي ٻين جڳهن جي پتين کان ڪجهه سرس آهي. انهن پتين جي مٿان ٿهيل اڌ قبيون ۽ ان جون محرابي ونگون ايجا تائين بچيون بيٺيون آهن، جيڪي هر چورس منڊپ کي اناس ۾ بدلائڻ لاءِ تعمير ڪيون ويون هيون. اولهه پاسي واريءَ پٽ ۾ هڪ سادو محراب آهي. هيٺ فرش جي سٽاءُ ۾ هيءَ عمارت سما دور جي پڇاڙي يا ارغون دور جي شروعات سان لاڳاپو رکي ٿي، جيڪو سورهينءَ صديءَ جو پهريون اڌ ٿي سگهي ٿو!

تصوير 122 - ارغون دور جي هڪ گمنام مقبري جو اوپاريون باهريون پاسو، جنهن وچ تي لنگهه ڏسڻ اچي ٿو. هن جي هر هڪ پاسي تي هڪ ٻئي مٿان ونگن سان خانا آهن. ونگائين لنگهه مٿان دري آهي، جيڪا ڀڳل آهي. هتي وڏيءَ ونگ جي نئين طرز ڏسجي ٿي. هيءَ عمارت 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان لاڳاپو رکي ٿي.

گمنام مقبرو

شيخ جيئي جي مقبري جي اتر طرف، پڪي روڊ جي پاسي سان، سرن جو هڪ مقبرو (نمبر 121) آهي. ونگدار باهرين ۽ باهرين مهاڙيءَ جي ٻي آرائش سبب گهٽو مشهور آهي ۽ دهليءَ [2] جي لوڌي اڏاوت جي مشهور طرز سان هڪجهڙائپ رکي ٿو. هيءَ هڪ قبي تي ٻڌل هر چورس اڏاوت آهي، جنهن جو هر باهريون پاسو 28 فوٽ 4 انچ آهي. سندس پيڙهه وارو هيٺيون پاسو پٽر سان اوساريل آهي. مٿس لنب ٿيل ڪانڌ آهي. ان جي باهرئين پاسي اُين کسڪن واري نالييسرن ۽ ونگن وارين پينل باهرين جي ڪري اُس ۽ چانوري جو مختلف تاثر ايري ٿو. ان عمارت کي رڳو ڏکڻ پاسي کان ونگ سان لنگهه آهي (نمبر 122). اوپر ۾ اتر پاسي کان، مٽي پت تي دريون رکيل آهن. الهندي پٽ ۾ محراب جوڙيل آهن. لنگهه ۽ دريون، سرن جي چوڪندي هُريءَ جهڙي ٻَهري ۾ لڳل آهن. لنگهه جي هر هڪ پاسي ونگ سان باري آهي. لنگهه ۽ درين

جي مٿان هر پاسي کان هڪ دري آهي. اولي کان هيٺان ونگن سان هارين جي بي قطار آهي. اندرئين پاسي کان ڪمرو هر چورس آهي. پٽيون گچ سان لنبيل اٿس. اولهه پاسي کان اڌ اٺ پاسائون محراب آهي. منڊپ جي ڪندن تي محرابن جون ونگون نظر اچن ٿيون. جيڪي چوڙاس کي اناس شڪل ۾ بدلائن ٿيون. ٽلهي واري فرش تي پٽر جي قبر (نمبر 123) آهي. پٽرائين لوڙهٽ جي وٽ تي ارغون دور سان لاڳاپيل اوپڙ واري اُڪير ٽيل آهي. مٿئين پاسي جي وٽ تي به اهڙي چترڪاري ٽيل آهي. سيراندي۽ کان حاشيه اندر نسخ خط ۾ رڳو 'اللّٰه' لکيل آهي. پيراندي۽ کان فارسي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پٽرانهين لوڙهٽ جي ڏکهي لاڙ وارن پاسن تي قرآن شريف جي آيت الڪرسي لکيل آهي. آيت جو اڌ هڪ پاسي ۽

تصوير 123 - ارغون دور جي گمنام مقبري اندر پٽرانهين لوڙهٽ آهي، جنهن جا به طبقا آهن. هن قبر تي اُڪير جي ٻن نموني چٽسالي۽ جي وچ تي عربي تحرير آهي.

اڌ ٻئي پاسي تحرير ڪيل آهي. صفا مٿان قرآن شريف جون ٻيون آيتون به لکيل آهن. لوڙهٽ تي سورج مکي۽، ڪنول گل يا زنجيري۽ جي ڪابه طرز موجود ڪانه آهي. اُڪير واري چٽن جي طرز جي نقط نگاه کان ان عمارت کي سورهين صدي۽ جي پهرئين اڌ ۾ چاڻائي سگهجي ٿو.

ست چڙهٽي

سرن جي عمارت، جنهن کي ست چڙهٽي۽ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، سا مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي اتر ڏانهن موجود آهي. هي۽ عمارت پنهنجي نقشي ۾ لاثاني آهي. پير حسام الدين ان عمارت کي خسرو۽ جي رائڪ سڏي[3] ٿو. خسرو خان چرڪس ترخان دور (1554ع - 1612ع) ۾ شهرت جي بلندين تي پهتو. پر مرزا جاني بيگ جي ڏينهن ۾ جڏهن مغلن ٺٽي تي حملو ڪيو، تہ سندس اقتدار ۽ اختيار ۾ اچا به ڪجهه واڌارو آيو. مرزا غازي بيگ جي گورنري۽ جي ڏينهن ۾ خاص طور 1001 هـ /1592ع کان 1017هـ /1608ع[4] تائين پنهنجي طاقت جي انتها تي وڃي پهتو. جڏهن مرزا غازي بيگ قنڌار ۾ موجود هو، تہ سندس غير موجودگيءَ ۾ ٺٽي اندر خسرو خان چرڪس اچي ڪاري جو مالڪ هو ۽ ڪانئس ڪير به پڇڻ وارو ڪونه هو. موجوده اڌاوت جوڙائڻ جي عام روايت هن ڏانهن منسوب ٽيل آهي. ست چڙهٽي پنهنجي نقشي ۾ هر چورس آهي، پر سندس ڪندون ڪجهه ماريون ويون آهن (خاڪو 6). ڪُندن جي ڪاٽجي وڃڻ کان پوءِ عمارت جڏ تہ اٺ ڪندي معلوم ٿئي ٿي. هرهڪ وڏي پاسي جي ماپ 47 فوٽ 6 انچ آهي ۽ ڪپيل ڪندن جي پاسن جي ماپ 11 فوٽ 9 انچ آهي. عمارت اٽاهين ٽلهي تي جوڙيل آهي. مهاڙي پٽرائين اٿس. ونگن سان چار لنگهه اٿس، جيڪي هر پاسي کان هڪ ئي ترتيب سان آهن. ونگون ڪشاديون ۽ سيٺڊ طرز تي آهن. لنگهه جي هر پاسي تي مٿي وڃڻ لاءِ ٻه ڏاڪڻيون آهن. حساب پٽاندر ڪل اٺ ٽين ٿيون. پر عوامي روايت پٽاندر ان جڳهه جو نالو ست چڙهٽي آهي، يعني

اها جڳهه جنهن کي ست ڏاکڻيون هجن. اهو به امڪان آهي ته انهن ڏاکڻ گند ڪچري يا پنجهوءَ جي پراءَ ۾ لڪل هجي ۽ ست ظاهر هجن. ان ڪري اهوئي ناڪو پٽجي ويو هجيس! اهو به ٿي سگهي ٿو، ته ڇٽن پاسن کان، ڏرتيءَ جي سنوت کان وڌي مٽي ٽلهي تي وڃڻ لاءِ ڏاکڻ کي ست ڏاڪا آهن. مکيه ونگ واري لنگهه جي مٿان اوڀڙ ونگ جي هيٺان هڪ ٻُهرو آهي (پليٽ 46). موجوده زماني ۾ بهري جي نيم قبو ڪري پيو آهي. هر هڪ هُري/بهرو جي ماپ 12 فوٽ 3 انچ x 6 فوٽ 5 انچ آهي. هڪ هر چورس 6 فوٽ 8 انچ رستو اُڪيري بُهري جي ڪوڻيءَ ۾ داخل ٿجي ٿو. جنهن جي ماپ 8 فوٽ 4 انچ x 5 فوٽ آهي. آخرڪار هڪ وڃ واريءَ منڊپ ۾ پهچجي ٿو، جيڪو شڪل ۽ صورت ۾ اڻاس آهي. سندس هر پاسي جي ماپ 10 فوٽ 4 انچ آهي. ڇٽن ڪنڊن تي ڪُنڊاوان محراب ناهيل آهن، جيڪي فرش جي سنوت تائين هيٺ هليا وڃن ٿا. هر ونگ جي هيٺان لنگهه آهي، جيڪو ڪنڊن مليل ڪمرن ڏانهن کُلي ٿو. اهي ڪنڊن وارا ڪمرا به شڪل صورت جي لحاظ کان اڻاس آهن. ونگدار ٽي لنگهه هر پاسي ڏانهن کلن ٿا. وڇٽين منڊپ پنهنجي اصلي بناوت ۾ قبي سان ڍڪيل هئي. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪنڊن وارن ڪمرن مٿان قبيون ناهي ڪين ڍڪيو ويو هو. ان جڳهه کي اصل ۾ پنج قبائين چت پيل هئي. وچيون قبو وڏو هو. باقي چوڏاري چار ننڍا قبا هئا. باهرين مهاڙيءَ کان اڻن ٽي پاسن تي سرن جي ٽلهين پتين اندر گهرا بُهرا به ٺهيل هئا ۽ ساڳيو حال هيٺ ايندڙ ڏاکڻين جو هو.

تصوير 124 - ست چڑهٽي جو ڏکڻ - اولهه پاسو. جنهن جي مکيه لنگهه واري ڏاکڻ کي ست ڏاڪا آهن. جيڪي وچ تي نظر اچي رهيا آهن. بنيادن وٽ پٿرن جي اوساري ڏسجي ٿي. ڪنڊن وٽ ٽي محرابي لنگهه آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 صدي عيسويءَ جي آخري حصي سان آهي.

هيءُ جڳهه، مکلي ٽڪريءَ تي پنهنجي قسم جي هڪ لاثاني عمارت آهي. جڏهن نهي پوري ٿي هوندي، تہ هڪ اتاهين ۽ شاندار يادگار بڻجي پئي هوندي. ان جي اڏاوت هڪ مٿاهين ٽلهي تي ڪيل آهي، جنهن تي مٿي وڃڻ لاءِ چئن پاسن کان ستن ڏاڪن واريون ڏاڪڻيون جوڙيون ويون آهن. وچ واريءَ - منڊپ تي اُڇو قبو ۽ ڪنڊ وارن ڪمرن تي ننڍا قبا اڏايا ويا آهن. مٿي چت تي وڃڻ لاءِ اٺ ڏاڪڻيون آهن. مهاڙيءَ تي گهريون هُريون نهيل آهن، جنهن پٽ ۾ هڪ قسم جي هلڪائي ۽ نفاست پيدا ڪري وڏي آهي. اندرئين پاسي کان چار راهداريون آهن، جيڪي مکيہ وچئين مَنڊپَ (Chamber) ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون ۽ اتان کان وري چار راهداريون ڪُنڊن وارن ڪمرن ڏانهن وڃي ٿيون وڃن. اهڙيءَ ريت اسان کي پنج هوا دار ۽ روشن ڪمرا ملن ٿا، جيڪي قبرن يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ جوڙايا ويا هئا. مقبرن لاءِ اهڙي وَرنَ جا مقبرا هندستان اندر تمام گهٽ ڏٺا ويا آهن. مثال طور: تاج محل يا دهليءَ ۾ همايون جو مقبرو آهي. موجوده وقت ۾ وچينءَ منڊپ اندر ڪيترين ئي گچ سان لِتلَ قبرون آهن.



خاڪو 6. مٿيون ست چڙهٽي تعمير جو نقشو آهي، جنهن ۾ پنج قبائين طرز جي نئين قسم جي عمارت ڏسجي ٿي. هن جڳهه جي اڏاوت جو تعلق سورهين صديءَ جي پوئين حصي سان آهي.

جيئن تہ هيءَ جڳهه سرن سان بڻيل آهي ۽ اندرئين پاسي سونهن وڌائڻ لاءِ ڪاشيءَ جون سرون استعمال ڪيون ويون آهن (نمبر 125) پر اڄ ڪاشيءَ جي سرن مان ڪي ٽوريون وڃي بچيون آهن. اهي فقط اوپارين لنگهه واري ونگ جي نُڪرن ۾ ۽ ڪجهه اوير - ڏکڻ واري ڪنڊ واري ڪمري ۾ رهجي ويون آهن. ونگ جي نُڪرن واريون وَڻيون سفيد هلڪي نيري رنگ جون آهن. جڏهن تہ ڪاشيءَ جي سرن سان وڻ واري طرز جي گڏوڇڙ چترڪاريءَ طرز تي چٽسالي ڪئي ويئي آهي ۽ اڪڙي تصوير جي چوڌاري پن ول جي ڇڻ تہ جهالر واري اُٽت ڪئي ويئي آهي. سندس تَـرُ هلڪو آسماني آهي ۽ وَل

جا موڙ سفيد رنگ جا آهن. هيءَ عمارت جُڙڻ ويل اندريون پاسو ڏاڍو من موهيندڙ ۽ اکين - ٺار هوندو.

باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري

(1050 هـ /1640ع)

هيءَ وانگاڻو ان دور جي عجيب اڏاوت آهي (پليٽ 47). ان قسم جي اڏاوت ۾ پٿر جي ڪاريگريءَ ڪي سرن جي ڪاريگريءَ ۾ بدلايو ويو آهي. هنهي ۾ هڪ جهڙي شيءِ اها آهي، ته هنهي ۾ قبر جا پٿراوان لوڙهڻ آهن. جن تي ترخاني دور وانگي ساڳيءَ قسم جي عربي لکت ۽ اُڪير جا بہ ساڳيا نمونا آهن. ڄاڻايل وانگاڻو طغرل بيگ جي چنّيءَ ۽ مرزا



تصوير 125 - ست چوڏهٽيءَ جي آڻ ڪندي منڊپ (Hall) جنهن جي فرش تي گچ سان لنبيل قبرون آهن. هر ڪند تي هڪ وڏو محراب موجود آهي. هنن محرابن ڪي ڪاشيءَ جون سرون هٽي خوبصورت ٻڌايو ويو آهي. هتي ونگ سان هڪ لنگهہ آهي. جتان گذري ٻر واري ڪمري ۾ وڃي سگهجي ٿو. مڪيہ لنگهہ واري ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل ڏسجن ٿيون.



تصوير 126 - دبگير مسجد جي مڪيہ ونگائين لنگهہ جي ٻاهرئين پاسي واري ونگائين خاني ۾ سونهن سنجٽ لاءِ ڪاشيءَ جون چمڪٽيون سرون ڪتب آندیون ويون آهن. جيڪي ڏندائين ونگ (Multi Cusped Arch) ۾ موجود ڏسجن ٿيون. هن چنّسالي طرز جي مرڪزي تصوير ائين آهي جڙ ڪا ڪوراڙ بلا وکڙ هٽندي وڃي رهي آهي. هن اڏاوت جو تعلق 1588ع واري دور سان آهي.



تصوير 127 - مرزا جاني بيگ جي مقبري واري چوڏيواري ۾ در جهڙو لنگهه، جنهن تي عربي لکت آهي، جيڪا در جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان سان گڏ خانن جو هڪ سلسلو آهي. اهڙيءَ ريت هڪ چهنبدار ونگ اندر گلن جي طرز واري چٽسالي رکيل ڏسجي ٿي.



تصوير 128 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو نقشو، جنهن ۾ اٺ ڪنڊي مقبري کي پٽر جي چوڏيواري وانگاڙو آهي، جنهن کي اوپر کان لنگهه ۽ اولهه پاسي کان پت ۾ محراب جوڙيو ويو آهي. هن مقبري کي چار لنگهه آهن. ٽن ڪُنڊن ۾ ٽي هر ٻيءَ ۽ چوٿينءَ ڪنڊ ۾ ڏاڪڻ جوڙيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو زمانو 1601ع آهي.



تصوير 129 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اڌ حصو. جنهن ۾ سونهن ۽ سنجڌ لاءِ خانن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪي ڪتب آندو ويو آهي. ڇت ۾ ڳڏيل وڇوڙيل ونگون ۽ ڪنڊرو Zig Zag ڇت ڏسڻ ۾ اڇي ٿو.

عيسيٰ خان ترخان II جي رائڪ جي وچ تي آهي. ان جي اڌاوت ڀراءَ پيل ٿَلهي تي ڪيل آهي ۽ مهاڙيءَ تي پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. اندرئين پاسي کان سندس ماپ 75 فوٽ x 69 آهي. ڏکهو پاسو اوپر کان اولهه طرف آهي. پٽ 2 فوٽ ساڌا 3 انچ ٿَلهي آهي. وانگاڙي (نمبر 131) ۾ اندر اڌ واسطي اوپر پاسي کان اُتانهون ونگدار لنگهه آهي. ان لنگهه مٿان اوچي چوڪنڊي اڌاوت آهي، جنهن مٿان ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال ڪيو ويو هو. پر هاڻي اهي غائب آهن. ان وانگاڙي جي اتر ۽ ڏکڻ وارن پاسن کان بند ونگدار لنگهه آهن، انهن جي هر پاسي ونگن سان چار دريون ۽ اندرئين پاسي هر ڪنڊ وٽ نيم آڪاس هُري بنايل آهي. اڳڻ جي ٻڌل فرش ۾ ڪلان ڪوٽ مسجد جيان سرن جو چوڪنڪو هنيو ويو آهي (ڏسو باب ٻيو). پٽ جي ٻاهرئين پاسي ۾ به ونگن سان ٻاريون ڏسڻ ۾ اڇن ٽيون ۽ انهن سان گڏ دريون به آهن. انهن جي مٿان ڪارنس جي سنوٽ ۾ ليکو نڪتل آهي. (نمبر 130). اولاهين پٽ جي وچ تي جُوڪنڊ پيش طاق لڳل آهي، جنهن کي عملي طور پٽيان واري قبي ڍڪي ڇڏيو آهي. ان پيش طاق جي هر پاسي (پليٽ 47) تي هڪ ٻئي جي مٿان ونگن سان ٻہ ٻہ ٻاريون آهن. ٽورو اڳيرو، وڇئين وڏاوڙي ۽ اڌ آنڪ ڪُنڊي هُريءَ جي وچ ۾ اندران به جارا به آهن ۽ ان کان پوءِ سڄي پٽ پوري ٿي وڃي ٿي. ڏسڻ ۾ ائين اڇي ٿو. ته اڌاوت وقت سڄيءَ اوپارين مهاڙي ۽ وڻين کي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ونگن جي نُڪرن کي ڪاشيءَ جون سرون هٽي سينگاريو ويو آهي. سرن جو رنگ گڏيل نموني تي آسماني آهي. وڇينءَ وڏيءَ ونگ جي مٿان اوچي چوڪنڊي ٻاري آهي. جنهن جي هر چورس مانڊاڻي نشانن جي اُڪير ٽيل آهي. هيءُ وڏي ونگ وارو لنگهه نندي ونگ جي ڪليل ٻُهري ڏانهن وڻي وڃي ٿو. جيڪو نماز واري ڪمري ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو مکيه قبي وارو منڊپ پڻ آهي. ٻنهي ونگن واري ساڃي ۽ ڪابي پاسي واري وڻي ۽ اندرين ونگ جو ٻاهريون مٿاڇرو تعمير وقت ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هو. نماز وارو ڪمرو (پليٽ 48) سٽاءُ ۾



تصوير 130 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري ۾ اولهه پاسي تعمير ڪيل قبائين مسجد جي محراب جو پٽيون پاسو. جنهن ۾ اٺ ڪنڊي ڊيڊي (Drum) جي مٿان مخروطي قسر جو قبو تعمير ڪيو ويو آهي ۽ ڪارنس وٽ ڪنگرين يا ڏندڻ جي قطار آهي. هن تعمير جو تعلق 1050ھ / 1640ع جي دور سان آهي.



تصوير 131 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري جو مجموعي منظر. جنهن ۾ اوپر پاسي واري؛ پٽ ۾ لنگهه تعمير ڪيو ويو آهي. اولهه پاسي کان ديوار ۾ خانا آهن. جيڪا سڄي ڪري پڄي پُري وئي آهي.



خاڪو 7. سلطان ابراهيم خان جي پڪ سرائين مقبري جي چوديواري جو نقشو. جنهن جي اوپر پاسي ونگ سان لنگهه آهي. چوديواري اندر اولهه واري پٽ ۾ مسجد جو محراب آهي. جيڪو مٿي، جو پراڻ وجهي ٽورو مٿي جوڙيو ويو آهي. وچ تي اٺ ڪنڊي چٽ هيٺان سلطان ابراهيم جي قبر آهي ان جي پرسان هڪ ٻي ننڍڙي چوديواري آهي. جنهن ۾ امير محمد سلطان جي قبر ٻڌل آهي. هن 1585ع ۾ وفات ڪئي هئي.

چوڙسو آهي. حقيقت ۾ مندپ اتر ۽ ڏکڻ پاسي ڏانهن وڌيل آهي. محراب اڌ - اَنَ ڪنڊو آهي. سندس مهاڙيءَ تي ونگ سان سينگاريل پاريون آهن. جن تي آسماني رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن جون قطارون لڳل آهن. انهن پارين جي مٿان سرن جو لهر وارو نمونو استعمال ڪيو ويو آهي. جن جا سَنڌا آسماني رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن سان پريا ويا آهن. ڪُنڊن تي اُڇيون محراب دار ونگون آهن. تنهن کان پوءِ گڏيل سڌيل ونگن جو هڪ سلسلو آهي. جن جي مٿان اڌ قبي مٿي اُسرندي تي وڃي. انهن جي پاسن ۾ ٻه هلڪي آسماني رنگ جون ڪاشيءَ جون سرون لهريدار نموني ۾ استعمال ڪيون ويون آهن. مٿي چوٽيءَ تي آسماني رنگ جي پن ول جي طرز تي ڪاشيءَ جي سر استعمال ڪئي ويئي آهي. ونگن جي هيٺان ٻه آسماني رنگ جي ڪاشيءَ جي سرَ ڪتب آندي وئي آهي. پر مٿان يا ٻاهران اهڙي سر استعمال ڪئي ويئي آهي، جنهن جو تَر نيرو ۽ پن ول واري طرز سفيد آهي. قبي واري مندپ جي اترئين ۽ ڏاکڻين پاسي ونگ سان ٻڌل هڪ هڪ دري آهي. پيش طاق جي پنڌين پاسي تي مٿان اپيءَ طرز جو قبو آهي. جنهن جي مٿان ڪنول گل جي نموني تي نيل رکيل آهي. ڏيڏي اٺ ڪُنڊي اٽس. چٽ واري اولي هيٺان ڏَندڙي لڳل آهي.

هيءَ جڳهه، پٽين وارين مسجدن جي تعمير ۾ هڪ قدر جوگو ۽ خاص نوع جو واڌارو آهي. موجوده عمارت جي مهاڙي ايترو. ته مٿي آهي جو قبو ته ڏَسڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي ۽ سڄو ڏيان پيش طاق ۾ قُبي جي اندرئين پاسي جي خوبصورتيءَ ڏانهن چڪجي ٿو وڃي. هيءَ عملي طور تي هڪ مڪمل مسجد آهي. وچ اڳڻ تي پٽرن جو جوڙيل هڪ ٽَسلهو آهي، جنهن تي سينگاريل ٽي پٽر جون قبرون آهن. هڪ قبر مٿان ڇنهبائٽو پٽرائون لوڙهڻ نصب ٿيل آهي. سمجهه ۾ اچي ٿو. ته اهائي مکيه قبر آهي.

سلطان ابراهيم خان جو مقبرو

سلطان ابراهيم، مرزا عيسيٰ ترخان جو پٽ هو ۽ عمر جي شروعاتي دور ۾ وفات ڪري ويو هو. هيءَ مقبرو نواب خليل خان[5] لاءِ منسوب ٿيل هو. جيڪو مرزا باقي بيگ جي وقت ۾ نواب هو. پر هينئين پڙهڻي پير حسام الدين راشديءَ جي ڏنل آهي.[6]

وفات شهزاده عاليمان سلطان ابراهيم بن حضرت سلطنت شعاري، ميرزا محمد عيسيٰ ترخان بهادر لکت جي تاريخ 16 ربيع الاول 966ھ /1559ع آهي.

حقيقت ۾ هيءُ مقبرو، مرزا باقي بيگ جي ڏينهن (1572ع-1584ع) ۾ ٺهي تيار ٿيو هو. عام بيهڪ ۾ وانگاڙي واري قسم جي مقبرن مان آهي. فرق رڳو اهو آهي، ته هتي وانگاڙي جي وچ تي اناس شڪل تي عمارت آهي، جيئن اسان مرزا جان بابا، ديوان شرفا خان ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II، جا مقبرا ڏسون ٿا. ٺٽي ۾ هيءُ پهرئين دور جو قديم مقبرو آهي. ٻين مقبرن وارن وانگاڙن ۾ رڳو قبرون هوندیون آهن. ترخان دور ۾ ان جڳهه، نئين قسم جي تعمير جو اضافو ڪيو. مکيه مقبرو چوڪنڊي اگڻ جي وچ تي آهي. (خاڪو 7). ونگدار لنگهه اوير پاسي کان اٽس ۽ ماپ 137 فوٽ ساڌا 7 انچ x 87 فوٽ ساڌا 10 انچ آهي. وانگاڙي جون پتيون سرن جون ٺهيل آهن، جيڪي هاٿي ڪري پيون آهن، ۽ پٿرن وارا بنياد اڃا سلامت ٻيٺا آهن. اگڻ جو فرش پٿر سان جڙيل آهي. اوير پاسي وارو ونگدار لنگهه (پليٽ 49) سرن جو ٺهيل آهي جيڪو اڃا به محفوظ آهي. پر ان تي لڳل ڪاشيءَ جون سرون ختم ٿي ويون آهن. اصل ۾ اهو لنگهه اُپي ونگ جي مٿان ٺهيل هڪ چوڪنڊيءَ اڏاوت هيٺان هو. اولهه ۾ مسجد آهي. جنهن جي ماپ 33 فوٽ ساڌا 8 انچ x 12 فوٽ ايائي انچ آهي. مسجد جي اصلي حصي مان به ڪو حصو وڃي باقي بچيو آهي. مکيه مقبري ۽ مسجد جي وچ تي امير محمد سلطان جو مقبرو آهي.

هيءُ مقبرو، سرن جو ٺهيل آهي. بنياد ۾ پٿر ڪتب آندل اٽس. سٽاءُ ۾ اَڻَ پاسو آهي. مکيه چئن پاسن مان هر هڪ پاسو 24 فوٽ ۽ ننڍن پاسن جي ماپ 15 فوٽ آهي. حقيقت ۾ هيءُ هم چورس آهي. پر ان جون ڪنڊون ماريل آهن. جيڪڏهن اها سوچ صحيح آهي، ته سندس نقشو ست چڙهٽي اڏاوت تان ورتل آهي، فرق فقط ايترو آهي ته موجوده عمارت ۾ ڪنڊن وارا ڪمرا ڪونه آهن. تڏهن به موجوده مقبرو اٺ پاسائين شڪل ۾ ٺٽي اندر نئين اڏاوتي قسم جو هڪ اهم واڌارو آهي. بعد ۾ ان مقبري جي نقشي کي ديوان شرفا خان ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبرن جي اڏاوتن ۾ ورجايو ويو آهي. اهي ٽئي عمارتون عام ۽ اڏاوتي فني طرز جي نقطه نگاهه کان پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن. اهي اٺ پاسيون عمارتون ملتان جي عمارتن کان بلڪل مختلف آهن. موجوده عمارت لوڌي دور جي دهلي وارين اٺ ڪنڊي عمارتن کان ٻنهه مختلف آهي، ڇاڪاڻ ته پوئين قسم جي عمارتن ۾ چوڌاري ونگدار ورانڊو[7] جوڙيو ويندو هو. موجوده طرز جي مقبري سان لاهور ۾ آصف خان جو مقبرو هن سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهڙيءَ ريت اسان چئي سگهون ٿا، ته اها نئين قسم جي تعميري طرز هتي ترخانن آندي.

مقبري جو منڊپ ڏيڏيءَ تائين اناس آهي (پليٽ 50). ان کان پوءِ اپيچي طرز تي قبي جي تعمير شروع ٿئي ٿي. مٿان ڪنول گل جي طرز تي نيل جڙيل آهي. جيڪا هاٿي پڇي پئي آهي. قبي جي ڏيڏي مٿي تمام اُپي آهي. مقبري جي سڄي ٻاهرين مهاڙي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هئي. ستن پاسن کان ونگن تي هُريون آهن. اتر - اولهه واري پاسي تي مٿي ڇت تي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي. چئن مکيه پاسن واريون هُريون مٿي ڏگهيون ۽ ڪجهه موڪريون آهن. جيڪي مستطيل ٻاري اندر آهن. پر ڪنڊن واريون هُريون ننڍيون آهن ۽ انهن ننڍين ونگن مٿان ليٽيل سنوت ۾ چوڪنڊي ٻاري آهي. موجوده دور ۾ هن عمارت کي فقط هڪ ڏکڻ کان ٻُنيو آهي. جنهن کي پٿر جو چوڪاڻو هنيو ويو آهي. ٻيا پاسا پٿر جي ڇاري (Grills) سان سينگاريا ويا آهن. دروازي جي مٿينءَ سنوت سان ونگ سان دري جوڙيل آهي. دروازي ۾ دريءَ واري وٽيءَ تي ڪاشيءَ جي سرن جي هڪ پٽي آهي (پليٽ 51)، جنهن ۾ قرآن شريف جا اکر آسماني تَرَ تي سفيد رنگ ۾ لکيا ويا آهن. مٿينءَ دريءَ جي چوڌاري ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن. مکيه ونگ واري هُريءَ جي نُڪرن تي پن وَل جي طرز ۽ عشق پيچان جي ول (Ivy) جو نمونو چٽيل آهي. جيڪو آڪڙي چٽسالي‌ءَ واري اُڪير جي چوڌاري ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪُنڊن وارين هُرين جي نُڪرن ۾ به ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آيل آهن. قبي جي ڏيڏي کي پٿر جا به بار ڏنل آهن. هڪ قبي جي شروعاتي بارن کان هيٺان ٻيو ڪنڊاون محرابن (Squinches) کان ٿورو مٿان آهي. سڄو ٻاهريون مٿاڇرو

ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريو ويو هو. اڄ انهن جا ڪي ٽورا اهجاڻ وجي باقي بچيا آهن. مٿئين پٽر واري بار تي قرآن شريف جون آيتون خطاطي ۾ اُڪيري لکيل آهن.

قبي جي منڊپ جو اندريون پاسو هم چورس آهي ۽ سندس هر پاسي جي ماپ 21 فوٽ آهي. ڪنڊن وٽ بنايل ڪندايون محراب (Squinches) چورس شڪل کي اناس تا ناهن ۽ مٿي گڏيل وڃڙيل ونگون اناس کي گول دائري جي شڪل ڏين تا، جيڪو قبي جو بنياد بڻجي ٿو. قبي جو اندريون پاسو بہ نيري ڪاشيءَ سان سونهارو بنايو ويو هو. اندر ڪل چار قبرون آهن.

هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ جوگي آهي، تہ قبي جي شڪل اڀيچي آهي، پر گول ناهي، چاڪاڻ تہ ٺٽي ۾ قبي جوڙڻ لاءِ پنهنجا خاص طور طريقا هئا. جيئن تہ هتي ٻٽي قبي جي ڪاريگري ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. انڪري قبا ويڪرا ڦوڪيل نظر ڪونہ ٿا اچن. رڳو مغل عمارتون آهن، جيڪي سندن شهنشاهت جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ گول قبن جي صورت ۾ نظر اچن ٿيون.

مرزا جاني بيگ جو مقبرو

مرزا جاني بيگ مرزا پائنده بيگ جو پٽ ۽ مرزا غازي بيگ جو پيءُ هو. هيءُ ٺٽي جو آخري آزاد حڪمران هو. هن مغل حڪمران اڪبر جي موڪليل فوجي سپهہ سالار عبدالرحيم خان خانان هٿان شڪست کاڌي هئي. بعد ۾ انهيءَ هن کي پنهنجي نوڪريءَ ۾ داخل ڪري صوبيدار مقرر ڪيو. سندس مقبري جي چوديواري جي مسجد واري لکت[8] موجب، هن 20 رجب 1009هـ مطابق 1601ع ۾ وفات ڪئي هئي.

مرزا جاني بيگ جي مقبري واري وانگاڻي جي ماپ 78 فوٽ 6 انچ x 71 فوٽ 9 انچ آهي. وانگاڻي جي پٽ سادن پٽرن جي جڙيل آهي، جنهن جو ٻنيو اوپر کان ۽ محراب اولهہ کان آهي. مکيہ اٺ پاون وارو مقبرو، وانگاڻي جي وچ تي جوڙيل آهي. اوپر واري ڇوڪُنبدي اُوچي اڏاوت ۾ ونگ وارو ٻنيو ٺهيل آهي، جنهن ۾ پٽر جو ڇوڪاڻو بہ هنيو ويو آهي (نمبر 127). ونگ واري لنگهہ جي وَنگڙَ ۾ چار گل آهن، جن جي چوڏاري عشقِ پيچان جي ول (Ivy) ۽ بين ٻوٽن جون ٽاريون چٽيل آهن. ونگ جي نُـڪرن تي گڏوڇڙ قسم جي اُڪير واري چٽسالي ڪيل آهي. تنهن کان پوءِ اُڪيريل ڇوڪُنبديون ٻاريون اچن ٿيون. پهرين ٻاريءَ ۾ اندر قرآن شريف جون آيتون سهڻي خطاطيءَ ۾ اُڪيريل آهن. بي ٻاريءَ ۾ خوبصورتيءَ لاءِ آرائشي طرز واري ڪوفي خط ۾ اُڪير ٽيل آهي. انهن کان پوءِ بين ٻارين جو سلسلو شروع ٿئي ٿو، جن کي اليڪي چٽن واري ايي اُڪير هڪ ٻئي کان الڳ ڪري بيهاري ٿي. هرهڪ ٻاريءَ ۾ ترخاني طرز جي اُڪير وارا چٽ آهن. جنهن ۾ آڪڙي ونگ اندر گل ٽُـڪ ٽيل آهي ۽ هرهڪ نُـڪر تي هڪ گل آهي. سڄو نمونو ان دور سان لاڳاپو رکي ٿو. پٽر تي اُڪير اچاتري ۽ ڪوڪي آهي. اولهہ پاسي کان پٽر جو محراب آهي، جيڪو اُوچيءَ ونگ هيٺان بنايو ويو آهي. ان جي مٿين اڏاوت ڇوڪنبدي شڪل تي آهي، جنهن جي مٿئين پاسي تي پٽر جي چٽساليءَ واري اُڪير جون ٽي قطارون آهن. جان بابا جي مقبري ۾ ناهيل محراب جيان ان کي بہ پاسن تي گهوڙيون هنيون ويون آهن ۽ ٻنهي پاسن کان اُڪيريل پٽرن ۾ جارا جوڙيل آهن. سنڌي نموني جيان محراب جي ٻنهي پاسن کان پاوا بہ هنيا ويا آهن. محراب جو اندر اڌ اٺ ڪُـنڊو آهي. ان جي هر مهاڙيءَ تي آڪڙي ونگ ۾ گل جي تصوير اُڪيريل آهي. ان اڌ قبي جي اندرئين پاسي تي پن ول جي طرز جي ٽُـڪ ٽيل آهي. نُـڪرن تي گل ٻوٽا چٽيل آهن، چوٽيءَ تي اپريل طرز تي گل جي تصوير جو چٽ آهي.

مقبري جي مکيہ عمارت جي سٽاءَ پٽاندر (نمبر 128) ڏکهي پاسي جي ماپ 25 فوٽ آهي. ستن پاسن کان هُـريون ۽ اتر - اولهہ واري پاسي کان مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي، اها اڏاوت اٺ ڪندي تلهي تي ٽيل آهي. جنهن جي اوچائي 3 فوٽ 3 انچ آهي. مکيہ عمارت کان بنياد ڪجهہ وڏا آهن ۽ مٿي وڃڻ لاءِ ٽي ڏاڪا آهن. هينري ڪزنس[9] جي ڏينهن ۾ مقبري وارو قبو صحيح حالت ۾ هو، پر هاڻي ڏهي ڇڪو آهي. باقي ڏيڊي ۾ بہ منزلون ٻڃيون اٿس. مکيہ ٻُـنيي کي (پليٽ 52) پٽر جو ڇوڪاڻو پڻ هنيو ويو آهي. ان جي مٿان ونگ ۽ جافري واري دري تعمير ٽيل آهي. اهي سڀ هڪ ڇوڪنبدي ڇوڪاني

اندر آهن. بين پاسن کي پچري سان دريون آهن. (پليٽ 53). باهريون سڄو پاسو واري وٽيءَ سان ۽ نيري ۽ اڇي رنگ جي ڪاشيءَ جي ليڪُن سان سينگاريو ويو آهي. جڏهن ان کي ڳاڙهي تر وارين سرن سان ڏنو وڃي ٿو ته ڏيک ڏاڍو سونهارو پيو پاسجي. اهڙيءَ ريت نُڪرن تي به نيري ۽ سفيد ڪاشيءَ جي سر استعمال ٿي آهي ۽ سندس طرز پن ول واري آهي.



تصوير 132 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي چوديواريءَ جو نقشو، جنهن ۾ اولهه پاسي کان مسجد جي تعمير ڏيکاري وئي آهي. هن مقبري جي هرڪنڊ تي هري رکڻ بدران گول قسم جا منارا جوڙيا ويا آهن. هن اڏاوت جو دور 1048ھ / 1638ع آهي.



خاڪو 8. ديوان شرفا خان جي قبر جي سامهون پُٺ ۽ پاسي جو نقشو. جيڪو باقي پاسن کان وڌيڪ اوچو آهي. قبر جي سيراندي کان اوچو پٿر لڳل آهي. قبر جي اوساري پٿر جي آهي، جنهن تي ترخاني قسم جي نقش و نگاري ٽيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1048ھ ۽ 1638ع سان آهي.

هلڪي نيري رنگ جي ڪاشيءَ سان ڇوڪندي شڪل تي ليکون ڏئي چٽسالي بنائي ويئي آهي. ساڳي چٽسالي پٽين جي ڪنڊن تي ۽ ڏهرائي ويئي آهي. پڇري واري دريءَ جي مٿان نُـڪرن تي پور وڇوٽيءَ هلڪي نيري رنگ جي ڪاشيءَ جون اڍيون ليکون نڪتل آهن. ان چٽساليءَ مٿان ڇوڪاني واري پاسي قرآن شريف جون آيتون لکيل آهن. ڍهڻ کان بچي ويل پاسي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اندرئين ڇوڙس پاڳي تي ۽ ڪُنڊن ۾ لڳل محرابن جي نُـڪرن، مٿان وارن گڏيل وڇڙيل ونگن ۽ لهريدار ليکن وارين جاين وٽ ڪاشيءَ جي سرن سان پن وَلَ جي چٽسالي ڪئي ويئي آهي. سڀ ڪان وڏيڪ اهم دروازي جي ٻنهي پاسن تي ونگ سان اڍيون ٻاريون پڇري سان دري يا ليٽيل سنوت ۾ بنيادن وٽ ٻاريون آهن (نمبر 129). اڍيون ٻاريون ڇوڙسن اندر آهن. ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾ وٽ سان ڪناري آهي. ونگون نيرن اڇن ليکن سان سينگاريل آهن ۽ اندرئين پاسي تي گڏوڇڙ نموني واري چٽسالي ٽيل آهي. ساڳيءَ ريت نُـڪرن وٽ آکڙي نقش جي چوڌاري گل ٻوٽي جي چٽسالي ٽيل آهي. فرش تي تي قبرون آهن. جن جا پٽراوان لوڙهٽ ترخاني اڏاوتي طرز جا آهن. ٻہ لوڙهٽ سنگ مرمر جا آهن، سفيد رنگ ڪانسواءِ ٻيا سمورا رنگ نيري رنگ جا نمونا آهن. جيڪي ڳاڙهي تَـرَ هجڻ ڪري ڏاڍو چٽو ۽ ٻلو ڏيڪ ڏين ٿا.

ديوان شرفا خان جو مقبرو

(1048هـ/1638ع)

ان مقبري کي هن باب ۾ ان ڪري آندو ويو آهي، جو ان جو نقشو اڳين ٻن عمارتن جهڙو آهي. هيءَ ٻہ وانگاڙي واري قسم جو هڪ مقبرو آهي. جنهن جي مقبري جي مکيہ عمارت وچ تي آهي (نمبر 132). وانگاڙي جي سرن جي پت کي وري نئين ريت جوڙيو ويو آهي. فقط اولهندي پت پنهنجي اصلي پراڻي شڪل ۾ موجود آهي. موجوده دور ۾ ڏاکڻي پت ۾ دروازو ناهيو ويو آهي. (پليٽ 55). اولاهين پت سان وچ تي ديوار واري مسجد تعمير ٽيل آهي. وچ تي محراب جو وڏاوڙو آهي. سندس هرهڪ پاسي کان ونگن سان چار ٻارين نهيل آهن. هڪ ٻاريءَ ۾ ڪيترين ئي هم چورس ٻارين آهن (پليٽ 57) هر هڪ ٻاريءَ ۾ ڪاشيءَ جي سرن جون چٽن وارين مختلف طرزون استعمال ڪيل آهن ۽ ڪيترين ڪاشيءَ جي سرن تي اليکي چٽسالي وارين شڪلين جي ملاوٽ ٻہ ٽيل آهي. نڪرون هلڪي آسماني ڪاشيءَ سان سينگاريل آهن. ڇوڪنديءَ ٻاريءَ مٿان ڪنارين وچ ۾ هڪ پٽي آهي. جنهن تي ڏاکڻ نموني هم چورس ٻارين آهن. جن تي گل چٽيل آهي. اهو نمونو ڇوڪنديءَ ٻاري کان هلندو محراب تائين وڃي ٿو. مکيہ محراب جي وچ تي ڪاشيءَ جون چار ٻارين آهن، جن ۾ سفيد هلڪي نيري ۽ گهاٽي نيري رنگ جي ڪاشي ڪتب آندي ويئي آهي. هيءَ سڄي پت واري مسجد ڪاشيءَ جي گهٽن رنگن ۾ چٽي ڳاڙهي تَـرَ هجڻ ڪري رنگ ۾ ڪڙي بيٺي آهي.

مکيہ مقبرو. سرن سان جُڙيل فرش واري ٽلهي تي تعمير ٽيل آهي. ڏسڻ ۾ ان جي بيهڪ هم چورس آهي، ڇاڪاڻ جو هن جون ڪنڊون اڳين اڏاوتن جيان ماريل نہ آهن. ان جي بدران ڪنڊن تي منارا تعمير ٽيل آهن ۽ مٿي وڃڻ لاءِ ڏاکڻ ٻہ نهيل آهي. فقط اهوئي منجهس تفاوت آهي نہ تہ سندس ٻاهرين بيهڪ ۽ ڏيڪ سلطان ابراهيم خان جي مقبري جهڙوئي آهي. ساڳئي نموني قبي جي ڊيڊي (Drum) ٻہ مٿي اُوڀي آهي. ڇوڌاري پٽر جي هسي آهي. نيري ڪاشيءَ جو عام واهپو. قبي جي طرز اُپيچي ۽ نيل پڳل آهي. پت تي هلڪي نيري ڪاشيءَ جون ڪجهہ سفيرون لڳل آهن پر اهي ٻہ ذري گهٽ ختم ٿي چڪيون آهن. داخل ٽيڻ لاءِ ونگ سان چار ٻُنيا آهن جن مٿان ٻہ هڪ وڏي ونگ تعمير ڪئي ويئي آهي. فقط ڏاکڻيءَ ونگ کي پٽر جو چوڪانو لڳل آهي. جنهن جي ٻاريءَ تي قرآني آيتون لکيل آهن. ونگن جي نڪرن کي ٻہ ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو آهي. قبي جو اندر هم چورس آهي. ڪنڌاون محرابن. ان کي اناس ۾ بدلائي چڌيو آهي. (پليٽ 56). چت تي لهريدار طرز واري چترڪاري آهي. سڄي چت جي مٿان هلڪي نيري ڪاشيءَ جا پٽا آهن ۽ هيٺ نُـڪرن جي مٿان نيريون ٻاريون ڏاڍي سونهن ۽ رونق لايون ٻيٺيون آهن.

فرش تي ست قبرون آهن. مکيہ قبر جي پٽرائين لوڙهٽ کي سيراندين کان چوڻو آهي. چوڪنڊي لوڙهٽ (خاڪو 8)

مٽان پنج ماڙ ٽلهو آهي، هيٺئين تي پن ول جي چترڪاري آهي، ٻئي تي ڏاڪڻ نموني جي هم چورس اُڪير آهي، جن ۾ گل اُڪيريل آهي، ان کان پوءِ گڏوڇڙ نموني جا چٽ چٽيل آهن، تنهن کان پوءِ ونگن سان ٻارين جو سلسلو آهي ۽ آخر ۾ چئن پنکڙين وارو گل اڇي ٿو. چوٽنو، هيٺئين پاسي کان چوڪنڊو ۽ مٿي گهٽ - پاسو ٽي نانگ جي ڦڻ وانگي بنجي ٿو پوي. اهو ٻنهي پاسن کان اُڪير واري چٽسالي سان پريل آهي. اندرئين پاسي کان، مٿي گلاب جو گل اٽس ۽ سندس چئن ڪنڊن تي چار گل آهن. هيٺئين پاسي کان ڪلمون ۽ فارسي ۾ تاريخي لکت آهي. پٽرائين لوڙهٽ جي پاسن کي زنجيري سان ٻارين ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ قرآني آيتون لکيل آهن.

دبگير مسجد

دبگير مسجد[10] جي لاءِ چيو ويندو آهي، ته ان کي خسرو خان چرکس سن 1588ع ۾ ٺهرايو هو (پليٽ 58). ان تي اهو نالو ان ڪري پيو، جو دبگيرن جي پاڙي ۾ واقع هئي. موجوده دور ۾ اها شهر کان بلڪل ٻاهران آهي. هيءَ مسجد (خاڪو 9) سٽاءُ ۾ چوڪنڊي آهي. ٻاهرين ماپ 83 فوٽ x 36 فوٽ 6 انچ سامهون 83 فوٽ 10 انچ آهي، ڊگهو اگٽ ٻه اٽس. سنڌو درياءَ جي اڀل کان بچاءَ لاءِ 1910ع ۾ ان جي اندرئين منڊپ ۽ ٻاهرئين اگٽ ۾ پراءُ وڌو ويو هو. مسجد جا بنياد، پٽر جا اوساريل ۽ تعمير سرن سان ٽيل آهي. سامهونءَ واري اگٽ جي فرش بندي تراکڙن پٽرن سان ڪئي ويئي آهي. اندر قبي ۾ بنيادن تي مٽي، ڪاشيءَ جي ٽاڦ ٽيل هئي، پر اڄ اها غائب آهي ۽ ان جي جاءِ تي ڦڪو پٽر نظر ٿو اچي. اندرئين منڊپ کي اوپر کان ونگن سان ٽي ٻنيا آهن (پليٽ 59) ۽ مٽي وڃڻ لاءِ ٻنهي پاسن کان ڏاڪڻ ٺهيل آهي. وڃون ٻنيو ٻين کان ڪجهه موڪرو آهي. پر ان جو مٿيون اولو ۽ در جو چوڪانو ختم ٿي ويا آهن. پاسن وارا ٻئي ٻنيا اوڇي ونگ وارين هُرين ۾ ڪلن ٿا. صفا مٿيون اولو ايجا بچيل آهي. ان ۾ سرن جي ڪٽ ۽ ڪور جي ڪاريگري ڇڻي نظر اچي ٿي، جنهن جي سنڌن کي گهري نيري ڪاشيءَ جي پَٽَنِ سان ملايو ويو آهي. اُڇيءَ ونگ جي مٽان ليٽيل سنوت واري ٻاريءَ ۾ ڪاشيءَ تي



خاڪو 9. دبگير مسجد جو نقشو. جنهن جو سامهون وارو پاسو ٽن وڻن ٻارين ۾ ورهايل آهي. مسجدن جي اها ٻاهرين سونهن ۽ سنجٽ وارو نمونو ترخاني مسجدن سان لاڳاپو رکي ٿو. اوپر پاسي کان ڪليل آڱڻ اٽس. وڃئين محراب جي ٻنهي پاسن کان دريون ٺهيل آهن جن وسيلي مسجد اندر ڏڻي هوا ايندي هئي. مسجد جي اوپر پاسي کان ٻنهي طرفن تي، ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. پر نقشي ۾ فقط هڪ ڏيکاري وئي آهي. هن مسجد جي تعمير ۾ اها ٻي نئين شيءِ آهي. انهيءَ اڏاوت جو لاڳاپو 1588ع سان ڏسجي ٿو.

قرآني آيتون لکيل آهن. جنهن جهڙيون ڪجهه سرون ڏاڪڻيءَ ونگ جي مٽان بچي ويون آهن. ٻنين جي وچ تي ونگ سان

(نمبر 126) پٽ ۾ اندر پينل ٻاري آهي، جنهن کي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. ان جي ڪنارين کي سرن جي ڪور سان سينگاري سنڌن کي هلڪي نيرين ڪاشيءَ جي سرن سان پريو ويو آهي. ان ڪناري جي ٻاهران گل ٻوٽي واري وَٽ آهي، جنهن ۾ ڪشادا موڙ آهن. جيڪي پنجن پنڪڙين واري سفيد گل وٽ ختم ٿي وڃن ٿا. جن جو تر هلڪو نيرو آهي. ٻاريءَ جي اندرئين پاسي ڏندائين ونگ آهي. جنهن جي هيٺ سفيد رنگ ۾ گڏوڇڙ قسم جا ولين جا موڙ آهن ۽ گهاٽو نيرو تر اٽس. ان کان مٿان مانڊاڻيءَ طرز جي چترڪاري ٿيل آهي. وري هڪ گلدان مان ڪنهن گهاٽيءَ ول جا موڙ نڪرندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڃي ۽ ڪابي پاسي ساڳيءَ ريت ونگن سان ننڍيون ٻاريون نظر اچن ٿيون ۽ منجهس ساڳي قسم جي پن ول واري طرز موجود آهي. انهن جي وچ ۾ وٿيون اڏ گول دائرن وارين ڇنڇن سان پريل آهي ۽ عشق - پيچان جي ول، ور ۽ وڪڙ ڪائيندي ڏيکاري ويئي آهي. اجگر جهڙي ڇنڇ واري هڪ طرز بہ موجود آهي، جيڪا ڪاشيءَ جي سرن جي اصليت ۽ بنياد کي ارغونن ۽ ترخانن ڏانهن اشارو ڪري ٿي. جن پنهنجي ملڪ مان ان هُنر کي هتي آندو.

وڃئين مڪي ونگ جي هينئين پاسي تي اصلي سنجٹ جا ڪجهہ حصا اڃا بہ بچيل آهن. اها ڄڻ هڪ ڇوڪَندي غاليچي وانگي ڪُلي ٿي پوي ۽ جنهن منجهہ چار مختلف ڪنارين واريون ڇنڊسالي‌ءَ جون طرزون آهن. خانن واري ڇوڙسن جن جو رنگ گهاٽو نيرو هلڪو نيرو آهي، پن گڏوڇڙ لڙهين جي وچ ۾ سفيد ۽ ڳاڙهو رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. لڙهيءَ جو رنگ سفيد ۽ تر گهاٽو نيرو آهي. بلڪل اندرئين ڪناري تي سفيد پن ول طرز واري چترڪاري آهي ۽ تر هلڪو نيرو اٽس. صفا وچ واري حصي ۾ ستارن جي قطارن واري طرز آهي. ستارن جون ليڪون سفيد ۽ تر آسماني آهي، جن کي ڪاشيءَ جي سرن جي ٽڪرن جي وچ ۾ رکي، هلڪو نيرو ڳاڙهو رنگ ڏنو ويو آهي.

نماز ادا ڪرڻ وارو اندريون سجو منڊپ (پليٽ 61) وچ تي بہ ونگون ڏئي ٽن پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي. وچون پاڳو، جيڪو هر چورس آهي ۽ پاسي وارن حصن کان مٽيرو آهي. اندرين ونگن جا هينيان پاسا (پليٽ 60) غاليچي طرز واري ڪاشيءَ سان سينگاريا ويا آهن. پاسن تي ڏوريءَ نموني لڙهيءَ جي ڇنڇسالي ڪيل آهي، جنهن ۾ گهاٽي نيري، هلڪي نيري، سفيد ۽ ڳاڙهي رنگن جون مختلف ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندين ويون آهن. منڊپ جو هر حصو ڪاشيءَ جي جهجهيءَ ڇنڇسالي‌ءَ سان سينگاريو ويو آهي. وڃينءِ منڊپ ۾ وچ تي محراب جي اڏاوت ۾ پٿر جي خوبصورت ٽڪ ٿيل آهي، جنهن جي مٿان بہ ڪاشيءَ جي سنجٹ ٿيل آهي. محراب جي هر پاسي کان هوا ۽ سهائي لاءِ پٽ جي آرپار دري بنايل آهي. پٿر جي اُڪير ڇوڪندي ڇوڻن جي سلسلي جي وچ ۾ آهي. انهن مان هڪ خاني ۾ پن ول جي ڪناري‌ءَ اندر قرآن شريف جون آيتون خاطي ۾ اُڪيريل آهن. صفا اندرين خاني واري ٻاريءَ ۾ ورن وڪڙن واري ڏوريءَ جي طرز واري اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ آخر ۾ گلن واري قطار آهي. محراب واري ونگ ۾ ليڪن وارو قبو آهي. ۽ ان جي بلڪل وچ تي پٿر جي ڇنڇسالي واري اُڪير ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي گلن جون تصويرون نظر اچن ٿيون. سندن طرز لٽڪندڙ آهي. ونگ جي ٽڪرن تي بہ گلن جون تصويرون چٽيل آهن. جن جي چوڌاري وليون آهن. صفا مٿان ليٽيل سنوت واري‌ءَ ٻاريءَ ۾ قرآني آيتون خطاطي ۾ لکيل آهن. ونگڙ ۾ پٿر جي اُڪير کان مٿئين پاسي تي هلڪي نيري ۽ ڳاڙهي ڪاشيءَ تي گهاٽي نيري رنگ ۾ پنڪڙين سان گلن جي ڇنڇسالي ٿيل آهي. ان کان مٿي وڏي ونگ آهي، جنهن ۾ سفيد ۽ هلڪي نيري رنگ ۾ پن ول جي ڇنڇسالي آهي. ونگن جي تري جي هينان قرآني آيتن جي سفيد لکت آهي، جيڪا چوڌاري ڳاڙهي اچي ٿي، ان جو تَـرُ گهاٽو نيرو آهي.

قبو، جيڪو ڪنداون محرابن تي بينل هو، سو ڀاڻي ڪري ڍهي چڪو آهي. ٻاهرئين پاسي کان ڏيڍي اناس صورت اٽس. ڪنڊن وارن محرابن کي اندرئين پاسي کان ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو آهي. پاسي جي منڊپن وارا قبا ننڍا آهن، جيڪي ڪنداون محرابن تي بينل آهن ۽ سندن ڏيڍيون گول آهن. اولهہ کان هڪ آرائشي محراب آهي، روشني ۽ هوا لاءِ بہ ڳِٹو اٽس. وچ واري منڊپ ۾ اڏيل محراب وٽ پٿر جو اڪريل هڪ سونهارو منبر آهي.

نتيجو

هتي ڪن چونڊيل جڳهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ته جيئن ان دور ۾ نون اڏاوتي فني لاڙن کي چٽو ڪيو وڃي. ان دور ۾ سر جي نموني ته نئون روپ ڏاريو. پر ڪاشيءَ جي سر ۾ آرائش جو هڪ نئون طريقو به پيش ٿيو. ڪاشيءَ جي سر جو تعلق هرات سان آهي، ان جي شڪل ۽ تعمير جي طرز، اڳ سڌي نموني ايران سان لاڳاپيل آهي. ان ڪري انهن جڳهن ۽ مغل دور جي تاريخي جڳهن ۾ گهٽي هڪجهڙائي آهي. فرق رڳو اهو آهي، ته مغلن جون اڏاوتون ڳاڙهي پٿر يا سنگ مرمر جون ٺهيل هيون. انهيءَ دور جي ڪيترين سنجڻي طرزن جو ايران تان نقل ڪيو ويو آهي. پر هتان جي اڏاوتي فني طرز جو لاڳاپو تيموري فڪر سان آهي، اهو هڪ گڏيل سرچشمو آهي، جتان مغلن به فائدو ورتو. جيتوڻيڪ مغلن ٺٽي ۾ پنهنجي حڪمراني قائم رکي، پر اڏاوتي فن پوءِ به ترخانن وارو قائم ۽ دائم رهيو. هتي اهڙن سڀني تاريخي يادگارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن سمورين اڏاوتن ۾ سنڌي طرز جي سر واري مُهر لڳل آهي.



تصوير 132 - الف - دبگير مسجد جي چوڏاري موجوده دور جي تعمير ڪيل پٽ.



پليٽ 63 - ٺٽي جي جامع مسجد، جيڪا دهلي جي شهنشاهه شاهه جهان جي حڪم سان تيار ڪئي وئي هئي. مسجد جي سامهون باغيچو آهي، جنهن لاءِ ٽي لنگهه آهن. هي هڪ موجوده دور جو واڌارو آهن. سامهون ڦوهارو، پاڻيءَ جي ڪسي ۽ راهدارين سان بيد مشڪ جا وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1054هـ /1644ع-1057هـ /1647ع سان آهي.

پليٽ 64 - مسجد جو اوپاريون ٻاهريون پاسو، جنهن ۾ ٽي ونگاوان لنگهه آهن، جن مان وچيون وڏو آهي. اتان گذري قبي واري منڊپ ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. پر اهو پاسو هاڻي ڪاڻ جا در هڻي بند ڪيو ويو آهي. سامهون پوئين دور جي هڪ قبر آهي. هر هڪ لنگهه جي پاسي ۾ دريون آهن جن ۾ گرل (gril) لڳل آهي. هنن سيني ۾ موجوده دور جون چمڪدار ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندیون ويون آهن.



پليٽ 65 - جامع مسجد جي مکيہ دروازي جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ڪاڻ جا در لڳل آهن. بنيادن کان وٺي وڃ واري حصي تائين پٽين تي مينا ڪاري جو ڪم ڏسڻ جهڙو آهي. هن ننڍي قسم جي قبي اندر ۽ هينئين پاسي گڏيل وڇڙيل ونگن ۽ محرابيءَ جي چٽسالي‌ءَ ۾ موجوده دور جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندیون ويون آهن.



پليٽ 66 - جامع مسجد جي مکيہ لنگھ جي پنڻين پاسي قبائين اڏاوت هينان ڪمري واري ڇت ۾ ڪاشيءَ جي سرن کي ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ گڏيل وڇڙيل پيچيده قسم جون ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. صفا مٿي وڃ تي سورج مُکي گل جو ڇڻ آهي. منظر مان ائين لڳي رهيو آهي جڻ آڪاس ۾ تارا ٽم ٽم ڪري رهيا هجن.



پليٽ 67 - جامع مسجد جي ٻئي قبي جي ڪمري جي ڇت، جنهن ۾ موجوده دور جي ڪاشي ڪتب آندي وئي آهي. هتي معلوم ٿيندو، تہ پراڻي دور جي ڇٽسالي‌ءَ کي ورجايو ويو آهي. ان کان سواءِ وڃ واري حصي کي اڃين ليکن سان سجايو ويو آهي.



پليٽ 68 - جامع مسجد اندر واري آڱڻ جنهن ۾ اولهه اتر ۽ ڏکڻ پاسي وارين ايوانن جي مهاڙين جي چڻسالي ڏسجي رهي آهي. هتان کان اولهه ۾ اوچو مقصوره ڏسجي رهيو آهي. تنهنکري مسجد جي محراب وارو مکيه مرکزي قبو اوڀ ۾ اچي ويو آهي ۽ نظر ڪوڙ ٿو اچي.



پليٽ 69 - جامع مسجد جي اندرئين اترئين ايوان جي مهاڙي، جتي ونگارين اڏاوتون ۽ اتر وارو قبائون مرکزي لنگهه نظر اچي ٿو. جنهن ۾ سونهن ۽ سنجڻ لاءِ ڪاشيءَ جون سرون ۽ ونگن جي هيٺئين ۽ اندرئين پاسي پٽر جا ڊگها ٽڪر ڪتب آندا ويا آهن. وچ تي گچ سان ٺهيل اچي قبر ننديي ماپ جي پلويڙي کان مٿي چڻي نظر اچي ٿي، جنهن جي هيٺان ٻين جي مقابلي ۾ وڏي ونگ ڏسجي ٿي.



پليٽ 70 - مسجد جي اترئين حصي، ٽنهن وسيلي جدا ڪيل پاسي کان ٻيهي جيڪڏهن نهاربو. ته ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هڪ منظر ڏسڻ لاءِ پڪل ڳاڙهين سرن جي ونگن جو سلسلو نظر ايندو.



پليٽ 71 - محراب جي اولهه پاسي واري مهاڙي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سر جي استعمال جو ڏاڍو ڀ ڏات جو سدا بهار نظارو موجود آهي. اڏ قبي جهڙي محراب اندر سفيد رنگ جي ليپي جي تر تي Talac tite آ ٽ آهي. پنڻين پاسي ڳڙڪين واري دري ڏسجي ٿي.



پليٽ 72 - محراب جي ڪنڊ ۾ هڪ محرابيءَ اندر ڪاشي جي سرن جا خانا ناهيا ويا آهن. جيڪي بنيادن کان وٺي محرابيءَ جي وچ تائين آهن. اندرئين مٿي پاسي ۾ ونگون ناهيون ويون آهن.

باب ڇهون

مغل دور جا تاريخي يادگار

تعارف :

مرزا جاني بيگ کان پوءِ ٻيو. مغل شاهيءَ ۾ شامل ٿي ويو. آخري ترخان حڪمران. شهنشاهه اڪبر آڏو سن 1001هـ مطابق 1593ع تي پيش ٿيو. مرزا جاني بيگ ۽ سندس پٽ مرزا غازي پوءِ بـ ٻـي جا گورنر رهندا آيا ۽ نائبن معرفت پنهنجو اختيار ۽ اقتدار هلائيندا رهيا. مرزا غازي بيگ جي وفات 1021هـ مطابق 1612ع ۾ ٿي. سندس وفات کان پوءِ دهليءَ دربار طرفان پيا گورنر 1 مقرر ٿيندا رهيا. جن جو تعداد ستٽيهه آهي. سندن وڃور هيٺين ريت آهي:

1. مرزا رستم پٽ سلطان حسين مرزا — 1021 هـ / 1612ع
2. مرزا مصطفيٰ خان — 1025هـ /1616ع
3. مرزا بايزيد بخاري — 1028 هـ /1619ع
4. نواب شريف الملڪ عرف شريف خان (ان وقت باغي شهزادو خُرم پهتو هو) — 1035هـ / 1626ع
5. مرزا عيسيٰ خان پٽ مرزا جان بابا — 1037 هـ- 1627ع/ 1038 هـ - 1628ع
6. نواب امير خان، مير ابوالبقا — 1038 هـ / 1628ع
7. نواب مظفر خان جهانگيري عرف مير عبدالرزاق معموري
8. سيد ابراهيم خان پٽ سيد بايزيد بخاري (نمبر 3)
9. نواب مغل خان — 1057 هـ / 1647ع
10. نواب ظفر خان (اصلي امير سپهر شڪوه پٽ دارا شڪوه هُئو — 1063 هـ / 1653ع
11. نواب قباد خان — 1069 هـ / 1659ع
12. نواب لشڪر خان — 1071هـ / 1660ع
13. نواب غضنفر خان — 1075 هـ / 1664ع
14. نواب سيد عزت خان عرف عزت پير — 1078 هـ - 1667ع / 1080 هـ- 1669ع ۽ وري 1084 هـ / 1673ع - 1090 هـ / 1679ع
15. نواب ابو نصرت خان — 1080هـ /1669ع، 1082هـ / 1671ع ۽ وري 1101هـ / 1690ع - 1103هـ / 1691ع
16. نواب سعادت خان — 1082 هـ / 1671ع - 1084 هـ / 1673ع
17. نواب خانزاد خان — 1090 هـ / 1679ع
18. نواب سردار خان — 1095 هـ / 1684ع
19. نواب مريد خان — 1099 هـ / 1688ع
20. نواب زبردست خان (ساڳي سال سندس وفات ٿي) — 1101 هـ / 1689ع
21. نواب حفظ الله خان — 1103 هـ / 1691ع
22. نواب سعيد خان عرف خانزاد خان — 1113 هـ / 1701ع
23. مير امين الدين خان حسين — 1114 هـ / 1702ع

24. نواب يوسف خان ترمذي 1115 هـ / 1703ع
25. نواب احمد يار خان 1116 هـ / 1704ع
26. نواب سعيد خان عرف خان 1119هـ / 1707ع - 1121 هـ / 1709ع ۾ وري 1125 هـ / 1713ع - 1125 هـ / 1713ع
27. نواب مُهيم خان 1121هـ /1709ع / 1123هـ / 1711ع ۾ وري 1123هـ / 1711ع - 1124هـ /1712ع
28. نواب شڪور خان (هن ساڳي سال وفات ڪئي) 1123 هـ / 1711ع
29. نواب خواجه محمد خليل خان 1124 هـ / 1712ع - 1124 هـ / 1712ع
30. مير لطف علي خان (شجاعت خان) 1125 هـ / 1713ع
31. نواب اعظم خان بن صالح 1128 هـ / 1716ع
32. نواب مهابت خان پٽ منيم خان 1132 هـ / 1719ع
33. سلطان محمود خان پٽ مهابت خان 1135 هـ / 1722ع
34. نواب سيف الله خان 1137 هـ / 1724ع
35. نواب دلير خان 1143 هـ / 1730ع
36. نواب همت دلير خان پٽ نواب دلير خان 1145 هـ / 1732ع
37. نواب صادق علي خان پٽ نواب سيف الله خان 1149 هـ / 1736ع - 1150 هـ / 1737ع

آخري مغل گورنر پنهنجي ضابطي واري علاقي مان ڊل اوڳاڙيءَ جو انتظام سنياليو ڪونہ سگهيو ۽ پنهنجا اختيار خدا يار خان عرف ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي ڪري ڇڏيا.

مغل دور جون عمارتون

مغل حڪمرانيءَ جي ڊگهي عرصي دوران ٹٹي ۾ ڪيتريون ئي جايون تعمير ٿيون ۽ مڪلي ٽڪريءَ تي مقبرا پڻ جُڙيا. انهن مان ڪن جو احوال آخري بن بابن ۾ اچي چڪو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي اڏاوتي طرز انهن پراڻين عمارتن جهڙي هئي. انهن عمارتن ۾ جان بابا جو مقبرو يا طغرل بيگ جي ڇٽي ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي رائڪ اچي وڃن ٿا، جيڪي ان دور جي اڏاوت سان لاڳاپو رکن ٿا. سرن جي عمارتن مان، مرزا جاني بيگ، ديوان شرفا خان ۽ مرزا باقي بيگ ازبڪ جا مقبرا مغل دور جي اڏاوت سان لاڳاپو رکن ٿا. مڪلي ٽڪريءَ تي انهن کان سواءِ بيا بہ ان دور سان لاڳاپيل سادن قبن سان مقبرا ۽ مسجدون موجود آهن. اهڙي هڪ عمارت ڇهين نمبر مغل گورنر نواب امير خان جو مقبرو آهي، جنهن تي 1628ع جي تاريخ لڳل آهي. مقبري سان گڏ چوڏاري اولي جي اڏاوت ٽيل آهي. عمارت ۾ چوديواري پڪين سرن مان جوڙيل آهي، جنهن مٿان ڪاشيءَ جي سرن جو گهٽو استعمال ڪيو ويو آهي. شيخ جيئي جي مقبري جي اتر - اولهہ ڏس تي هڪ غير روايتي اڏاوت ميران شاهہ جو مقبرو ۽ ان جي مسجد آهي. عمارت سرن جي نهيل آهي، جنهن مٿان گچ جو ليپو آيل آهي. ان جو نمونو هن ريت آهي. اولهہ ڏانهن مسجد، ان جي لڳو لڳ اوپر پاسي اڳڻ، جيڪو قبرن سان پريو پيو آهي. چوڪنڊي نموني جي ان مسجد جي ڇت جي تجر ڇڻن پاڳن ۾ نهيل آهي، مٿانئس نهيل بہ نيلون پڇي پيون آهن. ان مسجد جي اڏاوت ۾ آرائش جي فقط هڪ شيءِ آهي، جيڪا تہ اولهہ پاسي واري محراب جي هرهڪ پاسي کان جافريءَ تي دري نهيل آهي. هيءَ طرز بنگال جي اڏاوتي سنجٹي نموني ٽوري ٻئي قسم جي آهي. موجوده مثال ۾ اسان بنگال جيان اولي کي گولاين ۾ ڪونہ ٿا ڏسون. ان ڪري اهو ڇئي سگهجي ٿو. تہ هن مسجد جي تعمير بنگال جي تعمير تان ورتل نہ آهي. اها پوئين مغل دور جي ڪنهن تجر جو نمونو هوندي.

خضري مسجد

ان مسجد جي عمارت شاهي بازار[2] ٹٹي ۾ موجود آهي، جيڪا سرن جي اڏيل ۽ ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل آهي. محراب تي موجود لکت موجب هيءَ مسجد نواب عبدالرزاق مظفر خان[3] 1022هـ مطابق 1613ع ۾ گورنر ٹيڻ کان اڳ

ڀر تعمير ڪرائي هئي. مسجد پنهنجي سٽاءَ ۾ هم چورس آهي ۽ ان جي هر پاسي جي ماپ 53 فوٽ آهي. چوڌاري اُوچي پٽ جو چوديواريءَ جو وانگاڙو آيل آٿس. آڏو واري اڳڻ جي اوپر - ڏکڻ واريءَ ڪُنڊ کان ونگ تي ننڍي ڳلانڊي هئي، جيڪا بازار ڏانهن ڪُلي ٿي. مکيہ ٻُنيي کان اولهہ پاسي تي ونگن سان ٻاريون آهن، جن کي ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو آهي. آرائش ۾ ٿي رنگ ڪتب آندا ويا آهن: گهاٽو نيرو، هلڪو نيرو ۽ سفيد. ڪنارين تي پنَ ول جو گڏوڇڙ ڇٽُ آهي ۽ نيري ڏوريءَ کي لڙهيءَ وانگر استعمال ڪيو ويو آهي. مرڪز ۾ اڀين قطارن جي صورت ۾ مانڊاڻي نموني وارو ڇٽ ڪتب آندو ويو آهي. اندر واريون مانڊاڻيون سفيد، هلڪي نيري ۽ گهاٽي نيري رنگ جون آهن.

مسجد کي اوپر ڏسا کان اٺاهين مهاڙي آهي. وڇون حصو پاسن کان وڌيڪ مٿي وڌيل آهي ۽ ان ڪري منڊپ تي اڌيل ٿي قبا ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. مٿي اٺاهين هُريءَ هيڻان ونگن سان ٿي ٻنيا آهن. وڇون، پاسن وارن ٻنين کان وڏو آهي ۽ هر هڪ ونگ مستطيل اڏاوت جي هيڻان آهي. ونگن جي هيٺئين پاسي تي ڪي پٽر جا وٽين تي ڇهہ ٽنيا آهن. وڇين ونگ جي نُڪرن تي ڪاشيءَ جي آرائش ٽيل آهي ۽ هيڻان وٽيءَ تي ٻہ ٽنيا لڳل آهن. نُڪرن جي سنڇٽ خاص سنڌي نموني تي آهي. هلڪي نيري رنگ جي تَرَ تي، سفيد رنگ ۾ گل بوٽي جي طرز جي چتسالي ڪئي ويئي آهي، جيڪا آکڙي ڇٽ جي چوڌاري ڦري ٿي اچي، جڏهن تہ خاڪو سفيد رنگ ۾ ۽ پرائي نيري رنگ جي ٽيل آهي. نماز واري جڳهہ کي ٽن پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي. وچ وارو پاڳو وڏو آهي. ڀاسن واريون ونگون اتر ۽ ڏکڻ طرف آهن. پاسن وارا ننڍا ڪمرا ٻہ هم چورس آهن. جن مٿان اڌ قبا يا ننڍا قبا يا قبيون تجر جيان اوپر کان اولهہ ڏسا ڏانهن نهيل آهن تہ جن سان ڪمرو ننڍو ۽ هم چورس بنجي پوي ٿو. وڇئين هم چورس ڪمري کي، ڪُنڊن تي ڇڪون ۽ لڏڪٽا هٽي آٺ - ڪنڊو بنايو ويو آهي. وڌيڪ ڇڪون هٽي ان کي اجا ٻہ گول دائري جي شڪل ۾ آندو ويو آهي، تہ جيئن قبي جي اڏاوت لاءِ بنياد بڌجي سگهي. اهڙيءَ ريت اٺ ڪنڊي ڊيڍيءَ جي مٿئين پاسي تي قبو تعمير ڪيو ويو آهي. وچ وارو محراب اڌ آٺ - ڪنڊو آهي. ان جي ڇت وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي چتسالي آهي. ان جي خاص خوبي اها آهي، تہ درين ۾ هوا اچڻ واسطي ٿي منگهہ جوڙيا ويا آهن. ساڳيءَ ريت پاسن وارن منڊپن ۾ ناهيل محرابن ۾ هڪ هڪ هوائي منگهہ لڳل آهي. هتي جي عمارتن ۾ سنڌي قسم جي هوائي منگهن يا درين رکڻ جي گنجائش رکي ويندي هئي. گهٽو گهميل هوائن وارن علاقن ۾ هيءَ ڳالهہ ضروري هوندي آهي. نماز واري منڊپ ۾ ونگن جي هينئين پاسي تي وٽيون رکي ٽنيا هنيا ويا آهن. بنيادن تي ڪيل ڪاشيءَ جي سنڇٽ ختم ٿي چڪي آهي. البت مٿئين پاسي تي ڪاشيءَ جي چتسالي‌ءَ جا ڪجهہ نمونا بچيل آهن. ان علاقي ۾ اهڙي قسم جي مسجد، مغل دور جي هڪ اهم ۽ خاص اڏاوت آهي.

پير پٽي جي پرسان محمد بن قاسم مسجد

هيءَ مسجد، سنڌ جي هن عرب فاتح جي نالي پٽيان سڏي ويندي آهي. اها پير پٽي جي سامهون مٿاهينءَ تي اڌيل آهي. مٿس ڪابہ تاريخ لکيل ڪانہ آهي. پر ان جي نموني مان معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ سترهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ۾ تعمير ٿيل آهي. حقيقت اها آهي، تہ اهي ٻہ مسجدون آهن (نمبر 133) سندن اڳڻ ٻہ ڇگو ويڪرو آهي. ماپ اولهہ ۽ اوپر 180 فوٽ، اتر ۽ ڏکڻ 162 فوٽ آٿس ۽ مسجد اولاهين پاسي تي واقع آهي. ٻنهي مسجدن مان هڪ بلڪل وچ تي ناهيل ۽ ٻي ڏاکڻي مسجد کي گهٽو پوءِ ان ۾ شامل ڪيل ٿو پائجي. موجوده دور ۾ ٻنهي جي گڏيل مهاڙي اهڙو ڪو سٽو تاثر نٿي ڏئي، تہ ٻئي مسجدون هڪ ئي وقت جڙي راس ٽيون هوندیون. پر انهن جا اڏاوتي ڳُٽ بلڪل الڳ قسم جا آهن. اترينءَ مسجد واريءَ مهاڙيءَ کي ونگن سان تي ٻنيا آهن، جن مان وچ وارو پاسن وارن ٻنين کان وڏو آهي ۽ ان جي مٿان هڪ اٺاهين ونگ جوڙيل آهي. ان وڇئين ونگ جي هر پاسي تي ونگ سان هڪ ٻاري آهي. ان کان ساڄي پاسي تي هڪ ٻئي جي مٿان ٻہ وڌيڪ ٻاريون آهن. ڏکڻ پاسي واريءَ مسجد کي ٻہ ونگن سان تي ٻنيا آهن. هر هڪ ونگ جي مٿان چوڪنڊي شڪل جي اڏاوت آهي. ان مهاڙيءَ تي کي ٻہ خانن واريون ٻاريون رکيل ڪين آهن. ساڳيءَ ريت ڏاکڻي مسجد جي ٽنهي قبن کي اناس نموني جون ڊيڍيون آهن. ٻنهي مسجدين جو اندريون پاسو خضري مسجد جي اندرئين پاسي جيان آهي، يعني، هر هڪ



تصوير 133 – محمد بن قاسم جي نالي منسوب مسجد، جنهن ۾ ٽن قبن واريون ۽ جڳهون شامل آهن. ڏاکڻ ٻنهي مسجدن جي وچ واري حصي ۾ تعمير ڪئي وئي آهي. قبن جي چوڌاري پٿي ڏسجي ٿي. لنگهه ونگ سان آهي، جتان گذري چوديواريءَ اندر پهچي سگهجي ٿو. اها اڏاوت سترهين صدي عيسويءَ جي آخري دور جي آهي.



تصوير 134 – محمد بن قاسم جي نالي منسوب مسجد جو پٺيون پاسو. جنهن ۾ محراب واري ٻاهر ڏانهن نڪتل اڏاوت ۾ ونگن سان دريون آهن.

تصوير 135 - محمد بن قاسر جي نالي منسوب مسجد جي چوديواريءَ جي اتر - اوپر پاسي تعمير ڪيل منارو. جيڪو گول ۽ ٻن منزلن تي ٻڌل آهي. صفا مٿان قبي جهڙي شڪل اٿس. هيءَ اڏاوت سترهين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان لاڳاپيل آهي.



تصوير 136 - محمد بن قاسر جي نالي منسوب مسجد جي مناري ۾ ڪاٽ جون ٻاهر نڪتل جهلون. جي آڏار تي جهروڪو ٻيهاريو ويو آهي. قوي امڪان آهي. تہ ڄاڻايل جهروڪو آذان ڏيڻ لاءِ ڪتب ايندو هجي!

کي ٽي منڊپ آهن. وڃيون منڊپ پاسن وارن کان وڏو آهي. اترين مسجد جي ڏيڏيءَ ۾ قبي واسطي، ڪنڊن ۾ محراب جوڙيل آهن. پر ڏاکڻيءَ مسجد ۾ قبي جوڙڻ لاءِ ڇڪون رکيون ويون آهن. اڳئين مسجد جي اولهه واري محراب ۾ خانن واريون ٻاريون جوڙيل آهن. پر پوئين مسجد جو محراب سادو آهي. ٻئي مسجدون پاڻ ۾ گڏيل آهن. جتي پاڻ ۾ ملن ٽيون ان جاءِ تي مٽي وجڻ لاءِ ڏاکڻ ناهي ويئي آهي. ٻنهي مسجدن جا محراب پنئين پاسي کان پوئتي نڪتل آهن (نمبر 134)

اگڻ جي آڏو هڪ پاسي تي اندر اچڻ لاءِ ونگ سان پوئين دور جي ٺهيل هڪ ڳلاڏي آهي. اتر - اوپر واريءَ ڪنڊ تي، نو ڪانجهو (مٽي سوڙهو ٽيندو ويندڙ) مناروآهي (نمبر 135) جيڪو سرن ۽ گچ سان جوڙيو ويو آهي. مٽي وجڻ لاءِ پهرئين طبقي تائين ان ۾ اندران ڏاکڻ جوڙيل آهي ۽ ان کان پوءِ ٻئي طبقي تي پهچڻ لاءِ ٻاهران ڏاکڻ ناهي ويئي آهي. پيڙهه وٽ مناري کي سرن ۽ گچ سان هسي جوڙي ويئي آهي. ٻئي طبقي تي لِـتَـلَ اولي جي هيٺان گول ڏندڙي هٽي ان کي سينگاريو ويو آهي. مٽان چوٽيءَ تي نوڪدار قُـبِـي ٺهيل آهي، جنهن جي مٽان سادي نيل جو تاج رکيل آهي. مسجد جي اندرئين پاسي ٻ ونگ سان ٻنيو آهي. ٻنيي جي بلڪل مٽان ڪاٺ جو جهروڪو لڳل هو، جنهن کي ڪاٺ جي گهوڙين (نمبر 136) جي مدد سان بيهاريو ويو هو، انهن ڪاٺ جي گهوڙين مان هڪ اڃا ٻ بچيل آهي. ان جي هيٺان ٻٽيون چڪون هنيل آهن. پاسن تي گل ٻوٽي جي اُڪير واري چٽسالي ٽيل آهي ۽ مٽس ڏوريءَ جي لڙهي جي طرز واري چٽسالي ٻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٻئي طبقي تي روشنيءَ ۽ هوا جي گذر لاءِ دريون رکيل آهن. پهرئينءَ ماڙ تان ٻي ماڙ تي وڃڻ لاءِ ونگ سان لنگهه آهي. جهروڪي جو منهن مسجد ڏانهن آهي. معلوم ٿئي ٿو، ته ان مناري کي ٻانگ ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هوندو. مڪلي ٽڪريءَ تي ڪنهن مٽانهين هنڌ تي ان مناري جي اڏاوت، (جنهن جي هيٺان هڪ وسندي هجي ۽ اها سڪي ويل درياءَ جي ڪناري تي ٻ هجي،) ڏسي محسوس اهو ٿئي ٿو، ته ان مناري تي چڙهي پهريداريءَ جو ڪم ٻ ورتو ويندو هو. مناري جو هيٺيون گهيرو 72 فوٽ ۽ اوچائي 50 فوٽ آهي. نموني ۾ سکر واري مير معصوم شاهه جي مناري جهڙو[4] آهي، جنهن جي اڏاوت جي شروعات 1003هـ مطابق 1594ع ۾ ڪئي ويئي هئي ۽ سن 1027هـ مطابق 1618ع ۾ جڙي راس ٿيو.

امير محمد خان جي مسجد

مير علي شير قانع[5] جي بيان مطابق هيءَ مسجد، پائي خان محلي ۾، عبدالغني ۽ ملڪ مان جي چوڪ جي وچ تي نواب امير محمد خان جوڙائي هئي. مصنف جي قول مطابق اها اصلي هنڌن جي پنچائت جي جڳهه هئي. مسجد جي ٻاهران لکت موجب،[6] مسجد 1039هـ مطابق 1629ع ۾ جڙي راس ٿي. هيءَ هڪ قبي تي ٻڌل اڏاوت آهي. ٻاهرين ماپ 23 فوٽ 6 انچ ۽ اندرين ماپ 16 فوٽ 3 انچ اٿس. اها سٽاءَ ۾ هم چورس آهي. لنگهه اوپر کان اٿس. ٻاهريون پاسو گنڊ ۽ پوريءَ ماپ تي ڪٽيل ڳاڙهين سرن مان جوڙيو ويو آهي ۽ سنڌن کي نيري ڪاشيءَ سان پريو ويو آهي. سامهون واري مهاڙيءَ ۾ ٽي چوڪنڊيون بيهڪون (Frames) آهن. جن مان پاسي وارين کان وڃئين وڏي آهي. انهن سيني ۾ ڪاشيءَ جون ٻاريون سينگاريل هيون، جيڪي هاڻي تباهه ٿي چڪيون آهن. پر پاسي تي ٻ عربي لکتون اجا بچيل آهن. اتاهين وڃين اڏاوت جي اُوچيءَ ونگ جي هيٺان واري لنگهه ۾ پٽر جو چوڪاڻو آهي، جنهن جي ٻانهين تي اُڪير سان چٽسالي ڪئي ويئي آهي. سردر جي مٽان ونگ جي ونگڙ ۾ هيري - ڪٽ جي آڏين جي طرز واري چٽن جي قطار چٽيل آهي. مسجد جون پٽيون مٽي سنهيون ٽيندڙيون ٽيون وجن. اولي کان ٽورو هيٺان هلڪي نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي ڏندڙي لڳل آهي، قبو اُپکيرو آهي (پليٽ 62) جيڪو نماز پڙهڻ واري ڪمري کي ڍڪي ٿو. ڏيڏي گول دائري واري آهي. آرائش لاءِ هلڪي نيري ڪاشيءَ جي سر جو عام واهپو ڪيو ويو آهي. ڏيڏي ۽ قبي جي اوسر واري بنيادن جي وچ تي پٽر جا بار هنيا ويا آهن. ڏيڏيءَ تي هينئين آرائشي قطار گلدستن تي ٻڌل آهي. جيڪي گهاٽي نيري رنگ ۾ آهن ۽ تر سفيد اٿن. ان کان مٿينءَ قطار ۾، جيڪا ڪجهه موڪري آهي، انگريزي T اکر جي طرز تي چٽ اُڪيريل آهي، ڏاکڻ جي نموني تي، رنگ گهاٽو نيرو، تَـرُ سفيد اٿس، جيڪا واري وٽيءَ تي هيٺ مٽي چٽيل آهي. ان کان مٿان هڪ گڏوڙڻ نموني جي طرز واري چٽسالي ڪيل آهي، جنهن ۾ ليڪون هڪ ٻئي کي ڪپين ٽيون. ليڪون سفيد رنگ جون ۽ تر نيري رنگ جو آهي. اندريون پاسو، ڪنهن

پوئين دور ۾ پيڙهه وارن بارن تائين پراڻ وجهي مٽي ڪيو ويو آهي. جڏهن پويون پيل پراڻ ٽورو هٽايو ويو. تہ هينان بارين واري سنجٽ ظاهر ٿي پئي. بارين واري آرائشي طرز بلڪل نرالي آهي. ان چٽسالي ۾ گلن سان جهنجهيل بوٽا، ميوات جا ٽانو ۽ گلدستا ڏيکاريا ويا آهن. اهڙي قسم وارا چٽسالي جا طرز دهليءَ ۽ آگري جي مغل عمارتن تان ورتل آهن. چئن ڪنڊن تي ٺهيل محرابن کان پوءِ هر چورس ڪمرو اناس ۾ بدلجي وڃي ٿو. مٿي محرابن تائين يا محرابن کان وٽي چٽ تائين سنجٽ اڃا سلامت آهي. مٿي چٽ تي ڏاڳن جي اُٽت جهڙي طرز جي چٽسالي آهي ۽ چوٽيءَ تي گل جي تصوير اُڪيريل آهي. هيءُ مغل طرز جي يادگار عمارت، نٽي اندر پنهنجي نوعيت جي پهرين عمارت آهي.

نٽي جي جامع مسجد

هيءَ جامع مسجد شهنشاهه شاهجهان جي حڪم تي جوڙائي ويئي هئي. ان تي ڪيترين ئي فارسي لکتون موجود[7] آهن، جن مان سندس اڏاوت جي وچور ۽ بعد ۾ مرمت جو پتو پوي ٿو. سڀ کان پهرينءَ لکت مان ان مسجد جي بنيادن جي تاريخ 1644ع/1054ھ جي سُڌ ملي ٿي. مسجد جي پوري ٽيڙ جي تاريخ 1647ع/1057ھ ٻيءَ لکت ۾ ملي ٿي. مسجد جي فرشبندي 1657ع/1068ھ ۾ ٿي. پهرين مرمت سن 1104 ھ مطابق 1692ع ۾ شهنشاهه اورنگزيب جي زماني ۾ ٿي هئي ۽ ٻيو پيرو 1227ھ مطابق 1812ع ۾ مير مراد علي خان ٽالپر جي زماني ۾ ٿي. انگريزن جي دور ۾ ٻہ پيرا مرمت ٿي هئي. هڪ پيرو سن 1855ع ۾ ۽ ٻيو پيرو سن 1894ع ۾. آخري پيرو مرمت هلندڙ صدي جي ستين ڏهاڪي ۾ اوقاف کاتي جي طرفان ٿي. اها مرمت ساري سنيالي ڪئي ويئي. چوڏاري جيڪو ڪنُ ڪچرو پيل هو، سو بہ باهر پري ڦٽو ڪرايو ويو. آسپاس صحيح نموني سان صفائي ڪرائي اوپر پاسي کان باغ ۾ واڌارو ڪيو ويو. چوڏاري پِٽ جو وانگاڙو ڏئي ٽن ونگن سان ٽي ڳِلاڏيون اڇ وڇ لاءِ پڻ تعمير ڪرايون ويون هيون، جيڪي باغ ڏانهن ڪليل آهن.

مسجد ۽ باغ جو نقشو

باغ واريون ونگن سان ٽي ڳلاڏيون، مسجد جي اوپر واري مکيہ دروازي ۽ محراب جي بلڪل سڌ ۾ سنوت ۾ آهن. نئين باغ واريون ڳلاڏيون (پليٽ 63) مغل طرز تي جوڙيل آهن. جنهن ۾ چوڪُنڊي اڏاوت اندر ونگون جوڙيون ويون آهن. وچئين ونگ وڏي آهي ۽ ان جي مٿين اڏاوت بہ پاسن وارين ونگن کان اٽانهين آهي. هرهڪ چيڙي تي هڪ هم چورس وڏيل اڏاوت آهي، جنهن ۾ هڪ ٻئي جي مٿان ٻن خانن واريون باريون آهن. پٽ سرن جي ڪور ۽ گنبل ڳاڙهين سرن مان جوڙي ويئي آهي ۽ سنڈن کي سفيد گچ سان پريو ويو آهي. ونگن جون نُڪرون ۽ ونگن مٿان چوڪنڊي خانن جون باريون پراٽين مسجدن جي طرزن تان ورتل آهن. ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي، تہ مسجد جي سامهون چار باغ (پليٽ 64) جي طرز تي باغ بنايو وڃي، پر ان جو پورو نقل ٽي ڪونہ سگهيو آهي ۽ ڦوهارن کي پاڻيءَ جي ڪسين جي وچ ۾ نصب ڪيو ويو آهي. جارن جي ٻنهي پاسن تي سرو جا وڻ هنيا ويا آهن. وچئين وڏيءَ ونگ منجهان مسجد جو نظارو ڏاڍو پلو ٿو لڳي.

موجوده مسجد جي زمين (خاڪو 10) جي بيهڪ اڳوٽيءَ نٽي جي جامع مسجد واري نقشي کان بلڪل نياري آهي. اسان ان مسجد کي هتي پهريون پيرو جامع مسجد واري شڪل ۾ ڏسون ٿا، جنهن کي هڪ چوڪنڊو وچ وارو اڳڻ (جنهن جي چوڏاري چبر وغيره لڳل آهي) مُيسر آهي. اولهہ وارو پاسو نماز لاءِ آهي. اوپر پاسي مکيہ لنگهہ آهن، اتر ۽ ڏکڻ ۾ بہ وچ تي لنگهہ آهن ۽ پاسن کان مٿان ڊِکيل رستا آهن، جيڪي نماز پڙهڻ واري منڊپ ڏانهن وٽي وڃن ٿا. سامهون واري اڳڻ جي ماپ 164 فوٽ x 97 فوٽ آهي ۽ سڄيءَ مسجد جي ماپ 305 فوٽ x 170 فوٽ آهي. ڊگهو پاسو اولهہ ۽ اوپر پاسي آهي. اوپر ۽ اولهہ وارن ڊگهن پاسن جي ڪري هيءَ مسجد، آگري، دهليءَ ۽ لاهور جي مغلن جي مسجدن کان ماڳهين الڳ ۽ هڪ نياري حيثيت رکي ٿي. ٻيو واضح فرق اهو بہ آهي، تہ ٻين مسجدن وانگر ان مسجد جي ڪنڊ ۾ ڪٽي بہ منارو اڏيل نہ آهي. ان مسجد جي عمارت کي مکيہ وڏو قبو آهي، جنهن کي پيش - طاق واري چوڪُنڊي ڊِکي چڏيو آهي، پر ان جي پيٽ ۾ ٻين کي ٽي ويندڙا هڪ جيڏا قبا آهن، جيڪي نماز واري منڊپ کي ڇانئي ٿا ٻيهن ۽ اگڻ مان انهن جو چگيءَ پر نظارو ڪري سگهجي ٿو. اهي اتانهان پيش - طاق، ترخان دور ۾ ڏاڍا مشهور ۽ معروف هئا ۽ اهي تيموري تعمير. (خاص طور



خاڪو 10. شاهجهاني مسجد جو نقشو. جنهن ۾ نماز پڙهڻ واسطي چوڏسائن ۾ قبا نهيل آهن. وضو سارڻ لاءِ پاڻيءَ جو تلاءُ اوپر ياسي موجود آهي. هن مسجد جي تعمير جو تعلق 1644ع ۽ 1647ع جي وچ واري عرصي سان آهي.



خاڪو 11. شاهجهاني مسجد جي مُهاڙ جو نقشو. جنهن ۾ رڪيل چوڪندين پارين ۾ ڪاشيءَ جون چمڪندڙ سرون ڪتب آندل آهن. ان کان سوا، گڏيل قسم جي رنگن جي تعمير ۽ قبن جي اندرئين پاسي ستارن جهڙي خوبصورت چٽسالي ٽيل آهي.

سمرقند) جي طرز سان واسطو ركن ٿا. ٺٽي جي اڏاوتي طرز مغلن جي تعمير جي طرز بجاءِ سڏو سمرقند تان ورتل آهي. اها ڳالهه اسان کي تڏهن سمجهه ۾ ايندي، جڏهن اسان کي ياد ايندو، ته اهڙي قسم جي جهان آرا مسجد تن ڏينهن آگري ۾ به اڏائي وئي هئي. فتح پور سيڪريءَ واري جامع مسجد البت ٻئي قسم جي آهي. پر ٺٽي ۾ مکيه فرق قبن هيٺان ايوانن جو آهي. اولهه ڏانهن محراب جي هر پاسي تي ٽي پاڳا آهن، باقي اتر، اولهه ۽ ڏکڻ وارن پاس تي به به پاڳا آهن. هر هڪ پاڳو هڪ لانيري قبي سان ڍڪيل آهي. مسجد جا ٽلهن سان چانيل پاسا ۽ قبايون چٽيون اهڙي طريقي سان بنايون ويون آهن، جو جيڪڏهن مسجد جي وچئين محراب مان ٻانگ ڏني ويندي، ته مسجد جي هر هڪ پاڳي ۾ هڪ جيتري ٻڌي ويندي. وچ واري محراب جي بلڪل آمهون سامهون اوپر ڏانهن لنگهه آهي، جنهن جي مٿان هڪ يادگار قبو ٺاهيل آهي. ان لنگهه جي اندرئين پاسي مٿي وڃڻ لاءِ ڪيريدار ڏاڪڻ آهي. ان کان اڳ به اوپر پاسي هڪ ٻي غير معمولي اڏاوت آهي. اها هڪ دروازي جي واڌو اڏاوت آهي، جنهن جي وچ تي وڏي ۽ اتاهين ونگ جڙيل آهي ۽ هر هڪ پاسي تي ننڍي ونگ سان لنگهه آهي. اهو اضافي لنگهه مسجد جي هر چورس اگڻ ڏانهن وڌي ٿو وڃي، جنهن جي وچ تي وضو ڪرڻ لاءِ پاٽيءَ جو تلاءُ آهي. عام طور تي وضو ڪرڻ جو انتظام اگڻ جي وچ تي ڪيو ويندو آهي. پر هتي وضو واري تلاءُ کي اوپر پاسي ڏانهن رکيو ويو آهي، شايد اهو هتان جي آبهوا کي نظر ۾ رکي ڪيو ويو آهي.

سامهون وارو حصو

اولهه ۽ اوپر وارو حصو (خاڪو 11) جيڪو محراب جي سامهون آهي، مختلف قسم جي ڪور ۽ چٽسالي ۽ جي نمونن سان ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو آهي. اوپر پاسي کان بنايل اوچو پيش - طاق يا مقصوره ڏيڏيءَ کان ايترو ته مٿي آهي جو قبو نظر ڪونه ٿو اچي. ان جي اندرئين پاسي کي نيري ڪاشيءَ سان پٽا پٽي بڻايو ويو آهي، جيڪو چوڪنڊي ٻاري تائين هليو ٿو وڃي، ۽ جنهن کي نوڪدار يا سيني ونگن وارن درين کان الڳ رکيو ويو آهي. اهي دريون ونگ واري لنگهه ۾ هڪ ٻئي مٿان ٺاهيل آهن. بنيادن وارن هيٺين بارن تي هرونگ جي چيڙي تي ٿوريءَ وٽيءَ سان هڪ پائو آهي ۽ مختلف مهاڙين تي ليٽيل سنوت واري رخ تي ٻاريون آهن. ان کان پوءِ وچ تي هڪ منڊپ ٿو اچي، ان کان پوءِ تمام خوبصورت محراب واري قبي اندر پهچجي ٿو. ان کان پوءِ ونگ سان هڪ لنگهه کان گذري پنيون پاسو اولاهين مسجد جي ٽلهن واري پاسي ڏانهن اچجي ٿو. وچ واري ونگ تي جوڙيل گذرگاهه چوڪنڊي اڏاوت جي هيٺان آهي. ان جي پاسي ۾ ننڍي مستطيل اڏاوت هيٺان ونگ ۾ خانن واريون ٻاريون ٺاهيل آهن. انهن اڏاوتن تي مٿي، قرآني آيتون لکيل آهن. ڪنڊن وارن محرابن جي سنوت ۾ونگن سان جارين جو سلسلو آهي، جيڪو چوڙس ڪمري کي اناس ۾ بدلائي ٿو ڇڏي. ان کان پوءِ گڏيل وڃڙيل ونگن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. هيءَ اهو نمونو آهي جيڪو اسان مڪلي ٽڪريءَ جي يادگارن ۾ اڳ ئي ڏسي چڪا آهيون. جنهن ۾ اناس کي گول دائري جي شڪل ۾ آڻي مٿان قبو تعمير ڪيو ويو آهي، ۽ جنهن مٿان ڪنول جي شڪل تي نيل جوڙي ويئي. ساڳيءَ ريت اوپر واري ونگ واري لنگهه جي مٿان به قبي نهيل آهي، جيڪا ونگ سان نهيل هڪ جاءِ ڏانهن رهبري ڪري ٿي ۽ اهو رستو اڳا به اڳتي قبائين ڪمري ڏانهن وڃي ٿو. جتان ڪان اهو رستو ساڃي ۽ ڪابي وڃي وضوءَ واري تلاءُ تي ڪُٽي ٿو. پر اهو لنگهه اڄ ڪلهه بند آهي. ٻورو اڳتي اڳا به هڪڙي ٻي قبائين ڪوٺي آهي، جيڪا اوپر پاسي واري پهرئين ٽلهن واري پاسي ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي. اوپر پاسي واري چيڙي تي اتر - اوپر واري سامهون پاسي جي هر چيڙي تي ننڍي قبائين اڏاوت ڏيکارجي ٿي. اگڻ ۾ موجود وضوءَ جي تلاءُ کان هتي پهچڻ لاءِ ونگ سان هڪ لنگهه ناهيل آهي. محراب جي ڪوٺيءَ جو نمونو گڏيل وڃڙيل ونگن ۽ مقصوره کانسواءِ مغل تعمير جي طرز تان ورتل آهي. گڏيل وڃڙيل ونگن جي طرز هڪ ته قبي جي اڏاوت ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي، ٻيو ته اها خوبصورتيءَ ۾ تمام گهڻي واڌ آڻي ٿي.



تصوير 137 - شاهجهان مسجد جي هڪ قبي جي چت، جنهن جي چوڌاري ستارا چمڪندي ڏيکاريا ويا آهن. هن منظر مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته وچ تي هڪ گول نشان آهي. اهو گول نشان سچ جو آهي.

اوپر پاسي جي مهاڙي

اوپر پاسي جو نظارو (پليٽ 64) شمشاد ۽ اُپين کجين (Botlle Palm) جي وڻن ڪري ورهائجي ويو آهي. وچ تي عام لنگهه نهيل آهي، جنهن ۾ ٽي جدا نمونن جو چوڪنڊي طرز جون اڏاوتون آهن. وچئين اڏاوت پاسي وارين کان اتاهين آهي. هر هڪ مٿان قُبي ۽ هينان ونگدار لنگهه آهي. وچ وارو ونگدار لنگهه جديد دور جي ڪاٺ جي در سان بند ڪيو ويو آهي. ان دروازي کان اوپر ڏانهن هڪ قبر آهي. سمجهه ۾ اچي ٿو. ته ڪنهن معمار اُستاد رازي جي آهي. انڪري هاڻي مسجد ڏانهن اچ وڃ بن نندن لنگهن وسيلي ٿئي ٿي. اتر ۽ اوپر وارن پاسن کان اولي واري ۽ پت جي اوڃائي اڌا ٻه ڪجهه ننڍي آهي ۽ پاسي تي ٽن ونگن سان جاريون آهن. جن مان هر هڪ ۾ پجرو هنيو ويو آهي. سڄي مهاڙي ۽ نواڻ آندي ويئي آهي ۽ پراڻي طرز وارن پراڻن رنگن جو نقل ڪيوويو آهي. وچئين لنگهه جي اڏاوت ۾، موجوده دور ۾، ڳاڙهي ۽ سرڪي سفيد گچ سان اوساريو ويو آهي ۽ ونگن جي سنوت ۾ ڪارنس تي نيري رنگ جون پٽيون هنيون ويون آهن. ڪاشي ۽ جو ڪر رڳو ونگن جي ٻڪرن ۾ يا انهن جي مٿان ليٽيل سنوت واري طرز جي چٽسالي ۽ ۾ نظر اچي ٿو. سمجهه ۾ اچي ٿو. ته اهو اصلي تعمير ۾ موجود ڪونه هو. هي حالت ۾ سرن جي سنڌن کي چمڪدار گچ سان پريو وڃي ها. جيئن اسان ڏيکيئر مسجد، مرزا جاني بيگ جي مقبري ۽ ديوان شرفا خان جي مقبري ۾ ڏسون ٿا. وچئين وڏي چوڪنڊي اڏاوت جي هرهڪ پاسي تي جافري ۽ سان ننڍي نيري رنگ جي دري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪا زمين جي سطح جي حساب سان ڪجهه هيٺ تي آهي. ليٽيل سنوت واري ڇڙ ۾ چوڪنڊي ڪناري آهي، جيڪا ٻنهي چيڙن وٽ ڪور جي نموني تي ختم ٿي وڃي ٿي. ان جي وچ ۾ سفيد ڏاڪڻ نما چوڙسن ۾ نيرا ستارا آهن. لهواريون پوروچوٽيون تي قطارون، جن ۾ اڻ چٽا ڦڪا ۽ هلڪا نيرا ٽهڪا ۽ طرزون چٽيل آهن. ونگ جي مٿان آکڙي قسم جو گل ۽ پن ول جي طرز آهي. سيني ۾ گهاٽو ڪارو نيرو ۽ سفيد رنگ استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيون وڏيون عشق - پيچان ۽ پين ولين سان پريون ويون آهن، جن جو رنگ هلڪو نيرو ۽ ٿر سفيد آهي. هينيان ونگن وارا لنگهه ساڳي ۽ قسم جي سنجٽ سان سينگاريل آهن. پر وچ واري پاڳي ۾ گهاٽن رنگن واري طرز واري چترڪاري آهي. پاسن واري لنگهن ۾ ساڳي سنجٽ ورجايل آهي. وچئين اتاهين اڏاوت جي پنڌين پاسي گچ سان لنبيل سفيد قبو آهي، جنهن جي مٿان ڪنول جي گل جهڙي نيل جڙهيل آهي. ڪاٺ جو دروازو ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾ ونديل آهي، جن ۾ مختلف چٽسالي ۽ جون طرزون اُڪيريل آهن.

وضوءَ جو تلاءُ

حقيقت ۾ پاڻيءَ جو تلاءُ نئين نموني سان ٺهرايو ويو آهي، جنهن ۾ نڙن (Pipes) رستي پاڻي پهچي ٿو. تلاءُ جي چوڌاري ويهڻ لاءِ ديکيون جوڙيون ويون آهن. جيئن وضو ساري سگهجي. هيءَ هم چورس جڳهه، چوڌاري بند ڪئي ويئي آهي. ان جي اولهه ڪان چار قبيون آهن. اتر ۽ ڏکڻ پاسن کان ٻه ٻه قبيون آهن. اوپر ڏسا کان ٽي دريون آهن. اڳ ۾ اصل کان ڏکڻ واري پاسي کان قبائين ڪوڻيءَ ۾ اچي سگهبو هو. پر هاڻي اهو رستو بند ڪيو ويو آهي. هاڻي انهن قبين ۾ ونگن وارن لنگهن مان داخل ٿبو آهي، جنهن جي نُڪرن تي بي انتها خوبصورت چٽسالي ٽيل آهي، جن ۾ نيري، سفيد ۽ واڱڻائي ڪاشي ڪتب آندي وئي آهي. ڪناريءَ تي ڪارنس وٽ نيري رنگ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. هرهڪ رنگ مٽان چوڪنڊي اڏاوت نظر ايندي، جن ۾ ڳاڙهي رنگ جي سر جو گهٽو استعمال ڏسبو.

لنگهه واري قبائين ڪوڻي

اوپر پاسي مکيه لنگهه جي پنڌين پاسي وچ تي قبيءَ سان هڪ ڪوڻي جي اڏاوت نظر ايندي (پليٽ 66)، جنهن تائين رسڻ لاءِ هڪ چوڪنڊي منڊپ مان لنگهي اچڻو پوي ٿو، جنهن جي چئن پاسن کان در چڌيل آهي. منڊپ جي پٽ ۾ هيٺئين پاسي چوڌاري ڪاشيءَ جون ٽي پوروچوٽ قطارون آهن، جيڪي ٻارين جي صورت ۾ نظر ايندينون. انهن ٻارين جي بلڪل وچ تي واڱڻائي رنگ جي هڪ آڪڙي طرز چٽيل آهي، جنهن جي چوڌاري هلڪي نيري رنگ جي پَنَ وَل ڦري اچي ٿي. انهن ٻارين مٽان پٽ تي هلڪي ۽ گهاٽي رنگ جي واري وٽيءَ سان سنجٽ ٽيل آهي. ان طرز واري لنگهه مٽان جوڙيل ونگ جي ونگڙ ۾ ٻاهر جهڙي چٽسالي ڪئي ويئي آهي. ان کان سواءِ اتر ۽ اوپر پاسي جي ونگن وارين جارين ۾ ٻه ساڳي نموني جي چٽسالي نظر اچي ٿي. ان کان پوءِ مٿي واريون ڪناريون اچن ٿيون، جن جي مٿاڇري تي ڳاڙهين سرن جون وڇڙيل طرز جون ونگون جوڙيون ويون آهن ۽ وٽين تي نيري رنگ جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندل آهن. اهي ونگون پر واري منڊپ جي قبي ٽاهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. قبي جي اندرئين پاسي چوٽيءَ تي گل جي تصوير آهي. باقي رهيل وٽيءَ ۾ نيري ۽ سفيد رنگ جا چمڪندڙ ستارا آهن ۽ تَرُ واڱڻائي آهي. ان قبيءَ تي ٽيل ڪم ائين لڳي ٿو. ته چڙ اهو ڪاشيءَ جي سر سان واسطو ئي ڪونه ٿو رکي. حقيقت ۾ چمڪندڙ شيشن جي ٽڪرن جي پيوندڪاري ڪئي ويئي آهي. ان لنگهه مٽان جوڙيل قبي ۽ ان جي پاسن واريون پٽيون ونگن تي بيٺل آهن. قبي جي چت ۾ نيري، سفيد ۽ ڳڪي ڪاشيءَ جي سر جو استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ سورج مکيءَ جي گل جي چوڌاري گول دائرن جي طرز واري چترڪاري ٽيل آهي. اهي گول دائرا گلن سان بنايا ويا آهن، جن جون پنکڙيون ڪليل آهن، جيڪي چمڪندڙ سفيد ستارن جي شڪل ۾ آهن، تر انهن جو نيري آسماني رنگ ۾ آهي. شايد انهيءَ جي ڪري سڄو ڏيک ستارن پريل نيري آسمان جهڙو لڳندو آهي (پليٽ 66). هن ۾ چمڪندڙ سفيد ونگون ٻه آهن، جن ۾ ستارا چٽيل آهن. ڪنڊن وارن محرابن تي مختلف ورنن جي چٽسالي ٽيل آهي. ان جي مقابلي ۾ هڪ ٻي چت (پليٽ 67) آهي، جنهن جي چڪُنِ تي ماکيءَ - چَٽَنِ تي سفيد ليکون نڪتل آهن ۽ مٽان گڏيل وڇڙيل ونگن تي، ڳڪي تَرَ تي گهاٽي نيري ۽ سفيد رنگ ۾ گل چٽيل آهن. مٽينءَ چت تي وڇينءَ طرز جي چوڌاري چمڪندڙ ستارن جا گول دائرا آهن. ان جي وچ مرڪز ۾ وَريل ليکون آهن، جنهن جي چوڌاري پاسن تي ڪيترا گول دائرا آهن، جيڪي اڏ گولن ۾ ختم ٿين ٿا. اڏ گولن جا رنگ ڳڪا ۽ ٽڪنڊن جا رنگ نيرا آهن. ڳڪن اڏ گولن ۾ سفيد رنگ پريو ويو آهي. چت جو ڏيک مختلف قسمن جي سنجٽ وارو آهي، پر چمڪندڙ قبي جو بنيادي تصور ساڳيو آهي.

مسجد جي ڏاهن وارا پاسا

جڏهن اسان ٻيءَ قبائين ڪوڻيءَ ۾ ويندا سون، ته اسان کي ونگن جي هيٺان انگريزي اکر T جي طرز جي چترڪاري ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ان کان پوءِ قبي جي چت ڏيان چڪائيندي. چت تي اسان کي نيري رنگ جون سڌيون ليکون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جيڪي ستارن جي گول دائرن کي ملائين ٿيون. ستارا وري ٻه سفيد رنگ ۾ آهن. جيڪي وچ ۾ سج جهڙي گول طرز جي چوڌاري گول دائرن ۾ آهن. جيڪڏهن اسان اترئين پاسي کان ڏسندا سون، ته ڳاڙهين سرن جي ونگن جي وچان دالان نظر ايندو.

ونگن جي نُڪرن تي نيري رنگ ۾ اڪڙي طرز تي چٽسالي آهي. جنهن کي ڪي ڳوڙهي نيري رنگ جا موڙ ڏنل آهن. هيٺ بنيادن وارن بارن تي ليٽيل سنوت ۾ باريون آهن. مٿي قُبيءَ جي نُڪرن ۾ هڪ مستطيل وڏي پاري آهي. جنهن ۾ ونگ جي هڪ پاري آهي. جنهن تي هلڪي نيري رنگ جي چٽسالي ٽيل آهي. قبي بٽجڻ واري مرحلي تي ڇڪن تي گڏوڇڙ ماکيءَ جا مانارا چٽيل آهن. ان جي سامهون مخالف سمت ۾ دالان آهي. جيڪو محراب جي ڪمري مان بيهي اتر ڏانهن ڏسي سگهجي ٿو (پليٽ 71). اهو گهٽ - رنگي ۽ پانتي ورنن جي ڪري ڏاڍي دل لپائيندڙ ڏيک وارو آهي. هتي وري ڳاڙهين ۽ سفيد ونگن واري دالان ۾. بنيادن وارن بارن تي نيري ۽ سفيد رنگ جون ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندیون ويون آهن. جن کي ايپچن بارين. نُڪرن ۽ ونگڙ جي مٿئين اڌ ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. ڪُنڊن واريون ڊگهيون محرابي هُريون. ڪُنڊن جي سڌين ڪٽاين کي ختر ڪري ٽيون چڏين. ڪنڊ تي وڏن محرابن جي مٿان ونگن سان باريون آهن. هرهڪ پاريءَ ۾ هر وڏَ جي نيري رنگ ۾ مختلف قسمن جي چٽسالي ٽيل آهي. هتي پانت پانت جي دالان ۾ چٽسالي جو ورجاءُ ٿورو ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ آهي. ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي. تہ سنجٽ وارا طرز نت نوان هجن. جيئن ڏسندڙن جي دل تي سٺو اثر پيدا ڪن.

وچ واري اگڙ

وچ واري اگڙ (پليٽ 68) کي هاٿي نئين سر مرمت ڪري اُن جي گهڙيل پٿر سان فرشبندي ڪئي ويئي آهي ۽ ان جي چوڌاري ونگن ۾ نواڻ آندي ويئي آهي. اندرئين پاسن کان ونگن تي هيٺين پاسن تي ٿوري وٿيءَ سان پٿر جا ٿلهہ رکيا ويا آهن. اگڙ مان جڏهن ٿُلهن تي تعمير ٽيل مسجد جي پاسن تي اک ڏوڙائجي ٿي. تہ ڏيک ڏاڍو پلو لڳي ٿو. چٽسالي جي هڪجهڙائي کي بنيادن واري سنجٽ ۽ ونگن جي نڪرن تي. نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي خوبصورت چٽسالي ختر ڪري چڏي ٿي. اولهہ واري اتاهين مهاڙي من موهيندڙ ڏيک ڏيو بيٺي آهي ۽ اتر ۽ ڏکڻ وارين مهاڙين کان چٽسالي جي چُرَ ۾ منفرد ۽ نرالي آهي.

اترين مهاڙيءَ جو اندريون پاسو

لنگهہ واري وڇئين اڌاوت (پليٽ 69) جيڪا ان مهاڙيءَ تي اڌايل آهي. سا اولهہ واريءَ ٽيل اڌاوت کان گهٽو نميل آهي. سڄي مهاڙي هاٿوڪي بٽايل آهي ۽ چٽسالي جي چُرَ ۾ پراٿيءَ کان گهٽو فرق رکي ٿي. اگڙ ۾ بيهجي ٿو. تہ لنگهہ وارو سفيد قبو اٺ ڪُنڊيءَ ڏيڏيءَ سوڌو چگيءَ ريت ڏسي ٿو سگهجي. هيٺ بنيادن وٽ ٽيل سنجٽ ۽ ونگن جي نُڪرن تي ڪيل آرائش کان سواءِ ان مستطيل اڌاوت ۾ ونگن سان لنگهہ ناهيل آهي ۽ مٿي ٽن پاسن کان سفيد رنگ ۾ عربي لکت آهي ۽ تَر گهاٽي نيري رنگ جو آهي. رنگن جي گهٽائي جهڙوڪ گهاٽو نيرو. هلڪو نيرو. سفيد. سرن جو ڳاڙهو رنگ ۽ انهن رنگن جي پاڪُر ۾ سفيد لِتَلُ قبو روح کي ريجهائيندڙ ماحول پيدا ڪري ٿو وجهي.

اولاهون پاسو

اولاهون پاسو ڏاڍو سهڻو ۽ من موهيندڙ آهي. وچ تي اتانهون مقصوره ناهيل اٿس. پٿر تي قرآني آيتن جي اُڪير کان سواءِ (جيڪي مرڪزي لنگهہ جي چوڌاري قري ٽيون اچن.) سڄي مهاڙي ڪاشيءَ جي سهڻين سرن سان سينگاري ويئي آهي. ونگن کي جدا ڪندڙ اپين ليکن ۾ بہ ڏاڪيدار چوڙسن ۾ نيرا مانڌاڻيءَ نموني جا نشان چٽيل آهن. وڇئين لنگهہ جي اتاهين ونگ جي نُڪرن تي (پليٽ 70) گل ٻوٽي جي سهڻي سفيد نيري چٽسالي ٽيل آهي. ٻيءَ گل ٻوٽي جي طرز نيري رنگ ۾ آهي ۽ چٽساليءَ جو مڪيہ نمونو بہ هلڪي نيري رنگ ۾ رکيو ويو آهي. باهرين نيري ليک تي آرائش ختر ٿي وڃي ٿي. نيرين ڪاشيءَ جي سرن جي اندرين ڪناريءَ. ٻي آرائش سان گڏجي ڏاڍو چٽو چَهرو رنگ لايو بيٺي آهي.

محراب واري ڪوٺي

محراب جي اولاهين مهاڙي (پليٽ 72) تي ڏاڍي من موهيندڙ چٽسالي ۽ چترڪاري ٽيل آهي. ونگن تي بنايل وڇواري محراب کي هوا ۽ روشني واسطي پڇري سان دري آهي. جيڪا ڇوڪنڊي ونگ واري ۽ وري بيهڪ اندر بہ ڇوڪنڊي آهي. ان ۾ هرهڪ بيهڪ چمڪيليءَ ڪاشيءَ سان سجائي ويئي آهي. واري وٿيءَ تي نيري سان ڳاڙهو رنگ ملايو ويو آهي يا گهاٽي نيري کي هلڪي نيري رنگ سان رکيو ويو آهي. ان وچ واري محراب جي هر پاسي تي گهَري

هُريءَ ۾ رنگ سان ٻڌي دري هڪ ٻئي جي مٿان جوڙيل آهي. هينئين دري وڏي ۽ مٿين ننڍي آهي. اهڙيون دريون دبگير مسجد ۾ ٻه نماز واري منڊپ ۾ ٽڏي هوا اچڻ لاءِ رکيون ويون آهن. هرهڪ ڪُنڊ ۾ وٽيءَ تي پٿر جو ننڍو پائو رکيو ويو آهي. پر محراب جي سامهون پاسن تي پاوا رکيل ڪونہ آهن. پيڙهہ وارن بنيادن تي اِيءَ طرز تي ٻاريون رکيون ويون آهن. انهن ٻارين ۾ آکڙي نموني تي گهاٽي نيري رنگ ۾ چٽسالي ڪيل آهي ۽ ٻيون ٻه سفيد ۽ هلڪي نيري رنگ ۾ پن ول جي طرز تي چُروَن چٽيل آهن. محراب جي مٿئين پاسي تي ماکيءَ جي ماناري جيان سفيد گچ سان چٽسالي ڪيل آهي. اها هڪ روايتي سنڌي چٽسالي آهي، جيڪا اسان سما دور جي سرن جي مقبرن جي اولهہ پاسي وارن محرابن ۾ گهٽو ڪري ڏسون ٿا. پر اهو ضرور قبول ڪيو ويندو، تہ هتي انهن ماکيءَ جي چَٽن جي ٺاهڻ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ ڪمال جي مهانتا آهي. وڃئين محراب جي چوڌاري ۽ ڪارنس جي سنوٽ ۾ اڇي رنگ ۾ ۽ گهاٽي نيري تَہ تي هڪ سٽ ۾ عربي زبان ۾ لکت آهي. ونگن جي نُڪرن ۾ ٻه پانتي ورنن ۾ چٽسالي ۽ چترڪاري ٽيل آهي. محراب جي ونگ جي نُڪرن ۾ سفيد آکڙي طرز واري چٽساليءَ جي چوڌاري نيرو رنگ سمايل آهي. پاسي واريون دريون سنجٹ ۾ ڪجهہ گهٽ آهن. اهي بيهڪ ۾ چوڪنڊيون آهن. انهن جي نُڪرن ۾ آکڙي شڪل جي چوڌاري تر سفيد ۽ موڙ هلڪي نيري رنگ ۾ آهن. پاسي وارين درين تي تمام گهٽ چٽسالي ٽيل آهي. انهن جي چوڌاري چوڪنڊيون اڏاوتون آهن. سندن ونگن جي نڪرن ۾ محراب جيان گهاٽي نيري رنگ ۾ ساڳين طرزن واري چترڪاريءَ وارا چٽ چٽيل آهن. اڏاوت ۾ هلڪي نيري، گهاٽي نيري ۽ سفيد رنگ جون ڪاشيءَ جون سرون ڏسون ٿا. ڪنڌاوان محراب چوڙس کي اناس ۾ بدلائي ٿا چڏين. ڪارنس کان مٿان ونگن سان ٻاريون آهن ۽ هر ٻاريءَ ۾ پانتي ورنن جي چٽسالي آهي. ان کان پوءِ گڏيل وچڑيل ونگن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو، جن ۾ چمڪندڙ ستارا ۽ چٽساليءَ جا ٻيا انيڪ نمونا آهن. هينئين ٻاري ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ سُٽ ڏيندڙ آهي. اهي ٻاريون، واري تي آکڙي ۽ ڪلنگيءَ سان اڏوڪابرو آکڙي طرزن جي چٽسالي ڏيکارن ٿيون. جن جي چوڌاري عشق - پيچان جي ول جي چُر ٽيل آهي. اهڙي قسم جا نمونا وچ ايشيا اندر تيموري دور ۾ ڏاڍا مشهور ۽ هاڪارا هئا. ٽٹي ۾ ان طرز کي پٿر جي اُڪير ۾ بدلايو ويو آهي. ان ورن جي ڪاريگريءَ کي جان بابا ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبرن تي چگيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو.

ڪنڌاوان محراب (Corner Squinch)

نماز پڙهڻ واري منڊپ جا ڪنڌاوان محراب (پليٽ 73) ونگن وارين ٻارين ۾ ورهايل آهن، جن جي مٿان گڏوڇڙ نموني واريون طرزون چُريل آهن ۽ واري سان نيري، سفيد ۽ ڪڪيِ رنگ جي لهريدار ورن ۾ گول دائرا آهن، جيڪي آخرڪار ونگ ۾ لڳل سورج مکيءَ جي چوڌاري چڪر ڪاٽي ختم ٿي وڃن ٿا. ٻارين ۾ چمڪندڙ ستارا آهن. ڪڏهن اهي قطارن ۾ تہ ڪڏهن پنَ ول واري طرز ۾ آهن. نُڪرن تي چين ملڪ جي اجگر جي نموني جي چٽسالي ٽيل آهي.

نتيجو

ٹٹي واري شاهجهاني مسجد، ڪاشيءَ جي سرن جي بي انت ڪلا جو هڪ عاليشان مظهر آهي. جيتوڻيڪ نئين مرمت جي ڪري، هن جي پراڻي چٽسالِيءَ جو، اڃا اڇي ويو آهي، پرَ تنهن هوندي بہ، اتر ۽ ڏکڻ وارن دالانن جي نَون نمونن ۾ پراڻيءَ طرز جي گهٽي قدر عڪاسي ڪئي ويئي آهي. ان هوندي بہ سنڌي روايتن سان برميچڻ واسطي مسجد جي چٽساليءَ ۾ ايڏا بہ گهٽو تفاوت محسوس ٿئي ٿو. هيءَ عمارت ٻين مغل شاهي مسجدن جيان نہ آهي، جيڪي آگري، فتح پور سيڪري، دهلي ۽ لاهور ۾ پٿر سان جوڙيون ويون آهن. موجوده مسجد جي خاڪي جي جوڙجڪ، سرن جي اڏاوت منجهان ڪئي ويئي هُئي، ان ڪري اُها تعمير سرن جي جوڙيل عمارت جو سهڻو ورن آهي. جيتوڻيڪ مسجد جو نقشو جامع مسجد وارو آهي يعني وچ واري اگڻ جي چوڌاري دالان آهي، پر ان هوندي بہ ٽٹي جي سرن جي انهن ورن جي ڪاريگريءَ جو تصور گهٽو پراٽو آهي. بهرحال مٽس ٽيل ٽٹي جي ڪاشي جي سرن سان جوڙيل سهڻي ۽ سوڀياوان مسجد پنهنجي سجاٽپ ڪاشيگريءَ واري ڪم ذريعي مجرائي آهي! ٻين شاهي مسجدن ۾ پٿر جي سنجٹ ۽ جڙاوت سندن سونهن کي سوايو ڪيو آهي، پر هتي ڪاشيءَ جي پانت پانت جي ورنن ۽ رنگن ان تاريخي عمارت کي تمام گهٽو سونهارو بڻائي ڇڏيو آهي. ڪاشيءَ جي سرن ۾ پٿر جي جڙاوت



تصوير 138 - شاهجهاني مسجد جي طرز سان سجايل هڪ پٽل، جنهن ۾ اڇين ليکن جي ورڇ مختلف اليکي شڪلين ذريعي ٽوندڙ گلن کي جنم ڏنو آهي.

جهڙو نفيس ڪم، قبن جي چتين، قبن وارن ڪمرن، گنڊيل وڇڙيل ونگن ۽ ڪنباون محرابن جي سنوٽ ۾ لڳل هارين ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مڪلي ٺڪريءَ جي بين عمارتن ۾ نظر اينڊڙ گلاب جي گل جي تصوير بجاءِ اسان هتي چمڪندڙ ستارن جي طرز کي گهٽائيءَ ۾ ڏسون ٿا. سيئي ستارا گنڊجي هڪ قسم جي گلن ٻوٽن واري طرز جي چترڪاري بنائين ٿا ۽ جڏهن وچ واري گول طرز جي چوڏاري دائرن جي صورت ۾ ڏسجن ٿا (۽ گول طرز گهٽو ڪري سورج مکيءَ جو گل هوندو آهي) تہ معلوم ائين ٿيندو آهي ڇڙ اهي ستارا سج جي چوڏاري گردش ڪندا هجن! سجاوٽ ۽ اڏاوت جو اهو هڪ نئين قسم جو تصور آهي، جيڪو مغل دور ۾ ڏسجي ٿو. اهو خيال وچ ايشيا جي علم نجوم جي ان ايريل تصور ڏانهن وجي ٿو، جيڪو الغ بيگ ڏنو هو. هن شاهي طرز جو ٻيو تاثر اهو آهي، تہ پانتي ورنن جي اوسر واسطي اليکي ليکون چٽيون ويون آهن، جن ليکن جي شاندار گنڊپ مان ستارا ٻڌجي ٿا پون. (نمبر 138) انهن تاثرن کان سواءِ ڪاشيءَ جي سرن جون هاريون اهڙن وڻن ۽ ورنن ۾ آهن، جهڙا اسان ترخان دور ۾ ڏسون ٿا. ڪاشيءَ جا ڪيترا ئي قسم (جهڙوڪ: هر چورس، ڇوڪنڊيون، ڇهه - ڪنڊيون) تيار ڪيا ويندا هئا ۽ هُنر مند انهن کي نت نون ورنن ۾ ملائي جوڙي ڪيترن ئي ورنن جون هاريون جوڙيندا هئا. نٽي جي ڪاشيءَ جون سرون ايتري تہ اڪيڇار ورنن ۾ آهن، جو انهن کي ان دور جي سنجٽ کان الڳ ڪري ئي نہ ٿو سگهجي. هن تعمير کي ڏسي ڪاشيءَ جي سر جي آرائش کي پٽ جي جڙاوت واري ڪم کان آسانيءَ سان الڳ ڪري سگهجي ٿو. نٽي جي ڪاشيءَ جون سرون مغل شاهي طرز سان ڪوبہ لاڳاپو ڪونہ ٿيون رکن. جيڪڏهن انهن نٽي جي سرن جو وڇور ٻڌايو وڃي تہ ان جو سڌو واسطو تيموري اڏاوتي طرز سان وڃي ملندو، جيڪو اسان سمرقند، بخارا ۽ هرات ۾ ڏسون ٿا. انهن جو گهٽو ڪري رنگ نيرو آهي، جيڪو نٽي ۾ عام طور ڏٺو وڃي ٿو. نيري رنگ جا سفيد تَر تي گهٽا نمونا آهن ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو يا واڳڻائي تَر ملندو، جيڪو رنگ جي تاثر کي بدلائي ڇڏي ٿو. سنڌ ۾ جتي هميشہ تيز اُس هوندي آهي، هيءَ نظارو، ڏسندڙ کي دلي سکون ڏئي ٿو. نٽي جي شاهجهاني مسجد بُنيادي طرح مغل شاهي اڏاوتي طرز جو حصو سمجهي ويندي آهي، پر ان جو بنيادي اڏاوتي تصور، نٽي جي ڪاشيءَ جي سرن واري سُندر جوڙجڪ ذريعي ڪيو ويو آهي، ان جي سنجٽ ۽ آرائش ڪاشيءَ جي سر سان ڪئي ويئي آهي، جيڪا گذريل صدين کان سنڌي ڪاريگرن جي فني روايتن جو حصو بڻيل آهي.

[ضميمو]

ٺٽي جي اصليت

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ٺٽو شهر، ضلعي ٺٽي جو صدر مقام، حيدرآباد ڊويزن جو حصو آهي، سو ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو؟ تنهن جي حقيقت ڳُجهه جي پردن ۾ لڪل آهي. سنڌ جون روايتي ڪهاڻيون ان کي ملتان جيترو پراڻو ٻڌائين ٿيون: ڇئن مان هڪڙي عورت ٻين کي ٻڌائي ٿي، جن مان هرهڪ پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ ڪراڙي سمجهي ٿي، ته:

جڏ ٺٽي ٿي ٺاهه ڪيو، اڏيو ٿي ملتان،
تڏ سؤ سهيلين ساڻ، مون مٽي ڪنئي مٽي تي.[1]

ٺٽي جي بُڻ بٽياد بابت، لکت ۾ آيل هڪ اڻ سڌو اشارو، امير خسروءَ (1255ع - 1325ع) جي هڪ شعر ۾ملي ٿو، جيڪو سمجهه ۾ اچي ٿو، ته ملتان ۾ رهائش واري عرصي دوران 678هـ مطابق 1284ع کان 683 هـ /1284ع ۾ هُو هتي آيو هوندو. سندس شعر جي تخليق جي صحيح تاريخ جو ته پتو ڪونه ٿو پوي، پر ايترو چئي سگهجي ٿو، ته 1279ع کان 1325ع تائين ان شعر جي تخليق جو دور آهي. جڏهن ته اهو به يقين سان چئي سگهجي ٿو، ته ٺٽي جي آبادڪاري سنڌو درياءَ جي وچئين وهڪري جي ڦيرگهير سان ڪنهن حد تائين لاڳاپيل رهي آهي. گهٽو ڪري ته اهو درياءِ ڦيرو ان ئي عرصي دوران آيو هو.

هيءُ اهو دور آهي، جڏهن سومرا خاندان جي اقتدار جو سج زوال پذير هو. ان جو سبب اهو هو، ته پراڻ ڍوري وارو سنڌو درياءَ جو وهڪرو پنهنجا اڳيان ماڳ مٽائي گهٽو اولهه پاسي تي وهڻ لڳو هو. جنهن کي اسان پنهنجي آسانيءَ لاءِ "ٺٽي وارو وهڪرو" سڏي سگهون ٿا. سومرن جي حقيقي اقتدار جو سڄو مدار پراڻ واري وهڪري تي هو، جنهن ۾ پاٽي هوريان هوريان گهٽجي رهيو هو ۽ انهيءَ پاسي وارن علاقن ۾ زرعي آبادي گهٽ ٿيڻ جي ڪري سندن اقتصادي حالتون ڊانواڊول ٿي رهيون هيون. ٻئي پاسي الهنديءَ شاخ ۾ پاڻيءَ جي جهجهي هُجڻ ڪري زرعي آبادي (عام جام) ٿي ويئي هئي ۽ سما زميندار خوشحال ٿي ويا هئا. سومرا خاندان جا، جيڪي خيرخواهه هئا، تن کي ٻين وانگر اهو خيال دل تي ويندل هو، ته درياءَ جو وهڪرو اروڙ وٽان (روهڙي پرسان) بند ٻڌڻ ڪري جڳهه مٽائي ويو آهي، جنهن ڪري هاڪڙي (ايرندي ناري) ۾ پاڻيءَ جي آوت گهٽجي وئي آهي. تنهنڪري اهي آس ۽ اميدون لايو وينا هئا، ته اها بند ٻڌي پوري ٿيندو ۽ سومرن جي زميندارين ۾ خوشحالي وري موٽي ايندي:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڃندي بند اروڙ،
بهه، مڃي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوکڙي.[2]

انهيءَ سان گڏ انهن ماڻهن کي چينيپو ويو آهي، جيڪي پراڻ ڍوري جي اوپر پاسي سومرن وارن علاقن مان لڏي، پراڻ جي الهندي پاسي سمن جي علاقن ۾ خاص ڪري ننگر (ٺٽي) ۾ آباد ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

متان ويهجا ماڙ هئا، ننگر جي آڌار،
پراٽا پرار، نوان مَ اڌِجا نِجهرا.[3]

انهن حوالن پٺاندر، ٺٽو نندِيءَ يا وڏيءَ صورت ۾، انهن ڏينهن ۾ نگر جي صورت ڌاري ڇڪو هو يعني پنهنجي ملڪ جي راڄڌانيءَ جي حيثيت وٺي ڇڪو هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ نگر جي معنيٰ ۽ مطلب صدر مقام، جتي حڪمران رهي ۽ نگريءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم علاقو يا رياست هوندي آهي. اڄ به سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي ماڻهن وٽ ٺٽي جو مشهور ۽ هاڪارو نالو

"ننگر ٺٽو" يا رڳو "نگر" آهي.

تاريخي حوالا جيڪي بيٺن ۾ اشارو ڪري رهيا آهن، سي هي آهن تہ سومرا خاندان (1050ع - 1350ع) جي حڪمراني انهن ڏينهن ۾ زوال پذير ٿي. جيتوٽيڪ خاندان جا پويان حڪمران اڃا پراڻ کان اوپر چوڙ واري دوآبي علاقي جا حڪمران هئا. اهو زمانو تيرهين صدي عيسويءَ جي شروعات کان وٺي چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ تائين هليو.

اها ڳالهہ بنا ڪنهن شڪ ۽ گمان جي چئي سگهجي ٿي، تہ ٺٽو - سنڌو درياءَ جو لاڙلو ٻچو هو ۽ اهو تڏهن جائو، جڏهن وڃئون پراڻ وارو مکيہ وهڪرو، گهٽو الهندي پاسي سرڪي ٺٽي وٽان وهڻ لڳو. اهو پتو سنڌ جي ماڳ مڪانن جي سماجي نالن ۽ زبان جي تحقيق جي علم مان بلڪ خود 'ٺٽي' لفظ جي معنيٰ مان پيو آهي. "ٺٽي" "نَـٽ" ۽ "ٺٽو"، انهن ٽنهي جو عام مطلب، درياءَ يا ان جي دائمي وهندڙ ڦاٽن جي ڪپر واري وسندي يا ڳوٺ آهي. جيڪڏهن اها وسندي ٿوري وقت لاءِ هجي ۽ فقط مهاڻن جي هجي ۽ ان وسنديءَ کي مچي آڻڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻين، تہ سندس نالو ميارٽي يا ميارٽ هوندو آهي، پر جي اها آبادي جهجهي ۽ وڏيل آهي ۽ ان ۾ مهاڻن کان علاوه هاري ڪڙمي پڻ پنهنجي ڇوٻائي ڳائي مال جي ڏاڻن سان ٽانيڪا آهن، تہ پوءِ اهڙي وسنديءَ کي ٺٽي ۽ ان کان وڏيڪ ڏڻ ڏنارن ۽ ڪڙمين ڪاسبين واري وسندي کي "نٽ" ۽ اڃا بہ وڏيڪ گهٽي آبادي‌ءَ واري زندگيءَ جي سموري ڪاروهنوار کي هلائيندڙ شهر، (جيڪو تمام وڏو ۽ خوبصورت هوندو آهي) تنهن کي ٺٽو چيو ويندو. جيڪو مک درياءَ يا ان جي دائمي وهندڙ ڦاٽن تي اڏيل هجي. سنڌو درياءَ جي ڪناري سان ڪيترين ئي ٺٽيون ۽ نٽ[4] آهن. پر تاريخ ۾ وڏو ۽ هاڪارو ٺٽو فقط هڪ آهي.

ٺٽي شهر جا موجوده ماڳ ۽ سنڌو درياءَ جي وهڪرن جا پراڻا پيٽ، اهو ڏيکارين ٿا، تہ ٺٽو پراڻي سنڌو درياءَ جي بيگهوءَ ۾ واقع آهي ۽ اهڙيءَ ريت آبڪلاڻي واريءَ موسم (مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر) ۾ ٻوڏ کان محفوظ رهندو هو. ان حقيقت جي پٺيراڻي ٺٽي تي فيروز شاهہ تغلق (1350ع - 1365ع) جي حملن ۽ ان کان پوءِ شاهہ بيگ ارغون جي حملي (1520ع) مان پڻ ملي ٿي. انهيءَ کان وڌيڪ صحيح بيان سراج عفيف جي "تاريخ فيروز شاهي" ۽ ادراڪي جي "بيگلارنامہ" جا آهن. ادب ۾ اسان کي ٺٽي بابت وڌيڪ چٽا حوالا ملن ٿا، تہ هيءُ شهر ٺٽو، آب پنجاب (سنڌو درياءَ) ۽ درياءَ جي (ڦاٽ) جي وچوئن وچ تي هو. اهو حوالو فيروز شاهہ جي دور (1351ع - 1388ع) جي شاعر 'مطاهر'[5] جي شاعريءَ مان ملي ٿو، چون ٿا، تہ اهو شعر چوڏهين صدي عيسويءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ چيل آهي.

هاڻي سوال هي آهي، تہ اهو ٺٽو شهر درياءَ جي مکيہ وهڪري تي هو يا ڪنهن ڦاٽ تي قائم ٿيو هو. پر پڪ سان اصلي وسندي 'نـٽي' يا 'نٽ' قائم ٿي چڪي هئي. ان وقت سنڌو درياءَ جو مکيہ وهڪرو ڪهڙو هو؟ يا ڦاٽ ڪيئن وهندو هو؟ اهڙن سوالن جي جواب ڏيڻ واسطي اسان کي سنڌو درياءَ جي مٿئين پاسي جي وهڪرن جي تبديلين متعلق عام منظر واري ڄاڻ ٿي عبور حاصل ڪرڻو پوندو ۽ ٺٽي جي پرپاسي جي درياڻي وهڪرن جي ڦير گهير واري تاريخ تي نظر ڪرڻي پوندي. ان معاملي ۾ هيٺيان قياس (جيڪي ڪافي قدر ممڪن آهن ۽ انهن کي صحيح نموني سان ثابت بہ ڪري سگهجي ٿو) آهن، جن تي ڏيان ڏرڻ لازمي ٿيندو:

(1) سنڌو درياءَ جو مکيہ وهڪرو، جيڪو نواب شاهہ ۽ سڪرنڊ تعلقي وٽ اوپر/ڏکڻ پاسي (پراڻ طرف) هو، سو موڙ ڪائي اولهہ-ڏکڻ (ٺٽي واري) پاسي ٿي ويو.

(2) اولهہ - ڏکڻ ڏانهن لڙندڙ نئون وهڪرو، شهدادپور، نصرپور، ٽنڈي محمد خان کان ٿيندو اولهہ - ڏکڻ طرف موڙو ڪائي ٺٽي واري علاقي ڏانهن وهڻ لڳو.

(3) ان درياڻي وهڪري اتر کان ڇيلايا ڳوٺ وٽ ۽ ڏکڻ کان خان سومري جي ڳوٺ پرسان ڪٽان هڪ وڏو ڦيرو ڪائي، وڌيڪ ڏکڻ پاسي کان وهي، ٺٽي شهر جي اوپر ويجهڙائيءَ وٽان وهڻ لڳو. ان ڏکڻ واري ڦيري وٽان هڪ ڦاٽ پيدا ٿيو، جيڪو پراڻي ڪلريءَ جو پيٽ ڏئي وهڻ لڳو (جيڪو اسلام کان گهٽو اڳ سنڌو درياءَ جو مکيہ وهڪرو پڻ هو)، جنهن مان پوءِ ۾ بہ واهڙ ڦٽندا هئا. انهن مان هڪ مکلي ٽکريءَ جي اتر کان اچي ڪيس گهيري وڃندو هو ۽ ڏکڻ - اولهہ وڃي

گهاري ڏانهن منهن ڪندو هو ۽ ٻيو واهڙ وڪڙ ڪائي مڪليءَ جي ٽڪرين کان سندس ايرندي ڪچ (گود) کان سڏو ڏڪڻ ڏانهن وهندو هو.

سڏو درياءَ جي ان ڦيري جي ڪري، سما ذات جا ماڻهو مڪليءَ واري علاقي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ پاڻيءَ جي دائمي موجودگيءَ مان پوکون ڪندي لاڀ حاصل ڪرڻ لڳا. پهرين وسندي، جيڪا انهن پنهنجي ذات جي نالي پٽيان آباد ڪئي، سا ساموئي هئي، جيڪا شروعاتي دور واري جاگيرداراڻي طاقت ۽ سگهه جو پهريون مرڪز هئي. اهو ڳوٺ الهندي درياڻي شاخ جي ساڄي ڪناري (ڏاکڻي پاسي) ۽ مڪليءَ جي صفا اترئين پاسي جي ٻـ اترڏسا ۾ هو. انهن جون پليون زمينون مڪلي ٽڪريءَ جي الهندي پاسي پکڙيل هيون ۽ ان کان پوءِ ان علاقي کي 'سماڪي' ڪري سڏيو ويندو هو. روينيو سرشتي جي حد، جيڪا ان ايراضي تي ٻڌل آهي، اڄ ٻـ ان جو نالو 'سماڪي' آهي. سمن جي بي وسندي، درياءَ جي اوپر واري ڪاپي ڪناري تي هئي، جيڪا مڪلي ٽڪريءَ کي اوپر پاسي کان ڳارو ڏئي وهندي هئي. ان وسنديءَ جي اوپر ۽ ڏڪڻ - اوپر طرف وسيع ۽ ڪشادا سڏا ۽ سنوان ڊيلٽائي ميدان هئا. واهڙ جي اولهـ پاسي نـ ڪاڇندڙ ٽاڪرو علاقو (مڪلي وارو) پار ڪرڻ ۾ ٻـ سولو هو ۽ اها وسندي، جيڪا شروعاتي ڏينهن ۾ ميائي هئي ۽ پوءِ وڏي ٿـو ٽي هجي، ان کان پوءِ ترقي ڪري ٿڌ بڻجي ويئي هجي. ڪنهن سمي حڪمران سردار پنهنجي اڇ وڇ کي ڪارائتو ۽ سولو سمجهي، پنهنجي رهائش کي ٿڌ[6] ڏانهن منتقل ڪيو هجي، جيڪو ان وقت نگر ٻـ بڻجي چڪو هو ۽ پنهنجي ايراضيءَ ۾ ٻـ وڏي وڏو ٽي پاڻمرادو ٿٽي جي هاڪاري نالي سان سڏجڻ لڳو. اهو شهر پنهنجي شان ۽ شوڪت جي انتها تي ڄام نندي جي مستحڪم حڪمرانيءَ واري دور ۾ پهتو (ڄام نظام الدين (866هـ - 914هـ /1460ع - 1508ع) جنهن کي بلاشڪ سڏ جو هارون الرشيد چئي سگهجي ٿو.

انهيءَ سلسلي ۾ ڏکيا سوال، جيڪي جواب گهرن ٿا، سي هي آهن تـ: ٿٽي جي بلڪل پهرين آبادي ڪهڙي هنڌ ۽ ماڳ تي قائم ٿي هئي؟ سما خاندان جي آباد ٿيڻ کان پوءِ شهر جي ڪهڙي حصي سڀ کان اڳ ۾ ترقي ڪئي ۽ شهر جا ٻيا ڪهڙا پاڳا آهن، جن کي پوءِ اهميت ملي؟

موجوده ڪنڊرن جي صورت ۾، ٿٽي اندر کي امتيازي نشان ڪونـ رهيا آهن. جن مان اهو پتو پئجي سگهي، تـ ڪهڙي خاص دور ۾ ڪهڙي ترقي ٿي هئي؟ جڏهن تـ ڪجهـ مسجدون بچيل آهن، جيڪي ڪن هنڌن ماڳن جي نشانبري ڪري سگهن ٿيون، چو تـ ڪنهن زماني ۾ اهي شهر جي محلن ۾ ڏاڍيون آباد رهنديون هيون. ماضيءَ ۾ مسجدون شهر جي مرڪزي حصن ۾ تعمير ڪيون ويندیون هيون. اهڙيءَ ريت جامع مسجد، شهنشاهـ شاهجهان جي ڏينهن ۾ (1054هـ - 1068هـ / 1644ع - 1658ع) جڙي. تنهن جي اتر - اوپر طرف، ننڍي پر شاندار اميرخاني مسجد جي اڏاوت اهو ڏيکاري ٿي، تـ شهر جي اتر-اوپر وارو حصو مغل دور (1000هـ - 1150هـ / 1592ع - 1737ع) ۾ اوج تي هو. انهن مسجدن کان اڳ ۾ مسجد فرخ ارغون ۽ مسجد دبگير يا دبگران هيون. انهن مان مسجد دبگران ايا بچيل آهي، جيڪا شهر جي ڏڪڻ - اوپر ڏانهن آهي. ان ايراضيءَ تي ارغون، ترخان ۽ انهن جا امير، نواب، نوڪر چاڪر آباد هئا. مسجدن سان گڏ مٿيان حصا موجوده شهر جي آبادیءَ جي وڏي حصي تي ٻڌل هئا ۽ موجودهـ شاهي بازار کان اوپر پاسي، اتر کان ڏکڻ پاسي تي پکڙيل هئا. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو، تـ ارغونن ۽ ترخانن کان اڳ يعني سما دور ۾ شهر جي آباد ايراضي، موجودهـ شاهي بازار کان اولهـ ڏانهن سمجهڻ گهرجي.

شهر جي پراڻي هڇ بابت عام خيال شهر جي پراڻن رهواسين جي تصور پٽاندر اهو ٻـ آهي تـ هن جو نالو فارسيءَ جي لکتن جي حوالي سان ورتو ويو آهي، جنهن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ تـهـ ٽيندي يعني "تاريخ جي مختلف دورن ۾ هڪ ٻئي جي مٿان آباد ڪارين جا تهن مٿان تـهـ." شهر جا پوڙها اهو بحث ڪندا آهن، تـ مٿانهيون ايراضيون اصل ۾ شهر جون پراڻيون دڙيون آهن. ان ڳالهـ ۾ ڪنهن حد تائين سچائي ضرور آهي، پر شهر جي پراڻين آڳاٽين آبادين جي سڃاڻپ واسطي ڪو آخري ثبوت موجود ڪونهي. مٿينءَ ڳالهـ جي روشنيءَ ۾ شهر جا هيٺ ذکر ٽيندڙ پاڳا سڄي شهر جي

پيٽ ۾ مٽانهان علاقا آهن.

(1) قرني پاڙو: هيءُ سڄو پاڙو پڇڙا بازار کان اولهه طرف آهي، جيڪو شاهي بازار جو حصو آهي ۽ ان جي اوپر پاسي پکڙجندو ٿو وڃي، جيڪو اِدرا پاڙي جو به پٽ گهيرو ڪري ٿو.

(2) شاهي بازار جي حصي قول بازار جي اولهه پاسي ڏانهن پکڙيل ايراضي.

(3) گلڙ شاهه شيرازي جي مسجد وارا هنڌ، ماڳ ۽ ان جي اوپر واري ايراضي.

اهي سڀ ماڳ شهر جي اولهه پاسي واري پاڳي ۽ شاهي بازار جي الهندي پاسي آهن. فقط هڪ ايراضي پلنگ پاڙي وارو محلو (اميرخاني مسجد جي اولهه پاسي) شاهي بازار جي اوپر ڏانهن آهي. جيڪڏهن مٽانهين واريون ايراضيون، ٺٽي جي پهرين آبادي جي سجاٽپ آهن، ته نتيجو اهو نڪرندو ته شهر جو اولاهون حصو (شاهي بازار جو اولهه وارو پاسو) پهرين شهري آبادي آهي، جيڪا سڪي ويل ڊوري جي ڪنڊيءَ تي آباد آهي. لڳي ٿو، ته اهو علاقو ڪڏهن وهندڙ واهڙ يا درياءَ هو، ان پاڳي جي اترئين اڌ ۾ "مسجد ولي نعمت" آباد هوندي هئي، جيڪا مڪاني روايتن مطابق شاهجهان مسجد کان اڳ ۾ جامع مسجد جو ڪم ڏيندي هئي. اها به روايت ڪئي ويندي آهي، ته "مسجد ولي نعمت" ۾ ڪڏهن مدرسو به هوندو هو، جتي مشهور بزرگ شاهه مراد (831هـ - 893هـ) تعليم ورتي هئي. ان حقيقت مان اهو ثابت ٿئي ٿو، ته شهر جي اولاهين حصي جي اترئين پاڳي کي پوئين سما دور ۾ وڏي اهميت حاصل هئي.

هاڻي باقي اسان جي لاءِ شهر جي اولاهين پاسي وارو ڏاکڻون حصو (موجوده شهر جو ڏکڻ - اولهه وارو پاڳو) وڃي رهيو آهي، جتي اسان پهرئين سما دور واري پراڻي ٺٽي کي ڳولهي سگهون ٿا. منطقي بحث مباحثي کان سواءِ، ان خيال کي هٿي ڏيندڙ ٻيا به گهڻا مضبوط دليل آهن. سيني کان وڌيڪ اهر علاقو اهو آهي، جيڪو "اسلام پور" پاڙي جي اهم نالي سان سڏيو وڃي ٿو. مير علي شير قانع به، ان جو ذڪر ڪيو آهي. ٻيو اهو پاڙو آهي، جنهن ڏانهن اڄا تائين ڏيان ڏنو ئي ڪونه ويو آهي، پر تاريخي لحاظ کان تمام گهڻو اهم آهي، جيڪو آهي "ٺٽ پاڙو" يا "ٺٽ پاڙو"، ۽ اهو اسلام پور کان ڏکڻ ڏانهن موجود آهي. موجوده ٺٽ پاڙي ۾ تمام ٿورا گهر آهن، پر زندهه يادگيرين[7] مطابق اهو تمام گهڻو پکڙيل هو. ان پاڙي جي باري ۾ اهم ڳالهه اها آهي ته ان جي نالي ٺٽ يا ٺٽ جو پراڻو نالو اڄ تائين باقي ۽ قائم رهجي ويو آهي. بي ڏيان ۾ رکڻ جهڙي ڳالهه اها به آهي، ته هي ايراضي تمام گهڻو مٽاهينءَ واري پاسي به آهي، معلوم ائين ٿئي ٿو، ته ان تي هڪ کان وڌيڪ پيرا آبادڪاري ڪئي ويئي آهي. ڏاکڻي پاسي تي ٺٽي جي اڄا به هڪ وڏيڪ آبادڪاري آهي، جيڪا (866هـ - 893هـ /1462ع - 1488ع) ۾ امام نظام الدين جي هندو وزير لکڏير جي پٽ 'مولو' جي نالي پٺيان 'ٺٽ مولو' سڏبي هئي، جنهن شيخ شاهه مراد[8] جي دعا سان اتي رهائش اختيار ڪئي هئي. به سؤ سال اڳ ميرعلي شير قانع جي تصنيف وقت هيءَ ٺَٽِي سلامت هئي. ٺٽيءَ جي نالي کي تاريخي اهميت آهي، ڇاڪاڻ ته ٺَٽِي ۽ ٺَٽ جا ٻئي درجيوار نالا شهر جي ان حصي ۾ ملن ٿا ۽ ان کي پهرينءَ شهري آبادي جي حيثيت ۾ سجاتو ويو آهي، جيڪا بعد ۾ ترقي ڪري 'ٺٽو' بنجي ويئي.

انهن ماڳن جو درياءَ جي پراڻي پيٽ سان آباد هجڻ به ان قسم جي ثابتي لاءِ جڏ هڪ وڏي هٿي ڏيندڙ دليل آهي. ٺٽ يا ٺٽ پاڙا ڏکڻ ڏانهن ۽ ان جي پر ۾ اتر پاسي اسلام پور (جنهن به پراڻي زماني ۾[9] ترقي ڪئي هئي) ٻئي هڪ ڏينڊ، تندسر مٽان آباد آهن ۽ اها ڏينڊ وري درياءَ سان مليل آهي. تندسر جي ادبي معنيٰ "ڪنارن تائين پاڻيءَ سان پريل وڏي ڏينڊ" آهي. موجوده حساب موجب سندس پکيڙ ٺٽ اسلام پور کان ونڊي مکلي ٽڪريءَ تائين آهي. ان وقت جي وهندڙ درياءَ سان گڏ ان ڏينڊ جو هجڻ اهو ٻڌائي ٿو، ته اوپر ڪناري سان ٻيڙا اچي لنگر هٽندا هئا. آبڪلاڻي هجي يا سيارو، پاڻيءَ جو چگو موجارو مقدار بارهوئي موجود رهندو هو. درياءَ جي اوپر واري ڪناري سان لال چُٽي ۽ ابراهيم شاهه جي مقبرن جي، موجودگي به اهو ثابت ڪري ٿي، ته پراڻي دور ۾ اها آبادي گهڻو وقت شهر جو مرڪز رهي آهي ۽ اهو علاقو شهر جو تمام قديم ۽ آباد حصو رهيو آهي. ان جي سامهون درياءَ پار مکلي ٽڪريءَ تي، دريا خان جو[10] 'ڪوٽ' آهي، جيڪو

جام نظام الدين جو وزيراعظم ۽ بهادر سپهه سالار هو. اها هڪ فطري ڳالهه هئي ته وزيراعظم دريا خان شهر جي ڏکڻ - اوپر پاسي آبپاشيءَ جي نظام جو بندوبست ڪري ۽ ان نقطئ نگاهه کان هن علي جان (عرف خان واهه) کوٽايو. جنهن کي هاڻي علي جان واهه ڪوٺيو ويندو آهي. اهو ڪليرءَ مان پاڻي ڪڍندو هو ۽ وڏي "الهه واهه" مان ڏيندو. نندي "الهه واهه" ۾ وهندو هو. علي جان واهه جو وڏيڪ پاڻي پڇڙيءَ جي ٻن چنبڙن: مسڻ گهاڙ ۽ ماڇي گهاڙ جي ذريعي تندسر ڏنڊ ۾ اڇي پوندو هو. هن آبپاشيءَ جي نظام پوئين دور[11] جي واهن کوٽائڻ لاءِ رستو صاف ڪيو. جنهن ٺٽي جي اوپر واري علاقي کي خوبصورت باغن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

ضميمي جا حاشيه

(1)

جڏ ٺٽي ٿي ناهه ڪيو، آڏيو ٿي ملتاڻ،
تڏ سؤ سهيلين ساڻ، مون مٿي ڪنئي مٿي تي.

(2)

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي بنڊ اروڙ،
بهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوکڙي.

(بهه ۽ لوڙهه پاڻيءَ جي هڪ ٻوٽي جي پاڙ آهن ۽ انهن کي پاڇيءَ طور ڪتب آندو ويندو آهي.)

(3)

متان ويهجا ماڙهئا، نگر جي آڌار،
پراٽا پرار، نوان مرَ اڏجا نجهرا.

(4) اهڙي قسم جون ٻيون وسنديون (جهڙوڪ ٺٽ ڳوراهو ۽ ٺٽ هوتچند) به آهن. جيڪي سنڌو درياءَ چڏي وڃڻ کان پوءِ اڃا به آباد آهن.

(5) ڏسو باب پهريون.

(6) ٺٽي جو بنياد تيرهين صديءَ جي شروعات دوران يا ان کان ٿورو اڳيرو پيو هوندو. امير خسروءَ جو ٺٽه ڏانهن اشارو ان وقت سان لاڳاپيل معلوم ٿئي ٿو. جڏهن هيءُ شهر ٺٽ (Thatt) جي وڏي ڳوٺ مان وڏي ويجهي هڪ ننگر جي صورت اختيار ڪري رهيو هو.

(7) هڪ اکين ڏٺي شاهد جو بيان آهي، ته 1915ع - 1920ع ڌاري ميمڻن جا ڪيترائي گهر آباد هئا، جن کي ٺٽه محلي ۾ آباد هجڻ جي ڪري ننڍيار ڪري سڏيو ويندو هو. انهن مان حاجي عبدالله ننڍيار ۽ ورائي ننڍيار جا نالا ڪافي مشهور آهن، جن 1918ع ڌاري وفات ڪئي. هيءُ ڳالهه مون کي اسلام پور محلي جي محمد قاسم ميمڻ ٻڌائي.

(8) بزرگ سيد شاهه مراد جي سوانح عمري، ٺٽي جي هڪ عالم محمد صالح بن ملا زڪريا، معارف الانوار في البيان الفضيل سيد الابرار و آئمة الاطهار و احوال قطب المختار نالي سان سنه 1140هه يا 1727ع ڌاري لکي هئي. (بحواله قلمي نسخه مولوي محمد حسين، جامع مسجد ٺٽو - باب نائون). سيد شاهه مراد، لکڏير ۽ پنهنجي پٽ مُولي کي شيرازي محلو چڏي ۽ شهر جي ڏاکڻي حصي ۾ وڃي آباد ٿيڻ جي هدايت ڪئي هئي.

(9) اهو اسلام پور وارو نالو سنڌ جي مشهور حڪمران جام نظام الدين جي راڄ دوران رکيو ويو. تحفة الطاهرين جو بيان آهي، ته اتان جي مسجد جو قبو، فقير حاجي سليمان تعمير ڪرايو هو. هن محلي ۾ بي بي راڻيءَ جو هڪ قديم

مقبرو بہ آهي. امكان آهي، تہ هيءَ قبر، سما گهراڻي جي شروعاتي دور سان لاڳاپيل كنهن متقي ۽ پرهيزگار عورت جي هجي.

(10) عيد گاهہ كان اوپر پاسي واري ايراضيءَ كي دريا خان جي ٽكري سڏيو ويندو آهي، چاكاڻ تہ سندس كوٽ ۽ حويليءَ ايڏاهين هوندي هئي. عيد گاهہ ڏانهن وڃي ويندڙ هاٽوكي ڏاكڻ مذكوره كوٽ جي اتر پاسي كان آهي. اهي سڀ ڏهي ناس ٿي ويا آهن ۽ كنڊرن جي صورت ۾ موجود آهن.

(11) اهڙيون روايتون بہ موجود آهن، تہ هتي مغل دور سان لاڳاپيل هك آبپاشي نظام بہ هو. شاهي بازار واري ترائيءَ لاءِ بہ چيو ويندو آهي، تہ اها بہ كنهن واهہ جي پيٽ واري ماڳ تي آهي. اهو احوال عبيداڻي گهراڻي جي هك ماڻهوءَ نواب خير محمد ٻڌايو. ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ هن گهراڻي جو ستارو نهايت اوج تي هو.

حاشيہ

باب پهريون

(1) هينري كزنس انٽيكئيٽيز آف سنڌ - كلكتو 1929ع - ص-110 - تحفة الكرام اردو ترجمو اختر رضوي كراچي 1959ع ص-569. هن كتاب ۾ ٺٽي لفظ جون بہ معنائون ڏنيون ويون آهن، جيكي صحيح معلوم كونہ ٿيون ٿين.

(2) سيد مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي تصنيف مكلي نامہ. تصحيح ۽ حواشي سيد حسام الدين راشدي (هيءَ كتاب نديي نالي مكلي نامہ سان مشهور معروف آهي). ڏسو پڻ تحفة الكرام. ص-567.

(3) ڊاكٽر ايچ. ٽي سارلي جو گزيٽيئر آف ويسٽ پاكستان. سنڌ (جنهن كي سنڌ گزيٽيئر جي مختصر نالي سان سڏيو ويندو آهي) لاهور - 1968ع - ص 344.

(4) ايم-بي پٽاوالا: اي فزيكل اينڊ اكنامك جاگرافي آف سنڌ. كراچي 1959ع ص 70.

(5) ايضاً ص ص 46-45

(6) ايضاً ص 42

(7) راورٽي جو: مهراڻ آف سنڌ اينڊ اٽس ٽرائبيوٽريز - جرنل ايشيائٽك سوسائٽي بنگال 1892ع

(8) ڏسو ڊاكٽر اين-اي بلوچ جو لكيل ضميمو.

(9) پٽا والا ص 44

(10) ايضاً ص 48-47

(11) مكلي نامي جي ص 32 تي حاشيو.

(12) ڊاكٽر اين-اي بلوچ جي خيال مطابق، هيءَ اصطلاح سنڌو درياءَ سان لاڳاپيل آهي، جيكو پنجاب كان وهندي سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو.

(13) سراج عفيف جي حوالي جي آڏار ڊاكٽر ايم-ايچ صديقي (سنڌ جي ارغونن ۽ ترخانن جي تاريخ ۾ حيدرآباد 1972ع ضميمو - D) ٻڌائي ٿو تہ ٺٽو تن ڏينهين سنڌوءَ جي مكيہ وهكري جي ٻنهي كنڌين سان آباد هو. تنهن كري ان كي بيٽ نہ ٿو چئي سگهجي. سندس بيان كي كنهن ٻئي تاريخي حوالي جي پٺپرائي كانہ آهي. شايد هيءَ مونجهارو ان كري ٿيو آهي جو ان دور ۾ ساموئي ۽ ٺٽو بہ اهم ماڳ هئا. جيكي سنڌوءَ جي هك ڦاٽ جي كاپي ۽ ساڃي كناري آباد هوندا هئا.

(14) تاريخ طاهري - تصحيح ڊاڪٽر اين-اي بلوچ - حيدرآباد 1964ع - ص-58

(15) مڪلي نامہ ص 82 تي حاشيو.

(16) تاريخ طاهري ص ص 52-53 - تحفة الڪرام ص 569، 2- مڪلي نامہ ص 11 تي حاشيو. پير حسام الدين جو مصنفن جي هن غلطي ڏانهن صحيح اشارو آهي، پر اهو بہ امڪان آهي، تہ پراڻي ٺٽي جي جاءِ تي جام نظام الدين نئين ٺٽي جو بنياد رکيو هجي.

(17) ٺٽي شهر جي قديم جاگرافيءَ لاءِ ڏسو سنڌي ادبي بورڊ جو تہ - ماهي رسالو "مهراڻ" 1973ع-1972ع نمبر 4 ۽ 1974ع-1973ع نمبر 1 ص ص 236-97

(18) مڪلي نامہ ص 9 تي لکيل حاشيو.

(19) تحفة الڪرام ص 150 ۽ 61-560، تفصيل لاءِ ڏسو مڪلي نامہ ص 80-78 جا حاشيہ.

(20) تحفة الڪرام ص 61-159

(21) هن بزرگ جي سنڌ لاءِ دُعا پوءِ بہ گهڻي وقت تائين مشهوري رهي، جيڪا اڄ سوڌو مشهور آهي. هيءَ دعا ان وقت چئي ويئي هئي، جڏهن فيروز شاهہ تغلق سنڌ تي ڪاهي آيو هو ۽ شڪست ڪائي گجرات ڏانهن هليو ويو هو. هن ڪان ٽورو اڳ محمد تغلق سنڌ تي ڪاهي آيو هو ۽ حملي دوران مري ويو هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اهو بيت هن ريت ٻڌايو آهي:

با برڪت پير پٽو،
هڪ مئو، هڪ ٽٽو.

هن بيت جو حوالو سراج عفيف تاريخ فيروز شاهيءَ ۾ ڏنو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (حيدرآباد 1962ع) ۾ ڊاڪٽر بلوچ ان جو صحيح حوالو ڏنو آهي.

(22) وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو حديقة الاولياء

(23) تفصيل لاءِ ڏسو باب ٻيو.

(24) مڪلي نامہ ص 666-656 تي لکيل حاشيہ.

(25) تفصيل لاءِ ڏسو مڪلي نامہ ص 21-40 تي لکيل حاشيو.

(26) سنڌ جي ارغونن ۽ ترخانن جي تاريخ - حيدرآباد 1972ع ص 228

(27) ايم-اي- غفور ٺٽي جا ڪاتب ڪراچي 1978ع - ص 2

(28) مڪلي نامہ ص 20 تي حاشيہ.

(29) ايم-اي-غفور ص 2 - مڪلي نامہ ص 20 تي حاشيہ

(30) تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر مهدي حسن جي تصنيف رائيزائنڊ فال آف محمد تغلق - (لنڊن 1938) - باب انون

(31) "ڪرانالاجي آف سما رولرس آف سنڌ" ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي پهرين صحيح ڪوشش هئي. هن صاحب اهو مقالو، پاڪستان هسٽاريڪل ريڪارڊس ۽ آرڪائيوز ڪميشن جي پي گڏجاڻي ڪراچي 1957ع اجلاس دوران پڙهيو هو. ڏسو ان جو ص ص 29-23. وڌيڪ ڪر، پير حسام الدين راشدي مڪلي نامي ۾ ڪيو آهي.

(32) ڏسو ڊاڪٽر اين-اي- بلوچ جو مٿي بيان ڪيل مقالو.

(33) ڏسو پروفيسر محمد حبيب جو سلطان شهاب الدين غوريءَ تي مسلم يونيورسٽي جرنل 1930ع ۾ لکيل مقالو.

(34) هن جي معنيٰ اها آهي، تہ ہانپيٽيو جڏهن ٻار هو تہ ڪيس هڪ برهمڻ دعا ڪئي هئي.

(35) مڪلي نامہ ص 724 تي لکيل حاشيو.

(36) مڪلي نامہ ص 81 تي لکيل حاشيو.

(37) ايضاً ص 101-103 ايم-ايڇ صديقي ص 22 تي لکيل حاشيہ نمبر 2. ڈسو ڈاڪٽر اين-اي بلوچ جو لکيل سيڊ سالار دريا خان جو حسب نسب، ٽٽہ - ماهي مهراڻ 81-1980ع. سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.

باب ٻيو

(1) انٽيڪئيٽيز آف سنڌ ص 110-130

(2) ڈسو ڪزنس ص 30-129 تي سنڌ ري وزيٽيڊ ص 142-154 جو ڈنل حوالو.

(3) هن جو پهريون ڇاپو بمبئي مان 1942ع ۾ ڇپيو هو.

(4) هو سنڌ جي قديم آثارن تي ڪو باب ڪونہ لکي سگهيو آهي، پر ٻئي ڇاپي ص 125-124 تي ڏيڊ صفحو لکيو اٿس.

(5) سنڌ جي معاملي ۾ اهو غلط آهي. هتي پوري رنگ جو پٽر جام (عام) ملي ٿو ۽ اڏاوتن ۾ ٻہ گهڻو ڪتب آندو ويندو آهي.

(6) سنڌ ۾ اهي ڳالهيون نظر ڪونہ ٿيون اچن. هتي نہ ٽيوڊر (Tudor) نموني واري ونگ آهي نہ وري لوڊي (Lodi) طرز وارا ڦا اڏيل نظر ايندا ۽ نہ ئي ترڪي يا ايراني طرز جي ڇٽي (Kiosks) ڈسبي.

(7) هن تبصري ۾ سررچرڊ جي اڇين تصنيفن ۾ فرق نظر ڪونہ ايندو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ۾ فن جي پرک جي ڪوٽ نظر اچي ٿي.

(8) هينري ڪزنس - خاڪو 18 ۽ 19

(9) ايضاً ص 126

(10) ڈسو مثال خاطر بي. رولنڈ B. Rowland جي تصنيف ۾ ديوگڙهہ جو مندر، آرٽ ائنڈ آرڪيٽڪچر بالٽيمور Baltimore 1967ع پليٽ 77 (A)

(11) ڇوڪنڊي گرئيبر Chukhandi graber - ويزبيڈن Weisbaden 1978ع

(12) مير علي شير قانع ٻہ هن راجا واري نالي جي ڪري قلعي کي اهڙو نالو ڏئي ٿو. ڈسو تحفة الڪرام اردو ص 550-560

(13) فارسي ۾ هن جي معنيٰ "وڏو قلعو" ٿيندي.

(14) مرزا قليچ بيگ هن نالي جو صحيح ترجمو ڪيو آهي ۽ هن کي "امن آرام" ڪري لکيو آهي.

(15) تفصيل لاءِ ڈسو مڪلي نامہ ص 675 - 687 تي لکيل حاشيو.

(16) تحفة الڪرام ص 150 تي لکيل حاشيو.

(17) مڪلي نامہ ص 76-77، 720-721 ۽ 778-779 تي لکيل حاشيو.

(18) تحفة الڪرام اردو ص 525

(19) ايضاً ص 559-564، مڪلي نامہ حاشيو ص 81-84

(20) تحفة الڪرام اردو ص 655 - مڪلي نامہ حاشيو ص 86-87

(21) تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 564

(22) مڪلي نامہ حاشيو ص 85، تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 655

(23) ايضاً ص 163، مڪلي نامہ حاشيہ ص 109

(24) متن لاءِ ڈسو مڪلي نامہ حاشيو ص 111

(25) ايم-اي- غفور ص 9

(26) متن لاءِ ڈسو مڪلي نامہ حاشيو ص 729 - 30

(27) ايضاً ص 82 ۽ 85

(28) متن لاءِ ڏسو مڪلي نامہ حاشيو ص 128-129 ۽ 728. متن جي پڙهڻي ۾ ڪجهہ مونجهارو نظر اچي ٿو.

باب ٽيون

(1) اهي سڀ پڙهڻيون مڪلي نامہ حاشيو ص 112 ۽ 722 - 26 تان ورتل آهن، پر انهن کي نئين ترتيب ۽ نئين نموني سان ڇپائڻ جي ضرورت آهي.

(2) ڏسو مڪلي نامہ حاشيو ص 98 - 100

(3) ڏسو پرسي برائون (Percy Brown) ص 15، جنهن ۾ هن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ التمش جو مقبرو ڇلن نما گول (Concentric Rings) بار ڏئي اڏيو ويو آهي. حقيقت اها آهي، تہ اهڙي قسم جا بار ڏئي قبو اڏي ڪونہ سگهبو آهي.

(4) انٽيڪئيٽيز آف سنڌ، ص 114

(5) ايضاً ص 115

باب چوٿون

(1) مڪلي نامہ حاشيو ص 541-548

(2) مڪلي نامہ حاشيو ص 493

(3) انٽيڪئيٽيز آف سنڌ ص 116-117

(4) مڪلي نامہ حاشيو ص 527 ۽ 844 واري تصوير

(5) ايضاً ص 531

(6) ايضاً ص 500

(7) مڪلي نامہ حاشيہ ص 508-9

(8) ايضاً ص 507-508

(9) هن تصوير جي مرڪزي خيال جهڙي ڏنگي قڏي طرز جهڙڪ پرسان قبرستان جي هڪ قبر تي اڪيريل نظر اچي ٿي. ڏسو ايس-زيڊ هئزنرٿ S.Z. Hastenrath جو چوڪنڊي گريبر Chaukhandigraber خاڪو 73.

(10) مڪلي نامہ حاشيو ص 548 - 549

(11) مثال طور ڏسو سرڪج Sarkhaj جي مقبري سامهون نهيل هڪ ڇٽيءَ نما اڏاوت برجس Burgess - مسلم آرڪيٽيڪچر آف احمد آباد - لنڊن 1900ع پليٽ LVIII

(12) مثال طور ڏسو جامع مسجد بيجاپور (پليٽ XLIX - خاڪو 2) ۽ سلطان محمد عادل شاهہ جو مقبرو (پليٽ L11) - پرسي برائون.

(13) هينري ڪزنس ص 120، هو ٻڌائي ٿو، تہ هن انگڙ ونگڙ ڇٽ جو نمونو مرزا جاني بيگ جي مقبري تان ورتل ٿو پائنجي. مرزا جاني بيگ جو مقبرو هاڻي ڍهي ناس ٿي ويو آهي. پر اهو ساڄيو نمونو ديوان شرفا خان جي مقبري تي ڏسي سگهجي ٿو (ڏسو پليٽ 56)

(14) ايم-اي- غفور نٽي جا ڪاتب ص 27

(15) ڏسو-ايس-زيڊ. هئزنرٿ جو چوڪنڊي گريئبر خاڪو 85-90

(16) تفصيل لاءِ ڏسو ايم.ايچ صديقي ص 138-142

(17) مڪلي نامہ حاشيہ ص 512-513

(18) پير حسام الدين راشدي - مڪلي نامہ ص 297 ۽ 454 سندس ويساهہ آهي، تہ هيءُ مقبرو 1037هـ - 1038هـ

مطابق 1628ع - 1629ع ڏاري جڙي راس ٿيو. هي اهو زمانو آهي، جڏهن مرزا عيسيٰ خان ترخان II ٺٽي جو نواب مقرر ٿي آيو هو.

(19) ايضاً ص 513

(20) هينري ڪزنس - انٽيڪئيٽيز آف سنڌ ص 118-119. سندس اهو بيان غلط آهي، ته جاڻايل اڏاوت مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي خاندان جو زنانو مقبرو آهي.

(21) اهڙي مثال لاءِ ڈسو برجيس جي تصنيف Pt II مثال خاطر سارنگ پور مسجد جي محراب جي تصوير پليٽ xxxiv .

(22) ڈسو سيد عالم شاهه مسجد جي وڃئين محراب جي تصوير پليٽ xxvi هيبت خان مسجد جي وڃئين محراب جي تصوير پليٽ XXII - برجيس جي تصنيف Pt.1 ۽ احمد شاهه مسجد جي تصوير پليٽ XII، قطب الدين شاهه جي مسجد جي وڃين محراب جي تصوير پليٽ LIV

(23) ايضاً پليٽ XXIV

(24) تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 272 ۽ 294

(25) مڪلي نامه حاشيه ص 454 - 455

(26) ڈسو برجيس جون ڏنل تصويرن جون پليٽون LV, XXXIX ۽ LXXXIII

(27) ڈسو اي. ڊبليو سمٿ (E.W. Smith) جي تصنيف مغل آرڪيٽيڪچر آف فتح پور سيڪري - الهه آباد 1896ع.

باب پنجون

(1) تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 751-752 مڪلي نامه، حاشيه ص 190-192 ۽ 697 - هينري ڪزنس انٽيڪئيٽيز ص 116 تي اهو غلط بيان ڪيو آهي. هيءُ بزرگ بهاؤ الدين زڪريا ملتانيءَ جو استاد هو.

(2) ڈسو پرسي براؤن جي تصنيف پليٽ XVI-I - "شيش گنبذ"

(3) مڪلي نامه حاشيو ص 216 - 217

(4) تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 269 - 272

(5) هينري ڪزنس انٽيڪئيٽيز ص 116

(6) مڪلي نامه حاشيو ص 87

(7) پرسي براؤن جي تصنيف ص 27

(8) مڪلي نامه حاشيو ص 519

(9) ڈسو ان جي پليٽ نمبر L -11

(10) هينري ڪزنس انٽيڪئيٽيز 119-20، مڪلي نامه، حاشيه ص 214 - 15

باب ڇهون

(1) تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 289 - 316

(2) مير علي شير قانع ان کي گُدري بازار (Gudri Bazar) سڏي ٿو. ڈسو تحفة الڪرام ص 298

(3) ايضاً ص 298

(4) هينري ڪزنس انٽيڪئيٽيز پليٽ LXXVIII ۽ متن ص 150-51

(5) تحفة الڪرام (اردو ترجمو) ص 296-297

(6) لکت (Inscription) واري متن لاءِ ڈسو پير حسام الدين راشديءَ جو مقالو "ٺٽي شهر جي پراڻي جاگرافي" مهراڻ نمبر 3 ۽ 4، 1972، ص 141

(7) ايضاً ص 141 - 146

Glossary

Four Pointed arch	چارنوڪي ونگ/چار مرڪزي ونگ
Tudor arch	ٻ قوسي نوڪدار ونگ
Lancet Shaped arch	سينڊ ونگ
Lobed arch	جهالر واري ونگ/جهالردار ونگ
Corbelled arch	وڌاوڙي ونگ / ڇڇي دار ونگ/ نڪتل ونگ
Oval arches	آڪڙي ونگ/بيضوي ونگ
Pointed and two cantered arch	ٻ نوڪي ونگ/ٻ مرڪزي ونگ
Multicusped arch	ڏندائين ونگ/گهڻ قوسي ونگ
Inter Laced arch	گڏيل وڇڙيل ونگ
Scalloped arch	ورن واري ونگ
True arch	حقيقي ونگ
Sunken arch	پيٽل ونگ
Corner Squinches	محرابي ونگ
True Squinches	حقيقي محرابي ونگون
Carving	اُڪيرڻ
Scroll Carving	ور وڪڙ ۾ ويڙهي دار اُڪير
Engrave	ٽُڪ ڪرڻ
High releif	اپريل اُڪير
In releif	ڪوکي اُڪير
Low releif	هلڪي اُڪير
Decoration	سنجٽ / سجاوٽ/آرائش / سينگار
Lobed	جهالر
Heart motif	دل جهڙو نمونو
Floral motif	ول جهڙو نمونو
Bead - and - reel motif	هارن جي لڙهي وارو نمونو
Serpentive motif	ور وڪڙ وارو نمونو
Zig zag motif	انگڙ ونگڙ نمونو
Half rosettes pattern	اڌ گل طرز

Safavi School of Art	صفوي چٽسالي، وارو مڪتبِ فڪر
Ivy	عشق پيچان ول
Sigmas	ڪونج چٽ
Moon - Stone	گول چند طرز
Sill	دونو
Concentric Circle	مُنجهيلا گول
Half moon - stone	اڌ گول چند طرز
Oval design	آکڙي طرز (بيضوي نموني جي چٽسالي)
Floral design	پن ول طرز (چٽسالي جو هڪ ول جهڙو نمونو)
Diamond design	هيري ڪٽ طرز (اُڪير جو هڪ نمونو چوڪڙين وارو)
Geometrical design	اليڪي طرز (جاميٽري نموني جي اُڪير)
Floral pattern	امليڪي طرز (گلن جي طرز واري اُڪير)
Arabesques	گڏيل وڇڙيل اوپڙ طرز (بنهي نمونن اليڪي ۽ امليڪي طرز واري اُڪير)
Floral Pattern	گل طرز
Tomb	مقبرو
Dome	قبو
Low dome	لائيرو قبو
Bulbus dome	وينوڙو قبو
Vaulted dome	محرابي قبو
Conical dome	مخروطي قبو/نوڪي قبو
Poarch	ڊيڊي
Date stone	ڪتبو
Head Stone	چوٽئو
Jamb	چوڪاٽو
fluted Collar	ڌاريدار ڪلس (نيل جي هيٺان ڏنل دڪي)
Monolithic	يڪو جانبل (هڪ يڪو ڊگهو پٿر) / يڪ سنگي
Shaft	يڪو ڊگهو پٿر
Tympanum	ونگڙ. (ونگ مٿان ڏنل ونگ جهڙو نشان)
Cenotaph	پٿرانهين لوڙهت (قبر جو پٿر يا دڪي)
Fluted Crest	ڪلنگي (قبي جي ڪلنگي)
Brackets	جهلون / واڌڪ / گهوڙيون (جهروڪي يا ڇڄي جو جهلون)

Lintel	سردر (دري/در مٿان آيل سرَ يا پٽر)
Cross lintel	اُربيي سردر / چڪ وارا سردر
Alcove	هُري/ بهرو
Lampost	ڏياڻي/ڏياٽي/ڏياڪي
Pendent	لٽڪڻو
Balcony	جهروڪو
Arched Balcony	محرابي جهروڪو
Moulding	گولي جوڪسڪو
Concave	گيلٽي / لڪدار
Convex	گولو
Panels	پاريون/خانا
Spandrels	ونگن جي مٿين خانن واريون نُڪرون
Voltuted brackets	اپ ڇاٽيون گهوڙيون/ونگوڙيدار گهوڙيون
Surpentive bracket	ورن وڪڙن واريون گهوڙيون
Pendentives	ڏيڍيون ڇڪون/ لڪدار - ٽ قوسو
Projection	وڌاوڙو / ڇڇو
Monuments	يادگار
Voussoir Technique	پٽر جي ڇپرن واري اوساري/پٽر جي ٽڪرن واري اُيي اوساري
Corbelled Technique	ڇڇي واري اوساري/نڪتل اوساري
Niche	جارو
Parapet	پلويڙو
Frame	بيهڪ / ڇوڪڻو
Tomb enclosure	مقبري جو وانگاڙو/ڪوٽ/چوديواري
Square brick-built tomb	پڪسراوان ڇورس مقبرو
Square stone tomb	پٽراوان ڇورس مقبرو
Flat topped cenotaph	ٽراکڙا پٽراوان لوڙهٽ
Keel-topped cenotaph	ڪرنگهي/پٽراوان لوڙهٽ / ڇنهبائتي بُڻي
Cubical Building	مڪعبي اڏاوت
Buttress	پُشتي / پُشتو / ٽيڪ
Bands	پٽيون / حاشيا / پٽا
Arched panels	محرابي خانا / ونگدار پاريون

Corbel arched panel	نڪتل محرابي خانا /ڇڇي دار محرابي خانا
Sunken arched pane	پينل ونگدار خانا
Alternate	بيگهڙ واري وٽيءَ تي
Chamber	منڊپ/هال
Main entrence	ڳلاڏي / داخلي در
Boss	مٿڪو (قبي جي وچ وارو اندريون چٽسالي ٽيل پٽر)
Drum	ڊيڊي / قبي جي ڳچي / قبي جي ڪُرسي (جنهن جي مٿان قبي جي اڏاوت ٿئي)
Dado	حاشيو
Orial niches	جهروڪي دار جارا
Diagonal	اُريب
Cube	ڪعب / مڪعب (ڇهه پاسائون - ڇهه منهون)
Sculptured sikhara	نفيس چٽسالي ڪيل سخارا
Serpentine	ور وڪڙ
Sikhara	نبات شڪل جا منارا
Moulded bands	ڪسڪيدار پٽيون
Peshtaque	پيش طاق/قبي جي نراڙ/مهاڙي وارو جوڙيل چوڪنڊو
Niskh	نسخ (عربي لکت جو هڪ نمونو)
Suls	ثُلثُ عمارتي لکت جو هڪ نمونو
Tughra	گل يا ڪنهن گولائي يا ڪنهن بي شڪل اندر ڪيل عربي لکت
Gujrati mustim architecture	گجراتي تعميري طرز/اڏاوتي طرز
Jain Architecture	جين اڏاوتي طرز
Hindi Architecture	هندي اڏاوتي طرز
Budh Architecture	ٻڌ اڏاوتي طرز
Islamic Architecture	اسلامي اڏاوتي طرز
Sindhi Architecture	سنڌي اڏاوتي طرز

ڏسٽي

الف

اسلام 1
ابراهيم سلطان 2
ابراهيم شاهه 206
ابراهيم خان سلطان 13، 14، 116، 120، 129، 130، 157، 158، 175
ابراهيم قاضي حويلي 9
ارغون 3، 14 - 15، 17، 18، 20، 38، 101، 115، 116، 153، 165
ارغون دور 166
اليگزينڈر برنس 4
امير خاني مسجد 4، 205
اڙل واهڙ 5
اپرندو نارو 5
اروڙ 6، 203
آمري 7
اوپر ناري 8
امير بيگ بازار 9
اسلام پور 10
اورنگ زيب 12، 20
استيل مل 12
ابن بطوط 15، 16
افغانستان 15، 17، 22، 115
ايران 15، 17، 20، 30
ايران جو شاهه نامو 16
أچ 15، 40
امير خسرو 15، 16، 203
أنڙ 16
امير ذوالنون 18
اڪبر اعظم 2، 19
ايس - زيداڪ هاسٽين رات 32
ايشيا 38
انڊس سولائيزيشن ان سوراشٽر 39
التمش 74
اسلامي اڏاوت 95
امير سلطان محمود 116، 120
احمد آباد 144
اسلامي اڏاوتي فن 146
امير محمد خان جي مسجد 164، 194
اوقاف ڪاتو 195
انگريز 195
آگرو 195
الغ بيگ 202
آب پنجاب 204
آگسٽ 204
ادراڪي 204
اسلام پور 206
الهه واهه 207

ب

بگهاڙ 8
بدين 12
باقي بيگ ازبڪ 14
برهانپور 15، 38
برهمڻ 16
بابر 18
بديع الزمان 18، 100، 116، 127
بڪر 19
بولان لڪ 38، 39
بلوچي طرز 136
بنگال جي اڏاوتي سنجٹ 190
بيگلار نامه 204

ٻ

ٻانيڻ 16
ٻانيٹو - I 21

پ

پنيور 6
پُٹ يارو 31
پائي خان محلو 194

پگڑا بازار 206

ت

تاريخ مقبرو شاهي 204
ترخـــان 3، 12، 14، 15، 19، 20، 35، 38، 115، 153، 165
ترخان دور 124، 128، 171، 195
ترخاني نمونو 129
ترخان اڏاوتي طرز 130، 153
تخت گاھ 4، 16
تندسر محلو 9
تندو سُر 206
تحفة الكرام 12
تغلق سلطان 16
تلوار 136
تيمور 17، 19
تيمور خاندان 15
تيموري تعمير 195
تيموري دور 201
تيموري اڏاوتي طرز 202

ٽ

ٽرجو رڻ 6

ٺ

ٺاٽا استا 3
ٺالپر 4
ٺڪري (مڪليءَ جي) 5، 6، 9، 11، 14، 72، 73، 136
ٺالمي 8
ٺنڍو محمد خان 204

ڏ

ڏٽـــو 3، 6، 8، 9، 11، 15، 18، 19، 20، 32، 37، 38، 76، 182، 189، 202، 203، 205، 206
ڏٽو نگر 38، 39
ڏٽو شهر 203، 204
ڏٽيون 204
ڏٽ مولو 206
ڏٽ پاڙو 206
ڏٽي جي جامع مسجد 195
ڏٽي جي اڏاوتي طرز 197

پ

پجاري 5
پنجاب 5، 22
پراڻ 5
پير پنو 8، 12، 191
پير حسام الدين راشدي 8، 15، 71، 145، 175
پٽي هٽ بازار 9
پير ڏاتار 12
پورچوگيز 19، 37
پائينده خان 19
پرسي برائون 29
پڳ (بلوچي) 136
پانڇ محل 148
پراٹي مسجد 167
پراڻ ڏورو 203
پراٹي ڪلري 204

ج

جـامع مســجد 4، 56، 57، 73، 183، 184، 185، 186، 187، 188، 201، 206
جاگرافي 6
جلوه گاه امامين 12
جـــان بابـــا 2، 14، 103، 104، 105، 106، 107، 108، 116، 133، 138، 139، 140، 142، 144، 145، 146، 148، 190
جمشيد 16
جاني بيگ 19
جافري 85، 86
جون 204
جولاءِ 204

چ

چام شورو 7،
چام نظام الدين (چام نندو) 8، 9، 12، 14، 16، 17، 18، 21، 23، 30، 32، 34، 37، 38، 43، 45، 47،

53، 55، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 67، 68، 69،
70، 71، 72، 73، 74، 76، 77، 78، 86، 88، 90،
95، 143، 205، 206، 207
چام پانيپٽو 12، 16
چام تماچي 12، 16، 17، 41، 46، 47، 55
چام انڙ 12، 15، 16، 40، 48
چام نصير الدين ابو الفتح سلطان فيروز شاهه 16
چام جُوٹو 16، 17
چام علي شير 17، 21
چام ڪرن 17، 21
چام سڪندر 17، 34، 48، 73
7177، 78، 86، 88، 90، 95، 143
چام فتح خان 17، 21
چام تغلق 17، 34، 47، 48، 73
چام مبارڪ 17، 21
چام سنجر 17
چام فيروز شاهه 16، 18
چام نظام الدين I 21
چام تغلق شاهه جوٹو II 21
چام نگر 39

جھ

جھروڪو 75، 193

چ

چوٹڪ عبدالغني 9
چوٹڪ ملڪ مان 9
چوٹڪ ميدان جملہ پير 9
چيلايا ڳوٹ 204

چ

چندڻ 5

ح

حيدرآباد 7، 8
حماد جمالي 8
حضرت علي ڪرم الله وجہ 12
حسين بايقراه 38
حڪيم تبريزي 134

خ

خورشيد باغ 9
خواجہ شُڪر الله محلو 9
خشتي حويلي 9
خانقاه 12
خير الدين چام توغاچي 17، 21
خلجي 34
خيبر لڪ 38، 39
خسرو خان چرڪس 180
خضري مسجد 190، 191
خان سومري جو ڳوٹ 204
خان واهه 207

د

دبگير مسجد 4، 9، 12، 163، 164، 171، 180
ديبل بندر 7
دو آبو 8
درڪ پرڳٹو 12
ديوان شرفا خان 14، 23، 159، 161، 162، 177، 179
دهلي 15، 19، 22، 55، 74، 167، 195
ديوان تحفتہ الصغر 15
دريا خان 17، 18، 27، 51، 53، 54، 71
درياءُ 5، 9، 11، 34، 38، 73
دس رجني 39
دهلي دربار 189
دريا خان جو ڪوٹ 206

ڈ

ڈاڪٹر ايم ايچ صديقي 15
ڈاڪٹر بلوچ (نبي بخش خان) 16

ص

صدر الدين چام پانيپٽو 16
صدر الدين 16، 17
صدر الدين چام سڪندر 21
صدر الدين شاهه چام پانيپٽو II 21
صدر الدين شاهه چام سنجر راءِ ڏنو 21

صلاح الدين 17، 18
صلاح الدين جام انڑ II 21
صلاح الدين شاهه 21

ض

ضرب خانو 9

ط

طغرل بيگ 10، 12، 22، 101، 102، 116، 134، 136، 137، 138
طغرل آباد 34

ع

عرب 6، 15
عالم پناهه 9
عرب ڪوڪي جي حويلي 9
عيد گاهه 12، 14، 29
عبدالله شاهه اصحابي 14، 116، 118، 120، 123، 130، 131
عبدالله قاضي پٽ تاجو 30، 45، 46
عبدالله پٽ تاجو 24
علاؤ الدين خلجي 115
علاؤ الدين جام جوٹو 21
عبدالرحيم خان خانان 19، 22، 34، 37، 178
عبدالعلي ترخان 22
عربي صورتخطي 42
عصا 74
عمارت 167، 178
علم نجوم 202
علي جان واهه 207

غ

غازي بيگ 19
غازي ملڪ تغلق 16
غياث الدين غوري 16
غلام حسين جو ڳوٹ 9
غلام الله 12
غلا بازار 9

ڦ

قليلي 5

ق

قبوليو 17
قديم يادگار 3
قلعو 3، 34، 37، 38، 39
قصابہ بازار 9
قندار 19، 20، 22
قائوس سلطان 33، 61، 62، 63
قرآن شريف 77، 178
قرني پاڙو 206

ڪ

ڪئپٽن اليگزينڈر 4
ڪلهوڑا 4، 8
ڪوري 4
ڪلان ڪوٹ 5، 30، 32، 34، 35، 37، 38، 118
ڪرنل جي فائيف 6
ڪوٹڙيجي 7
ڪنجهي جو دور 7
ڪيپ مونزي 8
ڪچ جو رڻ 8
ڪاساين جي بازار 9
ڪلري 9
ڪوٹ 14، 87، 140، 143، 144
ڪوڪلتاش 19
ڪتبو 32
ڪاشي 36، 37، 144، 165، 171، 177، 191، 194، 202
ڪلياڻ ڪوٹ 38، 39
ڪچ ۽ پچ 38
ڪاريگر 42
ڪينجهر 46
ڪعبت الله شريف 74
ڪونج چٹ 137
ڪاشيگري 201

ک

کنڊر (نگر نٽي جا) 4
کيرٿر جبل 6
کنيات نار 6
کوھ عاليجان 9
کوھ نارقي 9

گ

گونگڑو 5
گودڑي بازار 9
گدا بازار 9
گچ 12، 14، 36
گجرات 18، 22، 31، 33، 37، 76، 130، 144، 145
گلدان (طرز) 31، 44، 92، 133
گپتا دور 31
گلاب (طرز) 6، 44
گئريسن 37
گريگوي ايل پوسل 39
گل ميخ (طرز) 46
گندري (ذات) 46
گجرات جي مسجد 74
گلاڪار (طرز) 77
گلدستي واري طرز 195
گجراتي اڏاوتي فن 138، 144
گجرات جي مسجد 143
گجراتي يادگار 153
گلڙ شاھ شيرازي مسجد 206

ل

لکي 7
لکپت 6
لونگ پير گھاٽ 9
لوڏي اڏاوت 167
لاھور 195
لکڏير 206

ن

نيشنل هاءِ وي 4، 14
نواب شاھ 7، 204
نرشش محلو 9
نيمولاٽي پٽر 11
نادر شاھ 20
ناصر الدين قباچہ 15
ناصر الدين ابو الفتح سلطان فيروز شاھ II 21
نعمت الله عباسي 38
نواب سيف الله 13
نواب صادق علي خان 13
نواب امير خالد خان 120
نور الدين پٽ شاھ منصور 134
نواب خليل خان 175
نواب شريف الملڪ عرف شريف خان 189
نواب امير خان مير ابوالبقا 189، 190
نواب مظفر خان جهانگيري عرف مير عبدالرزاق معموري 189
نواب مغل خان 189
نواب قباد خان 189
نواب لشڪر خان 189
نواب غضنفر خان 189
نواب سيد عزت خان عرف عزت پير 189
نواب ابو نصرت خان 189
نواب سعادت خان 189
نواب خانزاد خان 189
نواب سردار خان 189
نواب مريد خان 189
نواب زبردست خان 189
نواب حفظ الله خان 189
نواب سعيد خان عرف خانزاد خان 189
نواب يوسف خان ترمذي 190
نواب احمد يار خان 190
نواب سعيد خان عرف خان 190
نواب مهيم خان 190
نواب شڪور خان 190
نواب خواجہ محمد خليل جان 190

نواب اعظم خان بن صالح 190
نواب مهابت خان پٽ منعم خان 190
نواب سيف الله خان 190
نواب دلير خان 190
نواب همت دلير خان پٽ دلير خان 190
نواب صادق علي خان پٽ نواب سيف الله خان 190
نوري 46
نصرپور 204

ر

روهڑي 6
رني ڪوٽ 11
رڪن الدين شاهه 16
رڪن الدين شاهه ڄام تماچي 21

س

سنڌو درياءَ 4، 5، 6، 8، 9، 13، 14، 39، 72، 203
سليماني ٽڪريون 5
سکر 5، 6
سومرا دور 7
سومرا خاندان 11، 15، 34، 203، 204
سنڌي سپيتا 7
سڪرنڊ 7
سمنڊ 6، 11
سهڻ محلو 9
سرهين جو محلو 9
سنگتراش محلو 9
ساموگي 11، 12
سنڌي ٽوهر 11
سرو 11
ست پينرون 11
سمو سلطان ڄام تغلق 12
سجاول 12
سيد علي شيرازي 14، 45، 72
سليمان سلطان 14
سما سلطان 15، 16، 78
سما زميندار 203
سما 5، 16، 17، 18، 29، 38، 39، 40، 44، 46، 60، 71، 72، 73، 74، 76، 81، 118، 204
سلطان محمود غزنوي 15
سلطان محمد بن سام غوري 15
سلطان 15، 42
سيوهڻ 15
سلطان غياث الدين 16
سلطان خان شهيد 16
سما دور 32، 58، 167، 201
سلطان محمد بن تغلق 16
سلطان فيروز شاهه 17، 71
سمرقند 18، 197
سلطان محمود خان پٽ مهابت خان 189
سلطان محمد 18
سلطان محمود 19
سلطان سليمان 123
سڪندر شاهه ڄام محمد عرف ڄام انڙ 19
سر رچرڊ فرانسس بيڪن 29
سنگ مرمر 36
ستارن وارو نمونو 36
سليمان عاليشان 37
سڪندر يوناني 38
سريندر نگر 39
سيد عالم مسجد 144
ست چڑهٽي 155، 169، 171
سيد ابراهيم خان پٽ سيد بايزيد بخاري 189
ستارا 199، 201، 202
سنڌي ڪاريگر 202
سنڌي - هندي اڏاوتي طرز 81، 83
سڪرنڊ 204
سيپٽمبر 204
سراج عفيف 204

ش

شڪر الاهي سادات محلو 9
شهاب الدين غوري 16
شاهه اسماعيل صفوي 18
شيباني 18

شاهه بيگ ارغون 19، 204
شاهه حسن ارغون 19
شهنشاهه همايون 19
شير شاهه 19
شيخ رشيد الدين 19، 40
شيخ عيسيٰ لنگوٽي 13، 14، 23، 24، 30، 38، 39، 40، 44، 45، 46، 50، 130
شيخ جيئو 14، 118، 165، 166، 167، 190
شيخ حماد جمالي 16، 23، 24، 25، 26، 30، 38، 40، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 55، 73
شيخ بهاؤ الدين ذكريا 165
شيخ نعمت الله 165
شهنشاهه (دهليءَ جو) 16، 18
شهنشاهيت 16
شهنشاهه اكبر 19، 115، 178، 189
شمشاد وڻ 136، 198
شهنشاهه شاهجهان 195
شهنشاهه اورنگ زيب 195
شاهجهاني مسجد 9، 196، 198، 201، 202
شاعر مطاهر 204
شهدادپور 204
شاهي بازار 206

گهه

گهاڙ واهه 6
گگهي طرز 131
گهوڙي طرز 138

مه

مكه لي 3
مغل راج 3
منگهه 4
منصوره ءِ محفوظ 7
مكلي 2، 5، 9، 11، 12، 14، 22، 32، 33، 34، 38، 39، 40، 41، 55، 72، 136، 204، 205
منچر ڍنڍ 5، 6
محمد بن قاسم 6، 9
ٹن جو دڙو 6
مونزي راس 8
مطاهر شاهه 8
مير عظيم الدين جو بنگلو 9
محلو امير خاني 9
محراب 11، 12، 36، 48، 53، 55، 72، 73، 74، 75، 76، 77، 78، 81، 88، 96، 120، 139، 140، 143، 147، 153، 165، 167، 169، 172، 179، 190، 194، 197
مير ابو تراب جو باغ 9
محلو جمنا سرزمين 9
مسجد ولي نعمت 9
مسجد مرزا امير بيگ 9
مسجد آگريا محلو 9
مسجد خضري 9
مير عبدالله واري مسجد 9
مسگر محلي واري مسجد 9
مسجد لكي 9
مسجد اسلام پور 9
ميان ناري واري مسجد 9
مخدوم عدو واري مسجد 9
مخدوم ابراهيم واري مسجد 9
مخدوم محمد هاشم واري مسجد 9
مخدوم ابو القاسم نقشبندي مسجد 9
مسواكشان محلو 9
ملا محمد علي محلو 9
مخدوم معين واري مسجد 9
مير سيد علي شيرازي محلو 9
مسكين باغ 9
منارو 9، 14
ملال خاران 11
ملا عبدالرحمان لٹر 11
ميران شاهه 14
مغل 15، 20، 41
ملتان 15، 16، 32، 33، 203
محمد طور 16، 34
محمد بن تغلق 16
محمود بيگڙي 18، 37
مرزا بازار 9

مرزا فتح علي بيگ جو محلو 9
مرزا خان ترخان 9
مرزا فتح علي بيگ جو محل 9
مرزا عيسيٰ I 14، 19، 21، 116، 118، 121، 122، 123، 128، 129، 138
مرزا محمد صالح 19، 22، 116، 122، 123، 138
مرزا باقي بيگ 19، 22، 92، 97، 99، 123، 124، 138، 155، 156، 171، 174، 175، 177
مرزا جاني بيگ 2، 19، 34، 37، 116، 132، 133، 159، 160، 161، 172، 173، 178، 189ء 190
مرزا پائينده 22
مرزا غازي بيگ 22، 145، 189
مرزا عيسيٰ خان II 22، 23، 34، 109، 110، 111، 112، 113، 114 138، 145، 146، 147، 148، 149، 150، 151، 152، 153، 154، 177، 189، 190
مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي رائنڪ 173
مرزا شاهه رخ 115، 127
مرزا سليمان 116، 121
مرزا مصطفيٰ خان 189
مرزا بايزيد بخاري 189
مير معصوم بکري 22، 37
مبارڪ خان 32، 50، 54، 73
ملڪ راجپال 33، 47، 49، 58، 59، 73
فتح خان 33، 73
مسجد 34، 36، 39، 40، 41، 45، 71، 73، 76، 84، 96، 132، 133، 134، 135، 179، 197
مينا نگر 37، 38، 39
محمد خان شيباني 38
محمد قاآن 38
مينگر 39
مير علي شير قانع 41، 45، 46، 145، 146، 194، 206
ملڪ راهو I 49
ملڪ راهو II 49، 73
ملڪ راءِ ڏنو 49
ملڪ انڙ 49
مغلن جون اڏاوتون 182، 197
مغل شاهي 189
مغل دور 190
مغل شاهي اڏاوتي طرز 202
مير امين الدين خان حسين 189
مير لطف علي خان عرف شجاعت خان 190
ميران شاهه 190
مور پکي 136
منبپ 169، 177، 178، 181، 195
مسجد نواب عبدالرزاق مظفر خان 190
محمد بن قاسم مسجد 191، 192، 193
محراب واري ڪوني 200
ماڳ 204
مطاهر 204
مڪلي ٽڪري 204، 206
مئي 204
ميان 205
مسجد ولي نعمت 206
مولو پٽ لکڏير 206

و

واهڙ 6
ونگا بازار 6
وچ ايشيا 17، 201، 202
وچ وارو اگڙ 200

هـ

هينري پاٽنجر 4
هاڪڙو 6، 203
هندستان 15، 29، 38
هِرات 18، 115
هينري ڪزنس 29، 74، 84
هنج پکي 77، 84، 143
هبشاد ٻائي 14، 125، 126

ي

يادگار (مڪليءَ جا) 14

پڑھندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڪُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (**پَـنَ**) کا ب تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ب صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ب شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري **پَـنَ** جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَھکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آھي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِکَٻِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڈي وَڻُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو کم کرڻ وارن مان جيکڏھن کو پيسا کمائي سگھي ٿو تہ يلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڈجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي کوشش دوران کَنھن بہ رُکاوٽَ کي نہ ميجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻُ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداڻيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڱو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڱو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڍي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائـڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاڪِ پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)